(۲) راجين جي وچ ۾ هڪ ٻئي ۾ اهڙي سريڪائي ۽ سيني راجين کي گڏي ۽ سنگهه جي وچ ۾ بہ برابري حاصل ٿئي ان لاءِ، سنسد جي ۽ هر هڪ راجيه جي وڌان سڀا جي هر هڪ چونڊيل ميمبر کي اهڙيءَ چونڊ ۾ ڪيترا ووٽ ڏيڻ جو حق ٿيندو، اهو هيٺئين نموني نهرايو ويندو -

(اَ) راجيه جي وڌان سڀا جي هر هڪ چونڊيل ميمبر کي ايترا ووٽ ملندا جيترا راجيه جي آدمشماري کي وڌان سڀا جي چونڊيل ميمبرن جي انگ سان ونڊ ڪرڻ بعد ونڊ اُپت ۾ هڪ هزار جا سمائيندڙ انگ هجن؛

(ب) جي هڪ هزار جا اهي سمائيندڙ انگ ڳڻڻ کان پوءِ باقي پنج سو کان گهٽ نہ رهي تہ پيٽي فقري (اَ) ۾ ڄاڻايل هر هڪ ميمبر جي ووٽن ۾ هڪ وڌيڪ گڏيو ويندو.

(ب) سنسد جي هر سدن جي هر هڪ چونڊيل ميمبر کي ايتري سنکيا ۾ ووٽ ملندا جيتري پيٽي فقري (اَ) ۽ (ب) هيٺ راجين جي وڌان سڀائن جي ميمبرن کي ڏنل ووٽن جي ڪل انگ کي سنسد جي ٻنهي سدنن جي چونڊيل ميمبرن جي انگ سان ونڊ ڪرڻ سان حاصل ٿئي، اڌ کان مٿي ڀاڱن کي هڪ ڳڻبو ۽ ٻيا ڀاڱا ڇڏي ڏبا.

(۳) راشٽرپتيءَ جي چونڊ هڪ منتقل ووٽ ذريعي يا انداز عيوضيپڻي جي سرشتي پٽاندڙ ڪئي ويندي ۽ اهڙيءَ چونڊ وقت ووٽ ڳجهت نموني ڏنو ويندو.

سمجهاڻي - هن انوڇيد ۾ محاوري 'آدمشماري' جي معنيٰ آهي اڳين آخرين جن ڳڻنا وقت تحقيقات ٿيل آدمشماري جنهن جا متعلق انگ شايع ڪيا ويا هجن؛

بشرطيڪ هن سمجهاڻيءَ ۾ اڳين آخرين جن ڳڻنا جنهن جا متعلق انگ شايع ٿيل هجن ان جو نرديش جيستائين ۲۰۰۰ سالن کان پوءِ پهرين جن ڳڻنا جي متعلق انگہ شايع ٿين تيستائين، سنہ ۱۹۷۱ جي جن ڳڻنا ڏانهن سمجهيو ويندو.

## ٥٦. راشٽرپتيءَ جي عهدي جو مدو

(١) راشٽرپتي پنهنجو عهدو سنڀالڻ جي تاريخ کان پنجن سالن جي مدي لاءِ عهدي تي رهندو :

بشرطيڪ .

(اَ) راشٽرپتي، پنهنجي صحيءَ واري لکت سان اُپ راشٽرپتيءَ کي مخاطب ٿي، پنهنجي عهدي تان استعفا ڏيئي سگهي ٿو؛

(ب) راشٽرپتيءَ کي سنوڌان جي اُلنگهن لاءِ اَنوڇيد ٦١ ۾ ڄاڻايل خاص اِلزام جي ڪارروائيءَ واري طريقي سان عهدي تان هٽائي سگهبو؛

(پ) راشٽرپتي، پنهنجي مُدي پوري ٿيڻ جي باوجود؛ سندس اُتر اَڌڪاري عهدو سنڀالي تيستائين عهدي تي چالوُ رهندو.

(٢) فقري (١) جي پرنتوُڪ جي فقري (اَ) هيٺ اُپ راشٽرپتيءَ ڏانهن مخاطب ٿيل ڪنهن بہ استعفا جي هو يڪدم لوڪ سڀا جي اِسپيڪر کي ڄاڻ ڪندو.

## ٥٧. وري چونڊجڻ لاءِ لائقي

ڪو بہ شخص جو راشٽرپتيءَ جي عهدي تي هُجي يا رهيو هُجي اُهو، هن سنوڌان جي ٻين اُپبنڌن جي اَڌين، اُن عهدي تي وري چونڊجڻ لاءِ لائق ٿيندو.

## ٥٨. راشٽرپتي طريقي چونڊجڻ لاءِ لياقتون

(١) ڪو بہ شخص راشٽرپتي طريقي چونڊجڻ لاءِ لائق نہ ٿيندو سواءِ تہ هوُ -

(اَ) ڀارت جو ناگرڪ هُجي؛

(ب) پنجٽيهہ سال عمر پوري ڪئي هُجيس؛ ۽

(پ) لوڪ سڀا جو ميمبر چونڊجڻ لاءِ لائق هجي.

(٢) ڪو بہ شخص، جي هو ڀارت سرڪار يا ڪنهن راڄيہ سرڪار جي هٺ هيٺ يا اُنهن سرڪارين مان ڪنهن جي وَسَ هيٺ ڪنهن مڪاني يا ٻيءَ اَختياريءَ جي هٺ هيٺ ڪو لاڀ وارو عهدو سنڀالي ٿو تہ هوُ راشٽرپتي طريقي چونڊجڻ لاءِ لائق نہ ٿيندو.

سمجهاڻي - هن اَنو ڇيد جي پريوجن لاءِ، جي ڪو شخص سنگهہ جو راشٽرپتي يا

اُپ راشٽرپتي يا ڪنهن راڄيہ جو راڄيپال يا سنگھ يا ڪنهن راڄيہ جو منتري آهي تہ فقط اُن سبب ڪري هو لاڀ وارو عهدو سنڀالي ٿو، اِئين ليکيو نہ ويندو.

## ٥٩. راشٽرپتيءَ جي عهدي جا شرط

(١) راشٽرپتي سَنسد جي ٻنهي مان ڪنهن سدن جو يا ڪنهن راڄيہ جي وڌان منڊل جي ڪنهن سدن جو ميمبر نہ ٿيندو، ۽ جي سنسد جي ڪنهن سَدن يا ڪنهن راڄيہ جي وڌان منڊل جي ڪنهن سَدن جو ميمبر راشٽرپتي طريقي چونڊجي تہ هوُ راشٽرپتيءَ جو عهدو سنڀالي اُن تاريخ تي اُن سَدن ۾ هُن پنهنجي جاءِ خالي ڪئي اِئين ليکيو ويندو.

(٢) راشٽرپتي ٻئي ڪنهن لاڀ واري عهدي تہ نہ رهندو.

(٣) راشٽرپتيءَ کي مسواڙ ڏيڻ کانسواءِ پنهنجو سرڪاري نواس ڪم آڻڻ جو حق رهندو ۽ سنسد قاعدي دواران نهرائي اَهڙي اُجوُري، ڀتن ۽ خاص حقن؛ ۽ اِن نموني هوُ، اِن باري ۾ پربند ٿئي تيستائين، ٻيءَ اَنو سوُچيءَ ۾ ڄاڻايل اُجوري، ڀتن ۽ خاص حقن جو حقدار ٿيندو.

(٤) راشٽرپتيءَ جو اُجورو ۽ ڀتا سندس عهدي جي مُدي درميان گهٽايا نہ ويندا.

## ٦٠. راشٽرپتيءَ دواران قسم يا ساک

هرڪو راشٽرپتي ۽ هرڪو شخص جيڪو راشٽرپتي طريقي ڪم ڪري يا راشٽرپتيءَ جا ڪرتب اَدا ڪري اُهو پنهنجو عهدو سنڀالڻ کان اَڳ ڀارت جي مکيہ نياءُ مورتيءَ ۽ اُنجي غير حاضريءَ ۾ سپريم ڪورٽ جي ميسر سيني ۾ وڏيڪ سينيئر جج جي روبرو هيٺئين نموني قسم کڻندو يا ساک تي چوندو ۽ اُنتي صحي ڪندو يعني تہ 'مان، فلاڻو، ايشور جو قسم ٿو کڻان/ گنڀيرتا سان ساکہ تي ٿو چوان تہ مان ايمانداريءَ سان ڀارت جي راشٽرپتيءَ جي عهدي جو عمل ڪندس (يا راشٽرپتيءَ جا ڪرتب ادا ڪندس) ۽ پنهنجي بهترين شڪتيءَ سان سنوڌان ۽ قانون کي قائم رکندس ۽ اُنجي سنڀال ۽ بچاءُ ڪندس ۽ مان ڀارت جي جنتا جي شيوا ۽ ڀهبوديءَ لاءِ پاڻ کي اَرپڻ ڪندس.'

## ٦١. راشٽرپتيءَ تي خاص اِلزام جي ڪارروائيءَ جي ريت

(١) راشٽرپتيءَ تي سَنوڌان جي اُلنگھن جو خاص اِلزام لڳائڻو هوندو تہ سَنسد جي

پنهي سَدنن مان ڪنهن هڪڙي دواران تهمت لڳائي ويندي.

(٢) اَهڙي ڪا تهمت نہ لڳائي ويندي سواءِ تہ-

(اَ) اَهڙي تهمت لڳائڻ جي رٿ هڪ ٺهراءَ ۾ سمايل هجي جيڪو سدن جي ميمبرن جي ڪُل سنکيا جي چوٿين حصي کان گهٽ نہ ايترن ميمبرن جي صحيءَ سان لکيت ۾ ٺهراءُ آڻڻ جي اِرادي جو گهٽ ۾ گهٽ چوڏهن ڏينهن جو نوٽيس ڏيڻ کان پوءِ پيش ڪيو ويو هُجي، ۽

(ب) اَهڙو ٺهراءُ سَدن جي ڪل ميمبرن جي ٻہ ڀاڱي ٽي کان گهٽ نہ ايتري گهڻائيءَ سان پاس ڪيو ويو هُجي.

(٣) جي سَنسد جي پنهي مان هڪ سَدن اَهڙي نموني تهمت لڳائي هُجي تہ ٻيو سَدن تهمت جي تپاس ڪندو يا ڪرائيندو ۽ راشٽرپتيءَ کي اَهڙي تپاس ۾ حاضر رهڻ جو ۽ پنهنجو عيوضيپڻو ڪرائڻ جو حق رهندو.

(۴) جي تپاس جي نتيجي بعد جنهن سدن تهمت جي تپاس ڪئي يا ڪرائي هجي، تنهنجي ڪل ميمبرن جي ٻہ ڀاڱي ٽي کان گهٽ نہ اَهڙي گهڻائي ٺهراءُ پاس ڪري، جنهن ۾ ظاهر ڪيل هجي تہ راشٽرپتيءَ خلاف تهمت ثابت ٿي آهي، تہ اَهڙي ٺهراءُ جو اَثر راشٽرپتيءَ کي پنهنجي عهدي تان ٺهراءُ پاس ٿيڻ جي تاريخ کان هٽائڻ جو ٿيندو.

## ٦٢. راشٽرپتيءَ جي عهدي جي خالي جاءِ لاءِ چونڊ ڪرڻ جو وقت ۽ اتفاقي خالي جاءِ تي چونڊيل شخص جي عهدي جو مُدو

(١) راشٽرپتيءَ جي عهدي جو مُدو پورو ٿيڻ ڪري خالي ٿيل جاءِ پرڻ لاءِ مُدو پورو ٿيڻ کان اَڳ چوُنڊ پوري ڪئي ويندي.

(٢) موُت، استعفا يا هٽائي وڃڻ سبب يا ٻئي نموني راشرپتيءَ جي عهدي جي جاءِ خالي ٿيڻ تي چوُنڊ، خالي ٿيڻ جي تاريخ کان پوءِ، جيترو ٿي سگهي اوترو جلد ۽ ڪنهن بہ حالت ۾ ڇهہ مهنا پورا ٿيڻ کان اَڳ ڪئي ويندي، ۽ اُها جاءِ پرڻ لاءِ چونڊيل شخص، انوڇيد ٥٦ جي اُپبندن جي اَڌين، عهدو سنڀالڻ جي تاريخ کان پنجن سالن جي پوري مُدي لاءِ عهدي تي رهڻ جو حقدار رهندو.

## ٦٣. ڀارت جو اُپ راشٽرپتي

ڀارت جو هڪ اُپ رشٽرپتي ٿيندو.

## ٦٤. اُپ راشٽرپتيءَ جو عهدي جي لحاظ کان راڄيه سڀا جو چيئرمن ٿيڻ

اُپ راشٽرپتي راڄيه سڀا جو عهدي جي لحاظ کان چيئرمن ٿيندو ۽ ٻيو ڪو لاڀ وارو عهدو نہ سنڀاليندو:

بشرطيڪ، اَنوڇيد ٦٥ هيٺ اُپ راشٽرپتي، راشٽرپتي طريقي ڪم ڪري يا راشٽرپتيءَ جا ڪرتب اَدا ڪري تہ اُن وقت درميان هو راڄيه سڀا جي چيئرمن جي عهدي جا فرض ادا نہ ڪندو ۽ انوڇيد ٩٧ هيٺ راڄيه سڀا جي چيئرمن کي ملڻ جوڳي ڪنهن پگهار يا ڀتي جو حقدار نہ ٿيندو.

## ٦٥. راشٽرپتيءَ جي عهدي جي اِتفاقي جاءِ خالي ٿيڻ يا غير حاضريءَ درميان اُپ راشٽرپتيءَ جو راشٽرپتي طريقي ڪاريہ ڪرڻ يا هُنجا ڪرتب اَدا ڪرڻ

(١) راشٽرپتيءَ جي مؤت، استعفا يا هٽائي وڃڻ سبب يا ٻئي نموني سندس عهدي جي جاءِ خالي ٿيڻ جي حالت ۾ اُپ راشٽرپتي، جنهن تاريخ تي هن اَڌياءُ جي اُپٻنڌن اَنوسار اَهڙي خالي جاءِ ڀرڻ لاءِ چونڊيل نئون راشٽرپتي پنهنجو عهدو سنڀالي، تيستائين راشٽرپتي طريقي ڪاريہ ڪندو.

(٢) راشٽرپتي غيرحاضري، بيماري يا ٻئي ڪنهن ڪارڻ پنهنجا ڪرتب اَدا ڪرڻ لاءِ اَسمرٿ هُجي تہ اُپ راشٽرپتي، راشٽرپتي پنهنجا فرض وري چالو ڪري اُن تاريخ تائين، هُنجا ڪرتب اَدا ڪندو.

(٣) راشٽرپتي طريقي ڪم ڪندي يا هُنجا ڪرتب ادا ڪندي، اُن مدت درميان ۽ اُن مُدت بنسبت اُپ راشٽرپتيءَ کي راشٽرپتيءَ جا سڀ اَختيار ۽ رهائيون رهندا ۽ هُو، سنسد قاعدي دواران نهرائي اَهڙي اُجوري، ڀتن ۽ خاص اَڌڪارن، ۽ جيستائين اَهڙو پربنڌ ٿئي تيستائين، ٻينءَ اَنُوسوچيءَ ۾ ڄاڻايل اُجوري، ڀتن ۽ خاص اَڌڪارن جو حقدار ٿيندو.

## ٦٦. اُپ راشٽرپتيءَ جي چونڊ

(١) اُپ راشٽرپتيءَ جي چونڊ سَنسد جي ٻنهي سَدنن جي ميمبرن جي ٺهيل هڪ چونڊ منڊل جا ميمبر هڪ منتقل ووٽ ذريعي يا اَنداز عيوضيپڻي جي سرشتي پٺاندڙ

ڪندا ۽ آهڙيءَ چونڊ وقت ووٽ گهٽ نموني ڏنو ويندو.

(٢) اُپ راشٽرپتي سَنسد جي ٻنهي مان ڪنهن سَدن جو يا ڪنهن راجيہ جي وڌان منڊل جي ڪنهن سَدن جو ميمبر نہ ٿيندو، ۽ جي سَنسد جي ڪنهن سَدن يا ڪنهن راجيہ جي وڌان منڊل جي ڪنهن سَدن جو ميمبر اُپ راشٽرپتي طريقي چونڊجي تہ جنهن تاريخ تي هوُ اُپ راشٽرپتي طريقي پنهنجو عهدو سنڀالي تنهن تاريخ تي اُن سَدن ۾ پنهنجي جاءِ خالي ڪيائين اِئين ليکيو ويندو.

(٣) ڪو بہ شخص اُپ راشٽرپتي طريقي چونڊجڻ لاءِ لائق نہ ٿيندو، سواءِ تہ هوُ-

(اَ) ڀارت جو ناگرڪ هُجي؛

(ب) پنجٽيهہ سال عمر پوري ڪئي هُجيس، ۽

(ٻ) راجيہ سڀا جو ميمبر چونڊجڻ لاءِ لائق هُجي.

(٤) ڪو بہ شخص، جي هوُ ڀارت سرڪار يا ڪنهن راجيہ سرڪار جي هٿ هيٺ يا اُنهن سرڪارين مان ڪنهن جي وَس هيٺ ڪنهن مڪاني يا ٻيءَ اَختياريءَ جي هٿ هيٺ ڪو لاڀ وارو عهدو سنڀالي ٿو تہ هوُ اُپ راشٽرپتي طريقي چونڊجڻ لاءِ لائق نہ ٿيندو.

سمجهاڻي- هن اَنوڇيد جي پريوجن لاءِ، جي ڪو شخص سنگهہ جو راشٽرپتي يا اُپ راشٽرپتي يا ڪنهن راجيہ جو راجيپال يا سنگهہ يا ڪنهن راجيہ جو منتري آهي تہ فقط اُن سبب ڪري هوُ لاڀ وارو عهدو سنڀالي ٿو اِئين ليکيو نہ ويندو.

## ٦٧. اُپ راشٽرپتيءَ جي عهدي جو مُدو

اُپ راشٽرپتي پنهنجو عهدو سنڀالڻ جي تاريخ کان پنجن سالن جي مُدي لاءِ عهدي تي رهندو؛

بشرطيڪ -

(اَ) اُپ راشٽرپتي پنهنجي صحي واريءَ لکيت سان راشٽرپتيءَ کي مخاطب ٿي، پنهنجي عهدي تان استعفا ڏيئي سگهي ٿو،

(ب) اُپ راشٽرپتيءَ کي پنهنجي عهدي تان راجيہ سڀا جي اَهڙي ٺهراءَ دوارا هٽائي سگهبو جيڪو سڀا جي اُن وقت جي سڀني ميمبرن جي گهڻائيءَ جو پاس ڪيل ۽ لوڪ سڀا جو قبول ٿيل هُجي؛ پر هن فقري جي پريوجن لاءِ ڪو ٺهراءُ تيستائين پيش نہ ڪيو ويندو جيستائين ٺهراءُ پيش ڪرڻ جي اِرادي جو گهٽ ۾ گهٽ چوڏهن ڏينهن جو نوٽيس نہ ڏنو ويو آهي؛

(ب) اُپ راشٽرپتي، پنهنجي مُدي پوري ٿيڻ جي باوجود، سندس اُتر اُڌڪاري عهدو سنڀالي تيستائين عهدي تي چالو رهندو.

## ٦٨. اُپ راشٽرپتيءَ جي عهدي جي خالي جاءِ لاءِ چونڊ ڪرڻ جو وقت ۽ اِتفاقي خالي جاءِ تي چونڊيل شخص جي عهدي جو مُدو

(١) اُپ راشٽرپتيءَ جي عهدي جو مُدو پورو ٿيڻ ڪري خالي ٿيل جاءِ پرڻ لاءِ مُدو پورو ٿيڻ کان اَڳ چونڊ ڪئي ويندي.

(٢) مؤت، استعفا يا هٽائي وڃڻ سبب يا ٻئي نموني اُپ راشٽرپتيءَ جي عهدي جي جاءِ خالي ٿيڻ تي، چونڊ، جاءِ خالي ٿيڻ کانپوءِ جيترو تي سگهي اوترو جلد ڪئي ويندي، ۽ اُها جاءِ پرڻ لاءِ چونڊيل شخص، اَنوڇيد ٦٧ جي اُپبنڌن جي اَڌين، عهدو سنڀالڻ جي تاريخ کان پنجن سالن جي پوري مُدي لاءِ عهدي تي رهڻ جو حقدار رهندو.

## ٦٩. اُپ راشٽرپتيءَ دواران قسم يا ساکہ

هرڪو اُپ راشٽرپتي، پنهنجو عهدو سنڀالڻ کان اَڳ، راشٽرپتيءَ، يا اُن ڇيال کان سندس مقرر ڪيل شخص جي روبرو هيٺئين نموني قسم کڻندو يا ساکہ تي چونڊو ۽ اُن تي صحي ڪندو، يعني تہ،

'مان، فلاڻو ايشور جو قسم ٿو کڻان / گنڀيرتا سان ساکہ تي ٿو چوان، تہ مان قانون دواران اِسٿاپن ٿيل ڀارت جي سنوڌان ڏانهن سچو ايمان ۽ وفاداري رکندس ۽ مان جيڪو فرض سنڀالڻ وارو آهيان اُهو ايمانداريءَ سان ادا ڪندس'.

## ٧٠. ٻين اِتفاقي حالتن ۾ راشٽرپتيءَ جا ڪرتب اَدا ڪرڻ

هن اَڌياءَ ۾ پربنڌ نہ ٿيل هُجي اَهڙيءَ ڪنهن اِتفاقي حالت ۾ راشٽرپتيءَ جا ڪرتب ادا ڪرڻ لاءِ سنسد ٺيڪ سمجهي، اَهڙو پربنڌ ڪري سگهندي.

## ٧١. راشٽرپتي يا اُپ راشٽرپتيءَ جي چونڊ سنبنڌي يا اُن سان لاڳو بابتون

(١) راشٽرپتي يا اُپ راشٽرپتيءَ جي چونڊ مان پيدا ٿيندڙ يا اُن سان لاڳو سيني شڪن ۽ تڪرارن جي جاچ ۽ فيصلو سپريم ڪورٽ ڪندي جنهن جو فيصلو آخرين ٿيندو.

(٢) جي راشٽرپتي يا اُپ راشٽرپتي طريقي ڪنهن شخص جي چونڊ سپريم ڪورٽ

رد ڪري تہ سپريم ڪورٽ جي فيصلي جي تاريخ تي يا اُن کان اڳ راشٽرپتي يا اُپ راشٽرپتيءَ دوران، حالت اَنوسار، پنهنجي عهدي جا اَختيار اِستعمال ڪرڻ ۾ فرض ادا ڪرڻ ۾ ڪيل ڪاريہ اَهڙيءَ پڌرائيءَ ڪري ناجائز نہ ٿيندا.

(٣) هن سنوڌان جي اُپبنڌن جي آڌين، سنسد قاعدي دوران راشٽرپتي يا اُپ راشٽرپتيءَ جي چونڊ سنبنڌي يا اُن سان لاڳو ڪا بہ بابت نيمت ڪري سگهندي.

(٤) راشٽرپتي يا اُپ راشٽرپتي طريقي ڪنهن شخص جي چونڊ تي ڪيس چونڊيندڙ چونڊ منڊل جي ميمبرن ۾ ڪنهن سبب ڪري ڪا خالي جاءِ هئڻ جي آڌار تي اعتراض ورتو نہ ويندو.

## ٧٢. معافي وغيره بخشڻ ۽ ڪن حالتن ۾ سزا مهمل ڪرڻ، معاف ڪرڻ يا ڦيرائڻ جو راشٽرپتيءَ جو اختيار

(١) راشٽرپتيءَ کي اَختيار رهندو تہ سزا جي معافي، مهملي، مُهلت يا رعايت بخشي يا ڪنهن گناهہ لاءِ سزاياب ٿيل ڪنهن شخص جي سزا مهمل ڪري، معاف ڪري يا ڦيرائي-

(اَ) سيني حالتن ۾ جتي سزا يا سزا جو حڪم ڪورٽ مارشل ڪيو هجي.

(ب) سيني حالتن ۾ جتي سزا يا سزا جو حڪم سنگهہ جي عملي اَختيار جي پَهُچَ اندر ڪنهن بابت سنبنڌي ڪنهن قاعدي خلاف گناهہ لاءِ ڪيل هُجي؛

(پ) سيني حالتن ۾ جتي سزا موٽ جي سزا هجي.

(٢) فقري (١) جي پيٽي فقري (اَ) ۾ ڪا بہ ڳالهہ مارشل ڪورٽ جي ڏنل سزا مَهمُلُ ڪرڻ، گهٽائڻ يا ڦيرائڻ جي سنگهہ جي هٿيار بند سئنا جي ڪنهن عملدار کي قاعدي دوران بخشيل اَختيار کي اَثر نہ ڪندي.

(٣) فقري (١) جي پيٽي فقري (پ) ۾ ڪا بہ ڳالهہ، ڪنهن اُن وقت عمل ۾ قاعدي هيٺ راجيہ جو راجيپال اِستعمال ڪري سگهي اَهڙي موٽ جي سزا مهمل رکڻ، گهٽائڻ يا ڦيرائڻ جي اَختيار کي اَثر نہ ڪندي.

## ٧٣. سنگهہ جي عملي اَختيار جي پَهُچَ

(١) هن سَنوڌان جي اُپبنڌن جي آڌين، سنگهہ جو عملي اَختيار پهچندو-

(اَ) اُنهن بابتن تائين جن بنسبت سَنسد کي قاعدو ناهڻ جو اَختيار هُجي، ۽

(ب) آهڙا حق، اَختيار ۽ حڪومت اِستعمال ڪرڻ تائين جيڪي پارت سرڪار ڪنهن عهد نامي يا اِقرار نامي رُوءِ استعمال ڪري سگهي :

بشرطيڪ پيٽي فقري (اَ) ۾ ڄاڻايل عملي اَختيار هن سَنوڌان ۾ يا سنسد جي ٺاهيل ڪنهن قاعدي ۾ ڪيل خاص اُپبند سواءِ راجيه ۾ آهڙين بابتن تائين نه پهچندو جن بنسبت راجيه جي وڌان منڊل کي به قاعدا ٺاهڻ جو اَختيار آهي.

(٢) جيستائين سنسد ٻيو اُپبند نه ڪري تيستائين، هن اَنوڇيد ۾ ڪابه ڳالهه هئڻ جي باوجود، ڪو به راجيه ۽ راجيه جو ڪو به عملدار يا اَختياري اُنهن بابتن ۾، جن بنسبت سنسد کي اُن راجيه لاءِ قاعدو ٺاهڻ جو اَختيار آهي، آهڙن عملي اَختيارن يا ڪرتبن جو استعمال چالو رکي سگهندو جن جو استعمال اُهو راجيه يا اُن جو عملدار يا اَختياري هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اڳ ڪري سگهيو ٿي.

## منتري پريشد

### ٧٤. راشٽرپتيءَ کي مدد ڪرڻ ۽ صلاح ڏيڻ لاءِ منتري پريشد

(١) راشٽرپتيءَ کي مدد ڪرڻ ۽ صلاح ڏيڻ لاءِ منتري پريشد ٿيندي جنهن جو وڏو پرڌان منتري هوندو، ۽ راشٽرپتي پنهنجي ڪرتبن جي عمل ۾ اُن صلاح موجب هلندو:

بشرطيڪ راشٽرپتي منتري پريشد کي اَهڙيءَ صلاح تي عام طرح يا ٻئي نموني وري ويچار ڪرڻ لاءِ چئي سگهندو ۽ اَهڙي وري ويچار ڪرڻ کانپوءِ ڏنل صلاح موجب راشٽرپتي عمل ڪندو.

(٢) راشٽرپتيءَ کي منترين ڪا صلاح ڏني، يا ڪهڙي صلاح ڏني، اُن سوال جي جاچ ڪنهن به ڪورٽ ۾ نه ڪئي ويندي.

### ٧٥. منترين جي باري ۾ ٻيا اُپبند

(١) پرڌان منتريءَ کي راشٽرپتي مقرر ڪندو ۽ ٻيا منتري راشٽرپتي پرڌان منتريءَ جي صلاح تي مقرر ڪندو.

(٢) منتري پنهنجي عهدي تي راشٽرپتيءَ جي خوشيءَ تائين چالو رهندا.

(٣) منتري پريشد گڏيل نموني لوڪ سڀا ڏانهن جوابدار رهندي.

(٤) ڪو به منتري پنهنجو عهدو سنڀالي تنهن کان اڳ، راشٽرپتي کيس ٽين‌ءَ

اَنوُسوچيءَ ۾ هن پريوجن لاءِ ذنل نمونن موجب عهدي ۽ رازداريءَ جا قَسم کڻائيندو.

(۵) کو بہ منتري جيکو سلسليوار ڇهن مهنن جي ڪنهن مُدت لاءِ سَنسد جي ڪنهن سدن جو ميمبر نہ آهي، اُهو اُها مُدت پوري ٿيڻ تي منتري نہ رهندو.

(٦) منترين جا پگهار ۽ ڀتا سنسد وقت بوقت قاعدي دوران نهرائي، اُهي ٿيندا، ۽ جيستائين سنسد اِئين نهرائي تيستائين بينءَ اَنوُسوچيءَ ۾ ڄاڻايل موجب ٿيندا.

# ڀارت جو اَٽارني جنرل

## ٧٦. ڀارت جو اَٽارني جنرل

(١) راشٽرپتي، سپريم ڪورٽ جو جج مقرر ٿيڻ جي لائق هُجي اَهڙي شخص کي ڀارت جو اَٽارني جنرل مقرر ڪندو.

(٢) اَٽارني جنرل جو فرض ٿيندو تہ ڀارت سرڪار کي اَهڙين قانوني بابتن ۾ صلاح ڏئي ۽ قانوني خاصيت جا ٻيا اَهڙا فرض اَدا ڪري جي راشٽرپتي وقت بوقت سندس حوالي ڪري يا ڪيس سؤنپي، ۽ هن سنوڌان يا اُن وقت عمل ۾ ٻئي ڪنهن قاعدي دوران يا اُن هيٺ ڪيس عطا ٿيل ڪرتب اَدا ڪري.

(٣) پنهنجا فرض بجا آڻڻ ۾ اَٽارني جنرل کي ڀارت جي ڪيتر ۾ سيني ڪورٽن ۾ ڪيس ٻُڌو وڃي اَهڙو حق رهندو.

(٤) اَٽارني جنرل پنهنجي عهدي تي راشٽرپتيءَ جي خوشيءَ تائين چالو رهندو، ۽ راشٽرپتي نهرائي اُهو محنتاڻو ڪيس ملندو.

# سرڪاري ڪم جو سنڀال

## ٧٧. ڀارت سرڪار جي ڪم جو سنڀال

(١) ڀارت سرڪار جي سڀ ڪاروباري ڪارروائي راشٽرپتيءَ جي نالي ۾ ڪيل ظاهر ڪئي ويندي.

(٢) راشٽرپتيءَ جي نالي ۾ ڪيل ۽ لکيل حڪم ۽ ٻيا دستاويز راشٽرپتيءَ جي ناهيل نيمن ۾ ڄاڻايل نموني تصديق ڪيا ويندا، ۽ اَهڙي نموني تصديق ٿيل ڪنهن حڪم

يا دستاويز جي جائزگيءَ تي اِن آڌار تي اعتراض نہ ورتو ويندو تہ اُهو راشٽرپتيءَ جو ڪيل يا لکيل حڪم يا دستاويز نہ آهي.

(٣) ڀارت سرڪار جو ڪم وڌيڪ سهوليت سان ٿئي اِنهيءَ لاءِ ۽ اُهو ڪم منترين ۾ ورهائڻ لاءِ راشٽرپتي نيم ٺاهيندو.

## ٧٨. راشٽرپتيءَ کي خبر پهچائڻ وغيره بنسبت پرڌان منتريءَ جا فرض

پرڌان منتريءَ جو فرض ٿيندو تہ-

(اَ) سنگهہ جي معاملن جي ڪاروبار ۽ قانون سازيءَ جي رٿن سنبنڌي منتري پريشد جي سڀني فيصلن جي راشٽرپتيءَ کي ڄاڻ ڪري؛

(ب) سنگهہ جي معاملن جي ڪاروبار ۽ قانون سازيءَ جي رٿن سنبنڌي راشٽرپتي گهرائي آهڙي خبر رسائي؛ ۽

(ڀ) جي راشٽرپتي گهر ڪري تہ، ڪا بہ آهڙي بابت منتري پريشد جي ويچارڻ لاءِ پيش ڪري جنهن تي ڪنهن منتريءَ فيصلو ورتو هجي پر جيڪا منتري پريشد جي زير ويچار نہ ٿي هُجي.

### اَڌياءُ ٻيون

### سَنسد

### عام

## ٧٩. سنسد جي رچنا

سنگهہ لاءِ سنسد ٿيندي جنهن ۾ راشٽرپتي ۽ ٻہ سَدن هوندا جي راجيہ سڀا ۽ لوڪ سڀا نالي ٿيندا.

## ٨٠. راجيہ سڀا جي رچنا

(١) راجيہ سڀا ۾ هوندا-

(اَ) ٻارهان ميمبر جي راشٽرپتيءَ دوارا فقري (٣) جي اُپبنڌن پٽاندڙ ٽاڪيا ويندا؛ ۽

(ب) ٻہ سؤ اُنٽيهن کان مٿي نہ ايترا راجين ۽ سنگهہ کيتر جا عيوضي.

(٢) راجيہ سڀا ۾ راڄين جي ۽ سنگهہ کيترن جي عيوضين ٻواران ڀرڻ وارين جاين جي ورڇ چوٿينءَ اَنوُسوچيءَ ۾ اُن خيال کان درج ٿيل اُپبندن موجب ٿيندي.

(٣) فقري (١) جي پيٽي فقري (اَ) هيٺ جيڪي ميمبر راشٽرپتي ٺاھيندو اُهي هيٺ ڏنل وشين بنسبت خاص علم يا عملي آزمودي وارا شخص هوندا يعني تہ:

ساهتيہ، وگيان، هُنر ۽ سماج شيوا.

(٤) هرهڪ راڄيہ جا راجيہ سڀا ۾ عيوضي راڄيہ جي وڌان سڀا جا چونڊيل ميمبر اَنداز عيوضيپڻي جي سرشتي موجب هڪ منتقل ووٽ ذريعي چونڊيندا.

(٥) سنگهہ کيترن جا راجيہ سڀا ۾ عيوضي سنسد قاعدي ٻواران ٺهرائي اُن نموني چونڊيا ويندا.

## ٨١. لوڪ سڀا جي رچنا

(١) اَنوڇيد ٣٣١ جي اُپبندن جي اَڌين، لوڪ سڀا ۾ هوندا:-

(اَ) راڄين جي ملڪي تڪن مان سڌيءَ چونڊ ذريعي چونڊيل پنج سؤ پنجويهن کان مٿي نہ ايترا ميمبر، ۽

(ب) سنگهہ کيترن جا عيوضي سنسد قاعدي ٻواران پربنڌ ڪري اُن نموني چونڊيل ويهن کان مٿي نہ ايترا ميمبر.

(٢) فقري (١) جي پيٽي فقري (اَ) جي پريوجن لاءِ-

(اَ) هرهڪ راڄيہ کي لوڪ سڀا ۾ جاين جي سنکيا اَهڙي نموني ورڇي ويندي جو اُن سنکيا ۽ راڄيہ جي آدمشماريءَ جي وچ ۾ پرماڻ، جيترو ٿي سگهي اوترو، سڀني راڄين لاءِ ساڳيو هُجي، ۽

(ب) هرهڪ راڄيہ کي ملڪي تڪن ۾ وراهيو ويندو اَهڙي نموني جو هرهڪ تڪ جي آدمشماري ۽ اُن کي ورڇيل جاين جي سنکيا جي وچ ۾ پرماڻ، جيترو ٿي سگهي اوترو، سڄي راڄيہ ۾ ساڳيو هجي:

بشرطيڪ هن فقري جي پيٽي فقري (اَ) جا اُپبنڌ لوڪ سڀا ۾ جاين ورڇڻ جي پريوجن لاءِ ڪنهن راڄيہ کي تيستائين لاڳو نہ پوندا جيستائين اُن راڄيہ جي آدمشماري سٺ لکن کان مٿي نہ هُجي.

(٣) هن اَنوڇيد ۾ محاوري 'آدمشماري' جي معنيٰ آهي تہ اَڳين آخرين جن ڳڻنا وقت تحقيقات ٿيل آدمشماري جنهنجي متعلق انگ شايع ڪيا ويا هُجن :

بشرطيڪ هن فقري ۾ اڳين آخرين جن ڳڻنا جنهن جي متعلق انگ شايع ڪيا ويا هجن اُن جو نرديش جيستائين ٢٠٠٠ سال کان پوءِ پهرين جن ڳڻنا جي متعلق انگ شايع ٿين تيستائين، ١٩٧١ جي جن ڳڻنا ڏانهن سمجهيو ويندو.

## ٨٢. هرهڪ جن ڳڻنا بعد وري ناهي بهارڻ

هرهڪ جن ڳڻنا پوري ٿيڻ تي راڄين کي لوڪ سڀا ۾ جاين جي ورڇ ۽ هرهڪ راڄيہ جي ملڪي تڪن ۾ ورهاڱي کي اهڙيءَ اختياريءَ دواران ۽ اهڙي نموني وري ناهي بهاريو ويندو جيئن سنسد قاعدي دواران ٺهرائي :

بشرطيڪ اهڙي وري ناهي بهارڻ جو اثر لوڪ سڀا ۾ عيوضيپڻي تي اُن وقت موجود سدن جي برخاستگيءَ تائين نہ ٿيندو؛

وڌيڪ بشرطيڪ اهڙي وري ناهي بهارڻ جو اثر راشٽرپتي حڪم ڏواران ٺهرائي اُن تاريخ کان ٿيندو، ۽ جيستائين اهڙي وري ناهي بهارڻ جو اثر ٿئي تيستائين سدن لاءِ ڪا بہ چونڊ اهڙي وري ناهي بهارڻ کان اڳہ هوندڙ مُلڪي تڪن جي آڌار تي ٿي سگهندي :

۽ بشرطيڪ جيستائين سال ٢٠٠٠ کان پوءِ ڪيل پهرئين جن ڳڻنا جي متعلق انگ شايع ٿين تيستائين هن اَنوڇيد هيٺ راڄين کي لوڪ سڀا ۾ جاين جي ورڇ ۽ هرهڪ راڄيہ جي ملڪي تڪن ۾ ورهاڱي کي وري ناهي بهارڻ ضروري نہ ٿيندو.

## ٨٣. سَنسد جي سدنن جي مُدت

(١) راڄيہ سڀا برخاست ڪانہ ٿيندي، پر اُن جا ٿي سگهي اوتري قدر ٽيون حصو ميمبر سنسد قاعدي دواران هن بابت اُپبنڌ ڪري اُن موجب هر ٻيون سال پورو ٿيڻ تي جيترو ٿي سگهي اوترو جلد رٽائر ڪندا.

(٢) لوڪ سڀا، جي اُن کان اڳہ برخاست نہ ٿي هُجي تہ، اُن جي پهرينءَ ٻئٺڪ جي مقرر ڪيل تاريخ کان پنجن سالن لاءِ چالو رهندي ۽ نہ وڌيڪ، ۽ اُن پنجن سالن جي مدت پوري ٿيڻ جو اثر سدن جي برخاستگي ٿيندو :

بشرطيڪ جيستائين مشڪل حالتن جو اعلان عمل ۾ هُجي تيستائين سَنسد قاعدي دواران اُها مُدت ايتريءَ مُدت لاءِ وڌائي سگهندي جا هڪ ئي وقت هڪ سال کان وڌيڪ نہ هُجي ۽ ڪنهن بہ حالت ۾ اعلان جو عمل بند ٿيڻ کان پوءِ ڇهن مهنن کان وڌيڪ نہ هجي.

## ٨٤. سَنسد جي ميمبريءَ لاءِ لياقت

سنسد ۾ جاءِ پرڻ لاءِ چونڊجڻ لاءِ ڪو بہ شخص لائق نہ ٿيندو سواءِ تہ هو -

(اَ) ڀارت جو ناگرڪ هجي ۽ چونڊ ڪميشن طرفان هن خيال ڪان اَختياري ڏنل شخص روبرو ٿين اُنوسوچيءَ ۾ هن پريوجن لاءِ ڏنل نموني موجب قسم ڪٽي يا ساک پري ۽ صحي ڪري؛

(ب) راجيہ سڀا ۾ جاءِ جي حالت ۾ ٽيهن سالن ڪان گهٽ عمر جو نہ هُجي ۽ لوڪ سڀا ۾ جاءِ جي حالت ۾ پنجويهن سالن ڪان گهٽ عمر جو نہ هُجي؛ ۽

(پ) سَنسد دوارا‌ن ٺاهيل قاعدي ۾ يا اُن باريءَ ۾ نِجرايل ٻيون لياقتون منجهس هُجن.

## ٨٥. سَنسد جو اَجلاس بند رکڻ ۽ برخاستگي

(١) راشٽرپتي وقت بوقت سنسد جي هرهڪ سدن کي، کيس ٺيڪ لڳي اُن وقت ۽ جاءِ تي ڪَٺي ٿيڻ لاءِ سَڏائيندو، پر اُنجي هڪ اِجلاس جي پڇاڙيءَ جي ٻئٺڪ ۽ ايندڙ اِجلاس جي پهرينءَ ٻئٺڪ لاءِ مقرر ڪيل تاريخ جي وچ ۾ ڇهہ مهنا نہ پوندا.

(٢) راشٽرپتي وقت بوقت-

(اَ) ٻئي سَدن يا ٻنهي مان ڪو بہ سَدن بند رکي سگهندو؛

(ب) لوڪ سڀا برخاست ڪري سگهندو.

## ٨٦. راشٽرپتيءَ جو سَدنن کي مخاطب ٿيڻ ۽ سنديشا موڪلڻ جو حق

(١) راشٽرپتي سنسد جي ٻنهي مان ڪنهن بہ سدن کي يا ٻنهي سدنن کي گڏ مخاطب ٿي سگهندو ۽ اُن پريوجن لاءِ ميمبرن جي حاضريءَ جو حڪم ڪري سگهندو.

(٢) راشٽرپتي سنسد جي ڪنهن بہ سَدن کي سنسد اَڳيان ويچار هيٺ ڪنهن بل بنسبت يا ٻيءَ حالت ۾، سنديشا موڪلي سگهندو؛ ۽ جنهن سَدن کي اَهڙو سنديشو موڪليو وَڃي اُهو سهوليت موجب جلد از جلد سنديشي ۾ ويچار ڪرڻ لاءِ جاٽايل بابت تي ويچار ڪندو.

## ۸۷. راشٽرپتيءَ جو خاص وياکيان

(۱) راشٽرپتي لوڪ سڀا جي هرهڪ عام چونڊ کان پوءِ پهرئين اِجلاس جي شروعات ۾ ۽ هرهڪ سال جي پهرئين اِجلاس جي شروعات ۾ سنسد جي ٻنهي سَدنن جي گڏيل سڀا کي مخاطب ٿيندو ۽ سنسد کي ڪيس سڏائڻ جي سببن جي ڄاڻ ڪندو.

(۲) هرهڪ سَدن جي ڪارروائيءَ کي نيمت ڪرڻ وارن نيمن ۾ اَهڙي وياکيان ۾ ڄاڻايل ٻابتن تي بحث ڪرڻ لاءِ وقت ڦاڻڻ جو پربنڌ ڪيو ويندو.

## ۸۸. سدنن بنسبت منترين ۽ اَٽارني جنرل جا حق

هرڪنهن منتريءَ ۽ ڀارت جي اَٽارني جنرل کي هرهڪ سَدن يا ٻنهي سَدنن جي گڏيل سڀا ۽ ڪنهن بہ ڪاميٽي جنهن جو هُو ميمبر نامزد ڪيو وڃي اُن ۾ ڳالهائڻ جو ۽ ٻيءَ طرح اُن جي ڪارروائيءَ ۾ ڀاڱ وٺڻ جو حق رهندو، پر هن اَنوڇيد جي آڌار تي هو ووٽ ڏيڻ جو حقدار نہ ٿيندو.

# سنسد جا عهديدار

## ۸۹. راجيہ سڀا جو چيئرمن ۽ ڊپٽي چيئرمن

(۱) ڀارت جو اُپ راشٽرپتي عهدي جي لحاظ کان راجيہ سڀا جو چيئرمن ٿيندو.

(۲) راجيہ سڀا جيترو ٿي سگهي اوترو جلد سڀا جي هڪ ميمبر کي پنهنجو ڊپٽي چيئرمن چونڊيندي ۽ جڏهن بہ ڊپٽي چيئرمن جو عهدو خالي ٿئي تڏهن سڀا ٻئي ميمبر کي پنهنجو ڊپٽي چيئرمن چونڊيندي.

## ۹۰. ڊپٽي چيئرمن جو عهدو خالي ٿيڻ ۽ عهدي تان استعفا ڏيڻ ۽ هٽائڻ

راجيہ سڀا جي ڊپٽي چيئرمن طريقي عهدو سنڀاليندڙ ميمبر -

(اَ) جي راجيہ سڀا جو ميمبر هئڻ بند ٿئي تہ عهدو خالي ڪندو؛

(ب) ڪنهن بہ وقت پنهنجي صحي واريءَ لکيت سان چيئرمن کي مخاطب ٿي پنهنجي عهدي تان اِستعفا ڏيئي سگهندو؛ ۽

(ب) راجيہ سڀا جي اُن وقت جي سڀني ميمبرن جي گهٽائيءَ سان پاس ڪيل نهراءَ دوران ڪيس عهدي تان هٽائي سگهبو :

بشرطيڪ فقري (ب) جي پريوجن لاءِ ڪو بہ نهراءُ تيستائين پيش نہ ڪيو ويندو جيستائين نهراءُ پيش ڪرڻ جي اِرادي جو گهٽ ۾ گهٽ چوڏهن ڏينهن جو نوٽيس نہ ڏنو ويو هُجي.

## ٩١. ڊپٽي چيئرمن يا ٻئي شخص جو چيئرمن جي عهدي جا فرض اَدا ڪرڻ يا چيئرمن طريقي ڪاريہ ڪرڻ جو اختيار

(١) چيئرمن جو عهدو خالي هُجي تڏهن يا جنهن مُدت درميان اُپ راشٽرپتي، راشٽرپتي طريقي ڪاريہ ڪري يا راشٽرپتيءَ جا ڪرتب اَدا ڪري تڏهن، عهدي جا فرض ڊپٽي چيئرمن يا جي ڊپٽي چيئرمن جو عهدو بہ خالي هُجي تہ راجيہ سڀا جو اُهو ميمبر جنهن کي راشٽرپتي هن پريوجن لاءِ مقرر ڪري، اُهو اَدا ڪندو.

(٢) راجيہ سڀا جي ڪنهن بہ ٻئڪ ۾ چيئرمن جي غيرحاضريءَ ۾ ڊپٽي چيئرمن يا جي اُهو بہ غير حاضر هُجي تہ اُهو شخص جيڪو سڀا جي ڪارروائيءَ جي نيمن دوران نهرايل هجي، يا جي اهڙو ڪو شخص بہ حاضر نہ آهي تہ ، سڀا نهرائي اُهو ٻيو شخص چيئرمن طريقي ڪم ڪندو.

## ٩٢. چيئرمن يا ڊپٽي چيئرمن کي جڏهن عهدي تان هٽائڻ جو نهراءُ ويچار هيٺ هُجي تڏهن صدارت نہ ڪندو

(١) راجيہ سڀا جي ڪنهن ٻئڪ ۾ اُپ راشٽرپتيءَ کي سندس عهدي تان هٽائڻ جو ڪو نهراءُ جيستائين ويچار هيٺ هُجي تيستائين چيئرمن، يا جيستائين ڊپٽي چيئرمن کي سندس عهدي تان هٽائڻ جو ڪو نهراءُ ويچار هيٺ آهي، تيستائين ڊپٽي چيئرمن، حاضر هوندو تہ بہ، صدارت نہ ڪندو، ۽ هرهڪ اَهڙي ٻئڪ سنبنڌي اَنوڇيد ٩١ جي فقري (٢) جا اُپبنڌ اِئين لاڳو ٿيندا، جيئن اُهي اَهڙيءَ ٻئڪ سنبنڌي لاڳو ٿين جنهن ۾ چيئرمن يا حالت اَنوسار ڊپٽي چيئرمن غيرحاضر هُجي.

(٢) چيئرمن کي، راجيہ سڀا جي ڪارروائيءَ ۾ اُپ راشٽرپتيءَ کي عهدي تان هٽائڻ جو ڪو نهراءُ ويچار هيٺ هُجي تڏهين سڀا ۾ ڳالهائڻ جو ۽ ٻيءَ طرح ڪارروائيءَ ۾ ڀاڱ وٺڻ جو حق رهندو، پر، اَنوڇيد ١٠٠ ۾ چيل ڪنهن بہ ڳالھ جي باوجود، اَهڙي نهراءَ تي يا اُن ڪارروائيءَ درميان ٻيءَ ڪنهن بابت تي ڪيس ووٽ ڏيڻ جو بلڪل حق نہ رهندو.

دوران نهرايو وڃي يا جي اَهڙو ڪو شخص حاضر نہ آهي تہ پيو شخص جيڪو سَدن نهرائي، اُهو اِسپيڪر طريقي ڪم ڪندو.

## ٩٦. اِسپيڪر يا ڊپٽي اِسپيڪر کي جڏهن عهدي تان هٽائڻ لاءِ ٺهراءُ ويچار هيٺ هُجي تڏهن صدارت نہ ڪندو

(١) لوڪ سڀا جي ڪنهن بيٺڪ ۾ جيستائين اِسپيڪر کي سندس عهدي تان هٽائڻ لاءِ ڪو ٺهراءُ ويچار هيٺ هُجي تيستائين اِسپيڪر، يا جيستائين ڊپٽي اِسپيڪر کي سندس عهدي تان هٽائڻ لاءِ ڪو ٺهراءُ ويچار هيٺ هُجي تيستائين ڊپٽي اِسپيڪر، حاضر هوندو تہ بہ، صدارت نہ ڪندو، ۽ هرهڪ اَهڙيءَ بيٺڪ سنبنڌي اَنوڇيد ٩٥ جي فقري (٢) جا اُپبند اِئين لاڳو پوندا جيئن اُهي اَهڙيءَ بيٺڪ سنبنڌي لاڳو پون جنهن ۾ اِسپيڪر يا حالت اَنوسار ڊپٽي اِسپيڪر، غير حاضر هجي.

(٢) اِسپيڪر کي، لوڪ سڀا ۾ ڪيس عهدي تان هٽائڻ جو ڪو ٺهراءُ ويچار هيٺ هُجي تڏهن سڀا ۾ ڳالهائڻ جو ۽ اُن جي ڪارروائي ۾ ٻيءَ طرح ڀاڱ وٺڻ جو حق رهندو ۽ اَنوڇيد ١٠٠ ۾ ڪنهن بہ ڳالهہ جي باوجود، کيس اَهڙي ٺهراءَ تي يا اُن ڪارروائيءَ درميان ٻيءَ ڪنهن بابت تي ووٽ ڏيڻ جو حق فقط پهريون دفعو رهندو پر نہ ووٽن جي برابريءَ جي حالت ۾.

## ٩٧. چيئرمن ۽ ڊپٽي چيئرمن ۽ اِسپيڪر ۽ ڊپٽي اِسپيڪر جا پگهار ۽ ڀتا

راجيہ سڀا جي چيئرمن ۽ ڊپٽي چيئرمن ۽ لوڪ سڀا جي اِسپيڪر ۽ ڊپٽي اِسپيڪر کي سنسد قاعدي دوران مقرر ڪري اَهڙا جدا جدا پگهار ۽ ڀتا، ۽ جيستائين اَهڙي نموني هن بابت پربند ٿئي تيستائين، بين اَنوسوچيءَ ۾ ڄاڻايل آهن اُهي پگهار ۽ ڀتا ڏنا ويندا.

## ٩٨. سنسد جو سَڇيواليہ

(١) سنسد جي هرهڪ سدن کي اَلڳ دفتري عملو هوندو :

بشرطيڪ هن فقري ۾ ڪجھ بہ سنسد جي ٻنهي سَدنن لاءِ گڏيل عهدا رچڻ کان روڪي ٿو اَهڙو مطلب نہ ڪڍيو ويندو.

(۲) سنسد جي هرهڪ سدن جي دفتري عملي جي ڀرتيءَ ۽ مقرر ٿيل شخص جي نوڪريءَ جي شرطن کي سنسد قاعدي دوارا نيمت ڪري سگهندي.

(۳) جيستائين سنسد فقري (۲) هيٺ پربنڌ ڪري نه ٿي، تيستائين لوڪ سڀا يا راجيه سڀا جي دفتري عملي جي ڀرتيءَ ۽ مقرر ٿيل شخص جي نوڪريءَ جي شرطن کي نيمت ڪرڻ لاءِ راشٽرپتي لوڪ سڀا جي اسپيڪر يا راجيه سڀا جي سڀاپتيءَ سان، حالت انوسار، صلاح ڪرڻ کان پوءِ نيم ٺاهي سگهندو، ۽ اهڙا ٺاهيل نيم اُن فقري هيٺ ٺاهيل ڪنهن به قاعدي جي اُپبنڌن جي آڌين اثر ڪار ٿيندا.

## ڪم جو سنچالن

### ۹۹. ميمبرن دوارا قسم يا ساک

سنسد جي هرهڪ سدن جو هرڪو ميمبر پنهنجي جاءِ وٺڻ کان اڳ، راشٽرپتيءَ يا سندس هن خيال کان مقرر ڪيل ڪنهن شخص روبرو، ٽين انوسوچيءَ ۾ هن پريوجن لاءِ ڏنل نموني موجب قسم کڻندو يا ساک تي چوندو ۽ اُنتي صحي ڪندو.

### ۱۰۰. سدنن ۾ ووٽ ڏيڻ، خالي جاين جي باوجود ڪم ڪرڻ جو سدنن جو اختيار ۽ ڪورم

(۱) هن سنوڌان ۾ ٻئي نموني ٿيل اُپبنڌ سواءِ، ڪنهن به سدن جي ڪنهن به ٻئٺڪ ۾ يا سدنن جي گڏيل ٻئٺڪ ۾ سڀيئي سوال اسپيڪر، يا چيئرمن يا اسپيڪر طريقي ڪم ڪندڙ شخص کان سواءِ، حاضر ۽ ووٽ ڪندڙ ميمبرن جي گهڻائيءَ سان فيصل ڪيا ويندا.

چيئرمن يا اسپيڪر، يا اهڙي نموني ڪم ڪندڙ شخص، پهرين ووٽ ڪو نه ڪندو، پر ووٽن جي برابريءَ جي حالت ۾ قطعي ووٽ ڪيس رهندو ۽ اُن جو هُو استعمال ڪندو.

(۲) هر سدن کي پنهنجي ميمبرن ۾ ڪنهن خالي جاءِ جي باوجود ڪم ڪرڻ جو اختيار رهندو ۽ سنسد ۾ ڪا به ڪارروائي جائز ٿيندي باوجود اِنجي ته پوءِ معلوم ٿئي ته ڪو شخص جنهن کي اهڙو حق نه هو اُهو وينو يا ووٽ ڏنائين يا ٻئي نموني ڪارروائيءَ ۾ ڀاڱ ورتائين.

(۳) سنسد قاعدي دوارا ٻيو اُپبنڌ ڪري تيستائين، سنسد جي هرهڪ سدن جي ٻئٺڪ جوڙڻ لاءِ ڪورم اُن سدن جي ڪل ميمبرن جي سنکيا جو ڏهون حصو ٿيندو.

(۴) جي سدن جي ڪنهن ٻئٺڪ درميان ڪنهن به وقت ڪورم نه آهي ته چيئرمن

يا اسپيڪر يا اهڙي نموني ڪم ڪندڙ شخص جو فرض ٿيندو تہ سدن کي مهمل ڪري يا سيا مهمل رکي جيستائين ڪورم ٿئي.

## ميمبرن جون غير لياقتون

### ١٠١. جايون خالي ڪرڻ

(١) ڪو بہ شخص سنسد جي ٻنهي سدنن جو ميمبر نہ ٿيندو ۽ سنسد قاعدي دوران اهڙو پربنڌ ڪندي تہ جيڪو شخص ٻنهي سدنن جو ميمبر چونڊ جي اُهو هڪ يا ٻئي سدن ۾ پنهنجي جاءِ خالي ڪري.

(٢) ڪو بہ شخص سنسد جو ۽ راجيہ جي وڌان منڊل جي ڪنهن سدن، ٻنهي جو ميمبر نہ ٿيندو، ۽ جي ڪو شخص سنسد ۽ راجيہ جي وڌان منڊل جي ڪنهن سدن ٻنهي جو ميمبر چونڊجي تہ راشٽرپتيءَ دوران ٺاهيل نيمن ۾ ڄاڻايل مُدت پوري ٿيڻ تي اُن شخص جي سنسد ۾ جاءِ خالي ٿيندي، سواءِ تہ هُن تنهن کان اڳہ راجيہ جي وڌان منڊل ۾ پنهنجي جاءِ جي استعفا ڏني هجي.

(٣) جي سنسد جي ڪنهن بہ سدن جو ميمبر-

(اَ) آنوڇيد ١٠٢ جي فقري (١) يا فقري (٢) ۾ ڄاڻايل ڪنهن بہ غير لياقت هيٺ اچي وڃي، يا

(ب) پنهنجي جاءِ جي پنهنجي هٿ سان لکي، حالت آنوسار، چيئرمن يا اسپيڪر کي مخاطب ٿي، استعفا ڏئي، ۽ سندس اِستعفا، حالت آنوسار، چيئرمن يا اسپيڪر دوران، قبول ٿئي، تہ سندس جاءِ، ائين ٿيڻ تي، خالي ٿيندي :

بشرطيڪ پيٽي فقري(ب) ۾ ڄاڻايل ڪنهن اِستعفا جي حالت ۾ چيئرمن يا اِسپيڪر کي، حالت آنوسار، مليل خبر مان يا ٻيءَ طرح ۽ ڪيس ٺيڪ لڳي تہ اهڙي جاچ ڪرڻ کان پوءِ، خاطري ٿئي تہ اُها اِستعفا مرضيءَ سان ڏنل يا سچي نہ آهي تہ هُو اهڙي اِستعفا قبول نہ ڪندو.

(٤) جي سنسد جي ڪنهن سدن جو ڪو ميمبر سدن جي موڪل کان سواءِ اُنجي سيني ٻئٺڪن مان سٺ ڏينهن جي مُدت لاءِ غير حاضر رهي تہ سدن سندس جاءِ خالي ظاهر ڪري سگهندو.

بشرطيڪ سٺ ڏينهن جي اُها مُدت ڳڻڻ مهل اُن مُدت جو حساب نہ ڪيو ويندو جنهن ۾ سدن بند رکيو ويو هجي يا ساندہ چئن کان وڌيڪ ڏينهن لاءِ مهمل ڪيو ويو هجي

بشرطيڪ هن فقري ۾ ڪجھ به ناڻا بل سان لاڳو نه پوندو.

(٢) فقري (١) ۾ نرديش ڪيل ڇهن مهنن جي اَهڙي مُدت ڳڻڻ ۾ اَهڙي ڪنهن مُدت جو حساب نه ڪيو ويندو جنهن ۾ اُن فقري جي پيٽي فقري (ب) ۾ ڄاڻايل سدن بند رکيو ويو هُجي يا ساندهه چئن ڪان وڌيڪ ڏينهن لاءِ معطل ڪيو ويو هُجي.

(٣) جي راشٽرپتيءَ فقري (١) هيٺ ٻنهي سدنن جي گڏيل ٻئنڪ ڪرڻ لاءِ سدنن کي سڏائڻ جو پنهنجو اِرادو ڄاڻايو هُجي ته، ڪو به سدن بل بابت وڌيڪ ڪارروائي نه ڪندو، پر راشٽرپتي پنهنجي اطلاع جي تاريخ کان پوءِ ڪنهن به وقت اطلاع ۾ ڄاڻايل مطلب لاءِ سدنن کي گڏيل ٻئنڪ ۾ گڏجڻ لاءِ سڏائي سگهندو؛ ۽ جي هُوَ اِئين ڪري ته سدنَ ان موجب گڏ ٿيندا.

(٤) جي ٻنهي سدنن جي گڏيل ٻئنڪ ۾ جيڪڏهن ڪي سڌارا قبول ڪيا ويا هجن ته انهن سان ٻنهي سدنن جي حاضر ۽ ووٽ ڪندڙ ميمبرن جي ڪل سنکيا جي گهٽائي پاس ڪري ته، هن سنوڌان جي پريوجن لاءِ اُهو ٻنهي سدنن جو پاس ڪيل ليکيو ويندو؛

بشرطيڪ گڏيل ٻئنڪ ۾ -

(اَ) جي بل هڪڙي سدن پاس ڪيو هجي ۽ ٻئي سدن سُڌارن سان پاس نه ڪيو هجي ۽ جنهن سدن ۾ شروع ٿيو هجي اُنکي واپس نه موڪليو هجي ته بل ۾ ٻئي ڪنهن سُڌاري جي رٿ نه ڏني ويندي، سواءِ اُنهن سُڌارن جي (جيڪڏهن ڪي هجن ته) جيڪي بل جي پاس ٿيڻ ۾ دير پوڻ سبب ضروري ٿيا هُجن؛

(ب) جي بل اَهڙي نموني پاس ڪري ۽ واپس ڪيو ويو هجي ته فقط مٿي ڄاڻايل سُڌارن ۽ ٻيا اَهڙا سڌارا جي اُنهن بابتن سان واسطو رکن ٿا جن جي باري ۾ سَدن يڪراءِ نه ٿيا آهن، تن جي رٿ ڏني ويندي؛

۽ هن فقري هيٺ داخل ٿيڻ جوڳن سُڌارن جي باري ۾ صدارت ڪندڙ شخص جو فيصلو آخرين ٿيندو.

(٥) راشٽرپتيءَ جي سَدنن کي گڏجڻ لاءِ سڏائڻ جو اِرادو ظاهر ڪرڻ کانپوءِ، تنهن وچ ۾ لوڪ سڀا جي برخاستگي ٿي هُجي ته اُن جي باوجود هن اَنوڇيد هيٺ گڏيل ٻئنڪ ڪري سگهبي ۽ اُن ۾ بل پاس ڪري سگهبو.

## ١٠٩. ناڻا بلن بنسبت خاص ڪارروائي

(١) ناڻا بل راڄيه سڀا ۾ پيش نه ڪيو ويندو.

(٢) ناڻا بل لوڪ سڀا جي پاس ڪرڻ کانپوءِ راڄيه سڀا کي سندس سفارش لاءِ موڪليو

ويندو ۽ راجيہ سڀا بل پهچڻ جي تاريخ کان چوڏهن ڏينهن جي مُدت اندر بل پنهنجي سفارشن سان لوڪ سڀا کي واپس ڪندي ۽ پوءِ لوڪ سڀا راجيہ سڀا جي سفارشن مان سڀ يا ڪي قبول ڪري يا نامنظور ڪري سگهندي.

(٣) جي لوڪ سڀا راجيہ سڀا جون ڪي سفارشون قبول ڪري تہ ناڻا بل راجيہ سڀا جي سفارش ڪيل ۽ لوڪ سڀا جي قبول ڪيل سُڌارن سان ٻنهي سَدنن جو پاس ٿيل ليکيو ويندو.

(٤) جي لوڪ سڀا راجيہ سڀا جي سفارشن مان ڪا بہ قبول نہ ڪري تہ ناڻا بل راجيہ سڀا جي سفارش ڪيل سڌارن مان ڪنهن کان بہ سواءِ جنهن نموني لوڪ سڀا پاس ڪيو هُجي تئين ٻنهي سدنن جو پاس ٿيل ليکيو ويندو.

(٥) جي ناڻا بل لوڪ سڀا جو پاس ڪيل ۽ راجيہ سڀا کي سندس سفارشن لاءِ موڪليل مذڪور چوڏهن ڏينهن جي مُدت اندر لوڪ سڀا کي واپس نہ ڪيو وَڃي، تہ اُها مُدت پوري ٿيڻ تي اُهو ٻنهي سدنن دواران لوڪ سڀا جي پاس ڪيل نموني پاس ٿيل ليکيو ويندو.

## ١١٠. 'ناڻا بل' جي وياکيا

(١) هن اَڌياءَ جي پريوجن لاءِ بل، ناڻا بل ليکيو ويندو جي اُن ۾ فقط هينين بابتن مان سڀ يا ڪن سان لاڳاپو رکندڙ اُپبند هُجن، يعني -

(اَ) ڪا ڍل وجهڻ، رد ڪرڻ، معاف ڪرڻ، يا اُنکي قيرائڻ يا نيمت ڪرڻ؛

(ب) ڀارت سرڪار دواران ناڻو اُڌار وٺڻ يا ڪا گارنٽي ڏيڻ کي نيمت ڪرڻ يا ڀارت سرڪار دواران کنيل يا کڻڻ وارين ڪن بہ مالي ذميوارين بنسبت قاعدي ۾ سُڌارو ڪرڻ؛

(ٻ) ڀارت جي سَنچت نڌيءَ يا اِتفاقي نڌيءَ جو حوالو، اَهڙي ڪنهن نڌيءَ ۾ ناڻو ڀرڻ يا اُن مان ناڻو کڻڻ؛

(پ) ڀارت جي سَنچت نڌيءَ مان ناڻو ڪم آڻڻ؛

(ڀ) ڪو خرچ ڀارت جي سنچت نڌيءَ تي وڌل خرچ ظاهر ڪرڻ يا اَهڙي ڪنهن خرچ جي رقم وڌائڻ؛

(ت) ڀارت جي سنچت نڌيءَ يا ڀارت جي سرڪاري حساب جي کاتي ۾ ناڻو ملڻ يا اَهڙي ناڻي جو حوالو يا اُهو کڻڻ يا سنگهہ يا راجيہ جي حسابن جي تپاس؛يا

(ٿ) پيٽي فقري (اَ) کان (ت) ۾ ڄاڻايل بابتن مان ڪنهن سان واسطو رکندڙ
ڪا بابت.

(٢) ڪو بہ بل فقط ان سبب ڪري ناڻا بل سمجهيو نہ ويندو تہ اُن ۾ ڏنڊ يا ٻي
ڪا پئسي جي سزا وجهڻ، يا ليسن لاءِ في يا شيوا ڏيڻ لاءِ فيءَ جي گهر ڪرڻ يا ڏيڻ
جو پربنڌ آهي، يا اِن سبب ڪري تہ اُهو ڪنهن مڪاني اَختياريءَ يا جماعت دواران
مڪاني پريوجن لاءِ ڪا ڍل وجهڻ، رد ڪرڻ، معاف ڪرڻ يا انکي ڦيرائڻ يا نيمت
ڪرڻ لاءِ پربنڌ ڪري ٿو.

(٣) جي ڪو سوال اُٿي تہ بل ناڻا بل آهي يا نہ، تہ اُن تي لوڪ سڀا جي اِسپيڪر
جو فيصلو آخرين ٿيندو.

(٤) هرهڪ ناڻا بل تي، اَنوڇيد ١٠٩ هيٺ راڄيہ سڀا کي موڪليو وڃي تڏهن ۽
اَنوڇيد ١١١ هيٺ راشٽرپتيءَ کي بحاليءَ لاءِ پيش ڪيو وڃي تڏهن، لوڪ سڀا جي
اِسپيڪر جي صحي سان سرٽيفڪيٽ لکيو ويندو تہ اُهو ناڻا بل آهي.

## ١١١. بلن کي بحالي

بل سنسد جي سدنن پاس ڪيو هجي تہ اُهو راشٽرپتيءَ کي پيش ڪيو ويندو، ۽
راشٽرپتي ظاهر ڪندو تہ هوُ بل بحال ڪري ٿو يا اُن تي پنهنجي بحالي روڪي ٿو:

بشرطيڪ راشٽرپتي، بل بحاليءَ لاءِ کيس پيش ٿيڻ کانپوءِ ٿي سگهي اوترو جلد،
جي اُهو ناڻا بل نہ آهي تہ، بل سدنن کي واپس موڪلي سگهندو، اَهڙي وينتيءَ جي
سنديشي سان تہ هوُ بل يا اُن جي ڪن خاص ڄاڻايل اُپبنڌن تي وري ويچار ڪن ۽
خاص طور اَهڙا سُڌارا داخل ڪرڻ جي مُناسبيءَ تي ويچار ڪن جن جي هوُ پنهنجي
سنديشي ۾ سفارش ڪري، ۽ جي بل اِئين واپس اَچي تہ سدن اُن موجب بل تي وري
ويچار ڪندا ۽ جي بل سَدَنَ وري پاس ڪري سُڌارن سان يا سُڌارن بنان، ۽ راشٽرپتيءَ
کي بحاليءَ لاءِ پيش ڪن تہ راشٽرپتي اُن تي بحالي نہ روڪيندو.

# مالي بابتن ۾ ڪارروائي

## ١١٢. ساليانو مالي بيان

(١) راشٽرپتي، هر مالي سال بنسبت اُن سال جي ڀارت سرڪار جي اَندازي آمدني

۽ خرچ جو هڪ بيان، هن ڀاڱي ۾ ’ ساليانو مالي بيان‘ طريقي نرديش ڪيل، سنسد جي ٻنهي سدنن ۾ پيش ڪرائيندو.

(٢) ساليانې مالي بيان ۾ درج ڪيل خرچ جا انداز الڳ الڳ ڏيکاريندا-

(اَ) هن سنوڌان ۾ ڀارت جي سنچت نڌيءَ تي ذمي وڌل خرچ طريقي بيان ڪيل خرچ ڪرڻ لاءِ گهربل رقمون؛ ۽

(ب) ڀارت جي سنچت نڌيءَ مان رٿيل ٻيو خرچ ڪرڻ لاءِ گهربل رقمون؛ ۽ محصولي حساب جي خرچ کي ٻئي خرچ کان الڳ رکيو ويندو.

(٣) هيٺيون خرچ ڀارت جي سنچت نڌيءَ تي ذمي وڌل خرچ ٿيندو-

(اَ) راشٽرپتيءَ جو اُجورو ۽ ڀتا ۽ سندس عهدي سنبنڌي ٻيو خرچ؛

(ب) راجيه سڀا جي چيئرمن ۽ ڊپٽي چيئرمن ۽ لوڪ سڀا جي اِسپيڪر ۽ ڊپٽي اِسپيڪر جا پگهار ۽ ڀتا؛

(ب) اُهي قرض، وياج، قرض فنڊ جي خرچ ۽ اَدائگيءَ جي رقم سميت، جن لاءِ ڀارت سرڪار جوابدار هُجي ۽ اوڌر کڻڻ ۽ قرض شيوا ۽ قرض اَدائگيءَ سنبنڌي ٻيو خرچ؛

(پ) (١) سپريم ڪورٽ جي ججن کي يا اُنهن بنسبت ڏيڻ جوڳا پگهار، ڀتا ۽ پينشن؛

(٢) فيڊرل ڪورٽ جي ججن کي يا اُنهن بنسبت ڏيڻ جوڳي پينشن؛

(٣) ڀارت جي ڪيتر ۾ سمايل ڪنهن ايراضيءَ بنسبت حڪومت جو اِستعمال ڪندڙ يا هن سنوڌان جي شروعات کان اَڳ ڪنهن وقت ڀارت ڊومينين جي گورنر جي پرانت ۾ سمايل ڪنهن ايراضيءَ بنسبت حڪومت جو اِستعمال ڪيو هجي اَهڙي ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي ججن کي يا اُنهن بنسبت ڏيڻ جوڳي پينشن؛

(ڀ) ڀارت جي ڪامپٽرولر ۽ آڊيٽر جنرل کي يا هُن بنسبت ڏيڻ جوڳا پگهار، ڀتا ۽ پينشن؛

(ت) ڪنهن ڪورٽ يا اَمانتي ٽربيونل جي ڪنهن فتوا، ڊڪري يا اَوارڊ جي پرپائي ڪرڻ لاءِ گهربل ڪي بہ رقمون؛

(ٿ) هن سنوڌان دوارا يا سنسد دوارا قاعدي ذريعي اَهڙو ذمي وِڌل ظاهر ڪيل ٻيو ڪو خرچ.

## ١١٣. سنسد ۾ اَندازن بنسبت ڪارروائي

(١) اَندازن مان جيڪي پارٽ جي سنچت نڌيءَ تي ذمي وِڌل خرچ سنبنڌي هجن اُهي سنسد جي ووٽ لاءِ پيش نہ ڪيا ويندا، پر هن فقري ۾ ڪجھ بہ سنسد جي ڪنهن سدن ۾ اَهڙن اَندازن مان ڪنهن تي بحث ڪرڻ کي روڪي ٿو اِئين سمجھيو نہ ويندو.

(٢) اَهڙن اَندازن مان جيڪي بئي خرچ سنبنڌي هُجن اُهي لوڪ سڀا کي گرانٽن لاءِ گُهرن جي روپ ۾ پيش ڪيا ويندا، ۽ لوڪ سڀا کي اَختيار رهندو تہ ڪا بہ گُهر بحال ڪري يا بحال ڪرڻ کان اِنڪار ڪري يا ڪا بہ گُهر اُن ۾ ڄاڻايل رقم گھٽائي بحال ڪري.

(٣) ڪنهن بہ گرانٽ جي گُهر راشٽرپتيءَ جي سفارش کان سواءِ نہ ڪئي ويندي.

## ١١٤. وِنيوگہ بِلُ

(١) لوڪ سڀا اَنوڇيد ١١٣ هيٺ گرانٽون بحال ڪري تنهن کان پوءِ جيترو ٿي سگهي اوترو جلد هڪ بل پيش ڪيو ويندو جنهن ۾ پربنڌ ڪيو ويندو تہ پارٽ جي سنچت نڌيءَ مان اوترو سڀ ناڻو خرچ ڪجي جيترو گهربل هُجي-

(اَ) لوڪ سڀا دواران اِئين بحال ڪيل گرانٽن لاءِ، ۽

(ب) پارٽ جي سنچت نڌيءَ تي ذمي وڌل، پر ڪنهن بہ حالت ۾ سنسد ۾ اَڳواٽ پيش ڪيل بيان ۾ ڏيکاريل رقم کان وڌيڪ نہ، اوتري خرچ لاءِ.

(٢) سنسد جي ڪنهن بہ سدن ۾ اَهڙي ڪنهن بل تي اَهڙي سُڌاري جي رٿ نہ ڏني ويندي جنهن جو اَثر رقم ۾ ڦيرقار ڪرڻ يا بحال ڪيل گرانٽ جي مقصد ۾ تفاوت ڪرڻ يا پارٽ جي سنچت نڌيءَ تي ذمي وَڌل خرچ جي رقم ۾ ڦيرقار ڪرڻ ٿئي، ۽ ڪو بہ سُڌارو هن فقري هيٺ داخل ٿيڻ جوڳو نہ آهي اَهڙو صدارت ڪندڙ شخص جو فيصلو آخرين ٿيندو.

(٣) اَنوڇيد ١١٥ ۽ ١١٦ جي اُپبنڌن جي اَڌين رهي، هن اَنوڇيد جي اُپبنڌن اَنوسار پاس ڪيل قاعدي دواران ڪيل وِنيوگہ سواءِ پارٽ جي سنچت نڌيءَ مان ڪجھ بہ ناڻو نہ ڪڍيو ويندو.

## ١١٥. پوُرڪ، واڌو يا وڌيڪ گرانٽون

(١) (اَ) جي اَنوڇيد ١١٤ جي اُپبنڌن اَنوُسار ٺهيل قاعدي دواران چالو مالي سال لاءِ

آنوڇيد ١١٣ ۽ ١١٤ جا اُپبند اِئين اَثرائتا ٿيندا جيئن اُهي سالياني مالي بيان ۾ ذڪر ڪيل خرچ بنسبت گرانٽ بحال ڪرڻ ۽ اَهڙو خرچ ڪرڻ لاءِ پارت جي سنچت نڌيءَ مان ناڻا ڪڍڻ جي اَختياري ڏيڻ لاءِ قاعدو ڪرڻ سنبنڌي اثرائتا آهن.

## ١١٧. مالي بلن جي باري ۾ خاص اُپبند

(١) آنوڇيد ١١٠ جي فقري (١) جي پيٽي فقري (اَ) کان (ت) ۾ ڄاڻايل بابتن مان ڪنهن جو بہ پربند ڪندڙ بل يا سُڌارو راشٽرپتيءَ جي سفارش ڪانسواءِ پيش ڪيو يا آندو نہ ويندو ۽ اَهڙو پربند ڪندڙ بل راجيہ سڀا ۾ پيش نہ ڪيو ويندو :

بشرطيڪ ڪاٻل گهٽائڻ يا رد ڪرڻ جو پربند ڪندڙ سُڌارو آڻڻ لاءِ هن فقري هيٺ سفارش ضروري نہ ٿيندي.

(٢) ڪو بہ بل يا سُڌارو مٿي ڄاڻايل بابتن بنسبت پربند ڪري ٿو اِئين فقط اِن سبب ڪري سمجهيو نہ ويندو تہ اُن ۾ ڏنڊ يا ٻي ڪنهن پئسي جي سزا وجهڻ يا ليسن لاءِ في يا شيوا ڏيڻ لاءِ فيءَ جي گُهر ڪرڻ يا ڏيڻ جو پربند آهي، يا ان سبب ڪري تہ اُهو ڪنهن مڪاني اَختياريءَ يا جماعت دواران مڪاني پريوجن لاءِ ڪا ڍل وجهڻ، رد ڪرڻ، معاف ڪرڻ، يا اُنکي ڦيرائڻ يا نيمت ڪرڻ لاءِ پربند ڪري ٿو.

(٣) جيڪو بل قاعدو ٿيڻ سان ۽ عمل ۾ اَچڻ سان پارت جي سنچت نڌيءَ مان ڪو خرچ ڪرڻو پوي اُهو سنسد جي ڪنهن بہ سدن دواران، راشٽرپتي اُن سَدن کي بل تي ويچار ڪرڻ لاءِ سفارش نہ ڪري تيستائين پاس نہ ڪيو ويندو.

# عام طور ڪارروائي

## ١١٨. ڪارروائيءَ جا نيم

(١) سنسد جو هرهڪ سدن پنهنجي ڪارروائي ۽ پنهنجي ڪم جي سنڀالن نيمت ڪرڻ لاءِ، هن سنوڌان جي اُپبندن جي آڌين، نيم گهڙي سگهندو.

(٢) جيسين فقري (١) هيٺ نيم نہ ٺهن تيسين پارت ڏومينين جي وڌان منڊل بنسبت هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اَڳہ عمل ۾ ڪارروائيءَ جا نيم ۽ اِستائي حڪم سنسد سنبنڌي، اَهڙين ڦيرڦارين ۽ موافقتين جي آڌين جي اُنهن ۾ راجيہ سڀا جو چيئرمن يا لوڪ سڀا جو اِسپيڪر، حالت اَنوسار ڪري، اَثرائتا ٿيندا.

(٣) راجيہ سڀا جي چيئرمن ۽ لوڪ سڀا جي اِسپيڪر سان صلاح ڪرڻ بعد، راشٽرپتي

ٻنهي سدنن جي گڏيل ٻئڪن ۾ اُنهن جي وچ ۾ لهہ وچڙ بنسبت ڪارروائيءَ جا نيم گهڙي سگهندو.

(۴) ٻنهي سدنن جي گڏيل ٻئڪ ۾ لوڪ سڀا جو اِسپيڪر، يا سندس غيرحاضريءَ ۾ اَهڙو شخص جيڪو فقري (۳) هيٺ ڪارروائيءَ جي نيمن دوارا ن نهرايو وڃي اُهو، صدارت ڪندو.

## ۱۱۹. سنسد ۾ مالي ڪم سنٻنڌي ڪارروائيءَ کي قاعدي دواران نيمت ڪرڻ

سنسد مالي ڪم وقت سر پورو ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ مالي بابت يا پارٽ جي سنچت نڌيءَ مان ناڻا ڪڍڻ لاءِ ڪنهن بل سنٻنڌي سنسد جي هرهڪ سدن جي ڪارروائيءَ ۽ ڪم جي سنچالن کي قاعدي دواران نيمت ڪري سگهندي، ۽ جي ۽ جيترو قدر اَهڙو نموني ڪيل قاعدي جو ڪو بہ اُپبند اَنوڇيد ۱۱۸ جي فقري (۱) هيٺ سنسد جي ڪنهن سدن جي ناهيل ڪنهن نيم سان يا اُن اَنوڇيد جي فقري (۲) هيٺ سنسد بنسبت اثرائتي ڪنهن نيم يا اَستائي حڪم سان نهڪندڙ نہ هُجي تہ اُهو اُپبند اَثرائتو ٿيندو.

## ۱۲۰. سنسد ۾ ڪم آڻڻ جي ٻولي

(۱) ڀاڱ سترهين ۾ ڪنهن بہ ڳالھ جي باوجود، پر اَنوڇيد ۳۴۸ جي اُپبنڌن جي آڌين، سنسد ۾ ڪم ڪار هنديءَ ۾ يا انگريزيءَ ۾ ڪيو ويندو:

بشرطيڪ راجيہ سڀا جو چيئرمن يا لوڪ سڀا جو اِسپيڪر، يا اَهڙي نموني ڪم ڪندڙ شخص، حالت اَنوسار، جيڪو ميمبر هنديءَ يا انگريزيءَ ۾ پوريءَ طرح پنهنجو اظهار نہ ڪري سگهي اهڙي ميمبر کي سدن ۾ پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ جي اِجازت ڏيئي سگهندو.

(۲) سنسد قاعدي دواران ٻئي نموني اُپبند نہ ڪري تہ هن سنوڌان جي شروعات کان پندرهن سالن جي مُدت پوري ٿيڻ کان پوءِ هيءُ اِنوڇيد اِئين اَثرائتو ٿيندو ڄڻ تہ اُن مان 'يا انگريزيءَ ۾' اِهي لفظ ڇڏي ڏنا ويا آهن.

## ۱۲۱. سنسد ۾ بحث تي پابندي

سنسد ۾ سپريم ڪورٽ جي يا هاءِ ڪورٽ جي ڪنهن جج جي پنهنجي فرض اَدائيءَ

۾ هلت بنسبت بحث نہ ڪيو ويندو سواءِ اُهڙي رٽ تي جنهن ۾ هن ڪان پوءِ جاڳايل اُپبند اَنوسار جج کي هٽائڻ لاءِ راشٽرپتيءَ کي وينتيءَ جي عبارت پيش ڪرڻي هُجي.

## ۱۲۲. سنسد جي ڪارروائيءَ ۾ ڪورٽون جاچ نہ ڪنديون

(۱) سنسد ۾ ڪنهن بہ ڪارروائيءَ جي جائزگيءَ تي، ڪارروائيءَ ۾ ڪا بيترتيبي آهي اِئين چئي اُن آڌار تي اعتراض ورتو نہ ويندو.

(۲) سنسد جو ڪو بہ عملدار يا ميمبر، جنهن کي هن سنوڌان موجب يا هيٺ سنسد ۾ ڪارروائي يا ڪم جي سنڀالن کي نيمت ڪرڻ يا بندوبست رکڻ لاءِ اَختيار ڏنا ويا هُجن، اُهو پنهنجي دواران اُنهن اَختيارن جي عمل جي باري ۾ ڪنهن بہ ڪورٽ جي حڪومت جي اَڌين نہ ٿيندو.

اَڌيائُ ٽيون

# راشٽرپتيءَ جا قانون سازيءَ جا اَختيار

## ۱۲۳. سنسد جي رسيس درميان آرڊيننس جاري ڪرڻ جو راشٽرپتيءَ جو اَختيار

(۱) جي ڪنهن بہ وقت، جڏهن سنسد جي ٻنهي سدنن جا اِجلاس چالو نہ هجن، راشٽرپتيءَ کي خاطري ٿئي تہ اَهڙيون حالتون آهن جن ۾ جلدي قدم کڻڻ هِن لاءِ ضروري آهي، تہ هوُ اَهڙا آرڊيننس جاري ڪري سگهندو جي ڪيس حالتن پٽاندڙ ضروري لڳن.

(۲) هن اَنوڇيد هيٺ جاري ٿيل آرڊيننس کي ايترو ئي عمل ۽ اَثر رهندو جيترو سنسد جي ڪنهن قاعدي کي، پر اَهڙو هرهڪ آرڊيننس-

(اَ) سنسد جي ٻنهي سدنن جي اڳيان پيش ڪيو ويندو ۽ سنسد جي وري گڏجڻ کان ڇهہ هفتا پوري ٿيڻ تي، يا جي اُها مُدت پوري ٿيڻ کان اَڳہ ٻئي سدن آرڊيننس کي ناقبول ڪرڻ جا ٺهراءَ پاس ڪن تہ اَهڙن ٺهرائن مان ٻيو ٺهراءُ پاس ٿيڻ تي، عمل ۾ هٽڻ بند ٿيندو؛ ۽

(ب) راشٽرپتي ڪنهن بہ وقت واپس وٺي سگهندو.

سمجهاڻي - جي سنسد جا سدن جدا جدا تاريخن تي وري گڏجڻ لاءِ سڏايا ويا

هجن تہ هن فقري جي پريوجن لاءِ ڇهن هفتن جي مُدت انهن تاريخن مان پوئين تاريخ کان ڳڻي ويندي.

(٣) جي ۽ جيتري قدر هن اَنوڇيد هيٺ آرڊيننس اَهڙو کو اُپبند ڪري جيڪو سنسد هن ٻنوڌان هيٺ قاعدو ٺاهڻ لاءِ سمرٿ نہ هُجي تہ اُهو آرڊيننس اوتري قدر رد ٿيندو.

اَڌياءُ چوٿون

## سنگھ نيايہ تنتر

### ١٢٤. سپريم ڪورٽ جي اِستاپنا ۽ جوڙجڪ

(١) ڀارت جي هڪ سپريم ڪورٽ ٿيندي جنهن ۾ ڀارت جو مکيہ نيايہ مورتي ۽، سنسد جيستائين قاعدي دوارا وڌيڪ سنکيا نهرائي تيستائين ستن کان وڌيڪ نہ ٻيا جج ٿيندا. ((١٩٨٦ جي اَئڪٽ ٢٢ موجب هاڻي ججن جي سنکيا پنجويهہ آهي)

(٢) سپريم ڪورٽ جي هرهڪ جج کي راشٽرپتي، اِن لاءِ ڪيس ضروري لڳي اَهڙن سپريم ڪورٽ جي ۽ راجين جي هاءِ ڪورٽن جي ججن سان صلاح ڪرڻ بعد پنهنجي صحي ۽ سيل سان وارنٽ دوارا مقرر ڪندو ۽ اُهو جج پنجهٺ سالن جي عمر تي پهچڻ تائين عهدي تي رهندو:

بشرطيڪ مکيہ نيايہ مورتيءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن جج جي مقرريءَ جي حالت ۾ ڀارت جي مُکيہ نيايہ مورتيءَ سان هميشه صلاح ڪئي ويندي:

وڌيڪ بشرطيڪ:

(اَ) جَجُ، پنهنجي صحي واريءَ لکيت سان راشٽرپتيءَ کي مخاطب ٿي، پنهنجي عهدي تان اِستعفا ڏيئي سگهندو؛

(ب) جج کي فقري (٣) ۾ پربنڌ ڪيل ريت سان پنهنجي عهدي تان هٽائي سگهبو.

(٢ اَلف) سپريم ڪورٽ جي جج جي عمر، سنسد قاعدي دوارا پربنڌ ڪري اَهڙيءَ اَختياريءَ دوارا ۽ اُن ريت طئہ ڪئي ويندي.

(٣) ڪو بہ شخص سپريم ڪورٽ جو جج مقرر ٿيڻ لاءِ لائق نہ ٿيندو سواءِ تہ هو ڀارت جو ناگرڪ هُجي ۽

(اَ) گهٽ ۾ گهٽ پنجن سالن لاءِ ڪنهن هاءِ ڪورٽ جو يا لاڳيتو ٻن يا وڌيڪ

اَهڙن اَڏڪارن جو، جي وقت بوقت سنسد قاعدي دواران يا هيٺ نهرائي؛ ۽ جيستائين اِئين طيءِ نهرائجي تيستائين اَهڙن خاص اَڏڪارن، پتن ۽ اَڏڪارن جو جيڪي ٻين اَنوُسوُچيءَ ۾ ڄاڻايل آهن، حقدار ٿيندو :

بشرطيڪ ڪنهن به جڄ جي خاص اَڏڪارن يا پتن يا سندس غيرحاضريءَ جي موڪل يا پينشن بنسبت اَڏڪارن ۾ سندس مقرريءَ کان پوءِ ڪيس نقصان ٿئي اَهڙي ڦيرڦار نه ڪئي ويندي.

## ١٢٦. ڪاريه‌ڪاري مُکيه نيايه موُرتيءَ جي مقرري

جڏهن ڀارت جي مکيه نيايه مورتيءَ جو عهدو خالي هُجي يا جڏهن مُکيه نيايه مورتي غيرحاضريءَ يا ٻئي ڪنهن سبب ڪري پنهنجي عهدي جا فرض اَدا نه ڪري سگهي تڏهن ڪورٽ جي ٻين جڄن مان هڪ، جنهن کي راشٽرپتي هن پريوجن لاءِ مقرر ڪري، اُهو عهدي جا فرض ادا ڪندو.

## ١٢٧. اَئِدهاڪ جڄن جي مقرري

(١) جي ڪنهن وقت ڪورٽ جو ڪو اِجلاس ڪرڻ يا چالو رکڻ لاءِ سپريم ڪورٽ جي جڄن جو ڪورم نه ٿئي ته ڀارت جو مُکيه نيايه مورتي راشٽرپتيءَ جي اَڳواٽ منظوريءَ سان ۽ نسبت واريءَ هاءِ ڪورٽ جي مُکيه نيايه مورتيءَ سان صلاح ڪرڻ بعد ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي ڪنهن جڄ کي، جيڪو سپريم ڪورٽ جو جڄ ٿيڻ لاءِ برابر لائق هُجي ۽ جنهن کي ڀارت جو مُکيه نيايه مورتي نامزد ڪري، اُنکي ڪورٽ جي بئٺڪن ۾ ضروري هُجي اوتري مُدت لاءِ حاضريءَ لاءِ لکيت ۾ عرض ڪري سگهندو.

(٢) جنهن جڄ کي اِئين نامزد ڪيو ويو هُجي تنهن جو فرض ٿيندو ته پنهنجي عهدي جي ٻين فرضن کان-اَڳه سپريم ڪورٽ جي بئٺڪن ۾ سندس حاضري ضروري هُجي اُن وقت تي ۽ اوتريءَ مُدت لاءِ حاضر رهي، ۽ اَهڙي نموني حاضر رهندي ڪيس سپريم ڪورٽ جي جڄ جا سڀ حڪومت، اَختيار ۽ خاص اَڏڪار رهندا ۽ اُن جا فرض اَدا ڪندو.

## ١٢٨. سپريم ڪورٽ جي بئٺڪن ۾ رٽائر ٿيل جڄن جي حاضري

هن اَڌياءَ ۾ ڪنهن به ڳالهه جي باوجود، ڀارت جو مُکيه نيايه مورتي ڪنهن به وقت، راشٽرپتيءَ جي اَڳواٽ منظوريءَ سان، ڪنهن شخص کي، جيڪو سپريم ڪورٽ جي

نامي، ناه، اِنجام نامي، واعدي، سَنَدَ يا ٻئي اِنهيءَ قسم جي دستاويز مان اُٿي جو هن سنوڌان جي شروعات کان اڳ ڪيل يا ٿيل هجي ۽ اهڙيءَ شروعات کان پوءِ عمل ۾ هجي، يا جنهن ۾ اِهو پربند ٿيل هجي ته اُها حڪومت اهڙي تڪرار ۾ نه رهندي.

**١٣١. الف.** x x x x

## ١٣٢. سپريم ڪورٽ جي ڪن حالتن ۾ هاءِ ڪورٽن مان اپيل جي حڪومت

(١) پارٽ جي کيتر ۾ ڪنهن به هاءِ ڪورٽ جي ديواني، فوجداري چاهي ٻيءَ ڪنهن ڪارروائيءَ ۾ ڪنهن به نهراءَ، ڊڪريءَ يا آخرين حڪم تي سپريم ڪورٽ ۾ اپيل ٿي سگهندي، جيڪڏهن هاءِ ڪورٽ انوڇيد ١٣٤ الف هيٺ اهڙو سرٽيفڪيٽ ڏئي ته ڪيس ۾ هن سنوڌان جي ارٿ جي باري ۾ قاعدي جو حقيقي سوال اُٿي ٿو.

x x x x

(٣) جي اهڙو سرٽيفڪيٽ ڏنو وڃي ته ڪيس جي ڪا به ڌُر سپريم ڪورٽ کي اِن آڌار تي اپيل ڪري سگهندي ته اڳ ڇيل اهڙو ڪو سوال غلط فيصل ڪيو ويو آهي.

سمجهاڻي - هن انوڇيد جي پريوجن لاءِ، محاوري ’آخري حڪم‘ ۾ اهڙو حڪم اچي وڃي ٿو جنهن ۾ اهڙيءَ تڪراري ڳالهه جو فيصلو ٿيو هجي جيڪو جي اپيل ڪندڙ جي فائدي ۾ فيصل ٿئي ته ڪيس جي آخرين نيڪال لاءِ ڪافي هُجي.

## ١٣٣. ديواني وشين بنسبت هاءِ ڪورٽن مان اپيلن ۾ سپريم ڪورٽ جي اپيل جي حڪومت

(١) پارٽ جي کيتر ۾ هاءِ ڪورٽ جي ديواني ڪارروائيءَ ۾ ڪنهن به نهراءَ، ڊڪريءَ يا آخرين حڪم تي سپريم ڪورٽ ۾ اپيل ٿي سگهندي، جي هاءِ ڪورٽ انوڇيد ١٣٤ الف هيٺ سرٽفڪيٽ ڏئي ته-

(اَ) ڪيس ۾ عام اهميت جو قاعدي جو حقيقي سوال اُٿي ٿو، ۽

(ب) هاءِ ڪورٽ جي رايي ۾ اُهو سوال سپريم ڪورٽ دواران فيصل ٿيڻ ضروري آهي.

(٢) انوڇيد ١٣٢ ۾ ڪنهن به ڳالهه جي باوجود فقري (١) هيٺ اپيل ڪندڙ ڪا

۽ ٻُڌ اَپيل جي آڌارن ۾ هڪ اَهڙو آڌار وٺي سگهندي تہ هن سنوڌان جي ارٿ جي باري ۾ قاعدي جو حقيقي سوال غلط فيصل ڪيو ويو آهي.

(٣) هن اَنوڇيد ۾ ڪنهن بہ ڳالھ جي باوجود، سواءِ اِن جي تہ سنسد قاعدي دواران ٻئي نموني پربنڌ ڪري، هاءِ ڪورٽ جي هڪ جج جي نهراءَ، ڊڪريءَ يا آخري حڪم تي سپريم ڪورٽ ۾ اَپيل نہ ٿي سگهندي.

## ١٣٤. فوجداري وشين بنسبت سپريم ڪورٽ جي اپيل جي حڪومت

(١) ڀارت جي کيتر ۾ هاءِ ڪورٽ جي فوجداري ڪارروائيءَ ۾ ڪنهن بہ نهراءَ، آخري حڪم يا سزا تي سپريم ڪورٽ ۾ اَپيل ٿي سگهندي، جي هاءِ ڪورٽ -

(اَ) اَپيل ۾ ڪنهن جوابدار کي ڇڏي ڏيڻ جي حڪم کي رد ڪيو هجي ۽ کيس موت جي سزا ڏني هجي؛ يا

(ب) پنهنجي اختياريءَ جي اَڌين ڪنهن ڪورٽ مان ڪيس پاڻ هلائڻ لاءِ گُهرائي ورتو هجي ۽ اَهڙي مقدمي ۾ جوابدار کي ڏوهي نهرايو هجي ۽ موت جي سزا ڏني هجي؛ يا.

(پ) اَنوڇيد ١٣٤ اَلف هيٺ سرٽيفڪيٽ ڏئي تہ ڪيس سپريم ڪورٽ ۾ اَپيل ڪرڻ جي لائق آهي :

بشرطيڪ پيٽي فقري (پ) هيٺ اَپيل اَهڙن اَپبندن هيٺ جي اِن باري ۾ اَنوڇيد ١٤٥ جي فقري (١) هيٺ ڪيا وڃن ۽ اَهڙن شرطن جي اَڌين جي هاءِ ڪورٽ قائم ڪري يا گُهر ڪري، ٿيندي.

(٢) سنسد قاعدي دواران، اَهڙن شرطن ۽ محدودين جي اَڌين جي اُن قاعدي ۾ ڄاڻايل هجن، سپريم ڪورٽ کي ڀارت جي کيتر ۾ هاءِ ڪورٽ جي ڪنهن بہ فوجداري ڪارروائيءَ ۾ ڪنهن بہ نهراءَ، آخرين حڪم يا سزا تي اَپيل وٺڻ ۽ ٻڌڻ جا وڌيڪ اَختيار ڏيئي سگهندي.

## ١٣٤ اَلف. سپريم ڪورٽ ۾ اَپيل لاءِ سرٽيفڪيٽ

اَنوڇيد ١٣٢ جي فقري (١) ۾ يا اَنوڇيد ١٣٣ جي فقري (١) ۾ يا اَنوڇيد ١٣٤ جي فقري (١) ۾ نرديش ڪيل ڪو بہ نهراءُ، ڊڪري، آخري حڪم يا سزا پاس ڪندڙ يا ڏيندڙ هرڪا هاءِ ڪورٽ-

## ١٣٨. سپريم ڪورٽ جي حڪومت وڌائڻ

(١) سپريم ڪورٽ کي سنگهه سوچيءَ ۾ ڄاڻايل وشين مان ڪنهن به بنسبت سنسد قاعدي دوارا بخشي اهڙي وڌيڪ حڪومت ۽ اختيار رهندا.

(٢) جي سنسد قاعدي دوارا سپريم ڪورٽ دوارا اهڙي حڪومت ۽ اختيارين جو استعمال ڪرڻ جو اُپبند ڪري، ته سپريم ڪورٽ کي ڪنهن به وشيه بنسبت اهڙي وڌيڪ حڪومت ۽ اختيار رهندا جي پارٽ سرڪار ۽ ڪا راجيه سرڪار خاص ناهه دوارا بخشي.

## ١٣٩. سپريم ڪورٽ کي ڪي رِٽ جاري ڪرڻ جا اختيار بخشڻ

سنسد قاعدي دوارا سپريم ڪورٽ کي انوڇيد ٣٢ جي فقري (٢) ۾ ڄاڻايل آهن اُنهن ڪانسواءِ ڪنهن به پريوجن لاءِ هدايتون، حڪم يا رِٽ، جنهن ۾ 'هيبئس ڪارپس'، 'مئنڊمس'، 'منع نامو'، 'ڪووارنٽو' ۽ 'سُرشاري' اچي وڃن ٿا يا اُنهن مان ڪا به جاري ڪرڻ جو اختيار بخشي سگهندي.

## ١٣٩.الف. ڪي ڪيس بدلي ڪرڻ

(١) ساڳيا يا گهڻي ڀاڱي ساڳيا سوال اُٿاريندڙ ڪيس سپريم ڪورٽ ۽ هڪ يا وڌيڪ هاءِ ڪورٽن ۾ يا ٻن يا وڌيڪ هاءِ ڪورٽن ۾ پيل هجن ۽ سپريم ڪورٽ کي پنهنجي مرضيءَ سان يا ڀارت جي اٽارني جنرل يا اهڙي ڪيس جي ڌر جي عرضيءَ تي خاطري ٿئي ته اهي سوال عام اهميت جا حقيقي سوال آهن ته سپريم ڪورٽ اُهو ڪيس يا اُهي ڪيس هاءِ ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽن مان گهرائي وٺي سگهندي ۽ سڀ ڪيس پاڻ نيڪال ڪري سگهندي :

بشرطيڪ اُهي قاعدي جا سوال فيصل ڪرڻ کان پوءِ سپريم ڪورٽ ڪو به اهڙو گهرايل ڪيس اهڙن سوالن تي پنهنجي نهراءَ جي نقل سان، جنهن هاءِ ڪورٽ مان ڪيس گهرايو ويو هجي تنهن کي واپس موڪلي سگهندي، ۽ هاءِ ڪورٽ اُهي ملڻ تي اُن نهراءُ مطابق ڪيس نيڪال ڪرڻ جي ڪارروائي ڪندي.

(٢) جي ڪيس نياءَ جو اُديش پورو ڪرڻ لاءِ اِئين ڪرڻ صلاح ڀريو لڳي ته سپريم ڪورٽ ڪنهن به هاءِ ڪورٽ ۾ پيلُ ڪو به ڪيس، اپيل يا ٻي ڪارروائي ڪنهن به ٻيءَ هاءِ ڪورٽ کي بدلي ڪري سگهندي.

بشرطيڪ راشٽرپتي نيم دوران اهڙي ڳُهر ڪري سگهندو تہ اُن نيم ۾ ڄاڻايل حالتن ۾ ڪورٽ سان نسبت رکندڙ ڪنهن عهدي تي ڪورٽ سان اڳ ۾ ئي لاڳو نہ هجي اُهو شخص سنگهہ پبلڪ سروس ڪميشن سان صلاح ڪرڻ کان سواءِ مقرر نہ ڪيو وڃي.

(۲) سنسد دوران ڪيل ڪنهن قاعدي جي اُپبنڌن جي آڌين، سپريم ڪورٽ جي عملدارن ۽ مُلازمن جي نوڪريءَ جا شرط اُهي ٿيندا جي ڀارت جو مکيہ نيايہ مورتي يا ڀارت جي مُکيہ نيايہ مورتيءَ جي هن پريوجن لاءِ نيم ٺاهڻ لاءِ ڏنل اَختياريءَ وارو ٻيو جج يا عملدار نيمن دوران ٺهرائي :

بشرطيڪ هن فقري هيٺ ٺهيل نيمن لاءِ، جيتري قدر اُهي پگهار، ڀَتا موڪل يا پينشن سنبنڌي هجن، راشٽرپتيءَ جي بحالي ضروري ٿيندي.

(۳) سپريم ڪورٽ جو ڪاروباري خرچ، جنهن ۾ ڪورٽ جي عملدارن ۽ مُلازمن کي ڏيڻ جوڳا يا اُنهن بنسبت سڀ پگهار، ڀتا ۽ پينشن اَچي وڃن ٿا، ڀارت جي سَنچت نڌيءَ تي ذمي وڌل خرچ ٿيندو، ۽ ڪورٽ جون ورتل فيون ۽ ٻيا ناڻا اُن نڌيءَ جو ڀاڱ ٿيندا.

## ۱۴۷. اَرٿ

هن اَڌياءَ ۾ ۽ ڀاڱي ڇهين جي اَڌياءَ پنجين ۾ هن سنوڌان جي اَرٿ جي باري ۾ ڪنهن حقيقي قاعدي جي سوال جي نرديش جو اِهو مطلب ٿيندو تہ اُن ۾ گورنمينٽ آف - اِنڊيا اَئڪٽ، ۱۹۳۵ (اُن قاعدي کي سڌاريندڙ يا وڌائيندڙ ڪنهن قاعدي سميت) يا ڪنهن آرڊر اِن ڪائونسل يا اُن هيٺ ڪيل حڪم، يا اِنڊين اِنڊپينڊنس اَئڪٽ، ۱۹۴۷، يا اُن هيٺ ڪيل ڪنهن حڪم جي اَرٿ جي باري ۾ حقيقي قاعدي جو سوال بہ اَچي وڃي ٿو.

### اَڌياءُ پنجون

# ڀارت جو ڪامپٽرولر ۽ آڊيٽر جنرل

## ۱۴۸. ڀارت جو ڪامپٽرولر ۽ آڊيٽر جنرل

(۱) ڀارت جو هڪ ڪامپٽرولر ۽ آڊيٽر جنرل ٿيندو جنهن کي راشٽرپتي پنهنجي

### ١٥٠. سنگهہ جي ۽ راجين جي حسابن جو نمونو

سنگهہ جا ۽ راجين جا حساب راشٽرپتي ڪامپٽرولر ۽ آڊيٽر جنرل جي صلاح تي نهرائي اُن نموني رکيا ويندا.

### ١٥١. آڊٽ رپورٽ

(١) سنگهہ جي حسابن سنبنڌي ڪامپٽرولر ۽ آڊيٽر جنرل جون رپورٽون راشٽرپتيءَ کي پيش ڪيون وينديون، جيڪي هو سنسد جي هرهڪ سَدن اڳيان رکائيندو.

(٢) راجيہ جي حسابن سنبنڌي ڪامپٽرولر ۽ آڊيٽر جنرل جون رپورٽون راجيہ جي راجيپال کي پيش ڪيون وينديون، جيڪي هو راجيہ جي وڌان منڊل اَڳيان رکائيندو.

باڳ ڇهون

# راڄيه

اَڌياءُ پهريون

## عام

### ١٥٢. وياکيا

هن ڀاڱي ۾ مضمون ٻئي نموني تقاضا نه ڪري ته، محاوري 'راڄيه' ۾ ڄمون ۽ ڪشمير جو راڄيه نه اَچي وڃي.

اَڌياءُ ٻيون -ڪاروباري

## راڄيپال

### ١٥٣. راڄين جا راڄيپال

هرهڪ راڄيه لاءِ هڪ راڄيپال ٿيندو؛

بشرطيڪ هن آئوچيد ۾ ڪجهه به ساڳئي شخص جي ٻن يا وڌيڪ راڄين لاءِ راڄيپال طريقي مقرريءَ کي نه روڪيندو.

### ١٥٤. راڄيه جو ڪاروباري اَختيار

(١) راڄيه جو ڪاروباري اَختيار راڄيپال جي حوالي رهندو ۽ اُن جو اِستعمال هو سڌيءَ طرح يا پنهنجي زيردست عملدارن دوارا هن سنوڌان پٽاندڙ ڪندو.

(٢) هن آئوچيد ۾ ڪجهه به -

(اَ) ڪنهن موجوده قاعدي دوارا ڪنهن ٻيءَ اختياريءَ کي بخشيل ڪي به ڪرتب راڄيپال کي بدلي ڪري ڏنو اِئين سمجهيو نه ويندو؛ يا

(ب) سنسد يا راڄيه جي وڌان منڊل کي قاعدي دوارا، ڪرتب راڄيپال جي زيردست ڪنهن اَختياريءَ کي بخشڻ کان نه روڪيندو.

## ١٥٥. راجيپال جي مقرري

راجيہ جي راجيپال کي راشٽرپتي پنهنجي صحيءَ سيل سان وارنٽ دوران مقرر ڪندو.

## ١٥٦. راجيپال جي عهدي جو مُدو

(١) راجيپال پنهنجي عهدي تي راشٽرپتيءَ جي خوشيءَ تائين چالو رهندو.

(٢) راجيپال پنهنجي صحيءَ واريءَ لکيت دوران راشٽرپتيءَ کي مخاطب ٿي پنهنجي عهدي تان اِستعفا ڏيئي سگهندو.

(٣) هن اَنوڇيد جي اَڳ ڏنل اُپبندن جي اَڌين، راجيپال پنهنجي عهدي سنڀالڻ جي تاريخ کان پنجن سالن جي مُدي تائين عهدي تي رهندو :

بشرطيڪ راجيپال پنهنجو مُدو پورو ٿيڻ جي باوجود، سندس اُتراَڌڪاري پنهنجو عهدو سنڀالي، تيستائين عهدي تي چالو رهندو.

## ١٥٧. راجيپال طريقي مقرريءَ لاءِ لياقتون

ڪوبہ شخص راجيپال طريقي مقرريءَ لائق نہ ٿيندو سواءِ تہ هو ڀارت جو ناگرڪ هُجي ۽ پنجٽيهن سالن جي عمر پوري ڪئي هُجيس.

## ١٥٨. راجيپال جي عهدي جا شرط

(١) راجيپال سنسد جي ٻنهي مان ڪنهن سدن جو يا پهرين اَنوسوچيءَ ۾ ڄاڻايل ڪنهن راجيہ جي وڌان منڊل جي ڪنهن سدن جو ميمبر نہ ٿيندو، ۽ جي سنسد جي ڪنهن بہ سدن جو يا اَهڙي ڪنهن راجيہ جي وڌان منڊل جي ڪنهن سدن جو ميمبر راجيپال مقرر ٿئي تہ هو راجيپال جو عهدو سنڀالي اُن تاريخ تي اُن سدن ۾ هُن پنهنجي جاءِ خالي ڪئي اِئين ليکيو ويندو.

(٢) راجيپال ٻئي ڪنهن لاڀ واري عهدي تي نہ رهندو.

(٣) راجيپال کي مسواڙ ڏيڻ کانسواءِ پنهنجا سرڪاري نواس ڪم آڻڻ جو حق رهندو ۽ سنسد قاعدي دوران نهرائي اَهڙي اُجوري، ڀتن ۽ خاص اَڌڪارن، ۽ اِن نموني هن باري ۾ پربنڌ ٿئي تيستائين ٻين اَنوسوچيءَ ۾ ڄاڻايل اُجوري، ڀتن ۽ خاص اَڌڪارن جو حقدار ٿيندو.

بشرطيڪ ڪنهن به وشيه ۾، جنهن بنسبت راجيه جي وڌان منڊل ۾ سنسد کي قاعدو ٺاهڻ جو اختيار هجي، راجيه جو عملي اختيار، هن سنوڌان يا سنسد دواران ڪيل ڪنهن قاعدي هيٺ سنگهه يا اُنجي اختيارين کي صاف طرح عطا ڪيل عملي اختيار جي آڌين ۽ اُنجي محدود رهندو.

## منتري پريشد

### ١٦٣. راجيپال کي مدد ڪرڻ ۽ صلاح ڏيڻ لاءِ منتري پريشد

(١) هن سنوڌان دواران يا هيٺ ڪن ڪرتبن يا اُنهن مان ڪن جو ڪيس پنهنجي مرضيءَ موجب عمل ڪرڻ لازم هُجي اُنهيءَ ڪانسواءِ پنهنجي ڪرتبن جي عمل ۾ راجيپال کي مدد ڪرڻ ۽ صلاح ڏيڻ لاءِ، منتري پريشد ٿيندي جنهن جو وڏو مُکيه منتري هوندو.

(٢) جي ڪو سوال اُٿي ته ڪو وشيه اَهڙو آهي يا نه جنهن بنسبت راجيپال کي هن سنوڌان دواران يا هيٺ پنهنجي مرضيءَ موجب ڪم ڪرڻ لازمي آهي، ته راجيپال جو پنهنجي مرضيءَ موجب ڏنل فيصلو آخرين ٿيندو، ۽ راجيپال جي ڪيل ڪنهن به ڳالهه جي جائزگيءَ تي اِن آڌار تي اعتراض نه ورتو ويندو ته هن کي پنهنجي مرضيءَ موجب هلڻ کپندو هو يا نه هلڻ کپندو هو.

(٣) راجيپال کي منترين ڪا صلاح ڏني، يا ڪهڙي صلاح ڏني، اُن سوال جي جاچ ڪنهن به ڪورٽ ۾ نه ڪئي ويندي.

### ١٦٤. منترين جي باري ۾ ٻيا اُپٻنڌ

(١) مُکيه منتريءَ کي راجيپال مقرر ڪندو ۽ ٻيا منتري راجيپال مُکيه منتريءَ جي صلاح تي مقرر ڪندو، ۽ منتري پنهنجي عهدي تي راجيپال جي خوشيءَ تائين چالو رهندا :

بشرطيڪ بهار، مڌيه پرديش ۽ اوڙيسا راجين ۾ جَن جاتي ڪلياڻ جي حوالي ۾ هڪ منتري ٿيندو، جنهن وٽ اَنوسوچت جاتين ۽ پنتي پيل ورگن جو ڪلياڻ يا ٻئي ڪنهن ڪم جو حوالو به ٿي سگهي ٿو.

(٢) منتري پريشد گڏيل نموني راجيه جي وڌان سڀا ڏانهن جوابدار رهندي.

(٣) ڪو بہ منتري پنھنجو عھدو سنڀالي تنھن کان اڳ راجيپال ڪيس ٽين انوسوچيءَ ۾ ھن پريوجن لاءِ ڏنل نمونن موجب عھدي ۽ رازداريءَ جا قسم کڻائيندو.

(٤) ڪو بہ منتري جيڪو سلسليوار ڇھن مھنن جي ڪنھن مُدت لاءِ راجيہ جي وڌان منڊل جو ميمبر نہ آھي اُھو اُھا مُدت پوري ٿيڻ تي منتري نہ رھندو.

(٥) منترين جا پگھار ۽ ڀتا راجيہ جو وڌان منڊل وقت بوقت قاعدي دواران نھرائي اُھي ٿيندا، ۽ جيستائين راجيہ جو وڌان منڊل اِئين طيءِ نھرائي تيستائين ٻين انوسوچيءَ ۾ ڄاڻايل موجب ٿيندا.

# راجيہ جو اَئڊووڪيٽ جنرل

## ١٦٥. راجيہ جو اَئڊووڪيٽ جنرل

(١) ھرھڪ راجيہ جو راجيپال، ھاءِ ڪورٽ جو جج مقرر ٿيڻ جي لائق ھجي اھڙي شخص کي راجيہ جو اَئڊووڪيٽ جنرل مقرر ڪندو.

(٢) اَئڊووڪيٽ جنرل جو فرض ٿيندو تہ اُن راجيہ سرڪار کي اَھڙين قانوني بابتن ۾ صلاح ڏئي ۽ قانوني خاصيت جا ٻيا اَھڙا فرض اَدا ڪري جي راجيپال وقت بوقت سندس حوالي ڪري يا ڪيس سؤنپي ۽ ھن سنوڌان يا اُن وقت عمل ۾ ٻئي ڪنھن قاعدي دواران يا ھيٺ ڪيس عطا ڪيل ڪرتب اَدا ڪري.

(٣) اَئڊووڪيٽ جنرل پنھنجي عھدي تي راجيپال جي خوشيءَ تائين چالو رھندو ۽ راجيپال نھرائي اُھو محنتاڻو ڪيس ملندو.

# سرڪاري ڪم جو سنچالن

## ١٦٦. راجيہ سرڪار جي ڪم جو سنچالن

(١) راجيہ سرڪار جي سڀ ڪاروباري ڪارروائي راجيپال جي نالي ۾ ڪيل ظاھر ڪئي ويندي.

(٢) راجيپال جي نالي ۾ ڪيل ۽ لکيل حڪم ۽ ٻيا دستاويز راجيپال جي ٺاھيل نيمن ۾ ڄاڻايل نموني تصديق ڪيا ويندا، ۽ اھڙي نموني تصديق ٿيل ڪنھن حڪم يا دستاويز

جي جائزگيءَ تي اِن آڌار تي اعتراض نہ ورتو ويندو تہ اُهو راجيپال جو ڪيل يا لکيل حڪم يا دستاويز نہ آهي.

(٣) راجيہ سرڪار جو ڪم وڌيڪ سهوليت سان ڏئي انهيءَ لاءِ ۽، جيترو قدر اُهو ڪم اَهڙو نہ آهي جنهن بنسبت راجيپال کي هن سنوڌان موجب يا هيٺ پنهنجي مرضيءَ موجب ڪم ڪرڻ لازمي هُجي اُهو ڪم منترين کي ورهائڻ لاءِ راجيپال نيم ٺاهيندو.

x x x x x

## ١٦٧. راجيپال کي خبر پهچائڻ وغيره بنسبت مکيہ منتريءَ جا فرض

هرهڪ راجيہ جي مکيہ منتريءَ جو فرض ٿيندو تہ-

(اَ) راجيہ جي معاملن جي ڪاروباري ۽ قانون سازيءَ جي رِٿُنِ سنبنڌي منتري پريشد جي سڀني فيصلن جي راجيہ جي راجيپال کي ڄاڻ ڪري؛

(ب) راجيہ جي معاملن جي ڪاروبار ۽ قانون سازيءَ جي رِٿُنِ سنبنڌي راجيپال گهرائي اَهڙي خبر رسائي؛ ۽

(ٻ) جي راجيپال گهر ڪري تہ، ڪا بہ اَهڙي بابت منتري پريشد جي ويچارڻ لاءِ پيش ڪري جنهن تي ڪنهن منتريءَ فيصلو ورتو هُجي پر جيڪا منتري پريشد جي زير ويچار نہ ٿي هُجي.

### اَڌياءُ ٽيون

# راجيہ جو وڌان منڊل

### عام

## ١٦٨. راجين ۾ وڌان منڊلن جي رچنا

(١) هرهڪ راجيہ لاءِ هڪ وڌان منڊل ٿيندو جنهن ۾ هوندا راجيپال، ۽

(اَ) بِهار، مهاراشٽرا، ڪرناٽڪ ۽ اُترپرديش راجين ۾ بہ سدن؛

(آنڌرپرديش وڌان پريشد (منسوخي) اَئڪٽ، ١٩٨٥ (١٩٨٥ جو ٣٤) (١ جون ١٩٨٨٥ کان) آنڌرپرديش لفظ ڪڍيا ويا.) (تامل ناڊو وڌان پريشد (منسوخي) اَئڪٽ، ١٩٨٦ (١٩٨٦ جو ٤٠) (١ نومبر ١٩٨٦ کان) 'تامل ناڊو' لفظ ڪڍيا ويا)

(ب) ٻين راڄين ۾، هڪ سدن.

(٢) جتي راڄيہ جي وڌان منڊل جا ٻہ سَدن هجن اُتي هڪ وڌان پريشد ۽ ٻيو وڌان سڀا نالي ٿيندو، ۽ جتي فقط هڪ سدن هجي اُتي اُهو وڌان سڀا نالي ٿيندو.

## ١٦٩. راڄين ۾ وڌان پريشد ختم ڪرڻ يا رچڻ

(١) آنوڇيد ١٦٨ ۾ چيل ڪنهن بہ ڳالھ جي باوجود، سنسد ڪنهن وڌان پريشد واري راڄيہ ۾ اُها پريشد ختم ڪرڻ لاءِ يا جنهن راڄيہ ۾ اهڙي پريشد نہ آهي اُن ۾ اهڙي پريشد رچڻ لاءِ قاعدي دوارا پربنڌ ڪري سگهندي، جي راڄيہ جي وڌان سڀا اُن مطلب جو ٺهراءُ سڀا جي ڪل ميمبرن جي گهٽائيءَ سان ۽ سڀا جي حاضر ۽ ووٽ ڪندڙ ميمبرن جي ٻہ ڀاڱي ٽي کان گهٽ نہ اهڙي گهٽائيءَ سان پاس ڪري.

(٢) فقري (١) ۾ نرديش ڪيل ڪنهن قاعدي ۾ هن سنوڌان جي سُڌاري لاءِ اهڙا اُپبند هئڻ گهرجن جيڪي اُن قاعدي جي اُپبندن کي عملي بنائڻ لاءِ ضروري هجن ۽ اُن ۾ سنسد ضروري سمجهي اهڙا پورڪ، پرسنگڪ ۽ پرڻامڪ اُپبند پڻ ٿي سگهن ٿا.

(٣) اَڳ چيل ڪو قاعدو آنوڇيد ٣٦٨ جي پريوجن لاءِ هن سنوڌان جو سڌارو ليکيو نہ ويندو.

## ١٧٠. وڌان سڀائن جي رچنا

(١) آنوڇيد ٣٣٣ جي اُپبندن جي آڌين، هرهڪ راڄيہ جي وڌان سڀا ۾ پنج سؤ کان مٿي نہ ۽ سٺ کان گهٽ نہ ايترا ميمبر ٿيندا جي راڄيہ ۾ مُلڪي تڪن مان سڌيءَ چونڊ دوارا چونڊيا ويندا.

(٢) فقري (١) جي پريوجن لاءِ، هرهڪ راڄيہ کي مُلڪي تڪن ۾ اهڙي نموني وراهيو ويندو جو هرهڪ تڪ جي آدمشماري ۽ اُن کي ورڇيل جاين جي سنکيا جي وچ ۾ پرماڻ، جيترو ٿي سگهي اوترو، سڄي راڄيہ ۾ ساڳيو هجي.

سمجهاڻي - هن فقري ۾ محاوري 'آدمشماري' جي معنيٰ آهي تہ اڳين آخرين جن ڳڻنا وقت تحقيقات ٿيل آدمشماري جنهن جا متعلق انگ شايع ڪيا ويا هجن:

بشرطيڪ هن سمجهاڻيءَ ۾ اڳين آخرين جن ڳڻنا جنهن جا متعلق انگ شايع ڪيا ويا هجن اُن جو نرديش، جيستائين سال ٢٠٠٠ کان پوءِ پهرين جن ڳڻنا جا متعلق انگ شايع ٿين تيستائين، ١٩٧١ جي جن ڳڻنا ڏانهن سمجهيو ويندو.

(٣) هرهڪ جن ڳڻنا پوري ٿيڻ تي هرهڪ راڄيہ جي وڌان سڀا ۾ ڪل جاين جي سنکيا ۽ هر راڄيہ جي ملڪي تڪن ۾ ورهاڱي کي اَهڙي اَختياريءَ دواران ۽ اَهڙي نموني وري ٺاهي بهاريو ويندو جيئن سنسد قاعدي دواران نهرائي :

بشرطيڪ اَهڙي وري ٺاهي بهارڻ جو اَثر وڌان سڀا ۾ عيوضيپڻي تي اُن وقت موجود وڌان سڀا جي برخاستگيءَ تائين نہ ٿيندو :

وڌيڪ بشرطيڪ اَهڙي وري ٺاهي بهارڻ جو اَثر راشٽرپتي حڪم دواران نهرائي اُن تاريخ کان ٿيندو ۽ جيستائين اَهڙي وري ٺاهي بهارڻ جو اَثر ٿئي تيستائين، وڌان سڀا لاءِ ڪابہ چونڊ اَهڙي وري ٺاهي بهارڻ کان اڳہ هوندڙ مُلڪي تڪن جي آڌار تي ٿي سگهندي :

۽ بشرطيڪ جيستائين سال ٢٠٠٠ کان پوءِ ڪيل پهرين جن ڳڻنا جا متعلق انگ شايع ٿين تيستائين هن فقري هيٺ هرهڪ راڄيہ جي وڌان سڀا ۾ جاين جي ڪل سنکيا ۽ اُن راڄيہ جي مُلڪي تڪن ۾ ورهاڱي کي وري ٺاهي بهارڻ ضروري نہ ٿيندو.

## ١٧١. وڌان پريشدن جي رچنا

(١) وڌان پريشد واري ڪنهن بہ راڄيہ جي وڌان پريشد جي ميمبرن جي ڪل سنکيا اُن راڄيہ جي وڌان سڀا جي ميمبرن جي ڪل سنکيا جي هڪ ڀاڱي ٽي کان وڌيڪ نہ ٿيندي :

بشرطيڪ ڪنهن بہ راڄيہ جي وڌان پريشد ۾ ميمبرن جي ڪل سنکيا چاليهن کان گهٽ ڪنهن بہ حالت ۾ نہ ٿيندي.

(٢) جيسين سنسد قاعدي دواران ٻيو ڪو اُپبند ڪري تيسين ڪنهن بہ راڄيہ جي وڌان پريشد جي رچنا فقري (٣) جي اُپبندن موجب ٿيندي.

(٣) راڄيہ جي وڌان پريشد جي ڪل ميمبرن مان -

(اَ) جيترو ٿي سگهي اوترو، هڪ ڀاڱي ٽيون حصو اُهي چونڊڪ چونڊيندا جن ۾ راڄيہ جي ميونسپالٽيون، ضلع بورڊن ۽ ٻين اَهڙين مڪاني اَختيارين جا ميمبر هوندا جي سنسد قاعدي دواران ڄاڻائي؛

(ب) جيترو ٿي سگهي اوترو، هڪ ڀاڱي ٻارهون حصو اُهي چونڊڪ چونڊيندا جن ۾ راڄيہ ۾ رهندڙ اَهڙا شخص هوندا جي ڀارت جي ڪيتر ۾ ڪنهن يونيورسٽيءَ جا گهٽ ۾ گهٽ ٽن سالن لاءِ گرئجوئيٽ رهيا هجن يا گهٽ ۾ گهٽ ٽن سالن لاءِ اَهڙين لياقتن وارا رهيا هجن جي سنسد قاعدي دواران يا هيٺ اَهڙيءَ ڪنهن

يونيورسٽيءَ جي گريجوئيٽ جي برابر نهرايون هجن؛

(ب) جيترو ٿي سگهي اوترو هڪ ٻاڳي ٻارهون حصو اُهي چونڊڪ چونڊيندا جن ۾ اَهڙا شخص هوندا جي گهٽ ۾ گهٽ ٽن سالن لاءِ راڄيھ اندر ماڌيمڪ اسڪول کان گهٽ درجي جون نہ اَهڙيون تعليمي سنسٿائون، جي سنسد قاعدي دواران يا هيٺ نهرائي، تن ۾ پاڙهڻ جي ڪم ۾ لڳا رهيا هجن؛

(پ) جيترو ٿي سگهي اوترو هڪ ٻاڳي ٽيون حصو راڄيھ جي وڌان سڀا جا ميمبر اَهڙن شخصن مان چونڊيندا جي وڌان سڀا جا ميمبر نہ هجن؛

(ڀ) باقيءَ کي راڄيپال فقري (۵) جي اُپبنڌن پٽاندڙ ٿاقيندو.

(۴) فقري (۳) جي پيٽي فقري (اَ)، (ب) ۽ (ٻ) هيٺ چونڊجڻ وارا ميمبر سنسد جي ٺاهيل ڪنهن قاعدي دواران يا اُن هيٺ نهرايو وڃي اَهڙن ملڪي ٽڪن مان چونڊيا ويندا، ۽ اُن فقري جي اُنهن پيٽي فقرن ۽ پيٽي فقري (پ) هيٺ چونڊون يا انداز عيوضيپٽي جي سرشتي موجب هڪ منتقل ووٽ ذريعي ڪيون وينديون.

(۵) فقري (۳) جي پيٽي فقري (ڀ) هيٺ جيڪي ميمبر راڄيپال ٿاقيندو اُهي هيٺ ڏنل وشين بنسبت خاص علم يا عملي آزمودي وارا شخص هوندا، يعني تہ:-

ساهيتہ، وگيان، هُنر، سهڪاري هلچل ۽ سماج شيوا.

## ۱۷۲. راڄيھ وڌان منڊلن جي مُدت

(۱) هرڪنهن راڄيھ جي هرڪا وڌان سڀا، جي اُن کان اَڳہ برخاست نہ ٿي هجي تہ، اُن جي پهرينءَ بئٺڪ جي مقرر ڪيل تاريخ کان پنڄن سالن لاءِ چالو رهندي ۽ نہ وڌيڪ، ۽ اُها پنڄن سالن جي مدت پوري ٿيڻ جو اَثر وڌان سڀا جي برخاستگي ٿيندو؛

بشرطيڪ جيستائين مشڪل حالت جو اَعلان عمل ۾ هجي تيستائين سنسد قاعدي دواران اُها مدت ايتريءَ مدت تائين وڌائي سگهندي جا هڪ ئي وقت هڪ سال کان وڌيڪ نہ هجي ۽ ڪنهن بہ حالت ۾ اعلان جو عمل بند ٿيڻ کان پوءِ ڇهن مهنن کان وڌيڪ نہ هجي.

(۲) راڄيھ جي وڌان پريشد برخاست ڪانہ ٿيندي، پر اُنجا ٿي سگهي اوتري قدر ٽيون حصو ميمبر، سنسد قاعدي دواران هن بابت ۾ اُپبنڌ ڪري اُن موجب، هر ٻيون سال پورو ٿيڻ تي، جيترو ٿي سگهي اوترو جلد، رٽائر ڪندا.

## ١٧٣. راڄيہ وڌان منڊل جي ميمبريءَ لاءِ لياقت

ڪنهن راڄيہ جي وڌان منڊل ۾ جاءِ ڀرڻ لاءِ چونڊجڻ لاءِ ڪوبہ شخص لائق نہ ٿيندو سواءِ تہ هو -

(اَ) ڀارت جو ناگرڪ هجي ۽ چونڊ ڪميشن طرفان هن خيال کان اَختياري ڏنل شخص روبرو ٿين اَنوسوچيءَ ۾ هن پريوجن لاءِ ڏنل نموني موجب قسم کڻي يا ساک ڀري ۽ صحي ڪري؛

(ب) وڌان سڀا ۾ جاءِ جي حالت ۾ پنجويهن سالن کان گهٽ عمر جو نہ هجي ۽ وڌان پريشد ۾ جاءِ جي حالت ۾ ٽيهن سالن کان گهٽ عمر جو نہ هجي؛ ۽

(پ) سنسد دواران ٺاهيل قاعدي يا اُن هيٺ اُن باري ۾ ٺهرايل ٻيون لياقتون منجهس هجن.

## ١٧٤. راڄيہ وڌان منڊل جو اجلاس، اُن کي بند رکڻ ۽ برخاستگي

(١) راڄيپال وقت بوقت راڄيہ جي سدن کي يا هرهڪ سدن کي، ڪيس ٺيڪ لڳي اُن وقت ۽ جاءِ تي ڪٺي ٿيڻ لاءِ سڏائيندو، پر اُن جي هڪ اَجلاس جي پڇاڙيءَ جي بيٺڪ ۽ ايندڙ اِجلاس جي پهرئينءَ بيٺڪ لاءِ مقرراٿيل تاريخ جي وچ ۾ ڇهہ مهنا نہ پوندا.

(٢) راڄيپال وقت بوقت -

(اَ) سدن يا ٻنهي مان ڪوبہ سدن بند رکي سگهندو؛

(ب) وڌان سڀا برخاست ڪري سگهندو.

## ١٧٥. راڄيپال جو سدن يا سدنن کي مخاطب ٿيڻ ۽ سنديشا موڪلڻ جو حق

(١) راڄيپال وڌان سڀا کي، يا وڌان پريشد واري راڄيہ جي حالت ۾، راڄيہ جي وڌان منڊل جي ٻنهي مان ڪنهن هڪڙي سدن کي يا ٻنهي سدنن کي گڏ مخاطب ٿي سگهندو ۽ اُن پريوجن لاءِ ميمبرن جي حاضريءَ جو حڪم ڪري سگهندو.

(٢) راڄيپال، راڄيہ جي وڌان منڊل جي سدن يا سدنن کي وڌان منڊل اڳيان ويچار هيٺ ڪنهن بل بنسبت يا ٻيءَ ڪنهن حالت ۾، سنديشا موڪلي سگهندو ۽ جنهن سدن کي اَهڙو سنديشو موڪليو وڃي اُهو سهوليت موجب جلد از جلد سنديشي ۾ ويچار

ڪرڻ لاءِ چاڻايل بابت تي ويچار ڪندو.

## ١٧٦. راجيپال جو خاص وياکيان

(١) راجيپال وڌان سڀا جي هرهڪ عام چونڊ کان پوءِ پهرئين اِجلاس جي شروعات ۾ ۽ هرهڪ سال جي پهرئين اجلاس جي شروعات ۾ وڌان سڀا کي يا وڌانِ پريشد واري راجيہ جي حالت ۾ ٻنهي سدنن جي گڏيل سڀا کي مخاطب ٿيندو ۽ وڌان منڊل کي ڪيس سڏائڻ جي سببن جي ڄاڻ ڪندو.

(٢) سدن يا هرهڪ سدن جي ڪارروائيءَ کي نيمت ڪرڻ وارن نيمن ۾ اَهڙي وياکيان ۾ ڄاڻايل بابتن تي بحث ڪرڻ لاءِ وقت ڦاڪڻ جو پربنڌ ڪيو ويندو.

## ١٧٧. سدنن بنسبت منترين ۽ اَڊووڪيٽ جنرل جا حق

هرڪنهن منتريءَ ۽ راجيہ جي اڊووڪيٽ جنرل کي راجيہ جي وڌان سڀا ۾ يا وڌان پريشد واري راجيہ جي حالت ۾ ٻنهي سدنن ۾ ڳالهائڻ جو ۽ ٻيءَ طرح ڪارروائيءَ ۾ ڀاڱ وٺڻ جو ۽ ڪنهن بہ ڪاميٽي جنهن جو هو ميمبر نامزد ڪيو وڃي اُن ۾ ڳالهائڻ جو ۽ ٻيءَ طرح ڪارروائيءَ ۾ ڀاڱ وٺڻ جو حق رهندو پر هن اَنوڇيد جي آڌار تي هو ووٽ ڏيڻ جو حقدار نہ ٿيندو.

# راجيہ وڌان منڊل جا عهديدار

## ١٧٨. وڌان سڀا جا اسپيڪر ۽ ڊپٽي اِسپيڪر

راجيہ جي هرڪا وڌان سڀا جيترو ٿي سگهي اوترو جلد وڌان سڀا جي ٻن ميمبرن کي جدا جدا پنهنجي اِسپيڪر ۽ ڊپٽي اِسپيڪر طريقي چونڊيندي، ۽ جڏهن بہ اِسپيڪر يا ڊپٽي اِسپيڪر جو عهدو خالي ٿئي تڏهن وڌان سڀا ٻئي ميمبر کي حالت اَنوسار، اِسپيڪر يا ڊپٽي اِسپيڪر طريقي، چونڊيندي.

## ١٧٩. اِسپيڪر ۽ ڊپٽي اِسپيڪر جي عهدي جو خالي ٿيڻ ۽ عهدي تان استعفا ڏيڻ ۽ هٽائڻ

وڌان سڀا جي اِسپيڪر يا ڊپٽي اِسپيڪر جو عهدو سنڀاليندڙ ميمبر -

(اَ) جي وڌان سڀا جو ميمبر هئڻ بند ٿئي ته پنهنجو عهدو خالي ڪندو؛

(ب) ڪنهن به وقت پنهنجي صحيءَ واريءَ لکيت دواران، جي اُهو ميمبر اِسپيڪر آهي ته ڊپٽي اِسپيڪر کي مخاطب ٿي، ۽ جي اُهو ميمبر ڊپٽي اِسپيڪر آهي ته اِسپيڪر کي مخاطب ٿي، پنهنجي عهدي تان اِستعفا ڏيئي سگهندو؛ ۽

(پ) وڌان سڀا جي اُن وقت سڀني ميمبرن جي گهڻائيءَ جي پاس ڪيل ٺهراءُ سان کيس عهدي تان هٽائي سگهبو:

بشرطيڪ فقري (پ) جي پريوجن لاءِ ڪو ٺهراءُ تيستائين پيش نه ڪيو ويندو جيستائين ٺهراءُ پيش ڪرڻ جي اِرادي جو گهٽ ۾ گهٽ چوڏهن ڏينهن جو نوٽيس نه ڏنو ويو هجي:

وڌيڪ بشرطيڪ جڏهن به وڌان سڀا برخاست ٿئي ته اِسپيڪر پنهنجو عهدو برخاستگيءَ بعد وڌان سڀا جي پهرينءَ بيٺڪ کان يڪدم اَڳ تائين خالي نه ڪندو.

## ۱۸۰. ڊپٽي اِسپيڪر يا ٻئي شخص جو اِسپيڪر جي عهدي جا فرض اَدا ڪرڻ يا اِسپيڪر طريقي ڪم ڪرڻ جو اختيار

(۱) اِسپيڪر جو عهدو خالي هجي تڏهن عهدي جا فرض ڊپٽي اِسپيڪر يا جي ڊپٽي اِسپيڪر جو عهدو به خالي هجي ته وڌان سڀا جو ميمبر جنهن کي هن پريوجن لاءِ راجيپال مقرر ڪري، اُهو اَدا ڪندو.

(۲) وڌان سڀا جي ڪنهن به بيٺڪ مان اِسپيڪر جي غير حاضريءَ ۾ ڊپٽي اِسپيڪر يا، جي اُهو به غير حاضر هجي ته، اُهو شخص جيڪو وڌان سڀا جي ڪارروائيءَ جي نيمن دواران ٺهرايو وڃي، يا جي اُهو شخص حاضر نه آهي ته، ٻيو شخص جيڪو وڌان سڀا ٺهرائي، اُهو اِسپيڪر طريقي ڪم ڪندو.

## ۱۸۱. اِسپيڪر يا ڊپٽي اِسپيڪر کي جڏهن عهدي تان هٽائڻ لاءِ ٺهراءُ ويچار هيٺ هجي تڏهن صدارت نه ڪندو

(۱) وڌان سڀا جي ڪنهن بيٺڪ ۾ جيستائين اِسپيڪر کي سندس عهدي تان هٽائڻ لاءِ ڪو ٺهراءُ ويچار هيٺ هجي تيستائين اِسپيڪر يا جيستائين ڊپٽي اِسپيڪر کي عهدي تان هٽائڻ لاءِ ڪو ٺهراءُ ويچار هيٺ هجي تيستائين ڊپٽي اِسپيڪر، حاضر هوندو ته به، صدارت نه ڪندو، ۽ هر ڪنهن اَهڙيءَ بيٺڪ سنبنڌي اَنوڇيد ۱۸۰ جي فقري (۲) جا اُپبنڌ ائين لاڳو پوندا جيئن اُهي اَهڙيءَ بيٺڪ سنبنڌي لاڳو پون جنهن

۾ اِسپيڪر يا، حالت اَنوسار ڊپٽي اِسپيڪر، غيرحاضر هُجي.

(۲) اِسپيڪر کي، وڌان سڀا ۾ ڪيس عهدي تان هٽائڻ جو ٺهراءُ ويچار هيٺ هجي تڏهن، وڌان سڀا ۾ ڳالهائڻ جو ۽ اُن جي ڪارروائيءَ ۾ ٻيءَ طرح ڀاڱ وٺڻ جو حق رهندو ۽ اَنوڇيد ۱۸۹ ۾ چيل ڪنهن بہ ڳالهہ جي باوجود، اَهڙي ٺهراءَ تي يا اُن ڪارروائيءَ درميان ٻيءَ ڪنهن بابت تي ووٽ ڏيڻ جو حق فقط پهريون دفعو رهندو پر نہ ووٽن جي برابريءَ جي حالت ۾.

## ۱۸۲. وڌان پريشد جا چيئرمن ۽ ڊپٽي چيئرمن

وڌان پريشد واري هرڪنهن راجيہ جي پريشد جيترو تي سگهي اوترو جلد پريشد جي ٻن ميمبرن کي جدا جدا پنهنجي چيئرمن ۽ ڊپٽي چيئرمن طريقي چونڊيندي، ۽ جڏهن بہ چيئرمن يا ڊپٽي چيئرمن جو عهدو خالي ٿئي تڏهن پريشد ٻئي ميمبر کي حالت اَنوسار چيئرمن يا ڊپٽي چيئرمن طريقي چونڊيندي.

## ۱۸۳. چيئرمن ۽ ڊپٽي چيئرمن جي عهدي جو خالي ٿيڻ ۽ عهدي تان اِستعفا ڏيڻ ۽ هٽائڻ

وڌان پريشد جو چيئرمن يا ڊپٽي چيئرمن جو عهدو سنڀاليندڙ ميمبر -

(اَ) جي پريشد جو ميمبر هئڻ بند ٿئي تہ پنهنجو عهدو خالي ڪندو؛

(ب) ڪنهن بہ وقت پنهنجي صحيءَ واري لکيت دوارا، جي اُهو ميمبر چيئرمن آهي تہ ڊپٽي چيئرمن کي مخاطب ٿي، ۽ جي اُهو ميمبر ڊپٽي چيئرمن آهي تہ چيئرمن کي مخاطب ٿي، پنهنجي عهدي تان اِستعفا ڏيئي سگهندو؛ ۽

(پ) وڌان پريشد جي اُن وقت جي سڀني ميمبرن جي گهڻائي جي پاس ڪيل ٺهراءَ سان ڪيس عهدي تان هٽائي سگهبو:

بشرطيڪ فقري (پ) جي پريوجن لاءِ ڪو بہ ٺهراءُ تيستائين پيش نہ ڪيو ويندو جيستائين ٺهراءُ پيش ڪرڻ جي اِرادي جو گهٽ ۾ گهٽ چوڏهن ڏينهن جو نوٽيس نہ ڏنو ويو هجي.

## ۱۸۴. ڊپٽي چيئرمن يا ٻئي شخص جو چيئرمن جي عهدي جا فرض اَدا ڪرڻ يا چيئرمن طريقي ڪم ڪرڻ جو اَختيار

(۱) چيئرمن جو عهدو خالي هجي تڏهن عهدي جا فرض ڊپٽي چيئرمن يا جي

ڊپٽي چيئرمن جو عهدو بہ خالي هجي تہ وڏان پريشد جو ميمبر جنهن کي هن پريوجن لاءِ راجيپال مقرر ڪري، اُهو اَدا ڪندو.

(٢) پريشد جي ڪنهن بہ بئٺڪ مان چيئرمن جي غيرحاضريءَ ۾ ڊپٽي چيئرمن، يا جي اُهو بہ غيرحاضر هجي تہ، اُهو شخص جيڪو پريشد جي ڪارروائيءَ جي نيمن دواران نهرايو وڃي، يا جي اَهڙو ڪو شخص حاضر نہ هجي تہ، بيو شخص جيڪو بہ پريشد نهرائي، اُهو چيئرمن طريقي ڪم ڪندو.

## ١٨٥. چيئرمن يا ڊپٽي چيئرمن کي جڏهن عهدي تان هٽائڻ جو نهراءُ ويچار هيٺ هجي تڏهن صدارت نہ ڪندو

(١) وڏان پريشد جي ڪنهن بئٺڪ ۾ جيستائين چيئرمن کي سندس عهدي تان هٽائڻ جو ڪو نهراءُ ويچار هيٺ هجي تيستائين چيئرمن يا جيستائين ڊپٽي چيئرمن کي سندس عهدي تان هٽائڻ جو ڪو نهراءُ ويچار هيٺ هجي تيستائين ڊپٽي چيئرمن حاضر هجي تہ بہ، صدارت نہ ڪندو، ۽ هرڪنهن اَهڙيءَ بئٺڪ سنبنڌي اَنوڇيد ١٨۴ جي فقري (٢) جا اُپبنڌ اِئين لاڳو پوندا جيئن اُهي اَهڙيءَ بئٺڪ سنبنڌي لاڳو پون جنهن ۾ چيئرمن يا، حالت اَنوسار، ڊپٽي چيئرمن، غيرحاضر هجي.

(٢) چيئرمن کي، وڏان پريشد ۾ کيس عهدي تان هٽائڻ جو ڪو نهراءُ ويچار هيٺ هجي تڏهين، پريشد ۾ ڳالهائڻ جو ۽ اُن جي ڪارروائيءَ ۾ بيءَ طرح ڀاڱ وٺڻ جو حق رهندو ۽ اَنوڇيد ١٨٩ ۾ چيل ڪنهن بہ ڳالهہ جي باوجود، اَهڙي نهراءَ تي يا اُن ڪارروائيءَ درميان بيءَ ڪنهن بابت تي ووٽ ڏيڻ جو حق فقط پهريون دفعو رهندو پر نہ ووٽن جي برابريءَ جي حالت ۾.

## ١٨٦. چيئرمن ۽ ڊپٽي چيئرمن ۽ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اِسپيڪر جا پگهار ۽ ڀتا

وڏان سڀا جي اِسپيڪر ۽ ڊپٽي اِسپيڪر ۽ وڏان پريشد جي چيئرمن ۽ ڊپٽي چيئرمن کي راجيہ جو وڏان منڊل قاعدي دواران مقرر ڪري اَهڙا پگهار ۽ ڀتا، ۽ جيستائين هن بابت اَهڙو پربنڌ ٿئي تيستائين، ٻين اَنوسوچيءَ ۾ ڄاڻايل آهن اُهي پگهار ۽ ڀتا ڏنا ويندا.

### ١٨٧. راجيہ وڌان منڊل جو سَچيواليہ

(١) راجيہ جي وڌان منڊل جي سَدن کي يا هرهڪ سدن کي اَلڳہ دفتري عملو هوندو؛

بشرطيڪ هن فقري ۾ ڇيل ڪنهن بہ وڌان پريشد واري راجيہ جي وڌان منڊل جي حالت ۾ اَهڙي وڌان منڊل جي ٻنهي سدنن لاءِ گڏيل عهدا رچڻ کان روڪي ٿو اَهڙو مطلب نہ ڪڍيو ويندو.

(٢) راجيہ جي وڌان منڊل جي سدن يا سدنن جي دفتري عملي جي ڀرتيءَ ۽ مقرر ٿيل شخصن جي نوڪريءَ جي شرطن کي راجيہ جو وڌان منڊل قاعدي دوارا نيمت ڪري سگهندو.

(٣) جيستائين راجيہ جو وڌان منڊل فقري (٢) هيٺ پرٻند ڪري تيستائين وڌان سڀا يا وڌان پريشد جي دفتري عملي جي ڀرتيءَ ۽ مقرر ٿيل شخصن جي نوڪريءَ جي شرطن کي نيمت ڪرڻ لاءِ راجيپال، وڌان سڀا جي اِسپيڪر يا وڌان پريشد جي چيئرمن سان، حالت اَنوسار، صلاح ڪرڻ کان پوءِ نيم ٺاهي سگهندو، ۽ اَهڙا ٺاهيل نيم اُن فقري هيٺ ٺهيل ڪنهن قاعدي جي اُپٻنڌن جي اَڌين اَثر ڪارڪ ٿيندا.

## ڪم جو سنچالن

### ١٨٨. ميمبرن دوارا قسم يا ساکہ

راجيہ جي وڌان سڀا يا وڌان پريشد جو هرڪو ميمبر، پنهنجي جاءِ وٺڻ کان اَڳہ، راجيپال يا سندس هن خيال کان مقرر ڪيل ڪنهن شخص روبرو ٽين نوسوچيءَ ۾ هن پريوجن لاءِ ڏنل نموني موجب قسم کڻندو يا ساکہ تي چوندو ۽ اُن تي صحي ڪندو.

### ١٨٩. سدنن ۾ ووٽ ڏيڻ، خالي جاين جي باوجود ڪم ڪرڻ جو سدنن جو اختيار ۽ ڪورم

(١) هن سنوڌان ۾ ٻئي نموني ٿيل اُپٻنڌ سواءِ، راجيہ جي وڌان منڊل جي سدن جي ڪنهن بہ ٻئنڪ ۾ سڀئي سوال اِسپيڪر يا چيئرمن، يا اَهڙي نموني ڪم ڪندڙ شخص کانسواءِ، حاضر ۽ ووٽ ڪندڙ ميمبرن جي گهڻائيءَ سان فيصل ڪيا ويندا.

اِسپيڪر يا چيئرمن يا اَهڙي نموني ڪم ڪندڙ شخص، پهرين ووٽ ڪونہ ڪندو پر ووٽن جي برابريءَ جي حالت ۾ قطعي ووٽ ڪيس رهندو ۽ اُنجو هو استعمال ڪندو.

(٢) راڄيہ جي وڌان منڊل جي سدن کي پنهنجي ميمبرن ۾ ڪنهن خالي جاءِ جي باوجود ڪم ڪرڻ جو اختيار رهندو، ۽ راڄيہ جي وڌان منڊل ۾ ڪا بہ ڪارروائي جائز ٿيندي باوجود اِنجي تہ پوءِ معلوم ٿئي تہ ڪو شخص جنهن کي اهڙو حق نہ هو اُهو ويٺو يا ووٽ ڏنائين يا ٻئي نموني ڪارروائيءَ ۾ ڀاڱ ورتائين.

(٣) راڄيہ جو وڌان منڊل قاعدي دوارا ٻيو اُپبند ڪري تيستائين، راڄيہ جي وڌان منڊل جي سدن جي ٻئٺڪ جوڙڻ لاءِ ڪورم ڏهہ ميمبر يا اُن سدن جي ڪُل ميمبرن جي سنکيا جو ڏهون حصو، ٻنهي مان جيڪو وڌيڪ هجي، اُهو ٿيندو.

(۴) جي راڄيہ جي وڌان سڀا يا وڌان پريشد جي ٻئٺڪ درميان ڪنهن بہ وقت ڪورم نہ هجي تہ اِسپيڪر يا چيئرمن يا اهڙي نموني ڪم ڪندڙ شخص جو فرض ٿيندو تہ سدن کي مهمل ڪري يا سڀا مهمل رکي جيستائين ڪورم ٿئي.

## ميمبرن جون غيرلياقتون

### ١٩٠: جايون خالي ڪرڻ

(١) ڪوبہ شخص راڄيہ جي وڌان منڊل جي ٻنهي سدنن جو ميمبر نہ ٿيندو ۽ راڄيہ جو وڌان منڊل قاعدي دوارا اهڙو پربنڌ ڪندو تہ جيڪو شخص ٻنهي سدنن جو ميمبر چونڊجي اُهو هڪ يا ٻئي سدن ۾ پنهنجي جاءِ خالي ڪري.

(٢) ڪوبہ شخص پهرين انوسوچيءَ ۾ ڄاڻايل ٻن يا وڌيڪ راڄين جي وڌان منڊلن جو ميمبر نہ ٿيندو ۽ جي ڪو شخص ٻن يا وڌيڪ راڄين جي وڌان منڊلن جو ميمبر چونڊجي تہ راشٽرپتيءَ دوارا ٺاهيل نيمن ۾ ڄاڻايل مُدت پوري ٿيڻ تي اُن شخص جي اهڙن سڀني راڄين جي وڌان منڊلن ۾ جاءِ خالي ٿيندي، سواءِ تہ هُن تنهن کان اڳہ هڪ کان سواءِ سڀني راڄين جي وڌان منڊلن ۾ پنهنجي جاءِ جي اِستعفا ڏني هُجي.

(٣) جي راڄيہ جي وڌان منڊل جي سدن جو ميمبر -

(اَ) انوڇيد ١٩١ جي فقري (١) يا فقري (٢) ۾ ڄاڻايل ڪنهن غيرلياقت هيٺ اَچي وڃي، يا

(ب) پنهنجي جاءِ جي، پنهنجي صحي واريءَ لکيت دوارا حالت انوسار، اِسپيڪر يا چيئرمن کي مخاطب ٿي، اِستعفا ڏئي ۽ سندس اِستعفا، حالت انوسار، اِسپيڪر يا چيئرمن دوارا، قبول ٿئي، تہ سندس جاءِ ائين ٿيڻ تي خالي ٿيندي:

بشرطيڪ پيٽي فقري (ب) ۾ ڄاڻايل ڪنهن اُستعفا جي حالت ۾ اِسپيڪر يا چيئرمن کي، حالت اَنوسار، مليل خبر مان يا ٻيءَ طرح، ۽ ڪيس نيڪ لڳي اَهڙيءَ جاچ ڪرڻ کان پوءِ، خاطري ٿئي ته اُها اِستعفا مرضيءَ سان ڏنل يا سچي نه آهي ته هُوَ اَهڙي استعفا قبول نه ڪندو.

(۴) جي راڄيه جي وِڌان منڊل جي ڪنهن سدن جي ڪو ميمبر سدن جي موڪل کان سواءِ اُنجي سيني بيٺڪن مان سٺ ڏينهن جي مُدت لاءِ غيرحاضر رهي ته سدن سندس جاءِ خالي ظاهر ڪري سگهندو؛

بشرطيڪ سٺ ڏينهن جي اُها مُدت ڳڻڻ مهل اُن مدت جو حساب نه ڪيو ويندو جنهن ۾ سدن بند رکيو ويو هجي يا ساندهه چئن کان وڌيڪ ڏينهن لاءِ مهمل ڪيو ويو هجي.

## ۱۹۱. ميمبريءَ لاءِ غيرلياقتون

(۱) راڄيه جي وِڌان سڀا يا وِڌان پريشد جو ميمبر چونڊجڻ لاءِ ۽ ميمبر ٿيڻ لاءِ ڪوبه شخص غير لائق ٿيندو -

(اَ) جي هو ڀارت سرڪار يا پهرين اَنوسوچيءَ ۾ ڄاڻايل ڪنهن راڄيه سرڪار جي هٿ هيٺ، راڄيه جي وِڌان منڊل قاعدي دوارا ظاهر ڪيو هجي ته اُن عهدي جو سنڀاليندڙ غير لائق نه ٿيندو، اُن کانسواءِ ڪوبه لاڀ وارو عهدو سنڀالي ٿو؛

(ب) جي هو اڻ سالم چٽ جو آهي ۽ سمرٿ ڪورٽ طرفان اِئين ظاهر ٿيل آهي؛

(پ) جي هو اڻ رِها ٿيل نادار آهي؛

(ٻ) جي هو ڀارت جو ناگرڪ نه آهي، يا مرضيءَ سان ڪنهن پرڏيهي راڄ جي ناگرڪتا حاصل ڪئي اٿس، يا ڪنهن پرڏيهي راڄ ڏانهن وفاداري يا پوئلڳيءَ جي قبوليت هيٺ آهي؛

(ڀ) جي هو سنسد جي ٺاهيل ڪنهن قاعدي دوارا يا اُن هيٺ اِئين غير لائق آهي.

**سمجهاڻي** - هن فقري جي پريوجن لاءِ، جي ڪو شخص سنگهه جو يا ڪنهن راڄيه جو منتري آهي ته فقط اُن سبب ڪري هو ڀارت سرڪار يا پهرين اَنوسوچيءَ ۾ ڄاڻايل ڪنهن راڄيه سرڪار جي هٿ هيٺ لاڀ وارو عهدو سنڀالي ٿو اِئين ليکيو نه ويندو.

(سنوڌان (سڏارو ٻاونجاهه) ائڪٽ ۱۹۸۵ جي قلم ۵ دوارا (۱ مارچ ۱۹۸۵ کان) برئڪيٽ، انگ ۽ اکر

(٣) هن انوڇيد جي پريوجن لاءِ جي بدران 'سمجهاڻي - هن فقري جي پريوجن لاءِ' درج ڪيا ويا آهن).

(٢) راجيہ جي وڌان سڀا يا وڌان پريشد جو ميمبر ٿيڻ لاءِ ڪو بہ شخص غير لائق ٿيندو جي هو ڏهين اَنوسوچيءَ هيٺ اِئين غير لائق آهي تہ.

## ١٩٢. ميمبرن جي غير لائقيءَ جي باري ۾ سوالن جو فيصلو

(١) جي ڪو سوال اُٿي تہ راجيہ جي وڌان منڊل جي سدن جو ڪو ميمبر اَنوڇيد ١٩١ جي فقري (١) ۾ ڄاڻايل غير لياقتن مان ڪنهن هيٺ آيو آهي يا نہ، تہ اُهو سوال راجيپال جي فيصلي لاءِ موڪليو ويندو ۽ هنجو فيصلو آخرين ٿيندو.

(٢) اَهڙي ڪنهن سوال تي ڪو فيصلو ڏيڻ کان اَڳہ راجيپال چونڊ ڪميشن جو رايو وٺندو ۽ اُن رايي موجب عمل ڪندو.

## ١٩٣. اَنوڇيد ١٨٨ هيٺ قسم کڻڻ يا ساکہ تي چوڻ کان اَڳہ يا اڻ لائق هوندي يا غير لائق ٿيندي بہ وهڻ يا ووٽ ڏيڻ لاءِ سزا

جي ڪو شخص راجيہ جي وڌان سڀا يا وڌان پريشد ۾ اَنوڇيد ١٨٨ جي ضرورتن جي پورائي ڪرڻ کان اَڳہ، يا جڏهين ڪيس خبر آهي تہ هو اُنجي ميمبريءَ لاءِ لائق نہ آهي يا غير لائق آهي يا سنسد يا راجيہ جي وڌان منڊل جي ڪنهن قاعدي جي اُپبندن دواران سدن اِئين ڪرڻ تي بندش وڌي ويئي آهي، ميمبر طريقي وهي يا ووٽ ڏئي تہ اِئين وهڻ يا ووٽ ڏيڻ جي هرهڪ ڏينهن لاءِ هو پنج سؤ رپين جي ڏنڊ لاءِ جوابدار ٿيندو جو سنگھ ڏانهن لهڻي قرض طور وصول ڪيو ويندو.

# راجيہ وڌان منڊلن ۽ اُنهن جي ميمبرن جا اَختيار، خاص حق ۽ رهائيون

## ١٩٤. وڌان منڊلن جي سدنن ۽ اُنهن جي ميمبرن ۽ ڪاميٽين جا اَختيار، خاص حق، وغيره

(١) هن سنوڌان جي اُپبندن ۽ وڌان منڊل جي ڪارروائيءَ کي نيمت ڪندڙ نيمن ۽ قائمي حڪمن جي اَڌين رهي، هرهڪ راجيہ جي وڌان منڊل ۾ واڻيءَ جي سوتنترتا رهندي.

(٢) وڌان منڊل يا اُنجي ڪنهن ڪاميٽيءَ ۾ ڪجھ چوڻ يا ڪو ووٽ ڏيڻ بنسبت

(٣) راجيہ جي وڏان منڊل ۾ پيل ڪو بہ بِلُ اُنجي سَدن يا سَدنن جي بند رکڻ سبب خارج نہ ٿيندو.

(٤) راجيہ جي وڏان پريشد ۾ پيل بل جيڪو وڏان سڀا پاس نہ ڪيو هجي اُهو وڏان سڀا برخاست ٿيڻ تي خارج نہ ٿيندو.

(٥) جيڪو بل وڏان سڀا ۾ پيل هجي يا وڏان سڀا پاس ڪيو هجي ۽ وڏان پريشد ۾ پيل هجي اُهو وڏان سڀا جي برخاستگيءَ تي خارج ٿيندو.

## ١٩٧. ناڻا بلن کانسواءِ ٻين بلن جي باري ۾ وڏان پريشد جي اَختيارن تي پابندي

(١) جي وڏان پريشد واري راجيہ جي وڏان سڀا ڪو بِلُ پاس ڪيو هجي ۽ وڏان پريشد ڪي موڪليو هجي تنهن کان پوءِ جي -

(اَ) بِلُ پريشد نامنظور ڪيو هجي؛ يا

(ب) بِلُ پريشد اَڳيان رکڻ جي تاريخ کان، اُنجي پاس ڪرڻ کان سواءِ، ٽن مهنن کان وڌيڪ گذرن، يا

(پ) پريشد بِلُ سُڌارن سان پاس ڪري جن سان وڏان سڀا شامل راءِ نہ ٿئي؛

تہ وڏان سڀا، سندس ڪارروائيءَ کي نيمت ڪندڙ نيمن جي اَڌين، بل ساڳئي يا اُن کانپوءِ واري ڪنهن بہ اِجلاس ۾ وڏان پريشد ڪي سُڌارا ڪيا هجن، رٿيا هجن يا قبول ڪيا هجن تہ اُنهن سان يا اُنهن کان سواءِ وري پاس ڪري ۽ پوءِ اِئين پاس ڪيل بِلُ وڏان پريشد ڪي موڪلي سگهندي.

(٢) وڏان سڀا جي اِئين ٻيو دفعو بل پاس ڪرڻ ۽ وڏان پريشد ڪي موڪلڻ کان پوءِ جي -

(اَ) پريشد بل نامنظور ڪري، يا

(ب) پريشد اَڳيان بل رکڻ جي تاريخ کان، اُن جي پاس ڪرڻ کان سواءِ، هڪ مهني کان وڌيڪ گذري، يا

(پ) پريشد بل سُڌارن سان پاس ڪري جيڪي وڏان سڀا قبول نہ ڪري؛

تہ بِلُ وڏان سڀا جي ٻيو دفعو پاس ڪيل، اُنهن سُڌارن سان، جي ڪي هجن تہ، جيڪي وڏان پريشد ڪيا يا رٿيا هجن ۽ وڏان سڀا قبول ڪيا هجن، تن سان، اُن روپ ۾ راجيہ جي وڏان منڊل جي سدنن جو پاس ڪيل ليکيو ويندو.

(ڀ) ڪو خرچ راڄيہ جي سنچت نِڌيءَ تي ذمي وڌل خرچ ظاهر ڪرڻ يا اَهڙي ڪنهن خرچ جي رقم وڌائڻ؛

(ٽ) راڄيہ جي سنچت نِڌيءَ يا راڄيہ جي سرڪاري حساب جي کاتي ۾ ناڻو ملڻ، يا اَهڙي ناڻي جو حوالو يا اُهو ڪڍڻ؛

(ٿ) پيٺين فقرن (اَ) کان (ٽ) ۾ ڄاڻايل بابتن مان ڪنهن سان واسطو رکندڙ ڪا بابت.

(٢) ڪو بہ بل فقط اِن سبب ڪري ناڻا بل سمجهيو نہ ويندو تہ اُن ۾ ڏنڊ يا ٻي ڪا پئسي جي سزا وجهڻ، يا ليسن لاءِ في يا شيوا ڏيڻ لاءِ فيءَ جي گُهرَ ڪرڻ يا ڏيڻ جوَ پربند آهي، يا اِن سبب ڪري تہ اُهو ڪنهن مڪاني اختياريءَ يا جماعت دواران مڪاني پريوجن لاءِ ڪا ڍل وجهڻ، رد ڪرڻ، معاف ڪرڻ، اُنکي ڦيرائڻ يا نيمت ڪرڻ لاءِ پربند ڪري ٿو.

(٣) جي ڪو سوال اُٿي تہ وڌان پريشد واري راڄيہ جي وڌان منڊل ۾ پيش ڪيل ڪو بل ناڻا بل آهي يا نہ، تہ اُن تي راڄيہ جي وڌان سڀا جي اِسپيڪر جو فيصلو آخرين ٿيندو.

(٤) هرهڪ ناڻا بل تي، اَنوڇيد ١٩٨ هيٺ وڌان پريشد کي موڪليو وڃي تڏهن ۽ اَنوڇيد ٢٠٠ هيٺ راڄيپال کي بحاليءَ لاءِ پيش ڪيو وڃي تڏهن، وڌان سڀا جي اِسپيڪر جي صحيءَ سان سرٽيفڪيٽ لکيو ويندو تہ اُهو ناڻا بل آهي.

## ٢٠٠. بِلن کي بحالي

بل راڄيہ جي وڌان سڀا پاس ڪيو هجي، يا وڌان پريشد واري راڄيہ جي حالت ۾ راڄيہ جي وڌان منڊل جي ٻنهي سدنن پاس ڪيو هجي تہ اُهو راڄيپال کي پيش ڪيو ويندو ۽ راڄيپال ظاهر ڪندو تہ هو بل بحال ڪري ٿو يا اُن تي پنهنجي بحالي روڪي ٿو يا بل راشٽرپتيءَ جي ويچارڻ لاءِ محفوظ رکي ٿو :

بشرطيڪ راڄيپال بل بحاليءَ لاءِ ڪيس پيش ٿيڻ کان پوءِ ٿي سگهي اوترو جلد جي اُهو ناڻا بل نہ آهي تہ، بل واپس موڪلي سگهندو، اَهڙي وينتيءَ جي سنديشي سان تہ سدنُ يا سَدنَ بل تي يا اُن جي ڪن خاص ڄاڻايل اُپبنڌن تي وري ويچار ڪن، ۽ خاص طور اَهڙا سُڌارا داخل ڪرڻ جي مُناسبيءَ تي ويچار ڪن جن جي هو پنهنجي سنديشي ۾ سفارش ڪري، ۽ جي بل اِئين واپس اَچي تہ سدنُ يا سَدنَ اُن موجب بل تي وري ويچار ڪندا، ۽ جي بل سدنُ يا سَدنَ وري پاس ڪري سُڌارن سان يا سُڌارن

بنان، ۽ راجيپال کي بحاليءَ لاءِ پيش ڪري ته راجيپال اُن تي بحالي نه روڪيندو؛

وڌيڪ بشرطيڪ جي راجيپال جي رايي ۾ ڪو بل قاعدو ٿيڻ جي حالت ۾ هاءِ ڪورٽ جي اَختيارن ۾ ايتري قدر گهٽتائي ڪندو جو هن سنوڌان موجب اُها ڪورٽ جيڪو درجو پرڻ لاءِ رٿيل آهي اُن کي خطرو پهچندو ته هو اُن بل کي بحالي نه ڏيندو پر راشٽرپتيءَ جي ويچارڻ لاءِ محفوظ رکندو.

## ۲۰۱. ويچار لاءِ محفوظ رکيل بِلُ

بل راجيپال دواران راشٽرپتيءَ جي ويچار لاءِ محفوظ رکيو وڃي ته راشٽرپتي ظاهر ڪندو ته هو يا بل کي بحال ڪري ٿو يا اُن تي پنهنجي بحالي روڪي ٿو؛

بشرطيڪ جي بل ناڻا بل نه آهي ته، راشٽرپتي راجيپال کي هدايت ڏيئي سگهندو ته بل راجيه جي وڌان منڊل جي سدن يا، حالت اَنوسار، سدنن کي اَنوڇيد ۲۰۰ جي پهرئين پرنتوڪ ۾ ذڪر ڪيل آهي اَهڙي سنديشي سان واپس ڪري، ۽ جي بل اِئين واپس اَچي ته سدنُ يا سَدَنَ اَهڙو سنديشو پهچڻ جي تاريخ کان ڇهن مهنن جي مُدت اَندر اُن موجب اُن تي وري ويچار ڪندا، ۽ جي سدنُ يا سَدَنَ اُهو سُڌاري سان يا سُڌاري کان سواءِ وري پاس ڪن ته راشٽرپتيءَ جي ويچارڻ لاءِ وري پيش ڪيو ويندو.

# مالي بابتن ۾ ڪارروائي

## ۲۰۲. ساليانو مالي بيان

(۱) راجيپال، هر مالي سال بنسبت اُن سال لاءِ راجيه جي اَندازي آمدني ۽ خرچ جو هڪ بيان، هن ڀاڱ ۾ 'ساليانو مالي بيان' طور نرديش ڪيل، راجيه جي وڌان منڊل جي سدن يا سدنن ۾ پيش ڪرائيندو.

(۲) ساليانو مالي بيان ۾ درج ڪيل خرچ جا انداز اَلڳ اَلڳ ڏيکاريندا -

(اَ) هن سنوڌان ۾ راجيه جي سنچت نڌيءَ تي ذمي وڌل خرچ طريقي بيان ڪيل خرچ ڪرڻ لاءِ گهربل رقمون، ۽

(ب) راجيه جي سنچت نڌيءَ مان رٿيل ٻيو خرچ ڪرڻ لاءِ گهربل رقمون؛ ۽ محصولي حساب جي خرچ کي ٻئي خرچ کان اَلڳ رکيو ويندو.

(۳) هيٺيون خرچ هرهڪ راجيه جي سنچت نڌيءَ تي ذمي وڌل خرچ ٿيندو-

(اَ) راجيپال جو اُجورو ۽ ڀتا ۽ سندس عهدي سنبنڌي ٻيو خرچ؛

(ب) وڌان سڀا جي اِسپيڪر ۽ ڊپٽي اِسپيڪر، ۽ وڌان پريشد واري راجيہ جي حالت ۾، وڌان پريشد جي چيئرمن ۽ ڊپٽي چيئرمن جا بہ پگهار ۽ ڀتا؛

(پ) اُهي قرض، وياج، قرض جي خرچ ۽ اَدائگيءَ جي رقم سميت، جن لاءِ راجيہ جوابدار هجي ۽ اوڌر ڪڍڻ ۽ قرض جي شيوا ۽ قرض اَدائگيءَ سنبنڌي ٻيو خرچ؛

(ڀ) ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي ججن جي پگهار ۽ ڀتن بنسبت خرچ؛

(ٽ) ڪنهن ڪورٽ يا اَمانتي ٽربيونل جي ڪنهن فتوا، ڊڪري يا اَوارڊ جي پرپائي ڪرڻ لاءِ گهربل ڪي بہ رقمون؛

(ث) هن سنوڌان دوارا يا راجيہ وڌان منڊل دوارا قاعدي ذريعي اَهڙو ذمي وڌل ظاهر ڪيل ٻيو ڪو خرچ.

## ٢٠٣. وڌان منڊل ۾ اَندازن بنسبت ڪارروائي

(١) اَندازن مان جيڪي راجيہ جي سنڇت نڌيءَ تي ذمي وڌل خرچ سنبنڌي هجن اُهي وڌان سڀا جي ووٽ لاءِ پيش نہ ڪيا ويندا، پر هن فقري ۾ ڇيل ڪجھ بہ وڌان منڊل ۾ اَهڙن اَندازن مان ڪنهن تي بحث ڪرڻ کي روڪي ٿو، اِئين سمجهيو نہ ويندو.

(٢) اَهڙن اَندازن مان جيڪي ٻئي خرچ سنبنڌي هجن اُهي وڌان سڀا کي گرانٽن لاءِ گُهرُن جي روپ ۾ پيش ڪيا ويندا، ۽ وڌان سڀا کي اَختيار رهندو تہ ڪا بہ گُهرَ بحال ڪري يا بحال ڪرڻ کان اِنڪار ڪري، يا ڪا بہ گُهر اُن ۾ ڄاڻايل رقم گهٽائي بحال ڪري.

(٣) ڪنهن بہ گرانٽ جي گُهرَ راجيپال جي سفارش کان سواءِ نہ ڪئي ويندي.

## ٢٠٤. وِنيوگ بِلُ

(١) وڌان سڀا اَنوڇيد ٢٠٣ هيٺ گرانٽون بحال ڪري تنهن کان پوءِ جيترو ٿي سگهي اوترو جلد هڪ بل پيش ڪيو ويندو جنهن ۾ پربنڌ ڪيو ويندو تہ راجيہ جي سنڇت نڌيءَ مان اوترو سڀ ناڻو خرچ ڪجي جيترو گهربل هُجي -

(اَ) وڌان سڀا دوارا اِئين بحال ڪيل گرانٽن لاءِ، ۽

رهندو تہ -

(اَ) ڪنهن مالي سال جي ياڱي لاءِ اَندازي خرچ بابت، اَهڙي رقم لاءِ ووٽ ڏيڻ لاءِ اَنوڇيد ٢٠٣ ۾ نهرايل ڪارروائي پوري ٿيڻ ۽ اُن خرچ بنسبت اَنوڇيد ٢٠٤ جي اُپبند اَنوسار قاعدو پاس ٿيڻ تائين اَڳوات گرانٽ بحال ڪري؛

(ب) راجيہ جي وسيلن تي ڪا اَڻڌاري گُهر پوري ڪرڻ لاءِ گرانٽ بحال ڪري، جڏهن اُن شيوا جي مقدار يا اَنشچت روپ ڪري اُها گُهر ساليانې مالي بيان ۾ ساڌارڻ نموني ڏنل تفصيل سان بيان نٿي ٿي سگهي؛

(پ) اَهڙي اَساڌارڻ گرانٽ بحال ڪري جا ڪنهن مالي سال جي چالو شيوا جو جزو نہ آهي، ۽ راجيہ جي وڌان منڊل ڪي اَختيار رهندو تہ قاعدي دوران اَختياري ڏئي تہ جن پريوجنن لاءِ اُهي گرانٽون بحال ٿين اُنهن لاءِ راجيہ جي سنچت نڌيءَ مان ناڻا ڪڍيا وڃن.

(٢) فقري (١) هيٺ گرانٽ بحال ڪرڻ ۽ اُن فقري هيٺ قاعدو جوڙڻ سنبنڌي اَنوڇيد ٢٠٣ ۽ ٢٠٤ جا اُپبند اِئين اَثرائتا ٿيندا جيئن اُهي ساليانې مالي بيان ۾ ذڪر ڪيل خرچ بنسبت گرانٽ بحال ڪرڻ ۽ اَهڙو خرچ ڪرڻ لاءِ راجيہ جي سنچت نڌيءَ مان ناڻا ڪڍڻ جي اَختياري ڏيڻ لاءِ قاعدو جوڙڻ سنبنڌي اَثرائتا آهن.

## ٢٠٧. مالي بلن جي باري ۾ خاص اُپبند

(١) اَنوڇيد ١٩٩ جي فقري (١) جي پيٽي فقري (اَ) کان (ت) ۾ ڄاڻايل بابتن مان ڪنهن جو بہ پربند ڪندڙ بل يا سُڌارو راجيپال جي سفارش کان سواءِ پيش ڪيو يا آندو نہ ويندو، ۽ اَهڙو پربند ڪندڙ بل وڌان پريشد ۾ پيش نہ ڪيو ويندو :

بشرطيڪ ڪا ڍل گهٽائڻ يا رد ڪرڻ جو پربند ڪندڙ سُڌارو آڻڻ لاءِ هن فقري هيٺ سفارش ضروري نہ ٿيندي.

(٢) ڪو بہ بل يا سُڌارو مٿي ڄاڻايل بابتن بنسبت پربند ڪري ٿو اِئين فقط اِن سبب ڪري سمجهيو نہ ويندو تہ اُن ۾ ڏنب يا بي ڪا پئسي جي سزا وجهڻ يا ليسن لاءِ في يا شيوا ڏيڻ لاءِ فيءَ جي گُهر ڪرڻ يا ڏيڻ جو پربند آهي يا ان سبب ڪري تہ اُهو ڪنهن مڪاني اَختياريءَ يا جماعت دوران مڪاني پريوجن لاءِ ڪا ڍل وجهڻ، رد ڪرڻ، معاف ڪرڻ يا اُنکي ڦيرائڻ يا نيمت ڪرڻ لاءِ پربند ڪري ٿو.

(٣) جيڪو بل قاعدو ٿيڻ سان ۽ عمل ۾ اَچڻ سان راجيہ جي سنچت نڌيءَ مان ڪو خرچ ڪرڻو پوي اُهو راجيہ جي وڌان منڊل جي سدن دوران، راجيپال اُن سدن

ڪي بل تي ويچار ڪرڻ لاءِ سفارش نہ ڪري تيستائين، پاس نہ ڪيو ويندو.

## عام طور ڪارروائي

### ٢٠٨. ڪارروائيءَ جا نيم

(١) راڄيہ جي وڌان منڊل جو سدن پنهنجي ڪارروائيءَ ۽ پنهنجي ڪم جي سنچالن ڪي نيمت ڪرڻ لاءِ، هن سنوڌان جي اُپبنڌن جي آڌين، نيم گهڙي سگهندو.

(٢) جيسين فقري (١) هيٺ نيم نهن تيسين سمان پرانت جي وڌان منڊل بنسبت هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اَڳ عمل ۾ ڪارروائيءَ جا نيم ۽ اِستائي حڪم راڄيہ جي وڌان منڊل سنبنڌي، اَهڙين ڦيرڦارين ۽ موافقتن جي آڌين جي اُنهن ۾ وڌان سڀا جو اِسپيڪر يا وڌان پريشد جو چيئرمن، حالت اَنوسار ڪري، اَثرائتا ٿيندا.

(٣) وڌان پريشد واري راڄيہ ۾ راڄيپال وڌان سڀا جي اِسپيڪر ۽ وڌان پريشد جي چيئرمن سان صلاح ڪرڻ بعد، ٻنهي سدنن جي وچ ۾ لهہ وچڙ بنسبت ڪارروائيءَ جا نيم گهڙي سگهندو.

### ٢٠٩. راڄيہ جي وڌان منڊل ۾ مالي ڪم سنبنڌي ڪارروائيءَ ڪي قاعدي دواران نيمت ڪرڻ

راڄيہ جو وڌان منڊل مالي ڪم وقت سر پورو ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ مالي بابت يا راڄيہ جي سنچت نڌيءَ مان ناڻا ڪڍڻ لاءِ ڪنهن بل سنبنڌي، راڄيہ جي وڌان منڊل جي سدن يا سدنن جي ڪارروائيءَ ۽ ڪم جي سنچالن ڪي قاعدي دواران نيمت ڪري سگهندو، ۽ جي ۽ جيتري قدر اَهڙي نموني ڪيل قاعدي جو ڪو اُپبنڌ اَنوڇيد ٢٠٨ جي فقري (١) هيٺ راڄيہ جي وڌان منڊل جي سدن يا ٻنهي مان ڪنهن سدن جي ٺاهيل ڪنهن نيم سان يا اُن اَنوڇيد جي فقري (٢) هيٺ راڄيہ جي وڌان منڊل بنسبت اَثرائتي ڪنهن نيم يا اِستائي حڪم سان ٺهڪندڙ نہ هجي تہ اُهو اُپبنڌ اَثرائتو ٿيندو.

### ٢١٠. وڌان منڊل ۾ ڪم آڻڻ جي ٻولي

(١) ڀاڱ سترهين ۾ ڇيل ڪنهن بہ ڳالهہ جي باوجود، پر اَنوڇيد ٣٤٨ جي اُپبنڌن جي آڌين، راڄيہ جي وڌان منڊل ۾ ڪم ڪار راڄيہ جي سرڪاري ٻوليءَ يا ٻولين

۾ يا هنديءَ ۾ يا انگريزيءَ ۾ ڪيو ويندو؛

بشرطيڪ وڌان سڀا جو اِسپيڪر يا وڌان پريشد جو چيئرمن يا اُهڙي نموني ڪم ڪندڙ شخص، حالت اَنوسار، جيڪو اَنهِ چيل ٻولين مان ڪنهن ۾ بہ پوريءَ طرح پنهنجو اِظهار نہ ڪري سگهي، اُهڙي ميمبر کي سدن ۾ پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ جي اَجازت ڏيئي سگهندو.

(٢) راڄيہ جو وڌان منڊل، قاعدي دوران ٻئي نموني اُپبنڌ نہ ڪري تہ، هن سنوڌان جي شروعات کان پنڌرهن سالن جي مُدت پوري ٿيڻ کان پوءِ هيءُ اَنوڇيد ائين اَثرائتو ٿيندو ڄڻ تہ اُن مان 'يا انگريزيءَ ۾' اِهي لفظ ڇڏي ڏنا ويا آهن؛

بشرطيڪ هماچل پرديش، مڻيپور، ميگهاليہ ۽ ترپورا راڄين جي وڌان منڊلن سنبنڌي هيءُ فقرو ائين اَثرائتو ٿيندو ڄڻ تہ اُن ۾ ايندڙ لفظن 'پنڌرهن سالن' جي بدران لفظ 'پنجويهن سالن' وڌا ويا هئا؛

وڌيڪ بشرطيڪ تہ اروناچل پرديش، گوئا ۽ ميزورم راڄين سنبنڌي هيءُ فقرو ائين اثرائتو ٿيندو ڄڻ تہ ان ۾ ايندڙ لفظن 'پندرهن سالن' جي بدران لفظ 'چاليهن سالن' وڌا ويا هئا.

(اسٽيٽ آف مزورم اَيڪٽ ١٩٨٦ دوران ٢٠ فبروري ١٩٨٧ کان؛ اسٽيٽ آف اروناچل پرديش ائڪٽ ١٩٨٦ دوران ٢٠ فبروري ١٩٨٧ کان ۽ گوئا دمڻ ۽ ديو ري آرگنائيزيشن ائڪٽ ١٩٨٧ دوران ٣٠ ميءِ ١٩٨٧ کان درج ڪيل)

## ٢١١. وڌان منڊل ۾ بحث تي پابندي

راڄيہ جي وڌان منڊل ۾ سپريم ڪورٽ جي يا هاءِ ڪورٽ جي ڪنهن جج جي پنهنجي فرض اَدائي ۾ هلت بنسبت بحث نہ ڪيو ويندو.

## ٢١٢. وڌان منڊل جي ڪارروائيءَ ۾ ڪورٽون جاچ نہ ڪنديون

(١) راڄيہ جي وڌان منڊل ۾ ڪنهن بہ ڪارروائيءَ جي جائزگيءَ تي، ڪارروائيءَ ۾ ڪا ٻي ترتيبي آهي ائين چئي، اُن آڌار تي اعتراض ورتو نہ ويندو.

(٢) راڄيہ جي وڌان منڊل جو ڪوبہ عملدار يا ميمبر، جنهن کي هن سنوڌان موجب يا هيٺ جي سنچالن کي وڌان منڊل ۾ ڪارروائي يا ڪم جي سنچالن کي نيمت ڪرڻ يا بندوبست رکڻ لاءِ اَختيار ڏنا ويا هُجن، اُهو پنهنجي دوران اُنهن اَختيارن جي عمل جي باري ۾ ڪنهن بہ ڪورٽ جي حڪومت جي اَڌين نہ ٿيندو.

# راجيپال جا قانون سازيءَ جا اختيار

## ٢١٣. وڏان منڊل جي رسيس درميان آرڊيننس جاري ڪرڻ جو راجيپال جو اختيار

(١) جي ڪنهن به وقت، جڏهن راجيه جي وڏان سڀا جو اجلاس چالو نه هجي يا جتي راجيه ۾ وڏان پريشد آهي اُتي وڏان منڊل جي ٻنهي سدنن جا اِجلاس چالو نه هجن، راجيپال کي خاطري ٿئي ته اَهڙيون حالتون آهن جن ۾ جلدي قدم کڻڻ هن لاءِ ضروري آهي، ته هو اَهڙا آرڊيننس جاري ڪري سگهندو جي کيس حالتن پٽاندڙ ضروري لڳن :

بشرطيڪ راجيپال، راشٽرپتيءَ جي هدايتن کان سواءِ اَهڙو ڪو آرڊيننس جاري نه ڪندو، جي -

(اَ) ساڳين اُپٻنڌن واري بل لاءِ هن سنوڌان هيٺ وڏان منڊل ۾ اُهو پيش ڪرڻ لاءِ راشٽرپتيءَ جي اڳواٽ منظوريءَ جي ضرورت پوي ها؛ يا

(ب) ساڳين اُپٻنڌن وارو بل راشٽرپتيءَ جي ويچارڻ لاءِ محفوظ رکڻ کيس ضروري لڳي ها، يا

(ڀ) ساڳين اُپٻنڌن وارو راجيه جي وڏان منڊل جو اَئڪٽ هن سنوڌان هيٺ ناجائز ٿئي ها جيستائين اُنکي راشٽرپتيءَ جي ويچارڻ لاءِ محفوظ رکڻ کان پوءِ راشٽرپتيءَ جي بحالي ملي هُجي.

(٢) هن اَنوڇيد هيٺ جاري ڪيل آرڊيننس کي ايترو ئي عمل ۽ اَثر رهندو جيترو راجيه جي وڏان منڊل جي راجيپال جي بحاليءَ مليل اَئڪٽ کي، پر اَهڙو هرهڪ آرڊيننس -

(اَ) راجيه جي وڏان سڀا جي اَڳيان، ۽ جتي راجيه ۾ وڏان پريشد آهي اُتي ٻنهي سدنن جي اَڳيان، پيش ڪيو ويندو، ۽ وڏان سڀا جي وري گڏجڻ کان ڇهه هفتا پوري ٿيڻ تي، يا جي اُها مُدت پوري ٿيڻ کان اَڳ وڏان سڀا آرڊيننس کي ناقبول ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ڪري ۽ وڏان پريشد هجي ته اُها قبول ڪري، ته اُهو ٺهراءُ پاس ٿيڻ تي، يا حالت اَنوسار، پريشد جي ٺهراءُ قبول ڪرڻ تي، عمل ۾ هئڻ بند ٿيندو؛ ۽

(ب) راجيپال ڪنهن به وقت واپس وٺي سگهندو.

سمجهاڻي - جي وڌان پريشد واري راجيہ جي وڌان منڊل جا سدن جدا جدا تاريخن تي وري گڏجڻ لاءِ سڏايا ويا هُجن تہ هن فقري جي پريوجن لاءِ ڇهن هفتن جي مُدت اُنهن تاريخن مان پوءِ واريءَ تاريخ کان ڳڻي ويندي.

(٣) جي ۽ جيتري قدر هن آنوڇيد هيٺ آرڊيننس اَهڙو ڪو اُپٻنڌ ڪري جيڪو راجيہ جي وڌان منڊل جي ڪيل ۽ راجيپال جي بحال ڪيل اَئڪٽ ۾ جائز نہ هُجي تہ اُهو اوتري قدر رد ٿيندو؛

بشرطيڪ سنسد جي ڪنهن اَئڪٽ يا گڏيل لسٽ ۾ شمار ڪيل وشيہ بابت ڪنهن موجوده قاعدي کان ورڌ راجيہ جي وڌان منڊل جي ڪنهن اَئڪٽ جي آثر سنٻنڌي هن سنوڌان جي اُپٻنڌن جي پريوجن لاءِ، راشٽرپتيءَ جي هدايتن اَنوسار هن اَنوڇيد هيٺ جاري ڪيل آرڊيننس، راجيہ جي وڌان منڊل جو، راشٽرپتيءَ جي بحاليءَ لاءِ محفوظ رکيو ويو هجي ۽ هن جي بحالي ملي هجي اَهڙو اَئڪٽ ليکيو ويندو.

اَڌياءُ پنجون

# راجين ۾ هاءِ ڪورٽون

## ٢١۴. راجين لاءِ هاءِ ڪورٽون

هرهڪ راجيہ لاءِ هڪ هاءِ ڪورٽ ٿيندي.

## ٢١۵. هاءِ ڪورٽون رڪارڊ جون ڪورٽون ٿينديون

هرڪا هاءِ ڪورٽ رڪارڊ جي ڪورٽ ٿيندي ۽ اَهڙي ڪورٽ جا سڀ اَختيار پنهنجي بي اَدبيءَ لاءِ سزا ڪرڻ جي اَختيار سميت، ڪيس رهندا.

## ٢١٦. هاءِ ڪورٽن جو جوڙجڪ

هرهڪ هاءِ ڪورٽ ۾ مکيہ نيايہ مورتي ۽ راشٽرپتي وقت بوقت مقرر ڪرڻ ضروري سمجهي اَهڙا بيا جج ٿيندا.

## ۲۱۷. هاءِ ڪورٽ جي جج جي مقرري ۽ عهدي جا شرط

(۱) هاءِ ڪورٽ جي هرهڪ جج کي راشٽرپتي، ڀارت جي مکيہ نيايہ مورتي اُن راجيہ جي راجيپال ۽ مکيہ نيايہ مورتيءَ کان سواءِ ٻئي جج جي مقرريءَ جي حالت ۾ هاءِ ڪورٽ جي مکيہ نيايہ مورتيءَ سان صلاح ڪرڻ بعد پنهنجي صحي ۽ سيل سان وارنٽ ذوارن مقرر ڪندو ۽ اُهو جج اَڊيشنل يا ڪاريہ ڪاري جج هئڻ جي حالت ۾ اَنوڇيد ۲۲۴ جي اُپبندن موجب ۽ ٻيءَ حالت ۾ ٻاهٺ سالن جي عمر تي پهچڻ تائين عهدي تي رهندو :

بشرطيڪ -

(اَ) جج پنهنجي صحيءَ واري لکيت ذوارن راشٽرپتيءَ کي مخاطب ٿي، پنهنجي عهدي تان استعفا ڏيئي سگهندو؛

(ب) جج کي راشٽرپتي اَنوڇيد ۱۲۴ جي فقري (۴) ۾ اُپبند ڪيل سپريم ڪورٽ جي جج کي هٽائڻ جي نموني پنهنجي عهدي تان هٽائي سگهندو؛

(ٻ) جج جو عهدو سندس راشٽرپتيءَ ذوارن سپريم ڪورٽ جي جج طريقي مقرر ٿيڻ تي يا ڀارت جي کيتر ۾ ٻيءَ ڪنهن هاءِ ڪورٽ ۾ بدلي ٿيڻ تي خالي ٿيندو.

(۲) ڪو بہ شخص هاءِ ڪورٽ ۾ جج مقرر ٿيڻ لاءِ لائق نہ ٿيندو سواءِ تہ هو ڀارت جو ناگرڪ هجي، ۽ -

(اَ) گهٽ ۾ گهٽ ڏهن سالن لاءِ ڀارت جي کيتر ۾ ڪنهن عدالتي عهدي تي رهيو هجي، يا

(ب) گهٽ ۾ گهٽ ڏهن سالن لاءِ ڪنهن هاءِ ڪورٽ جو يا لاڳيتو ٻن يا وڌيڪ اَهڙين ڪورٽن جو وڪيل رهيو هجي.

سمجهاڻي - هن فقري جي پريوجن لاءِ-

(اَ) ڪو شخص ڪيتري مُدت لاءِ ڀارت جي کيتر ۾ عدالتي عهدي تي رهيو آهي اُهو ڳڻڻ لاءِ اُها مُدت بہ شامل ڪئي ويندي جنهن درميان عدالتي عهدي تي رهڻ کان پوءِ اُهو شخص هاءِ ڪورٽ جو وڪيل رهيو هجي يا ڪنهن ٽربيونل جي ميمبر جي عهدي تي يا سنگهہ يا راجيہ هيٺ قانون جي خاص ڄاڻ ضروري هجي اَهڙي ڪنهن عهدي تي رهيو هجي؛

(اَاَ) ڪو شخص ڪيتري مُدت لاءِ وڪيل رهيو آهي اُهو ڳڻڻ لاءِ اُها مُدت شامل ڪئي ويندي جنهن درميان وڪيل ٿيڻ کان پوءِ اُهو شخص ڪنهن عدالتي عهدي

تي يا سنگھ يا راڄيہ هيٺ قانون جي خاص ڄاڻ ضروري هجي اُهڙي ڪنهن عهدي تي رهيو هُجي؛

(ب) ڪو شخص ڪيتري مدت لاءِ ڀارت جي ڪيتر ۾ عدالتي عهدي تي رهيو آهي يا هاءِ ڪورٽ جو وڪيل رهيو آهي اُهو ڳڻڻ لاءِ هن سنوڌان جي شروعات کان اڳ جنهن مدت درميان ١٥ آگسٽ ١٩٤٧ کان اڳہ گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935 ۾ وياکيا ڏنل ڀارت اندر ڪنهن ايراضيءَ ۾ هو عدالتي عهدي تي رهيو هجي، يا حالت اَنوسار اهڙيءَ ڪنهن ايراضيءَ ۾ ڪنهن هاءِ ڪورٽ جو وڪيل رهيو هجي، اُها بہ شامل ڪئي ويندي.

(٣) هاءِ ڪورٽ جي جج جي عمر جو ڪو سوال اُٿي تہ اُهو سوال راشٽرپتي ڀارت جي مکيہ نيايہ مورتيءَ جي صلاح بعد فيصل ڪندو ۽ راشٽرپتيءَ جو فيصلو آخرين ٿيندو.

## ٢١٨. سپريم ڪورٽ سنبنڌي ڪي اُپبند هاءِ ڪورٽن سان لاڳو پوڻ

اَنوڇيد ١٢٤ جي فقري (٤) ۽ (٥) جا اُپبند جيئن سپريم ڪورٽ سنبنڌي لاڳو پون ٿا تيئن سپريم ڪورٽ جي جاءِ تي هاءِ ڪورٽ جي نرديش سان، هاءِ ڪورٽ سنبنڌي لاڳو پوندا.

## ٢١٩. هاءِ ڪورٽن جي ججن دواران قسم يا ساکہ

هاءِ ڪورٽ جو جج مقرر ٿيل هرڪو شخص، پنهنجو عهدو سنڀالڻ کان اڳہ، راڄيہ جي راڄيپال يا هن خيال کان سندس مقرر ڪيل شخص جي روبرو ٽين اَنوسوچيءَ ۾ هن پريوجن لاءِ ڏنل نموني موجب قسم کڻندو يا ساکہ تي چوندو ۽ اُن تي صحي ڪندو.

## ٢٢٠. قائمي جج ٿيڻ کان پوءِ وڪالت تي پائبندي

ڪوبہ شخص جو هن سنوڌان جي شروعات کان پوءِ ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي قائمي جج جي عهدي تي رهيو آهي اُهو سپريم ڪورٽ ۽ ٻين هاءِ ڪورٽن سواءِ، ڀارت ۾ ڪنهن بہ ڪورٽ ۾ يا ڪنهن بہ اختياريءَ اڳيان وڪالت يا ڪم نہ ڪندو.

سمجهاڻي - هن اَنوڇيد ۾ محاوري 'هاءِ ڪورٽ' ۾ سنوڌان (ستون سڌارو) ائڪٽ ١٩٥٦ جي شروعات کان اڳہ جيئن هئي تيئن پهرين اَنوسوچيءَ جي ڀاڱ (ب) ۾ ڄاڻايل راڄيہ جي هاءِ ڪورٽ شامل نہ آهي.

## ٢٢١. ججن جا پگهار وغيره

(١) هرهڪ هاءِ ڪورٽ جي ججن کي سنسد قاعدي دوران نهرائي اُهي پگهار ۽ جيستائين اُنهيءَ نموني هن باري ۾ پربنڌ ٿئي تيستائين ٻين اَنوسوچيءَ ۾ ڄاڻايل آهن اُهي پگهار ڏنا ويندا.

(٢) هرڪو جج اَهڙن ڀتن ۽ غير حاضريءَ جي موڪل ۽ پينشن بنسبت اَهڙن اَڌڪارن جو، جي وقت بوقت سنسد قاعدي دوران يا هيٺ نهرائي، ۽ جيستائين اِئين نهرائجي تيستائين اَهڙن ڀتن ۽ اَڌڪارن جو جيڪي ٻين اَنوسوچيءَ ۾ ڄاڻايل آهن، حقدار ٿيندو:

بشرطيڪ ڪنهن به جج جي ڀتن يا سندس غير حاضريءَ جي موڪل يا پينشن بنسبت اَڌڪارن ۾ سندس مقرريءَ کان پوءِ ڪيس نقصان ٿئي اَهڙي ڦيرڦار نه ڪئي ويندي.

## ٢٢٢. هڪڙيءَ هاءِ ڪورٽ مان ٻيءَ ۾ جج جي بدلي

(١) راشٽرپتي ڀارت جي مکيه نيايه مورتيءَ سان صلاح ڪرڻ بعد ڪنهن جج کي هڪڙي هاءِ ڪورٽ مان ٻيءَ ڪنهن هاءِ ڪورٽ ۾ بدلي ڪري سگهندو.

(٢) ڪنهن جج جي اِئين بدلي ٿي هجي يا ٿئي ته جيترو وقت، سنوڌان (پندرهون سڌارو) اَئڪٽ ١٩٦٣ جي شروعات کان پوءِ، هو ٻيءَ هاءِ ڪورٽ جي جج طريقي شيوا ڪري اُن مدت درميان هو پنهنجي پگهار کان وڌيڪ سنسد قاعدي دوران نهرائي ايترو عيوضي طور ڀتو ۽ اَهڙي نموني نهرائجي تيستائين راشٽرپتي حڪم دوران مقرر ڪري ايترو عيوضي طور ڀتو، وٺڻ جو حقدار ٿيندو.

## ٢٢٣. ڪاريه ڪاري مکيه نيايه مورتيءَ جي مقرري

جڏهن ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي مکيه نيايه مورتيءَ جو عهدو خالي هجي يا جڏهن اَهڙو ڪو مکيه نيايه مورتي غير حاضري يا ٻئي سبب ڪري پنهنجي عهدي جا فرض اَدا نه ڪري سگهي، تڏهن ڪورٽ جي ٻين ججن مان هڪ، جنهن کي راشٽرپتي هن پريوجن لاءِ مقرر ڪري، اُهو عهدي جا فرض اَدا ڪندو.

## ٢٢٤. اَئڊيشنل ۽ ڪاريه ڪاري ججن جي مقرري

(١) جي ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي ڪم ۾ عارضي واڌاري سبب يا ڪم جي بقايا سبب راشٽرپتيءَ کي لڳي ته اُن ڪورٽ جي ججن جي سنکيا حال وڌائڻ کپي، ته

راشٽرپتيءَ برابر لائق شخص کي پاڻ ڄاڻائي ٻن سالن کان وڌيڪ نہ ايتري مُدت لاءِ ڪورٽ جا ائڊيشنل جج طريقي مقرر ڪري سگھندو.

(٢) جڏهن مکيہ نيايہ مورتيءَ سواءِ هاءِ ڪورٽ جو ڪو جج غيرحاضريءَ يا ٻئي سبب ڪري پنهنجي عهدي جا فرض اَدا نہ ڪري سگهي يا عارضي طور مکيہ نيايہ مورتي طريقي ڪاريہ ڪرڻ لاءِ مقرر ٿيو هُجي تڏهن راشٽرپتي ڪنهن برابر لائق شخص کي، قائمي جج پنهنجن فرضن تي موٽي، تيستائين، اُن ڪورٽ جو جج طريقي ڪاريہ ڪرڻ لاءِ مقرر ڪري سگھندو.

(٣) هاءِ ڪورٽ جو ائڊيشنل يا ڪاريہڪاري جج طريقي مقرر ٿيل ڪوبہ شخص ٻاهٺ سالن جي عمر تي پھچڻ کان پوءِ عهدي تي نہ رهندو.

## ٢٢٤. اَلف. هاءِ ڪورٽن جي ٻئٺڪن ۾ رٽائر ٿيل ججن جي مقرري

هن اَڌياءَ ۾ ڪنهن بہ ڳالھ جي باوجود، راجيہ جي هاءِ ڪورٽ جو مکيہ نيايہ مورتي ڪنهن بہ وقت، راشٽرپتيءَ جي اَڳواٽ منظوريءَ سان، اُن هاءِ ڪورٽ يا ٻيءَ ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي جج جي عهدي تي رهيو هجي اَهڙي ڪنهن شخص کي اُن راجيہ جي هاءِ ڪورٽ جي جج طريقي وِهڻ ۽ ڪاريہ ڪرڻ لاءِ عرض ڪري سگھندو، ۽ اَهڙو هرڪو شخص اَهڙي نموني وِهڻ ۽ ڪاريہ ڪرڻ جي عرصي ۾ راشٽرپتي حڪم دواران نهرائي اَهڙن ڀتن جو حقدار ٿيندو ۽ اُن هاءِ ڪورٽ جي جج جا سڀ اَختيار، شڪتيون ۽ خاص اَڌڪار ڪيس رهندا پر ٻيءَ طرح جج ليکيو نہ ويندو :

بشرطيڪ هن اَنوڇيد ۾ ڪجھ بہ اَڳ ڄيل اَهڙي ڪنهن شخص کي اُن ڪورٽ ۾ وِهڻ ۽ ڪاريہ ڪرڻ لاءِ ضروري نهرائي تو اِئين نہ ليکيو ويندو، سواءِ تہ هو اِئين ڪرڻ لاءِ رضامندي ڏئي.

## ٢٢٥. موجوده هاءِ ڪورٽن جي حڪومت

هن سنوڌان جي اُپبنڌن ۽ هن سنوڌان دواران اُن وڌان منڊل کي بخشيل اَختيارن جي آڌار تي يوڳيہ وڌان منڊل جي ناهيل ڪنهن قاعدي جي اُپبنڌ جي اَڌين ڪنهن بہ موجوده هاءِ ڪورٽ جي حڪومت ۽ اُن ۾ عمل ۾ قاعدو، ۽ اُن ڪورٽ ۾ نيايہ جي ڪاروبار بنسبت ججن جا پنهنجا پنهنجا اختيار، ڪورٽ جا نيم گھڙڻ ۽ ڪورٽ جي ۽ اُن جي ميمبرن جي اَڪيلو يا ڊويزن ڪورٽ ۾ وهڻ کي نيمت ڪرڻ جي ڪنهن اَختيار سميت هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اَڳ هُئا اُهي ساڳيا ٿيندا :

بشرطيڪ ڪنهن به هاءِ ڪورٽ جي اوائلي حڪومت تي هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اڳ محصول سان واسطو رکندڙ يا اُن جي وصولي لاءِ ڪيل حڪم يا ڪيل ڪنهن ڪاريه سان واسطو رکندڙ جيڪا به پائبندي لاڳو هئي اُها اَهڙيءَ حڪومت جي عمل سان هاڻي لاڳو نه پوندي.

## ٢٢٦. ڪي رِٽ جاري ڪرڻ جو هاءِ ڪورٽن جو اَختيار

(١) آنوڇيد ٣٢ ۾ ڇيل ڪنهن به ڳالهه جي باوجود ڀاڱ ٽئين دواران بخشيل حقن مان ڪنهن جي به تعميل لاءِ ۽ ٻئي ڪنهن پريوجن لاءِ هر ڪنهن هاءِ ڪورٽ کي جنهن کيتر سنبنڌي اُها حڪومت اِستعمال ڪندي هجي اُن سڄي کيتر ۾، ڪنهن به شخص يا اَختياريءَ کي يوڳيه حالتن ۾ ڪنهن به سرڪار سميت اُن کيتر اندر هدايتون، حڪم يا رِٽ جنهن ۾ هيبئس ڪارپس، 'مئنڊمس' منع نامو 'وارنٽو' ۽ 'سرشراري' رِٽس اَچي وڃن ٿا، اُهي جاري ڪرڻ جو اختيار رهندو.

(٢) ڪنهن به سرڪار، اَختياري يا شخص کي هدايتون، حڪم يا رٽ جاري ڪرڻ جي فقري (١) دواران بخشيل اختيار جو عمل جنهن کيتر اندر اَهڙي اَختيار جي عمل لاءِ دعوا جو ڪارڻ سڄو يا ٿورو پيدا ٿيو هجي، اُن کيتر سنبنڌي حڪومت اِستعمال ڪندڙ ڪا هاءِ ڪورٽ به ڪري سگهندي، باوجود اِن جي ته اُن سرڪار يا اَختياريءَ جي جاءِ يا اَهڙي شخص جو نواس اُن کيتر اندر نه هُجي.

(٣) جتي ڪا ڌُر جنهن جي خلاف فقري (١) هيٺ ڪنهن عرضيءَ تي يا اُن سنبنڌي ڪنهن ڪارروائيءَ ۾ ڪو عارضي حڪم، منع نامو يا مهمليءَ يا ٻئي طرح ڪنهن نموني -

(اَ) اَهڙي عرضيءَ ۽ اَهڙي عارضي حڪم لاءِ درخواست جي ٽيڪي ۾ سيني دستاويزن جا نقل اَهڙيءَ ڌر کي ميسر ڪرڻ، ۽

(ب) اَهڙيءَ ڌُر کي ٻُڌڻ جو وجهه ڏيڻ کان سواءِ ڪيو ويو هجي اُها هاءِ ڪورٽ کي اَهڙو حڪم رد ڪرڻ لاءِ درخواست ڪري، ۽ جنهن ڌر جي فائدي ۾ اَهڙو حڪم ٿيو هجي تنهن کي يا اَهڙيءَ ڌر جي وڪيل کي اَهڙيءَ درخواست جو نقل ميسر ڪري ته هاءِ ڪورٽ اُها درخواست جنهن تاريخ تي اُها ملي يا جنهن تاريخ تي اَهڙي نموني نقل ميسر ڪيو وڃي ٻنهي مان جيڪو پوءِ هجي، تنهن کان ٻن هفتن جي مدت اندر، يا جي اُن مدت جي پڇاڙيءَ جي ڏينهن تي هاءِ ڪورٽ بند هجي ته اُن کان ترت پوءِ وارو ڏينهن جنهن تي کُليل هجي، نيڪال ڪندي، ۽ جي درخواست اِن نموني نيڪال نه ٿي ته عارضي حڪم اُن مُدت جي پوري ٿيڻ تي، يا حالت اَنوسار، اُن ترت پوءِ واري ڏينهن جي پوري ٿيڻ تي، رد ٿيل رهندو.

(۴) هن آنوچيد دواران هاءِ ڪورٽ کي بخشيل آختيار سپريم ڪورٽ کي آنوچيد ۳۲ جي فقري (۲) دواران بخشيل آختيار ۾ گهٽتائي نہ ڪندو.

۲۲۶.آلف. x x x x

## ۲۲۷. هاءِ ڪورٽ جو سڀني ڪورٽن مٿان نظرداڻيءَ جو اختيار

(۱) هر ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي، جنهن ڪيتر سنبنڌي اُها حڪومت اِستعمال ڪندي هجي تنهن سڄي ۾، سڀني ڪورٽن ۽ ٽربيونلن مٿان نظرداڻي رهندي.

(۲) مٿئين اُپبنڌ جي وياپڪتا تي ڪو بہ اَثر نہ ٿئي، ان لاءِ هاءِ ڪورٽ -

(اَ) اَهڙين ڪورٽن کان پترڪ گهرائي سگهندي؛

(ب) اَهڙين ڪورٽن ۾ دستور ۽ ڪارروائيءَ کي نيمائتو ڪرڻ لاءِ عام نيم گهڙي ۽ جاري ڪري سگهندي ۽ نمونا ٺهرائي سگهندي؛ ۽

(پ) ڪن بہ اَهڙين ڪورٽن جي عملدارن جي دواران ڪتاب، داخلائون ۽ حساب رکڻ جا نمونا ٺهرائي سگهندي-

(۳) هاءِ ڪورٽ اُنهن ڪورٽن جي شيرف ۽ سڀني ڪلارڪن ۽ عملدارن کي ۽ اُنهن ۾ وڪالت ڪندڙ اَٽارنين، اَئڊووڪيٽن ۽ وڪيلن کي ڏيڻ لاءِ جوڳين فين جا جدول بہ مقرر ڪري سگهندي :

بشرطيڪ فقري (۲) يا (۳) هيٺ گهڙيل نيم، ٺهرايل فارم يا مقرر ڪيل جدول اُن وقت عمل ۾ ڪنهن قاعدي جي اُپبنڌن سان اڻ ٺهڪندڙ نہ ٿيندا ۽ اُنهن لاءِ راجيپال جي اَڳواٽ بحالي ضروري ٿيندي.

(۴) هن آنوچيد ۾ ڇيل ڪڇ بہ هٿيار بند سينا سنبنڌي ڪنهن قاعدي دواران يا هيٺ جوڙيل ڪنهن ڪورٽ يا ٽربيونل مٿان هاءِ ڪورٽ کي نظرداڻيءَ جا آختيار بخشي ٿو اِئين نہ سمجهيو ويندو.

## ۲۲۸. ڪي ڪيس هاءِ ڪورٽ ۾ بدلي ڪرڻ

جي هاءِ ڪورٽ کي خاطري ٿئي تہ سندس زيردست ڪنهن ڪورٽ ۾ چالو ڪنهن ڪيس ۾ هن سنوڌان جي اَرٿ جي باري ۾ ڪو حقيقي قانوني سوال سمايل آهي جو فيصل ڪرڻ ڪيس جي نيڪال لاءِ ضروري آهي، تہ هوءَ ڪيس گهرائي وٺندي ۽

(اَ) يا پاڻ ڪيس نيڪال ڪري سگهندي، يا

(ب) اُهو قانوني سوال فيصل ڪري جنهن ڪورٽ مان ڪيس گهرايل هجي اُن ڪورٽ کي اُن سوال تي پنهنجي نهراءَ جي نقل سان واپس ڪري سگهندي، ۽ اُها ڪورٽ اُهو ملڻ تي اُن نهراءَ مطابق ڪيس نيڪال ڪرڻ جي ڪارروائي ڪندي.

**٢٢٨. اَلف.** x x x x

## ٢٢٩. هاءِ ڪورٽ جا عملدار ۽ ملازم ۽ خرچ

(١) هاءِ ڪورٽ جي عملدارن ۽ ملازمن جي مقرري ڪورٽ جو مکيه نيايه مورتي، يا پاڻ هدايت ڪري اُهو ٻيو جج يا عملدار ڪندو :

بشرطيڪ راجيه جو راجيپال نيم دواران اَهڙي گهر ڪري سگهندو ته ان نيم ۾ ڄاڻايل حالتن ۾ ڪورٽ سان نسبت رکندڙ ڪنهن عهدي تي ڪورٽ سان اَڳ ۾ ئي لاڳو نه هجي اُهو شخص راجيه پبلڪ سروس ڪميشن سان صلاح ڪرڻ ڪانسواءِ مقرر نه ڪيو وڃي.

(٢) راجيه جي وڌان منڊل دواران ڪيل ڪنهن قاعدي جي اُپبنڌن جي آڌين، هاءِ ڪورٽ جي عملدارن ۽ ملازمن جي نوڪريءَ جا شرط اُهي ٿيندا جي ڪورٽ جو مکيه نيايه مورتي يا مکيه نيايه مورتيءَ جي هن پريوجن لاءِ نيم ناهڻ لاءِ ڏنل اَختياريءَ وارو ٻيو جج يا عملدار نيمن دواران نهرائي؛

بشرطيڪ هن فقري هيٺ ٺهيل نيمن لاءِ جيتري قدر اُهي پگهار، ڀتا، موڪل يا پينشن سنبنڌي هُجن، راجيه جي راجيپال جي بحالي ضروري ٿيندي.

(٣) هاءِ ڪورٽ جو ڪاروباري خرچ، جنهن ۾ ڪورٽ جي عملدارن ۽ ملازمن کي ڏيڻ جوڳا يا اُنهن بنسبت سڀ پگهار، ڀتا ۽ پينشن اَچي وڃن ٿا، راجيه جي سنچت نڌيءَ تي ذمي وڌل خرچ ٿيندو، ۽ ڪورٽ جون ورتل فيون ۽ ٻيا ناڻا اُن نڌيءَ جو ڀاڱو ٿيندا.

## ٢٣٠. هاءِ ڪورٽن جي حڪومت سنگهه ڪيترن تائين وڌائڻ

(١) سنسد قاعدي دواران ڪنهن به هاءِ ڪورٽ جي حڪومت ڪنهن سنگهه ڪيتر تائين وڌائي يا اُن تان ڪڍي سگهندي.

(٢) جتي راجيه جي هاءِ ڪورٽ ڪنهن سنگهه ڪيتر سنبنڌي حڪومت جو استعمال ڪري اُتي -

(اَ) هن سنوڌان ۾ ڇيل ڪجھ بہ اُن راڄيہ جي وڌان منڊل کي اُها حڪومت وڌائڻ، گھٽائڻ يا رد ڪرڻ جو اختيار ڏئي ٿو اَهڙو مطلب نہ ڪڍيو ويندو، ۽

(ب) اَنوڇيد ٢٢٧ ۾ راڄيپال جو نرديش اُن ڪيتر ۾ زيردست ڪورٽن لاءِ نيمن، نمونن يا جدولن سنبنڌي راشٽرپتيءَ ڏانهن نرديش سمجھيو ويندو.

## ٢٣١. ٻن يا وڌيڪ راڄين لاءِ هڪ ئي هاءِ ڪورٽ جي اسٿاپنا

(١) هن آڌياءَ جي اَڳہ ڏنل اُپبنڌن ۾ ڪنهن بہ ڳالھ جي باوجود، سنسد قاعدي دوارا ٻن يا وڌيڪ راڄين لاءِ يا ٻن يا وڌيڪ راڄين ۽ ڪنهن سنگھ ڪيتر لاءِ هڪ ئي هاءِ ڪورٽ اِسٿاپن ڪري سگھندي .

(٢) اَهڙيءَ ڪنهن هاءِ ڪورٽ سنبنڌي -

(اَ) اَنوڇيد ٢١٧ ۾ راڄيہ جي راڄيپال جو نرديش جن راڄين سنبنڌي هاءِ ڪورٽ حڪومت استعمال ڪري اُنهن سڀني راڄين جي راڄيپالن ڏانهن سمجھيو ويندو؛

(ب) اَنوڇيد ٢٢٧ ۾ راڄيپال جو نرديش زيردست ڪورٽن لاءِ نيمن، نمونن يا جدولن سنبنڌي، جنهن راڄيہ ۾ اُهي زيردست ڪورٽون آهن اُن راڄيہ جي راڄيپال ڏانهن سمجھيو ويندو، ۽

(پ) اَنوڇيد ٢١٩ ۽ ٢٢٩ ۾ راڄيہ جو نرديش، جنهن راڄيہ ۾ هاءِ ڪورٽ جو مکيہ استان آهي اُن راڄيہ ڏانهن سمجھيو ويندو :

بشرطيڪ جي اُهو مکيہ اِستان ڪنهن سنگھہ ڪيتر ۾ آهي تہ اَنوڇيد ٢١٩ ۽ ٢٢٩ ۾ راڄيپال، پبلڪ سروس ڪميشن، وڌان منڊل ۽ راڄيہ جي سنچت نڌيءَ جو نرديش سلسليوار راشٽرپتي، سنگھہ پبلڪ سروس ڪميشن، سنسد ۽ ڀارت جي سنچت نڌيءَ ڏانهن سمجھيو ويندو.

آڌياءُ ڇهون

# زيردست ڪورٽون

## ٢٣٣. ضلع ججن جي مقرري

(١) ڪنهن بہ راڄيہ ۾ ضلع ججن طريقي شخصن جي مقرري ۽ ضلع ججن جي تعيناتي ۽ ترقي راڄيہ جو راڄيپال اُن راڄيہ سنبنڌي حڪومت اِستعمال ڪندڙ هاءِ ڪورٽ

سان صلاح ڪري ڪندو.

(٢) اَگهر ڪو ڪي سنگهه يا راجيه جي شيوا ۾ نه هجي، اُهو شخص ضلع جج مقرر ٿيڻ لائق فقط تڏهن ٿيندو جڏهن هو گهٽ ۾ گهٽ ستن سالن لاءِ اَيڊووڪيٽ يا وڪيل رهيو هجي ۽ هاءِ ڪورٽ سندس مقرريءَ لاءِ سفارش ڪئي هجي.

## ٢٣٣. اَلف. ڪن ضلع ججن جي مقرري ۽ سندن ڏنل نهرائن وغيره جو جائز نهرائڻ

ڪنهن به ڪورٽ جي ڪنهن به نهراءَ، ڊڪريءَ يا حڪم جي باوجود،

(اَ) (ا) راجيه جي عدالتي شيوا ۾ اَگهر ڪي ڪنهن شخص جي، يا جيڪو شخص گهٽ ۾ گهٽ ست سال اَيڊووڪيٽ يا وڪيل ٿي رهيو هجي اُنجي، اُن راجيه ۾ ضلع جج طريقي مقرري، ۽

(٢) اَهڙي ڪنهن به شخص جي ضلع جج طريقي تئناتي، ترقي يا بدلي، جي سنوڌان (ويهون سڌارو) اَئڪٽ ١٩٦٦ جي شروعات کان اَڳ ٿيل، اَنوڇيد ٢٣٣ يا اَنوڇيد ٢٣٥ جي اُپبنڌن مطابق نه ٿيل، فقط ان حقيقت جي سبب ڪري ته اُها مقرري، تئناتي، ترقي يا بدلي اُنهن اُپبنڌن مطابق نه ٿي آهي، بي قاعدي يا رد ليکي نه ويندي يا ڪڏهن به بي قاعدي يا رد ٿي آهي اِئين ليکيو نه ويندو؛

(ب) ڪنهن به راجيه ۾ اَنوڇيد ٢٣٣ يا ٢٣٥ جي اُپبنڌن مطابق نه ٿيل، ڊسٽرڪٽ جج طريقي مقرر ٿيل، تئنات ٿيل، ترقي ٿيل يا بدلي ٿيل ڪنهن شخص دواران يا اُن جي اَڳيان سنوڌان (ويهون سڌارو) ائڪٽ ١٩٦٦ جي شروعات کان اَڳ ڪا به اِستعمال ڪيل حڪومت، پاس ڪيل يا ڏنل نهراءُ ، ڊڪري، سزا يا حڪم يا بيو ڪو ڪيل ڪاريه يا ڪيل ڪارروائي، فقط اِن حقيقت جي سبب ڪري، ته اُها مقرري، تئناتي، ترقي يا بدلي اُنهن اُپبنڌن مطابق نه ٿي آهي، بي قاعدي يا ناجائز نه ليکي ويندي يا ڪڏهن به بي قاعدي يا ناجائز ٿي آهي اِئين نه ليکيو ويندو.

## ٢٣٤. ضلع ججن کان سواءِ ٻين شخصن جي عدالتي شيوا ۾ ڀرتي

راجيه جي عدالتي شيوا ۾ ضلع ججن کانسواءِ ٻين شخصن جي مقرري راجيه جو راجيپال سندس هن خيال کان ناهيل نيمن مطابق راجيه پبلڪ سروس ڪميشن سان ۽ اُن راجيه سنبنڌي حڪومت استعمال ڪندڙ هاءِ ڪورٽ سان صلاح ڪرڻ بعد ڪندو.

## ٢٣٥. زيردست ڪورٽن تي ضابطو

ضلع ڪورٽن ۽ اُنهن جي زيردست ڪورٽن مٿان ضابطو، راجيہ جي عدالتي شيوا ۾ شخصن جي تئناتي ۽ ترقي ۽ ڪين موڪل ڏيڻ سميت هاءِ ڪورٽ ڪي سونپيل ٿيندو، پر هن اَنوڇيد ۾ ڇيل ڪنهن بہ ڳالهہ جو اِهو مطلب نہ ڪڍيو ويندو تہ اَهڙي ڪنهن شخص ڪي سندس شيوا جي شرطن ڪي نيمت ڪندڙ قاعدي هيٺ مليل ڪوبہ اَپيل ڪرڻ جو حق کسيو وڃي ٿو يا هاءِ ڪورٽ ڪي اَهڙي شخص سان اَهڙي قاعدي هيٺ نهرايل سندس نوڪريءَ ۾ شرطن کان ٻيءَ طرح ورتاءُ ڪرڻ جي اَختياري ڏني وڃي ٿي.

## ٢٣٦. اَرٿ

هن اَڌياءَ ۾ -

(اَ) محاوري ’ضلع جج‘ ۾ سٽي سول ڪورٽ جو جج، اَئڊيشنل ضلع جج، جائنٽ ضلع جج، اَسسٽنٽ ضلع جج، سمال ڪاز ڪورٽ جو مکيہ جج، چيف پريزيڊنسي مئجسٽريٽ، اَئڊيشنل چيف پريزيڊنسي مئجسٽريٽ، سيشن جج، اَئڊيشنل سيشن جج ۽ اَسسٽنٽ سيشن جج اَچي وڃن ٿا؛

(ب) محاوري ’عدالتي شيوا‘ جي معنيٰ فقط ضلع جج جو عهدو ۽ ضلع جج جي عهدي کان گهٽ ٻيا سول عدالتي عهدا پرڻ لاءِ شخصن جي ٺهيل شيوا آهي.

## ٢٣٧. مئجسٽريٽن جي ڪنهن ورگ يا ورگن سان هن اَڌياءَ جي اُپبنڌن جو لاڳو ڪرڻ

راجيپال عام ظاهر نامي دواران هدايت ڪري سگهندو تہ هن اَڌياءَ جا اَڳہ ڏنل اُپبنڌ ۽ اُنهن هيٺ ٺهيل ڪي بہ نيم سندس هن خيال کان مقرر ڪيل تاريخ کان مئجسٽريٽن جي ڪنهن بہ ورگ يا ورگن سنبنڌي راجين ۾ ظاهر نامي ۾ ڄاڻايا وڃن اَهڙين علحدگين ۽ ڦيرقارين جي اَڌين اِئين لاڳو پوندا جيئن اُهي راجيہ جي عدالتي شيوا ۾ مقرر ٿيل شخصن سنبنڌي لاڳو پون ٿا.

(اَ) سنگھ ڪيتر لاءِ وڏان منڊل طريقي ڪرتب ڪرڻ لاءِ هڪ سنسٿا، جا چونڊيل يا ڪجھ ناڦيل ۽ ڪجھ چونڊيل هجي، يا

(ب) منتري پريشد،

يا ٻئي رَچي سگھندي، هرهڪ حالت ۾ اَهڙي جوڙجڪ، اَختيارن ۽ ڪرتبن سان جي اُن قاعدي ۾ ڄاڻايل هجن.

(٢) فقري (ا) ۾ نرديش ڪيل اَهڙو ڪو بہ قاعدو اَنوڇيد ٣٦٨ جي پريوجن لاءِ هن سنوڌان جو سڌارو ليکيو نہ ويندو باوجود اِنجي تہ اُن ۾ اَهڙو ڪو اُپبنڌ هجي جيڪو هن سنوڌان کي سُڌاري يا سڌارڻ جو اَثر ڪري.

## ٢٣٩.اَلف. اَلف . دهليءَ لاءِ خاص اُپبنڌ

(ا) سنوڌان (سڌارو اُٺهتر) ائڪٽ ١٩٩١ جي شروع کان دهلي سنگھ راجيہ ڪيتر کي، دهلي راشٽريہ راڄڌاني راجيہ ڪيتر (جنهن کي هن ڀاڱي ۾ هن کان پوءِ راشٽريہ راڄڌاني راجيہ ڪيتر چيو ويو آهي) سڏيو ويندو ۽ اَنوڇيد ٢٣٩ هيٺ مقرر ٿيل ان جي اَئڊمنسٽريٽر جي عهدي جو نالو اُپ راجيہ پال ٿيندو.

(٢) (اَ) راشٽريہ راڄڌاني راجيہ ڪيتر لاءِ هڪ وڏان سڀا ٿيندي ۽ اهڙيءَ وڏان سڀا ۾ جايون راشٽريہ راڄڌاني راجيہ ڪيتر ۾ ملڪي چونڊ تڪن مان سڌي چونڊ دواران چونڊيل ميمبرن سان ڀريون وينديون؛

(ب) وڏان سڀا ۾ جاين جي ڪل سنکيا، اَنوسوچت جاتين لاءِ محفوظ رکيل جاين جي سنکيا، راشٽريہ راڄڌاني راجيہ ڪيتر جي ملڪي چونڊ تڪن ۾ وراهست (اهڙي وراهست جي آڌار سميت) ۽ وڏان سڀا جي ڪاريہ ڪرڻ سنبنڌي سڀ ٻين بابتن کي سنسد دواران ٺهيل قاعدي سان نيمت ڪيو ويندو؛

(پ) اَنوڇيد ٣٢٤ کان ٣٢٧ ۽ انوڇيد ٣٢٩ جا اُپبنڌ راشٽريہ راڄڌاني راجيہ ڪيتر، راشٽريہ راڄڌاني راجيہ ڪيتر جي وڏان سڀا ۽ اُنهن جي ميمبرن جي سنبنڌ ۾ ائين لاڳو پوندا جيئن اُهي ڪنهن راجيہ، ڪنهن راجيہ جي وڏان سڀا ۽ اُن جي ميمبرن جي سنبنڌ ۾ لاڳو پوندا آهن ۽ اَنوڇيد ٣٢٦ ۽ ٣٢٩ ۾ 'مناسب وڏان منڊل' ڏانهن ڪيل نرديش ائين سمجھيو ويندو تہ سنسد ڏانهن ڪيل آهي.

(٣) (اَ) هن سنوڌان جي اُپبندن جي آڌين رهندي، وڌان سڀا کي راجيہ ياداشت جي داخلا ا، داخلا ٢ ۽ داخلا ١٨ مان ۽ ان ياداشت جي داخلا ٦٤، ٦٥، ۽ ٦٦ مان جيستائين اُنهن جو واسطو مٿي چيل داخلا ا، داخلا ٢ ۽ داخلا ١٨ سان آهي واسطيدار بابتن کي ڇڏي، راجيہ ياداشت ۾ يا گڏيل ياداشت ۾ ڳڻايل ڪنهن بہ بابت جي سنبند ۾ جيتري قدر اهڙي ڪائي بابت سنگھ راجيہ کيترن سان لاڳو آهي، سموري راشٽريہ راجڌاني راجيہ کيتر يا ان جي ڪنهن ڀاڱي لاءِ قاعدو ٺاهڻ جو اختيار رهندو؛

(ب) پيٽي فقري (اَ) ۾ چيل ڪنهن بہ ڳالھ سبب سنگھ راجيہ کيتر يا اُنجي ڪنهن ڀاڱي لاءِ ڪنهن بہ بابت جي سنبند ۾ هن سنوڌان هيٺ سنسد جي قاعدا ٺاهڻ جا اختيار گهٽ نہ ٿيندا؛

(پ) جيڪڏهن وڌان سڀا دواران ڪنهن بابت جي سنبند ۾ ٺاهيل قاعدي جو ڪوئي اُپبند، سنسد دواران اُن بابت جي سنبند ۾ ٺاهيل قاعدي جي، چاهي اُهو وڌان سڀا دواران ٺاهيل قاعدي کان اول يا پوءِ پاس ڪيو ويو هجي، يا ڪنهن اول ٺاهيل قاعدي جي جيڪو وڌان سڀا دواران ٺاهيل قاعدي کان ڦريل آهي، ڪنهن اُپبند جي ورڌ آهي تہ، ٻنهي حالتن ۾، حالت موجب، سنسد دواران ٺاهيل قاعدو يا اهڙو اول ٺاهيل قاعدو بحال ٿيندو ۽ وڌان سڀا دواران ٺاهيل قاعدو جيتري قدر ورڌ آهي اوتري قدر رد رهندو :

بشرطيڪ وڌان سڀا دواران ٺاهيل اهڙو ڪو بہ قاعدو جيڪڏهن راشٽرپتيءَ جي ويچار لاءِ محفوظ رکيو ويو آهي ۽ ان تي اُن جي منظوري ملي وئي آهي تہ اهڙو قاعدو راشٽريہ راجڌاني راجيہ کيتر ۾ بحال رهندو :

وڌيڪ بشرطيڪ تہ اُن پيٽي فقري جي ڪابہ ڳالھ، سنسد کي ساڳيءَ بابت جي سنبند ۾ ڪنهن بہ وقت ڪو بہ قاعدو جيڪو وڌان سڀا دواران ٺاهيل ان قسم جي قاعدي کي وڌائي، سڌاري ڦيرائي يا رد ڪري ٿو، ٺاهڻ کان نہ روڪيندي.

(٤) جن ڳالهين ۾ ڪنهن قاعدي دواران يا قاعدي هيٺ اُپ راجيپال کان اها اميد ڪئي ٿي وڃي تہ هو پنهنجي وويڪ انوساز ڪاريہ ڪري اُنهن ڳالهين کي ڇڏي، اُپ راجيپال کي انهن بابتن جي سنبندِ ۾ جن جي باري ۾ وڌان سڀا کي قاعدو ٺاهڻ جو اختيار آهي، پنهنجي ڪرتبن کي استعمال ڪرڻ ۾ سهايتا ۽ صلاح ڏيڻ لاءِ منتري پريشد هوندي جيڪا وڌان منڊل جي ڪل ميمبرن جي سنکيا جي ڏھ سيڪڙي کان

وڌيڪ نہ، ميمبرن مان تهندي، جنهن جو وڏو مکيہ منتري ٿيندو :

بشرطيڪ اُپ راجيپال ۽ سندس منترين وچ ۾ ڪنهن بابت تي متڀيد جي حالت ۾ اُپ راجيپال اُن کي راشٽرپتيءَ ڏانهن فيصلي لاءِ موڪليندو ۽ راشٽرپتيءَ دوران ان تي ڪيل فيصلي موجب ڪاريہ ڪندو ۽ اهڙو فيصلو ٿيڻ تائين اُپ راجيپال ڪنهن اهڙي معاملي ۾، جتي اهو معاملو سندس راءِ ۾ ايترو ضروري آهي جنهن لاءِ ترت ڪارروائي ڪرڻ هن لاءِ ضروري آهي اُتي اُن بابت ۾ اهڙي ڪارروائي ڪرڻ يا اهڙي هدايت ڏيڻ لاءِ جيڪا هو ضروري سمجهي، سمرٿ هوندو.

(۵) مکيہ منتري راشٽرپتي مقرر ڪندو ۽ ٻيا منتري هو مکيہ منتريءَ جي صلاح سان مقرر ڪندو ۽ سڀ منتري راشٽرپتيءِ جي راضپي تائين عهدو سنڀاليندا.

(٦) منتري پريشد وڏان سڀا ڏانهن گڏيل نموني جوابدار ٿيندي.

(٧) (اَ) سنسد قاعدي دوران اُپبند ڪري مٿي چيل اُپبندن کي اثردار ڪرڻ لاءِ يا اُنهن جي پورتي ڪرڻ لاءِ پرسنگڪ يا پريڻامڪ سيني بابتن لاءِ قاعدي دوران، اُپبند ڪري سگهندي يا اُنهن جي پورڪ ۽ پريڻامڪ سيني بابتن کي بہ اُن ۾ جوڙي سگهندي؛

(ب) ڪو بہ اهڙو قاعدو جنهن جو پيٽي فقري (اَ) ۾ ذڪر ڪيل آهي اَنوڇيد ٣٦٨ جي پريوجن لاءِ هن سنوڌان جو سڌارو نہ سمجهيو ويندو باوجود ان جي تہ ان ۾ ڪو اهڙو اُپبند آهي جيڪو هن سنوڌان جو سڌارو ڪري ٿو يا سڌارو ڪرڻ جو اثر رکي ٿو.

(٨) اُنوڇيد ٢٣٩ (ب) جا اُپبند جيستائين ٿي سگهي راشٽريہ راجڌاني راجيہ کيتر، اُپُ راجيپال ۽ وڌان سڀا جي سنبند ۾ ائين لاڳو پوندا جيئن اهي پانڊيچري سنگهہ راجيہ کيتر، اَيڊمنسٽريٽر ۽ ان جي وڌان منڊل جي سنبند ۾ لاڳو ٿين ٿا، ۽ اُن اَنوڇيد ۾ ’اَنوڇيد ٢٣٩. (اَ) جي فقري (١)‘ ڏانهن نرديش جي باري ۾ ائين سمجهيو ويندو تہ اُهو، حالت انوسار، هن انوڇيد يا انوڇيد ٢٣٩ الف ب ڏانهن نرديش آهي.

## ٢٣٩. اَلف.ب سنوڌانڪ تنتر ناڪام پوڻ جي حالت لاءِ اُپٻنڌ

جيڪڏهن راشٽرپتيءَ کي اُپ راجيپال جي موڪليل رپورٽ جي آڌار تي يا ائين خاطري ٿئي تہ-

(اَ) اهڙي حالت پئدا ٿي ويئي آهي جو راشٽريہ راڄڌاني راڄيہ کيتر جو ڪاروبار انوڇيد ٢٣٩ اَلف. اَلف يا اُن اَنوڇيد هيٺ جوڙيل ڪنهن قاعدي انوسار نہ ٿو هلائي سگهجي، يا

(ب) راشٽريہ راڄڌاني راڄيہ‌کيتر جي مناسب ڪاروبار لاءِ ائين ڪرڻ ضروري يا صلاح پريو آهي،

تہ راشٽرپتي حڪم دوارا‌ن انوڇيد ٢٣٩ الف. الف جي ڪنهن بہ اُپٻنڌ يا ان انوڇيد جي پيرويءَ ۾ ٺاهيل ڪنهن بہ قاعدي جي سيني اُپٻنڌن يا ڪن اُپٻنڌن جي عمل کي اهڙي مدي لاءِ ۽ اَهڙن شرطن هيٺ، جيڪي اهڙي قاعدي ۾ نروار ڪيا وڃن، مهمل ڪري سگهندو ۽ اهڙا پرسنگڪ ۽ پريڻامڪ اُپٻنڌ ڪري سگهندو جيڪي اَنوڇيد ٢٣٩ ۽ ٢٣٩ الف. اَلف جي اُپٻنڌن اَنوسار راشٽريہ راڄڌاني راڄيہ کيتر جي ڪاروبار لاءِ هن کي ضروري يا صلاح پريا لڳن.

(سنوڌان (سڌارو اُٺهتر) ائڪٽ ١٩٩١ جي قلم ٢ دواران (٢١ ڊسمبر ١٩٩١ کان) انوڇيد ٢٣٩ الف. الف ۽ انوڇيد ٢٣٩ الف. ب درج ڪيا ويا.)

(سنوڌان (سڌارو ستر) ائڪٽ، ١٩٩٢ جي قلم ٣ دواران (١٢ آگسٽ ١٩٩٢ کان) انوڇيد ٢٣٩ الف. الف جي فقري (٧) ۾ پيٽي فقرو ب درج ڪيو ويو.)

## ٢٣٩.ب. وڌان منڊل جي رسيس درميان آرڊيننس جاري ڪرڻ جو اَئڊمنسٽريٽر جو اَختيار

(١) جي ڪنهن بہ وقت، سواءِ جڏهن پانڊيچري سنگھ کيتر جي وڌان منڊل جو اجلاس چالو آهي، ائڊمنسٽريٽر کي خاطري ٿئي تہ اَهڙيون حالتون آهن جن ۾ جلدي قدم کڻڻ هن لاءِ ضروري آهي تہ هو اَهڙا آرڊيننس جاري ڪري سگهندو جي ڪيس حالتن پٽاندڙ ضروري لڳن :

بشرطيڪ اَئڊمنسٽريٽر ڪو بہ اَهڙو آرڊيننس هن باري ۾ راشٽرپتيءَ کان هدايتون

وٺڻ کان پوءِ ئي جاري ڪري سگهندو؛

وڌيڪ بشرطيڪ جڏهن بہ اُهو وڏان منڊل برخاست ٿيل هجي يا اَنوڇيد ٢٣٩ اَلف جي فقري (١) ۾ نرديش ڪيل ڪنهن قاعدي هيٺ ڪنيل ڪنهن قدم سبب اُن جو ڪاريہ ڪرڻ معطل رهيو هجي تہ اَئڊمنسٽريٽر اُهڙي برخاستگي يا معطليءَ جي مدت درميان ڪو بہ آرڊيننس جاري نہ ڪندو.

(گوئا، ڊمڻ، ڊيو ري آرگنائيزيشن ائڪٽ ١٩٨٧ (١٩٨٧ جو ١٨) قلم ٦٣ دواران (٣٠ ميءَ ١٩٨٧ کان) سڌاريل)

(٢) راشٽرپتيءَ جي هدايتن جي پيرويءَ ۾ هن اَنوڇيد هيٺ جاري ڪيل آرڊيننس سنگھ کيتر جي وڏان منڊل جو اُهڙو قاعدو ليکيو ويندو جو اَنوڇيد ٢٣٩ - اَلف جي فقري (١) ۾ جاڙايل قاعدي ۾ هن خيال کان درج ڪيل اُپبنڌن جو عمل ڪرڻ کانپوءِ برابر گهڙيو ويو هجي پر اُهڙو هرڪو آرڊيننس-

(اَ) سنگھ کيتر جي وڏان منڊل جي اَڳيان پيش ڪيو ويندو ۽ وڏان منڊل جي وري گڏجڻ کان ڇهہ هفتا پوري ٿيڻ تي، يا جي اُها مدت پوري ٿيڻ کان اَڳ وڏان منڊل اُن کي ناقبول ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ڪري تہ اُهڙو ٺهراءُ پاس ٿيڻ تي، عمل ۾ هئڻ بند ٿيندو؛ ۽

(ب) اَئڊمنسٽريٽر اُن باري ۾ راشٽرپتيءَ جون هدايتون وٺڻ کان پوءِ ڪنهن بہ وقت واپس وٺي سگهندو.

(٣) جي ۽ جيتري قدر هن اَنوڇيد هيٺ آرڊيننس اُهڙو ڪو اُپبنڌ ڪري جيڪو اَنوڇيد ٢٣٩ - اَلف جي فقري (١) ۾ نرديش ڪيل ڪنهن قاعدي ۾ هن خيال کان درج ڪيل اُپبنڌن جو عمل ڪرڻ کان پوءِ سنگھ کيتر جي وڏان منڊل جي ٺاهيل قاعدي ۾ جائز نہ هجي تہ اُهو اوتري قدر رد ٿيندو.

## ٢٤٠. راشٽرپتيءَ جو ڪن سنگھ کيترن لاءِ ونيم گهڙڻ جو اَختيار

(١) راشٽرپتي هيٺين سنگھ کيترن جي شانتي، اُنتي ۽ سُٺي حڪومت لاءِ و نيم گهڙي سگهندو-

(اَ) اَنڊمان ۽ نڪوبار ٻيٽ؛

(ب) لڪشديپ؛

(ٻ) دادرا ۽ نگر حويلي،

(پ) دمڻ ۽ ديو،

(ڀ) پانديچري؛

بشرطيڪ جي آنوڇيد ٢٣٩ الف هيٺ پانديچري سنگھ کيتر لاءِ وڌان منڊل طريقي ڪاريہ ڪرڻ لاءِ ڪا سنسٿا رچي ويئي هجي تہ راشٽرپتي وڌان منڊل جي پهرينءَ بئٺڪ لاءِ مقرر ڪيل تاريخ کان اُن سنگھ کيتر جي شانتي، اُنتي ۽ سنيءَ حڪومت لاءِ ڪو بہ ونيم نہ گهڙيندو :

وڌيڪ بشرطيڪ جڏهين بہ پانديچري سنگھ کيتر لاءِ وڌان منڊل طريقي ڪاريہ ڪندڙ سنسٿا برخاست ٿئي، يا آنوڇيد ٢٣٩ الف جي فقري (١) ۾ نرديش ڪيل ڪنهن قاعدي هيٺ ڪنيل ڪنهن قدم سبب اُن سنسٿا جو وڌان منڊل طريقي ڪاريہ ڪرڻ مهمل رهي، تہ راشٽرپتي، اُن برخاستگي يا مهمليءَ جي مُدت درميان، اُن سنگھ کيتر جي شانتي، اُنتي ۽ سنيءَ حڪومت لاءِ ونيم گهڙي سگهندو.

(گوئا، دمڻ ۽ ديو ري آرگنائيزيشن ائڪٽ، ١٩٨٧ (١٩٨٧ جو ١٨) جي قلم ٦٣ دوران (٣٠ ميءَ ١٩٨٧ کان) پيٽي فقري 'ٻ' ذڪر ڪيل لفظ 'گوئا' ڇڏي ڏنا ويا).

(اسٽيٽ آف مزورم ائڪٽ، ١٩٨٦ (١٩٨٦ جو ٣٤) قلم ٣٩ دوران (٢٠ فبروري ١٩٨٧ کان) پيٽي فقري 'ٿ' ذڪر ڪيل لفظ 'مزورم' ڇڏي ڏنا ويا).

(اسٽيٽ آف اروڻاچل پرديش ائڪٽ، ١٩٨٦ (١٩٨٦ جو ٦٩) قلم ٤٢ دوران (٢٠ فبروري ١٩٨٧ کان) پيٽي فقري 'ٿ' مان لفظ 'اروڻاچل پرديش' ڇڏي ڏنا ويا).

(گوئا، دمڻ ۽ ديو ري آرگنائيزيشن ائڪٽ ١٩٨٧ (١٩٨٧ جو ١٨) جي قلم ٦٣ دوران (٣٠ ميءَ ١٩٨٧ کان) پرنتوڪ ۽ وڌيڪ پرنتوڪ ۾ ذڪر ڪيل لفظ 'سنگھ کيتر گوئا، دمڻ ۽ ديو يا پانديچري' جي بدران 'پانديچري' لفظ درج ڪيا ويا).

(اسٽيٽ آف اروڻاچل پرديش ائڪٽ، ١٩٨٦ (١٩٨٦ جو ٦٩) جي قلم ٤٢ دوران (٢٠ فبروري ١٩٨٧ کان) پرنتوڪ ۽ وڌيڪ پرنتوڪ ۾ ذڪر ڪيل لفظ 'پانديچري يا اروڻاچل' جي بدران لفظ 'پانديچري' درج ڪيا ويا.)

(اسٽيٽ آف مزورم ائڪٽ، ١٩٨٦ (١٩٨٦ جو ٣٤) جي ڪلم ٣٩ دوران (٢٠ فبروري ١٩٨٧ کان) پرنتوڪ ۽ وڌيڪ پرنتوڪ ۾ ذڪر ڪيل لفظ 'مزورم' ڇڏي ڏنا ويا.)

(٢) اهڙي نموني گهڙيل ڪو بہ ونيم سنسد جي ٺاهيل ڪنهن بہ قاعدي يا سنگھ ڪيتر سان اُن وقت لاڳو ٿيڻ ڪنهن بہ قاعدي کي رد ڪري يا سڌاري سگهندو، ۽ راشٽرپتيءَ دوران جاري ٿيڻ تي، اُن ڪيتر سان لاڳو سنسد جي ڪنهن قاعدي جيترو ٿي اُن جو عمل ۽ اَثر رهندو.

## ٢٤١. سنگھ ڪيترن لاءِ هاءِ ڪورٽون

(١) سنسد قاعدي دوران سنگھ ڪيتر لاءِ هاءِ ڪورٽ جوڙي سگهندي يا اهڙي ڪنهن ڪيتر ۾ ڪنهن ڪورٽ کي هن سنوڌان جي سيني يا ڪن پريوجنن لاءِ هاءِ ڪورٽ ظاهر ڪري سگهندي.

(٢) فقري (١) ۾ نرديش ڪيل هرڪنهن هاءِ ڪورٽ سنبنڌي ڀاڱہ ڇهين جي اَڌياءَ پنجين جا اُپبند اِئين لاڳو پوندا جيئن اُهي انوڇيد ٢١٤ ۾ نرديش ڪيل ڪنهن هاءِ ڪورٽ سنبنڌي لاڳو پون ٿا اهڙين ڦيرڦارين يا اَپوادن جي اَڌين جن جو سنسد قاعدي دوران پربنڌ ڪري.

(٣) هن سنوڌان جي اُپبندن جي ۽ هن سنوڌان دوران يا هيٺ يوڳيہ وڌان منڊل کي بخشيل اَختيارن جي آڌار تي اُن وڌان منڊل جي ٺاهيل ڪنهن قاعدي جي اُپبندن جي اَڌين، سنوڌان (ستون سڌارو) ائڪٽ ١٩٥٦ جي شروعات کان يڪدم اَڳ اُن ڪيتر سنبنڌي حڪومت استعمال ڪندڙ هرڪا هاءِ ڪورٽ اَهڙي شروعات کان پوءِ اُن ڪيتر سنبنڌي اَهڙي حڪومت استعمال ڪرڻ چالوُ رکندي.

(٤) هن اَنوڇيد ۾ ڇيل ڪجهہ بہ ڪنهن راجيہ جي هاءِ ڪورٽ جي حڪومت ڪنهن بہ سنگھ ڪيتر يا اُنجي حصي تي وڌائڻ يا اُن تان هٽائڻ جي سنسد جي اَختيار کي اثر نہ ٿو ڪري.

٢٤٢. x x x x

باب نائون

# پنچائتون

## ٢٤٣. وياکيائون

هن ياڱہ ۾ مضمون ٻئي نموني تقاضا نہ ڪري تہ-

(اَ) 'ضلع' معنيٰ ڪنهن راڄيہ ۾ ڪو ضلع؛

(ب) گرام سڀا معنيٰ سنستا اُنهن ماڻهن جي جن جا نالا داخل آهن ووٽرن جي اُن يادداشت ۾ جيڪا واسطو رکندڙ آهي هڪ ڳوٺ سان، جيڪو ڳوٺ جي سطح تي، پنچائت ڪيتر اندر سمايل آهي؛

(ڀ) 'وچولو سطح' معنيٰ ڳوٺ ۽ ضلع جي وچ ۾ اهو سطح جيڪو راڄيپال عام اطلاع دواران هن ياڱہ جي پريوجن لاءِ وچولو سطح نروار ڪيو هجي؛

(پ) 'پنچائت' معنيٰ خود حڪومت جي هڪ سنستا (ڪهڙي بہ نالي سان سڏجي) جيڪا آنوچيد ٢٤٣ (ب) هيٺ ديهاتي ايراضين لاءِ جوڙي ويئي هجي؛

(ٻ) 'پنچائت ايراضي' معنيٰ هڪ پنچائت جو ملڪي ڪيتر؛

(ت) 'آدمشماري' معنيٰ اُها آدمشماري جيڪا نشچت ڪئي ويئي آهي اُن اڳين آخرين جن ڳڻنا دواران جنهن جا انگہ شايع ڪيا ويا آهن؛

(ٿ) 'ڳوٺ' معنيٰ ڳوٺ جيڪو راڄيپال عام اطلاع دواران هن ياڱہ جي پريوجن لاءِ ڳوٺ ڪري نروار ڪيو آهي ۽ ان ۾ ڳوٺن جو جُهنڊ يا ميڙ بہ اَچي ويندو جي ائين نروار ڪيو ويو آهي.

## ٢٤٣.اَلف. گرام سڀا

گرام سڀا ڳوٺ جي سطح تي اُهي اختيار استعمال ڪندي ۽ اهي ڪرتب ڪندي جيئن راڄيہ جو وڌان منڊل قاعدي دواران اُپبنڌ ڪري.

## ٢٤٣.ب. پنچائتن جو جوڙڻ

(ا) هرهڪ راڄيہ ۾ هن ياڱہ جي اُپبنڌن اَنوسار ڳوٺ، وچولي ۽ ضلع سطح تي پنچائتون جوڙيون وينديون.

(اَ) ڳوٺ جي سطح واري پنچائت جو انهيءَ نموني چونڊيو ويندو جئن راڄيه جي وڌان سڀا قاعدي دوارا، اُپبند ڪري ؛ ۽

(ب) وچولي سطح يا ضلع سطح جي پنچائت جو اُن جي چونڊيل عيوضين دوارا ۽ پاڻ مان چونڊيو ويندو.

## ٢٤٣.پ. جاين جي محفوظگي

(١) جايون محفوظ رکيون وينديون-

(اَ) اَنوسوچت جاتين لاءِ ۽

(ب) اَنوسوچت جن جاتين لاءِ،

هرڪنهن پنچائت ۾ ۽ اهڙيءَ ريت محفوظ رکيل جاين جي سنکيا ۽ پنچائت ۾ سڌي چونڊ دوارا پرجندڙ جاين جي سنکيا وچ۾ پرماڻ لڳ ڀڳ ان پرماڻ برابر هوندو جيڪو ان پنچائت کيتر جي ڪل آدمشماريءَ ۽ انوسوچت جاتين يا انوسوچت جن جاتين جي آدمشماريءَ وچ۾ هوندو ۽ اُهي جايون اَلڳ الڳ تڪن ۾ واري سان ورڇيون وينديون.

(٢) فقري (١) هيٺ محفوظ رکيل جاين جي سنکيا جي ٽئين حصي کان گهٽ نہ، اَنوسوچت جاتين يا حالت اَنوسار اَنوسوچت جن جاتين جي زالن لاءِ محفوظ رکيون وينديون.

(٣) هرڪنهن پنچائت ۾ سڌي چونڊ دوارا پرجندڙ ڪُلُ جاين جي سنکيا جي ٽئين حصي کان گهٽ نہ (جنهن ۾ اَنوسوچت جاتين ۽ انوسوچت جن جاتين جي زالن لاءِ محفوظ رکيل جايون شامل آهن ) جايون زالن لاءِ محفوظ رکيون وينديون ۽ اُهي جايون اَلڳ اَلڳ ملڪي تڪن ۾ واري سان ورڇيون وينديون.

(٤) پنچائتن جي سڀاپتين جا عهدا ڳوٺ يا ٻئي ڪنهن بہ سطح تي اَنوسوچت جاتين، اَنوسوچت جن جاتين ۽ زالن لاءِ اَهڙي نموني محفوظ رکيا ويندا جيئن ان راڄيه جو وڌان منڊل، قاعدي دوارا، اُپبند ڪري:

بشرطيڪ ڪنهن بہ راڄيه ۾ سڀاپتي عهدي لاءِ اَنوسوچت جاتين ۽ اَنوسوچت جن جاتين لاءِ هر ڪنهن سطح جي پنچائتن ۾ محفوظ رکيل جاين جي سنکيا ۽ اهڙن عهدن لاءِ هر سطح تي پنچائتن ۾ ڪُلُ سنکيا جي وچ۾ پرماڻ اهو هوندو جيڪو راڄيه جي اَنوسوچت جاتين يا اَنوسوچت جن جاتين جي سنکيا ۽ راڄيه جي ڪُلُ آدمشماريءَ وچ۾ هوندو؛

وڌيڪ بشرطيڪ تہ هر سطح تي پنچائتن جي سڀاپتين جي عهدي جي ڪُل سنکيا جي ٽئين حصي کان گهٽ سنکيا نہ، اوتري زالن لاءِ محفوظ رهندي. اهو بہ بشرطيڪ تہ هن فقري هيٺ محفوظ رکيل جايون واري سان اَلڳہ اَلڳہ پنچائتن ۾ ورهايون وينديون.

(۵) فقري (١) ۽ (٢) هيٺ جاين جي محفوظگي ۽ فقري (۴) هيٺ سڀاپتي عهدن جي محفوظگي (سواءِ زالن لاءِ ڪيل محفوظگيءَ جي) اُنوڇيد ٣٣۴ ۾ ڄاڻايل مدي کان پوءِ اَثر ۾ نہ رهندي.

(٦) هن ڀاڱہ ۾ ڇيل ڪجھ بہ راجيہ جي وڌان منڊل کي پنتي پيل ورگن جي ناگرڪن لاءِ ڪنهن بہ پنچائت ۾ يا اُنهن جي سڀاپتي عهدن جي جاين ۾ محفوظگيءَ لاءِ ڪو بہ اُپبنڌ ڪرڻ کان نہ روڪيندو.

## ٢۴٣.پ. پنچائتن وغيره جو مدو

(١) هرڪا پنچائت، جيڪڏهن عمل ۾ موجود ڪنهن بہ قاعدي هيٺ اول برخاست نہ ڪئي ويئي تہ، پنهنجي پهرينءَ بيٺڪ جي تاريخ کان پنجن سالن لاءِ قائم رهندي ۽ اُن کان وڌيڪ وقت لاءِ نہ.

(٢) عمل ۾ موجود ڪنهن بہ قاعدي ۾ ڪيل ڪنهن بہ سڌاري جو اَثر اهو نہ ٿيندو تہ اهو ان سڌاري جي عمل ۾ اچڻ کان اڳ ڪاريہ ڪندڙ ڪنهن بہ سطح جي پنچائت جي، فقري (١) ۾ ڄاڻايل مدي پوري ٿيڻ کان اَڳہ، برخاستگيءَ جو ڪارڻ ٿئي.

(٣) پنچائت جوڙڻ لاءِ چونڊون مڪمل ڪيون وينديون -

(اَ) فقري (١) ۾ ڄاڻايل مدو پوري ٿيڻ کان اَڳہ؛

(ب) برخاستگيءَ جي تاريخ کان ڇهن مهنن جو مدو پوري ٿيڻ کان اَڳہ؛

بشرطيڪ جتي برخاست ڪيل پنچائت جو باقي بچيل مدو، جي پنچائت هلندي هجي ها تہ، ڇهن مهنن کان گهٽ آهي، تہ، اهو ضروري نہ ٿيندو تہ هن فقري هيٺ اِن مدي لاءِ اُن کي جوڙڻ لاءِ چونڊون ڪرايون وڃن.

(۴) پنچائت جيڪا برخاستگيءَ کان پوءِ مدو پوري ٿيڻ کان اَڳہ جوڙي ويئي آهي، اوتري مدي لاءِ هلندي رهندي جيتري لاءِ اها پنچائت، جيڪڏهن برخاست نہ ڪئي وڃي ها تہ، فقري (١) هيٺ هلندي رهي ها.

(ب) اُپبند ڪري سگھي ٿو پنچائتن کي راڄيہ جي سنڇت نڌيءَ مان اهڙيون مددي گرانٽون ميسر ڪرڻ لاءِ؛ ۽

(پ) اُپبند ڪري سگھي ٿو ڪي اهڙيون نڌيون رچڻ لاءِ جن ۾ پنچائتن دوارا يا پنچائتن پاران مليل رقمون جمع ڪيون وڃن ۽ اُنهن مان ڪڍيون پڻ وڃن، جيئن قاعدي ۾ نروار ڪيل هجي.

## ٢٤٣.ٿ. مالي حالت تي وري نظر وجهڻ لاءِ مالي ڪميشن جوڙڻ

(١) راڄيہ جو راڄيپال، سنوڌان (سڌارو تيهتر ) ائڪٽ ١٩٩٢ جي چالو ٿيڻ کان پوءِ جيترو جلد ٿي سگھي، هڪ سال اَندر، ۽ اُن کان پوءِ هر پنجون سال پوري ٿيڻ تي، مالي ڪميشن جوڙيندو جيڪا پنچائتن جي مالي حالت تي وري نظر وجھندي ۽ راڄيپال کي سفارشون ڪندي ان لاءِ تہ -

(اَ) سڌانت جيڪي ٿيڻ کپن،

(i) هن ڀاڱہ انوسار پنچائتن ۽ راڄيہ وچ ۾ ورڇڻ صافي وصوليون راڄيہ دوارا مڙهي سگھڻ جوڳين ڍلن، محصولن، چونگين ۽ فين جون ۽ اهڙيءَ اُپت جي سڀني سطحن جي پنچائتن وچ ۾ واسطيدار حصي جي وراهست لاءِ؛

(ii) طئہ ڪرڻ لاءِ اُهي ڍلون، محصول، چونگيون ۽ فيون جيڪي پنچائتن کي سونپيون وڃن يا جيڪي اُهي پنهنجي ڪم لائن؛

(iii) پنچائتن کي راڄيہ جي سنڇت نڌيءَ مان مددي گرانٽون ڏيڻ لاءِ؛

(ب) پنچائتن جي مالي حالت ۾ سڌارو آڻڻ لاءِ گھربل اُپاءَ؛

(پ) پنچائتن جي فائدي ۾ سندن سالم مالي حالت لاءِ ٻيون بابتون جن جو راڄيپال مالي ڪميشن کي نرديش ڪري.

(٢) راڄيہ جو وڌان منڊل، قاعدي دوارا، ڪميشن جي رچنا، ان جي ميمبرن جي مقرريءَ لاءِ گھربل ضروري لياقتون ۽ انهن کي چونڊي ڪڍڻ جي طريقي لاءِ اُپبند ڪري سگھي ٿو.

(٣) ڪميشن پنهنجو سرشتو خود طئہ ڪندي ۽ پنهنجا ڪرتب ڪرڻ لاءِ کيس اُهي اختيار هوندا جيڪي راڄيہ جو وڌان منڊل، قاعدي دوارا، کيس بخشي.

(٤) راڄيپال، ڪميشن جي هن اَنوڇيد هيٺ ڪيل هر سفارش ۽ ان تي ڪيل ڪارروائي جي سمجھاڻيءَ واري ياداشت سميت، راڄيہ جي وڌان منڊل اڳيان رکائيندو.

## ٢٤٣.ٽ. پنچائت جي ليکن جي آڊٽ

راجيہ جو وڌان منڊل، قاعدي دوارا، پنچائتن جا ليکا رکڻ ۽ اُنهن جي آڊٽ بابت اُپبنڌ ڪري سگهندو.

## ٢٤٣.ڪ. پنچائتن لاءِ چونڊون

(١)پنچائتن جون سڀ چونڊون ڪرائڻ لاءِ ووٽرن جي ياداشت تيار ڪرڻ جي ڪاريہ جي نظرداني، هدايت ۽ ظابطي جو ڪاريہ راجيہ جي چونڊ ڪميشن جي حوالي هوندو جنهن ۾ راجيپال دوارا مقرر ڪيل راجيہ چونڊ ڪمشنر هوندو.

(٢) راجيہ وڌان منڊل دوارا ٺاهيل ڪنهن بہ قاعدي جي آڌين، راجيہ چونڊ ڪمشنر جي نوڪريءَ جا شرط ۽ عهدي جو مدو اُهي ٿيندا جيڪي راجيپال نيم دوارا طئہ ڪري :

بشرطيڪ راجيہ چونڊ ڪمشنر کي سندس عهدي تان هٽايو نہ ويندو سواءِ ان طريقي ۽ انهن ڪارڻن جي آڌار تي جيڪي هاءِ ڪورٽ جي جج لاءِ آهن ۽ راجيہ چونڊ ڪمشنر جي نوڪريءَ جا شرط سندس مقرريءَ کان پوءِ، اَهڙي نموني ڦيرايا نہ ويندا جو جنهن مان کيس نقصان ٿئي.

(٣) جڏهن بہ راجيہ چونڊ ڪميشن اهڙو عرض ڪري، راجيہ جو راجيپال، راجيہ چونڊ ڪميشن کي اَهڙو عملو ميسر ڪرائيندو جيڪو فقري (١) هيٺ راجيہ چونڊ ڪميشن کي بخشيل ڪرتب پورا ڪرڻ لاءِ ضروري هجي.

(٤) هن سنوڌان جي اُپبنڌن جي آڌين، ڪنهن راجيہ جو وڌان منڊل، قاعدي دوارا، پنچائتن جي چونڊ سنبنڌي يا باري ۾ سيني بابتن لاءِ اُپبنڌ ڪري سگهندو.

## ٢٤٣.گ. سنگهہ کيتر سان لاڳو پوڻ

هن ڀاڱہ ۾ ڪيل اُپبنڌ سنگهہ کيتر سان اَهڙي نموني لاڳو پوندا ۽ اهڙيءَ طرح اَثرڪارڪ ٿيندا ڄڻ تہ راجيہ جي راجيپال ڏانهن ڪيل نرديش سنگهہ کيتر جي اَنوڇيد ٢٣٩ هيٺ مقرر ڪيل اَيڊمنسٽريٽر ڏانهن آهي ۽ راجيہ جي وڌان منڊل يا وڌان سڀا ڏانهن ڪيل نرديش، ان سنگهہ کيتر لاءِ جنهن ۾ وڌان سڀا آهي، ان جي وڌان سڀا ڏانهن آهي:

بشرطيڪ راشٽرپتي عام اطلاع دوارا هدايت ڪري سگهندو تہ هن ڀاڱہ جا اُپبنڌ سنگهہ کيتر يا ان جي ڪنهن ڀاڱہ سان اُنهن اپوادن ۽ ڦيرڦارين سان لاڳو پوندا جيئن ان عام اطلاع ۾ نروار ڪري.

## ٢٤٣.ب. هيءُ ڀاڱو ڪُجھ ڪيترن سان لاڳو نہ ٿيندو

(١) هن ڀاڱي ۾ چيل ڪجھ بہ انوڇيد ٢٤٤ جي فقري (١) ۾ نرديش ڪيل انوسوچت کيتر ۽ فقري (٢) ۾ نرديش ڪيل جن جاتي کيتر سان لاڳو نہ ٿيندو.

(٢) هن ڀاڱي ۾ چيل ڪجھ بہ لاڳو نہ ٿيندو -

(اَ) ناگالئنڊ، ميگهاليہ ۽ ميزورم راجين سان؛

(ب) منيپور راجيہ ۾ انهن پهاڙي علائقن سان جن لاءِ هن وقت عمل ۾ موجود ڪنهن بہ قاعدي هيٺ ضلع پريشدون موجود آهن.

(٣) هن ڀاڱي ۾ چيل ڪجھ بہ -

(اَ) ضلع سطح تي پنچائتن بابت، اولهہ بينگال جي دارجلنگ ضلع جي پهاڙي علائقن سان لاڳو نہ ٿيندو جن لاءِ هن وقت عمل ۾ موجود قاعدي انوسار دارجلنگ گورکا هِل ڪائونسل موجود آهي؛

(ب) مان اهو مطلب نہ ڪڍيو ويندو تہ ان جو واسطيدار قاعدي انوسار جوڙيل دارجلنگ گورکا هِل ڪائونسل جي ڪرتبن ۽ اَختيارن تي اَثر ٿو ڪري.

(٤) هن سنوڌان ۾ چيل ڪجھ بہ جي باوجود -

(اَ) فقري (٢) جي پيٽي فقري (اَ) ۾ نرديش ڪيل راجيہ جو وڌان منڊل، قاعدي دوارا، هن ڀاڱي جو وستار، فقري (١) ۾ نرديش ڪيل کيترن کانسواءِ، جيڪڏهن ڪي اهڙا کيتر هجن تہ، ان راجيہ طرف ڪري سگهندو جيڪڏهن اِن راجيہ جي وڌان سڀا، ان مطلب جو ٺهراءُ، سدن جي ڪل سنکيا جي گهٽائي ۽ ان سدن ۾ حاضر ۽ ووٽ ڏيندڙن ميمبرن جي گهٽ ۾ گهٽ بہ ڀاڱي ٽي حصو گهٽائي اهڙو ٺهراءُ پاس ڪري؛

(ب) سنسد، قاعدي دوارا، هن ڀاڱي جا اُپبنڌ فقري (١) ۾ نرديش ڪيل اَنوسوچت کيترن ۽ جن جاتي کيترن سان، اهڙن اپوادن ۽ ڦيرڦارين جي اَڌين جيئن واسطيدار قاعدي ۾ نروار ڪيل هجن، لاڳو ڪري سگهندي ۽ اهڙو ڪوبہ قاعدو، انوڇيد ٣٦٨ جي پريوجن لاءِ هن سنوڌان جو سڌارو نہ سمجهيو ويندو.

## ٢٤٣.ڳ. موجوده قاعدن ۽ پنچائتن جو چالو رهڻ

هن ڀاڱي ۾ چيل ڪجھ بہ جي باوجود جيڪڏهن سنوڌان (سڌارو ٽيهتر) ائڪٽ ١٩٩٢ جي لاڳو ٿيڻ کان يڪدم اَڳ ڪنهن راجيہ اندر عمل ۾ موجود ڪنهن بہ قاعدي

# ميونسپالٽيون

## ٢٤٣.د. وياکياڻون

هن ڀاڱي ۾ مضمون ٻئي نموني تقاضا نہ ڪري تہ:-

(اَ) 'ڪاميٽي' معنيٰ ڪاميٽي جيڪا اَنوڇيد (٢٤٣-ڌ) انوسار جوڙي ويئي آهي؛

(ب) ضلع معنيٰ ڪنهن راڄيہ ۾ ڪو ضلع؛

(ڀ) 'مهانگر کيتر' معنيٰ اُهو کيتر جنهنجي آدمشماري ڏهہ لکہ يا ان کان وڌيڪ آهي، جنهن ۾ هڪ يا وڌيڪ ضلعا سمايل آهن ۽ جيڪو ٻن يا وڌيڪ ميونسپالٽين يا پنچائتن يا ٻين گڏيل کيترن مان جڙيل آهي ۽ جيڪو راڄيپال هن ڀاڱي جي پريوجن لاءِ مهانگر کيتر طور نروار ڪري؛

(پ) 'ميونسپل کيتر' معنيٰ راڄيپال دواران ظاهر ڪيل ميونسپالٽيءَ جو ملڪي کيتر؛

(ٻ) 'ميونسپالٽي' معنيٰ اَنوڇيد ٢٤٣- ڌ هيٺ جوڙيل خود حڪومت جي هڪ سنسٿا؛

(ت) 'پنچائت' معنيٰ اَنوڇيد ٢٤٣ (ب) هيٺ جوڙيل ڪائي پنچائت.

(ٿ) 'آدمشماري' معنيٰ اُها آدمشماري جيڪا نشچت ڪئي ويئي آهي اڳين آخري جن ڳڻنا دواران جنهن جا انگہ شايع ڪيا ويا آهن.

## ٢٤٣.ڌ. ميونسپالٽين جو جوڙڻ

(١) هر راڄيہ ۾ جوڙيون وينديون -

(اَ) نگر پنچائت ( ڪهڙي بہ نالي سان سڏجي) تبديل ٿيندڙ کيتر لاءِ جنهنجو مطلب آهي اُهو کيتر جيڪو ديهاتي حالت مان شهري حالت ۾ تبديل ٿيڻ وارو آهي؛

(ب) ميونسپل ڪائونسل ننڍي شهري کيتر لاءِ؛ ۽

(ڀ) ميونسپل ڪارپوريشن وڏي شهري کيتر لاءِ؛

هن پاڱي جي اُپبندن مطابق :

بشرطيڪ هن فقري هيٺ ميونسپالٽي جوڙي نہ ويندي ڪنهن اَهڙي شهري ڪيتر يا ان جي ڪنهن پاڱي لاءِ، جيڪو راجيپال، ان جي ايراضي، شهري شيوائون جيڪي ميسر ڪيون وڃن ٿيون يا ڪيون ويندءون ڪنهن اُديوگي سنستا طرفان ۽ ٻيا ڪي اهڙا آڌار جيڪي هو ٺيڪ سمجهي ٿو، ڌيان ۾ رکي عام اِطلاع دواران اديوگ نگر طور نروار ڪري.

(٢) هن اَنوڇيد ۾ 'تبديل ٿيندڙ ڪيتر' 'ننڍو شهري ڪيتر' يا 'وڏو شهري ڪيتر' جو مطلب آهي اُهو ڪيتر جيڪو راجيپال، اُن جي آدمشماري، اُن ۾ آدمشماريءَ جي گهاٽائي، مڪاني ڪاروبار لاءِ ٿيندڙ اُپت، غير زرعي مشغولين ۾ روزگار جو سيڪڙو، آرٿڪ اهميت يا ٻيا ڪي اَهڙا آڌار جيڪي هو ٺيڪ سمجهي ڌيان ۾ رکي، عام اَطلاع دواران، هن پاڱي جي پريوجنن لاءِ، نروار ڪري.

## ٢٤٣.ڊ. ميونسپالٽين جي رچنا

(١) سواءِ فقري (٢) ۾ ڪيل اُپبند جي، ڪنهن بہ ميونسپالٽيءَ ۾ سڀ جايون اُنهن شخصن سان ڀريون ويندءون جيڪي سڌي چونڊ ذريعي ميونسپل ڪيتر جي ملڪي تڪن مان چونڊجي آيل آهن ۽ ان لاءِ هر ميونسپل ڪيتر ملڪي تڪن ۾ ورهايو ويندو جيڪي وارڊ سڏيا ويندا.

(٢) ڪنهن بہ راڄيہ جو وڌان منڊل، قاعدي دواران، اُپبند ڪري سگهندو -

(اَ) ميونسپالٽيءَ ۾ عيوضيپڻي لاءِ -

(i) انهن شخصن لاءِ جن کي ميونسپل ڪاروبار جي باري ۾ خاص ڄاڻ ۽ آزمودو آهي؛

(ii) لوڪ سڀا يا ان راڄيہ جي وڌان سڀا جي اُنهن ميمبرن لاءِ جيڪي عيوضي آهن انهن تڪن جا جن ۾ سمورو يا ڪي قدر ميونسپل ڪيتر سمايل آهي؛

(iii) راڄيہ سڀا ۽ راڄيہ جي وڌان پريشد جي اُنهن ميمبرن لاءِ جيڪي ان ميونسپل ڪيتر ۾ ووٽر طور درج آهن؛

(iv) انوڇيد (٢٤٣ ڊ) جي فقري (٥) هيٺ جوڙيل ڪاميٽين جي سڀاپتين لاءِ :

بشرطيڪ جن شخصن جو ذڪر پيٽي پئرا (i) ۾ ڪيل آهي، انهن کي ميونسپالٽيءَ جي ميٽنگن ۾ ووٽ ڏيڻ جو حق نہ هوندو.

(ب) ميونسپالٽيءَ جو سڀاپتي چونڊڻ جي طريقي لاءِ.

## ٢٤٣.ڌ. وارڊس ڪاميٽين وغيره جو جوڙڻ ۽ رچنا

(١) جنهن ميونسپالٽيءَ جي ملڪي ڪيتر جي آدمشماري ٽي لک يا اُن کان وڌيڪ آهي اُن جي هڪ يا وڌيڪ وارڊن لاءِ وارڊس ڪاميٽيون ٺاهيون وينديون.

(٢) راجيہ جو وڌان منڊل قاعدي دواران واسطيدار اُپبنڌ ڪري سگهي ٿو -

(اَ) وارڊس ڪاميٽيءَ جي رچنا ۽ ملڪي ڪيترن بابت؛

(ب) طريقي بابت جنهن موجب وارڊس ڪاميٽيءَ ۾ جايون ڀريون وينديون.

(٣) وارڊس ڪاميٽيءَ جي ملڪي ڪيتر ۾ پوندڙ وارڊ جو عيوضي ميونسپل ميمبر ان ڪاميٽيءَ جو ميمبر هوندو.

(٤) جتي وارڊس ڪاميٽي ٺهي ٿي -

(اَ) هڪ وارڊ مان، تہ اُهو ميمبر جيڪو ان وارڊ جو عيوضي ميونسپل ميمبر آهي؛ يا

(ب) ٻن يا وڌيڪ وارڊن مان، تہ ميونسپالٽيءَ ۾ انهن وارڊن جو عيوضي ڪو بہ هڪ ميمبر جنهن کي وارڊس ڪاميٽي چونڊيندي،

اُن ڪاميٽيءَ جو سڀاپتي ٿيندو.

(٥) هن اَنوڇيد ۾ ڇيل ڪنهن بہ ڳالھ مان اهو نہ سمجهيو ويندو تہ ڪو اهو راجيہ جي وڌان منڊل کي وارڊس ڪاميٽين ڪانسواءِ ٻيون ڪاميٽيون جوڙڻ لاءِ اُپبنڌ ڪرڻ کان روڪي ٿو.

## ٢٤٣.ڊ. جاين جي محفوظگي

(١) جايون محفوظ رکيون وينديون هرڪنهن ميونسپالٽيءَ ۾ انوسوچت جاتين ۽ انوسوچت جن جاتين لاءِ ۽ اهڙيءَ ريت محفوظ رکيل جاين جي سنکيا ۽ ميونسپالٽيءَ ۾ سڌي چونڊ دواران ڀرجندڙ جاين جي سنکيا وچ ۾ پرماڻ لڳ ڀڳ ان پرماڻ برابر هوندو جيڪو ان ميونسپل ڪيتر جي ڪل آدمشماريءَ ۽ انوسوچت جاتين يا انوسوچت جن جاتين جي آدمشماريءَ جي وچ ۾ هوندو ۽ اهي جايون ميونسپالٽيءَ جي الڳ الڳ ٽڪن ۾ واري سان ورهيون وينديون.

(٢) فقري (١) هيٺ محفوظ رکيل جاين جي سنکيا جي ٽئين حصي کان گهٽ نہ،انوسوچت جاتين يا حالت انوسار انوسوچت جن جاتين جي زالن لاءِ محفوظ رکيون وينديون.

(۳) هر ڪنهن ميونسپالٽيءَ ۾ سڌي چونڊ دوران پرجندڙ ڪل جاين جي سنکيا جي تئين حصي کان گهٽ نہ، (جنهن ۾ انوسوچت جاتين ۽ انوسوچت جن جاتين جي زالن لاءِ محفوظ رکيل جايون شامل آهن) جايون زالن لاءِ محفوظ رکيون وينديون ۽ اُهي جايون الڳہ الڳہ ملڪي تڪن ۾ واري سان ورچيون وينديون.

(۴) ميونسپالٽيءَ جي سڀاپتين جا عهدا انوسوچت جاتين، انوسوچت جن جاتين ۽ زالن لاءِ اهڙي نموني محفوظ رکيا ويندا جيئن اُن راڄيہ جو وڌان منڊل قاعدي دوران اُپبند ڪري.

(۵) فقري (۱) ۽ (۲) هيٺ جاين جي محفوظگي ۽ فقري (۴) هيٺ سڀاپتي عهدن جي محفوظگي (سواءِ زالن لاءِ ڪيل محفوظگيءَ جي) آنوڇيد ۳۳۴ ۾ ڄاڻايل مدي کانپوءِ اثر ۾ نہ رهندي.

(٦) هن ڀاڱہ ۾ ڄيل ڪجھ بہ راڄيہ وڌان منڊل کي پنتي پيل ورگن جي ناگرڪن لاءِ ڪنهن بہ ميونسپالٽيءَ ۾ يا انهن جي سڀاپتي عهدن جي جاين ۾ محفوظگيءَ لاءِ ڪوبہ اُپبند ڪرڻ کان نہ روڪيندو.

## ۲۴۳.يو. ميونسپالٽين وغيره جو مدو

(۱) هرڪا ميونسپالٽي جيڪڏهن عمل ۾ موجود ڪنهن بہ قاعدي هيٺ اول برخاست نہ ڪئي ويئي تہ، پنهنجي پهرين بيٺڪ جي تاريخ کان پنجن سالن لاءِ قائم رهندي ۽ ان کان وڌيڪ وقت لاءِ نہ:

بشرطيڪ برخاستگيءَ کان اڳہ ميونسپالٽيءَ کي شنوائيءَ لاءِ واجبي موقعو ڏنو ويندو.

(۲) عمل ۾ موجود ڪنهن بہ قاعدي ۾ ڪيل ڪنهن بہ سڌاري جو اثر اهو نہ ٿيندو تہ اُهو ان سڌاري جي عمل ۾ اچڻ کان اڳہ، ڪاريہ ڪندڙ ڪنهن بہ سطح جي ميونسپالٽيءَ جي، فقري (۱) ۾ ڄاڻايل مدي پوري ٿيڻ کان اڳہ، برخاستگيءَ جو ڪارڻ ٿئي.

(۳) ميونسپالٽي جوڙڻ لاءِ چونڊون مڪمل ڪيون وينديون -

(اَ) فقري (۱) ۾ ڄاڻايل مُدو پوري ٿيڻ کان اڳہ؛

(ب) برخاستگيءَ جي تاريخ کان ڇهن مهنن جو مدو پوري ٿيڻ کان اڳہ:

بشرطيڪ جتي برخاست ڪيل ميونسپالٽيءَ جو باقي بچيل مدو، جي اُها هلندي هجي ها تہ، ڇهن مهنن کان گهٽ آهي تہ اُهو ضروري نہ ٿيندو تہ هن فقري هيٺ ان مدي لاءِ ان کي جوڙڻ لاءِ چونڊون ڪرايون وڃن.

(۴) ميونسپالٽي جيڪا برخاستگيءَ کان پوءِ مدو پورو ٿيڻ کان اڳ جوڙي ويئي آهي اوتري مُدي لاءِ هلندي رهندي جيتري لاءِ اها ميونسپالٽي جيڪڏهن برخاست نہ ڪئي وڃي ها تہ فقري (۱) هيٺ هلندي رهي ها.

## ۲۴۳.ف. ميمبريءَ لاءِ اَڻ لائقيون

(۱) ڪو بہ شخص ميونسپالٽيءَ جو ميمبر ٿيڻ يا چونڊجڻ يا رهڻ جي لاءِ اَڻ لائق رهندو -

(اَ) جيڪڏهن هو واسطيدار راڄيہ جي وڌان منڊل جي چونڊ جي پريوجن لاءِ ان وقت عمل ۾ موجود قاعدي هيٺ يا انوسار اَڻ لائق ٺهرايو ويو آهي :

بشرطيڪ ڪو بہ شخص جيڪو ايڪيهن سالن جو آهي تہ ان ڪارڻ اڻ لائق نہ ٿيندو تہ هو پنجويهن سالن کان گهٽ عمر جو آهي؛

(ب) جيڪڏهن راڄيہ وڌان منڊل جي جوڙيل ڪنهن بہ قاعدي هيٺ يا انوسار اَڻ لائق ٺهرايو ويو آهي.

(۲) جيڪڏهن ڪو بہ اهڙو سوال اُٿي تہ ميونسپالٽيءَ جو ڪو ميمبر فقري (۱) ۾ ڏنل اَڻ لائقين جي دائري ۾ اَچي ويو آهي تہ اهو سوال، فيصلي لاءِ اُن اَختياريءَ ڏانهن ۽ اهڙي نموني موڪليو ويندو جيئن راڄيہ جو وڌان منڊل قاعدي دواران اُپٽنڊ ڪري.

## ۲۴۳.ق. ميونسپالٽين وغيره جا اختيار، اختياري ۽ ذميواريون

هن سنوڌان جي اُپٽنڊن جي اَڌين، ڪنهن بہ راڄيہ جو وڌان منڊل، قاعدي دواران، بخشي سگهندو-

(اَ) ميونسپالٽين کي اهڙا اختيار۽ اختياري جيڪي اُنهن جي خود حڪومت سنسٿائون ٿي ڪاريہ ڪرڻ جي لائق ٿيڻ لاءِ ضروري سمجهيا وڃن ۽ اَهڙي قاعدي ۾ اپٽنڊ ٿي سگهن ٿا پنچائتن ۾ اختيار ۽ ذميوارين جي ورڇ لاءِ اهڙن شرطن اڌين جيئن ان ۾ نروار ڪيل هجن، جيڪي لاڳاپو رکندا -

(i) آرٿڪ وڪاس ۽ سماجڪ نيايہ لاءِ يوجنائون تيار ڪرڻ سان؛

(ii) اُهي ڪرتب ڪرڻ ۽ اُهي رٿائون عمل ۾ آڻڻ سان جيڪي کين سونپيون ويون آهن جن ۾ بارهين اَنوسوچيءَ ۾ ياداشت ڪيل بابتون بہ شامل هونديون.

(ب) ڪاميٽين کي اُهي اختيار ۽ اختياري بخشي سگهندو جيڪي ضروري

(۳) هن سنوڌان ۾ چيل ڪجھ بہ جي باوجود، سنسد قاعدي دوارا، هن ڀاڱہ جا اُپبند فقري (۱) ۾ نرديش ڪيل انوسوچت ڪيترن ۽ جن جاتي ڪيترن سان اهڙن اپوادن ۽ ڦيرڦارين جي اڏين جيئن واسطيدار قاعدي ۾ نروار ڪيل هجن لاڳو ڪري سگھندي ۽ اهڙو ڪوبہ قاعدو انوڇيد ۳٦٨ جي پريوجن لاءِ هن سنوڌان جو سڌارو نہ سمجھيو ويندو.

## ۲۴۳.ڙ-پ. ضلع يوجنا لاءِ ڪاميٽي

(۱) هر ڪنهن راجيہ ۾ ضلع جي سطح تي، ضلع ۾ پنچائتن ۽ ميونسپالٽين جون ٺاهيل يوجنائن کي پاڻ ۾ ملائي سڄي ضلع لاءِ هڪ وڪاس يوجنا جو مُسودو تيار ڪرڻ لاءِ ضلع يوجنا ڪاميٽي جوڙي ويندي

(۲) راجيہ جو وڌان منڊل، قاعدي دوارا، هيٺين بابت اُپبند ڪري سگھي ٿو

(اَ) ضلع يوجنا ڪاميٽين جي رچنا؛

(ب) طريقو جنهن موجب اهڙين ڪاميٽين ۾ جايون ڀريون ويندييون :

بشرطيڪ اهڙي ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جي ڪل سنکيا جا گھٽ ۾ گھٽ چار ڀاڱي پنج ميمبر، ضلع سطح تي پنچائتن جا ۽ ضلع ۾ ميونسپالٽين جي چونڊيل ميمبرن دوارا پاڻ منجھان، ضلع ۾ ديهاتي ڪيترن ۽ شهري ڪيترن جي آدمشماريءَ جي پرماڻ موجب چونڊيا ويندا؛

(پ) ضلع يوجنا بنسبت ڪاريہ جيڪي اهڙين ڪاميٽين کي سونپيا وڃن؛

(ٻ) اهو طريقو، جنهن موجب انهن ڪاميٽين جا سڀاپتي چونڊيا ويندا.

(۳) هرڪا ضلع يوجنا ڪاميٽي وڪاس يوجنا جو مسودو ٺاهڻ ۾ -

(اَ) ڌيان ۾ رکندي -

(i) پنچائتن ۽ ميونسپالٽين جي عام فائدي جون بابتون جن ۾ مڪاني يوجنا، پاڻيءَ ۽ ٻين طبعي ۽ قدرتي وسيلن ۾ حصيداري، بنيادي اوزارن جو گڏيل وڪاس ۽ پرياورڻ جي سنڀال؛

(ii) ميسر مالي يا ٻين وسيلن جو مقدار ۽ قسم؛

(ب) اهڙين سيائن ۽ سنستائن سان صلاح مصلحت ڪندي جيڪي راجيپال حڪم دوارا نروار ڪري.

(۴) هر ڪنهن ضلع يوجنا ڪاميٽيءَ جو سڀاپتي، ڪاميٽيءَ جي سفارش ڪيل وڪاس يوجنا راڄيہ جي سرڪار ڏانهن موڪليندو.

## ۲۴۳.ڙ-پ. مهانگر يوجنا لاءِ ڪاميٽي

(۱) هر ڪنهن مهانگر ايراضيءَ ۾ سموري مهانگر ڪيتر جي لاءِ وڪاس يوجنا جو مسودو ٺاهڻ واسطي هڪ مهانگر وڪاس ڪاميٽي جوڙي ويندي.

(۲) راڄيہ جو وڌان منڊل، قاعدي دوارا، هينين بابتن بنسبت اُپبند ڪري سگهندو -

(اَ) مهانگر يوجنا ڪاميٽين جي رچنا؛

(ب) طريقو جنهن موجب اهڙين ڪاميٽين ۾ جايون پريون ونديون :

بشرطيڪ اهڙيءَ ڪاميٽيءَ جا گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ڀاڱي ٽي ميمبر، مهانگر ڪيتر ۾ ميونسپالٽين جي چونڊيل ميمبرن ۽ پنچائتن جي سڀاپتين دوارا پاڻ مان ان ڪيتر ۾ ميونسپالٽين ۽ پنچائتن جي ڪيترن جي آدمشماريءَ جي پرماڻ موجب چونڊيا ويندا؛

(ب) اَهڙين ڪاميٽين ۾ ڀارت سرڪار ۽ راڄيہ سرڪار جو ۽ ٻين اهڙين سڀائن ۽ سنستائن جو عيوضيپڻو جيڪو اَهڙين ڪاميٽين کي سونپيل ڪرتبن ڪرڻ لاءِ ضروري سمجهيو وڃي؛

(پ) مهانگر ڪيتر لاءِ يوجنا ۽ سَمنويہ سنبنڌي اهڙا ڪرتب جيڪي اَهڙين ڪاميٽين کي سونپيا وڃن؛

(ڀ) اهو طريقو جنهن موجب اَهڙين ڪاميٽين جا سڀاپتي چونڊيا ويندا.

(۳) هرڪا مَهانگر يوجنا ڪاميٽي وڪاس يوجنا جو مسودو تيار ڪرڻ ۾ -

(اَ) ڌيان ۾ رکندي -

(i) مهانگر ڪيتر ۾ ميونسپالٽين ۽ پنچائتن دوارا ٺاهيل يوجنائون؛

(ii) ميونسپالٽين ۽ پنچائتن جي عام فائدي جون بابتون جن ۾ اُن ڪيتر جي گڏيل مڪاني يوجنا، پاڻي ۽ ٻين طبعي ۽ قدرتي وسيلن ۾ حصيداري، بنيادي اڏاوت جو گڏيل وڪاس ۽ پرياورڻ جي سنڀال؛

(iii) ڀارت سرڪار ۽ راڄيہ سرڪار دوارا نشچت سمورا اُديش ۽ اگرايون؛

(iv) اُنهن سيڙپن جو مقدار ۽ قِسمُ جيڪي ڀارت سرڪار ۽ راڄيہ سرڪار جي ادارن دوارا مهانگر ڪيتر ۾ ٿيڻ جوڳيون آهن ۽ ميسر مالي يا ٻيا وسيلا؛

(ب) اهڙين سيائن ۾ سنسٿائن سان صلاح مصلحت ڪندي جيڪي راجيپال حڪم دوارن نروار ڪري.

(۴) هرڪنهن مهانگر يوجنا ڪاميٽيءَ جو سڀاپتي اُها وڪاس يوجنا جنهن جي اهڙيءَ ڪاميٽيءَ دواران سفارش ڪئي وڃي ٿي راجيه سرڪار ڏانهن موڪليندو.

## ٢٤٣.ز-ت. موجوده قاعدن ۾ ميونسپالٽين جو چالو رهڻ

هن ڀاڱي ۾ ڄيل ڪجهه به جي باوجود جيڪڏهن سنوڌان (سڌارو چوهتر) اَئڪٽ ١٩٩٢ جي لاڳو ٿيڻ کان يڪدم اَڳ ڪنهن راجيه اندر عمل ۾ موجود ڪنهن به قاعدي جو ميونسپالٽين سنبنڌي ڪو به اُپبند هن ڀاڱي جي اُپبندن سان اَڻ ٺهڪندڙ آهي ته اُهو جيستائين سمرٿ وڌان منڊل يا سمرٿ اختياريءَ هٿان سڌاريو يا رد ڪيو نه ويو آهي تيستائين يا لاڳو ٿيڻ جي وقت کان هڪ سال پورو ٿيڻ تائين، جيڪو به اول هوندو عمل ۾ رهندو :

بشرطيڪ اهي سڀ ميونسپالٽيون جيڪي ان جي لاڳو ٿيڻ کان يڪدم اَڳ موجود هيون جيڪڏهن ان کان اَڳ راجيه جي وڌان سڀا يا وڌان پريشد واري راجيه جي حالت ۾ اُن جي هر سدن جي پاس ڪيل ٺهراءُ دواران برخاست نه ڪيون ويون آهن ته پنهنجو مدو پورو ٿيڻ تائين چالو رهنديون.

## ٢٤٣.ز-ث. ڪورٽن هٿان چونڊن جي معاملن ۾ دست اندازيءَ تي روڪ

هن سنوڌان ۾ ڄيل ڪجهه به جي باوجود -

(اَ) تڪن جون حدون مقرر ڪرڻ لاءِ، اهڙن تڪن ۾ جايون وراهڻ لاءِ، اَنوڇيد ٢٤٣ ز-اَ هيٺ يا اُن پريوجن لاءِ ناهيل ڪنهن به قاعدي جي جائزگيءَ بابت عدالت ۾ ڪو به سوال نه اٿاريو ويندو؛

(ب) ڪنهن به ميونسپالٽيءَ جي چونڊن بابت ڪوبه سوال ڪيو ويندو رڳو چونڊ عريضيءَ دواران جيڪا اُن اَختياريءَ اَڳيان ۽ اُن طريقي سان پيش ڪئي ويندي جئن راجيه وڌان منڊل قاعدي دواران يا قاعدي هيٺ اُپبند ڪري ٻيءَ طرح نه.

(سنوڌان (سڌارو چوهتر) ائڪٽ، ١٩٩٢ جي قلم ٢ دواران (١ جون ١٩٩٣ کان) درج ڪيل)

# اَنوسوچت ۽ جن جاتي ايراضيون

## ٢٤٤. اَنوسوچت ايراضين ۽ جن جاتي ايراضين جو ڪاروبار

(١) آسام، ميگهاليہ، ترپورا ۽ مِزورم راڄين کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ راڄيہ ۾ اَنوسوچت ايراضين ۽ اَنوسوچت جن جاتين جي ڪاروبار ۽ ضابطي کي پنڃين اَنوسوچيءَ جا پربنڌ لاڳو پوندا.

(٢) آسام، ميگهاليہ، ترپورا، ۽ مزورم راڄين ۾ جن جاتي ايراضين جي ڪاروبار کي ڇهين اَنوسوچيءَ جا پربنڌ لاڳو پوندا.

(اسٽيٽ آف مزورم ائڪٽ، ١٩٨٦ (١٩٨٦ جو ٣٤) جي قلم ٣٩ دوران (٢٠ فبروري ١٩٨٧ کان) لفظ 'ميگهاليہ ۽ ترپورا' جي بدران لفظ 'ميگهاليہ، ترپورا ۽ مزورم' درج ڪيا ويا؛ ۽ لفظ 'ميگهاليہ، ترپورا ۽ مزورم سنگهہ ڪيتر' جي بدران لفظ 'ميگهاليہ، ترپورا ۽ مزورم راڄيہ' درج ڪيا ويا.)

## ٢٤٤. (اَلف) آسام ۾ ڪن جن جاتي ايراضين جو تهيل هڪ خود اَختيار راڄيہ ٺاهڻ ۽ اُن لاءِ مڪاني وڏان منڊل يا منتري پريشد يا ٻئي جوڙڻ

(١) هن سنوڌان ۾ ڇيل ڪنهن بہ ڳالهہ جي باوجود سنسد قاعدي دوران آسام راڄيہ اندر، ڇهين اَنوسوچيءَ جي پئرا ٢٠ سان شامل جدول جي پهرئين ڀاڱي ۾ ڄاڻايل جن جاتي ايراضين مان سيني يا ڪن (سڀني يا ڀاڱي ۾) جو تهيل هڪ خود اَختيار راڄيہ ٺاهي سگهندي ۽ اُن لاءِ -

(اَ) هڪ سنسٿا، چونڊيل يا ڪجهہ چونڊيل ۽ ڪجهہ ٺاڦيل، خود اَختيار راڄيہ لاءِ وڏان منڊل طريقي ڪاريہ ڪرڻ لاءِ، يا

(ب) منتري پريشد يا ٻئي رچي سگهندي، اَهڙي جوڙجڪ، اَختيارن ۽ ڪرتبن سان هرهڪ حالت ۾، جي قاعدي ۾ ڄاڻايل هجن.

(٢) فقري (١) ۾ نرديش ڪيل ڪو بہ اَهڙو قاعدو، خاص طرح -

(اَ) راڄيہ لسٽ يا ڳڏيل لسٽ ۾ شمار ڪيل وشيہ ڄاڻائي سگهندو جن بنسبت خود اَختيار راڄيہ جي وڏان منڊل کي سڄي يا ان جي حصي لاءِ آسام راڄيہ جي وڏان

منڊل کي وانجي اَلڳہ يا ٻئي نموني، قاعدو ٺاهڻ جو اَختيار رهندو؛

(ب) اُهي وشئہ صاف بيان ڪري سگهندو جن بنسبت خود اَختيار راڄيہ جو عملي اَختيار پهچندو؛

(ٻ) پرٻنڌ ڪري سگهندو تہ آسام راڄيہ طرفان وڏل ڪا بہ ڍل خود اَختيار راڄيہ کي سؤنپي وڃي جيتري قدر اُن جي اُپت خود اَختيار راڄيہ سان نسبت رکندي هجي؛

(پ) پرٻنڌ ڪري سگهندو تہ هن سنوڌان جي ڪنهن بہ اَنوڇيد ۾ راڄيہ جو نرديش خود اَختيار راڄيہ ڏانهن پرسنگ نرديش پڻ آهي ائين سمجهيو ويندو؛ ۽

(ڀ) اَهڙا پورڪ، پرسنگ ۽ پريڻامڪ پرٻنڌ ڪري سگهندو جي ضروري لڳن.

(٣) مٿي چيل اَهڙي ڪنهن قاعدي جو ڪوبہ سڌارو، جيتري قدر، اُهو سڌارو فقري (٢) جي پيٽي فقري(اَ) يا پيٽي فقري (ب) ۾ ڄاڻايل وشين مان ڪنهن جي سنٻنڌي هجي اثرڪارڪ نہ ٿيندو جيستائين سڌارو سنسد جي هرهڪ سدن ۾ حاضر ۽ ووٽ ڪندڙ ميمبرن جي بہ ڀاڱي ٽي کان گهٽ نہ ايترن پاس نہ ڪيو هجي.

(٤) هن اَنوڇيد ۾ نرديش ڪيل اَهڙو ڪو بہ قاعدو اَنوڇيد ٣٦٨ جي پريوجن لاءِ هن سنوڌان جو سڌارو ليکيو نہ ويندو، باوجود اِن جي تہ اُن ۾ اَهڙو ڪو اُپٻنڌ هجي جو هن سنوڌان کي سڌاري يا سُڌارڻ جو اَثر ڪري.

### ڀاڱو يارهون

# سنگهه ۽ راڄن جي وچ ۾ سنبنڌ

## اڌياءُ پهريون

## قانون سازي سنبنڌ

## قانون سازيءَ جي اختيارن جي ورڇ

### ٢٤٥. سنسد دوارا ۽ راڄن جي وڌان منڊلن دوارا ٺاهيل قاعدن جي پهچ

(١) هن سنوڌان جي اُپبنڌن جي آڌين، سنسد ڀارت جي سڄي کيتر يا اُن جي ڪنهن به ڀاڱي لاءِ قاعدا ٺاهي سگهندي ۽ راڄيه جو وڌان منڊل سڄي راڄيه يا اُن جي ڪنهن به ڀاڱي لاءِ قاعدا ٺاهي سگهندو.

(٢) سنسد جو ٺاهيل ڪو به قاعدو اِن سبب ڪري ناجائز ليکيو نه ويندو ته اُن جو عمل کيتر ٻاهر ٿيندو.

### ٢٤٦. سنسد دوارا ۽ راڄن جي وڌان منڊل دوارا ٺاهيل قاعدن جو وشيه

(١) فقري (٢) ۽ (٣) ۾ چيل ڪنهن به ڳالهه جي باوجود صرف سنسد کي ستين اَنوسوچيءَ ۾ لسٽ پهرينءَ (هن سنوڌان ۾ 'سنگهه لسٽ' طور نرديش ڪيل) ۾ شمار ڪيل وشين مان ڪنهن به بنسبت قاعدو ٺاهڻ جو اَختيار رهندو.

(٢) فقري (٣) ۾ چيل ڪنهن به ڳالهه جي باوجود، سنسد کي ۽ فقري (١) جي آڌين، ڪنهن به راڄيه جي وڌان منڊل کي به ستين اَنوسوچيءَ ۾ لسٽ ٽين (هن سنوڌان ۾ 'گڏيل لسٽ' طور نرديش ڪيل) ۾ شمار ڪيل وشين مان ڪنهن به بنسبت قاعدو ٺاهڻ جو اَختيار رهندو.

(٣) فقري (١) ۽ (٢) جي آڌين، ڪنهن به راڄيه جي وڌان منڊل کي اُن راڄيه يا اُنجي ڪنهن به ڀاڱي لاءِ ستين اَنوسوچيءَ ۾ لسٽ ٻين (هن سنوڌان ۾ 'راڄيه لسٽ' طور نرديش ڪيل) ۾ شمار ڪيل وشين مان ڪنهن به بنسبت قاعدو ٺاهڻ جو اَختيار رهندو.

(۴) سنسد کي ڪنهن راڄيہ ۾ نہ سمايل پارٽ جي ڪيٽر جي ڪنهن بہ ڳالهہ لاءِ ڪنهن بہ وشيہ بنسبت قاعدو ٺاهڻ جو اَختيار رهندو باوجود اِن جي تہ اُهو وشيہ راڄيہ لسٽ ۾ شمار ڪيل وشيہ هُجي.

## ٢۴٧. سنسد جو ڪي وڌيڪ ڪورٽون برپا ڪرڻ جو پربنڌ ڪرڻ جو اَختيار

هن آڌياءَ ۾ چيل ڪنهن بہ ڳالهہ جي باوجود سنسد قاعدي دوارن سنگهہ لسٽ ۾ شمار ڪيل ڪنهن وشيہ بنسبت سنسد دوارن ٺاهيل يا ڪن موجوده قاعدن جي بهتر ڪاروبار لاءِ وڌيڪ ڪورٽون برپا ڪرڻ جو پربنڌ ڪري سگهندي.

## ٢۴٨. قانون سازيءَ جا باقي اَختيار

(١) صرف سنسد کي گڏيل لسٽ يا راڄيہ لسٽ ۾ نہ شمار ڪيل ڪنهن بہ وشيہ بنسبت قاعدو ٺاهڻ جو اَختيار آهي.

(٢) اَهڙي اَختيار ۾ اُنهن ٻنهي لسٽن ۾ ذڪر ڪيل ڪا ڍل وجهڻ جو قاعدو ٺاهڻ جو اَختيار بہ اَچي ويندو.

## ٢۴٩. راشٽريہ ڀلي لاءِ راڄيہ لسٽ ۾ ڪنهن وشيہ بنسبت قانون سازيءَ جو سنسد جو اَختيار

(١) هن آڌياءَ جي اَڳہ ڏنل اُپبنڌن ۾ چيل ڪنهن بہ ڳالهہ جي باوجود، جي راڄيہ سڀا حاضر ۽ ووٽ ڪندڙ ميمبرن جي بہ ڀاڱي ٽي کان گهٽ نہ ايترن جي، ٽيڪي واري ٺهراءُ دوارن ظاهر ڪيو هجي تہ راشٽريہ ڀلي لاءِ ضروري يا صلاح ڀريو آهي تہ سنسد ٺهراءَ ۾ ڄاڻايل راڄيہ لسٽ ۾ شمار ڪيل ڪنهن وشيہ بنسبت قاعدا ٺاهي تہ سنسد لاءِ قاعدي موجب ٺيندو تہ ڀارت جي سڄي ڪيٽر يا اُنجي ڪنهن بہ ڀاڱي لاءِ ٺهراءُ عمل ۾ رهي تنهن درميان اُن وشيہ بنسبت قاعدا ٺاهي.

(٢) فقري (١) هيٺ پاس ڪيل ٺهراءُ اُن ۾ ڄاڻايو وڃي، هڪ سال کان وڌيڪ نہ، ايتريءَ مُدت لاءِ عمل ۾ رهندو :

بشرطيڪ جي ۽ جيترا ڀيرا اَهڙو ٺهراءُ عمل ۾ چالو رکڻ بحال ڪرڻ جو ٺهراءُ فقري (١) ۾ اُپبنڌ ڪيل نموني پاس ٿئي تہ اوترا ڀيرا اَهڙو ٺهراءُ جنهن تاريخ تي اُهو هن فقري هيٺ عمل ۾ هئڻ بند ٿي وڃي ها، اُن کان وڌيڪ هڪ سال لاءِ عمل ۾ رهندو.

(٣) سنسد دوارن ٺاهيل قاعدو، جو فقري (١) هيٺ ٺهراءُ پاس ڪرڻ کان سواءِ

سنسد ناهڻ لاءِ سمرٿ نہ هجي، اَسمرٿيءَ جي حد تائين نهراءَ عمل ۾ هئڻ بند ٿيڻ کان ڇهن مهنن جي مُدت پوري ٿيڻ تي عمل ۾ هئڻ بند ٿيندو، سواءِ اُها مدت پوري ٿيڻ کان اَڳ ڪيل يا ڇڏي ڏنل ڳالهين بنسبت.

## ٢٥٠. مشڪل حالت جو اَعلان عمل ۾ هجي تہ راجيہ لسٽ ۾ ڪنهن بہ وشيہ بنسبت قاعدي سازيءَ جو سنسد جو اَختيار

(١) هن اَڌياءَ ۾ ڪيل ڪنهن بہ ڳالهہ جي باوجود، جيستائين مشڪل حالت جو اعلان عمل ۾ هجي تيستائين سنسد کي ڀارت جي سڄي کيتر يا اُنجي ڪنهن بہ ڀاڱي لاءِ راجيہ لسٽ ۾ شمار ڪيل وشين مان ڪنهن بہ بنسبت قاعدا ناهڻ جو اَختيار رهندو.

(٢) سنسد جو ٺاهيل قاعدو جو مشڪل حالت جي اعلان ٿيڻ کان سواءِ سنسد ناهڻ لاءِ سمرٿ نہ هجي، اَسمرٿيءَ جي حد تائين، اعلان عمل ۾ هئڻ بند ٿيڻ کان ڇهن مهنن جي مدت پوري ٿيڻ تي عمل ۾ هئڻ بند ٿيندو، سواءِ اُها مدت پوري ٿيڻ کان اَڳ ڪيل يا ڇڏي ڏنل ڳالهين بنسبت.

## ٢٥١. سنسد دواران اَنوڇيد ٢٤٩ ۽ ٢٥٠ هيٺ ٺاهيل قاعدن ۽ راجين جي وڌان منڊلن دواران ٺاهيل قاعدن وچ ۾ اَڻ ميل

اَنوڇيد ٢٤٩ ۽ ٢٥٠ ۾ ڪيل ڪجھ بہ راجيہ جي وڌان منڊل کي هن سنوڌان هيٺ ڪو بہ قاعدو ناهڻ جو جيڪو اَختيار آهي تنهن کي محدود نہ ڪندو، پر جي راجيہ جي وڌان منڊل جي ٺاهيل قاعدي جو ڪو اُپبند سنسد جي ٺاهيل قاعدي جي ڪنهن اُپبند جي ورڌ آهي، جو سنسد کي اُنهن اَنوڇيدن مان ڪنهن هيٺ ناهڻ جو اَختيار آهي، تہ سنسد جو ٺاهيل قاعدو، راجيہ جي وڌان منڊل جي ٺاهيل قاعدي کان اَڳہ چاهي پوءِ پاس ڪيل، چالو رهندو ۽ راجيہ جي وڌان منڊل جو ٺاهيل قاعدو، ورڌ هئڻ جي حد تائين سنسد دواران ٺاهيل قاعدو اثرائتو رهڻ چالو هجي تيستائين فقط عمل ۾ نہ رهندو.

## ٢٥٢. ٻن يا وڌيڪ راجين لاءِ رضامنديءَ سان قانون سازيءَ جو سنسد جو اَختيار ۽ اَهڙي قاعدي جو ٻئي ڪنهن بہ راجيہ دواران اَختيار ڪرڻ

(١) جي ٻن کان وڌيڪ راجين جي وڌان منڊلن کي لڳي تہ صلاح پريو آهي تہ ڪي وشيہ جن بنسبت سنسد کي اَنوڇيد ٢٤٩ ۽ ٢٥٠ ۾ ڪيل اُپبندن کان سواءِ راجين لاءِ

قاعدا ناهڻ جو اَختيار نہ آهي، اُهي اُنهن راڄين ۾ سنسد قاعدي دوارا نيمت ڪري، ۽ جي اَهڙا نهراءَ اُنهن راڄين جي وڌان منڊلن جي سيني سدنن دوارا پاس ڪيا وڃن، تہ سنسد لاءِ اُن موجب اُن وشيہ ڪي نيمت ڪرڻ لاءِ ائڪٽ پاس ڪرڻ باقاعدي ٺيندو ۽ اَهڙي نموني پاس ٿيل ڪوبہ اَئڪٽ اُنهن راڄين سان ۽ ٻئي ڪنهن راڄيہ سان لاڳو ٿيندو جيڪو اُن کي پوءِ سدن دوارا يا جتي ٻہ سدن آهن اُتي اُن راڄيہ جي وڌان منڊل جي هرهڪ سدن دوارا، اُن خيال کان پاس ڪيل نهراءَ دوارا اَختيار ڪري.

(٢) سنسد دوارا ائين پاس ڪيل ڪنهن ائڪٽ کي سنسد دوارا ساڳئي نموني پاس ڪيل يا اَختيار ڪيل اَئڪٽ دوارا سڌاري يا رد ڪري سگهجي ٿو، پر جنهن راڄيہ بنسبت اُهو لاڳو ٿئي اُن راڄيہ جي وڌان منڊل جي اَئڪٽ دوارا سڌاريو يا رد نہ ڪيو ويندو.

## ٢٥٣. اَنترراشٽريہ ناهن کي اَثرائتو بڻائڻ لاءِ قاعدو ناهڻ

هن اَڌياءَ جي اَڳ ڏنل اُپبنڌن جي باوجود سنسد کي ٻئي ڪنهن مُلڪ يا ملڪن سان ٿيل ڪو عهدنامو، ناهہ يا عهد يا ڪنهن اَنترراشٽريہ سميلن منڊليءَ يا ٻيءَ سنستا ۾ ڪيل فيصلي جو عمل ڪرڻ لاءِ ڀارت جي سڄي کيتر يا اُنجي ڪنهن ڀاڱي لاءِ ڪو بہ قاعدو ناهڻ جو اَختيار آهي.

## ٢٥٤. سنسد دوارا ناهيل قاعدن ۽ راڄيہ جي وڌان منڊلن دوارا ناهيل قاعدن وچ ۾ اَڻ ميل

(١) جي ڪنهن راڄيہ جي وڌان منڊل جي ناهيل قاعدي جو ڪو اُپبنڌ سنسد جي ناهيل قاعدي جو سنسد ناهڻ لاءِ سمرٿ آهي، اُن جي ڪنهن اُپبنڌ يا ڳڏيل لسٽ ۾ شمار ڪيل وشين مان ڪنهن هڪ سنبنڌي موجوده قاعدي جي ڪنهن اُپبنڌ جي ورڌ آهي تہ فقري (٢) جي اُپبنڌن جي اَڌين، سنسد جو ناهيل قاعدو، پوءِ پلي اُهو راڄيہ جي وڌان منڊل جي ناهيل قاعدي يا حالت اَنوسار، موجوده قاعدي کان، اَڳ پاس ٿيو هجي يا پوءِ، چالو رهندو ۽ راڄيہ جي وڌان منڊل جو ناهيل قاعدو ورڌ هئڻ جي حد تائين، رد ٿيندو.

(٢) جتي ڳڏيل لسٽ ۾ شمار ٿيل وشين مان ڪنهن هڪ بنسبت راڄيہ جي وڌان منڊل جي ناهيل قاعدي ۾ سنسد جي اُن وشيہ نسبت ناهيل ڪنهن اَڳ جي قاعدي يا موجوده قاعدي جي اُپبنڌن جي ورڌ ڪو اُپبنڌ آهي تہ اُن راڄيہ جو اِئين ناهيل

قاعدو، جي اُهو راشٽرپتيءَ جي ويچار لاءِ محفوظ رکيو ويو هجي ۽ هُنجي بحالي ملي هُجيس تہ، اُن راجيہ ۾ اُهو چالو رهندو :

بشرطيڪ هن فقري ۾ چيل ڪجهہ بہ سنسد کي ڪنهن بہ وقت ساڳيءَ وشيہ نسبت کو بہ قاعدو، راجيہ جي وڌان منڊل جي اِئين ٺاهيل قاعدي ۾ واڌارو، سڌارو، ڦيرڦار يا رد ڪندڙ قاعدي سميت ٺاهڻ کان نہ روڪيندو.

## ٢٥٥. سفارشن ۽ اَڳواٽ منظورين جي باري ۾ ضرورتون فقط سرشتي جون بابتون سمجهڻ

سنسد جو، راجيہ وڌان منڊل جو ڪو ائڪٽ، ۽ اَهڙي ڪنهن ائڪٽ جو ڪو اُپبنڌ، فقط اِن سبب ڪري ناجائز نہ ٿيندو تہ هن سنوڌان دوارا گهربل ڪا سفارش يا اَڳواٽ منظوري ڪا نہ ڏني ويئي، جي اُن ائڪٽ کي -

(اَ) جتي گهربل سفارش راجيپال جي هئي، اُتي راجيپال يا راشٽرپتيءَ دوارا؛

(ب) جتي گهربل سفارش راج پرمُکہ جي هُئي، اُتي راج پرمُکہ يا راشٽرپتيءَ دوارا؛

(ٻ) جتي گهربل سفارش يا اَڳواٽ منظوري راشٽرپتيءَ جي هئي، اُتي راشٽرپتيءَ دوارا،

بحالي ملي هئي.

# اَڌياءُ ٻيون
## ڪاروباري سنبنڌ
### عام

## ٢٥٦. راجين ۽ سنگهہ جو فرض

هرهڪ راجيہ جو عملي اَختيار اَهڙي نموني استعمال ڪيو ويندو جو سنسد جي ٺاهيل قاعدن ۽ موجوده قاعدا جي اُن راجيہ ۾ لاڳو هُجن تن جي مڃتا جي خاطري ٿئي ۽ سنگهہ جو عملي اَختيار پارت سرڪار کي اُن پريوجن لاءِ ضروري لڳن اَهڙيون هدايتون ڏيڻ تائين پهچندو.

## پاڻيءَ سنبنڌي تڪرار

### ٢٦٢. انتر راجيه ندين يا ندين جي ماترين جي پاڻيءَ سنبنڌي تڪرارن جو نبيرو

(١) سنسد قاعدي دوارا ڪنهن به انتر راجيه نديءَ يا نديءَ جي ماتريءَ جي يا اُن ۾ پاڻيءَ جي واپرڻ ورڇ يا ضابطي بنسبت ڪنهن به تڪرار يا شڪايت جي نبيري لاءِ پربنڌ ڪري سگهندي.

(٢) هن سنوڌان ۾ ڇيل ڪنهن به ڳالھ جي باوجود، سنسد قاعدي دوارا پربنڌ ڪري سگهندي ته فقري (١) ۾ نرديش ڪيل تڪرار يا شڪايت بنسبت سپريم ڪورٽ ۽ ٻي ڪا ڪورٽ سنبنڌي حڪومت جو استعمال ڪندي.

## راجين جي وچ ۾ سَمنويه

### ٢٦٣. هڪ انتر راجيه پريشد بنسبت پربنڌ

جي ڪنهن به وقت راشٽرپتيءَ کي لڳي ته عام ڀلي لاءِ هڪ پريشد برپا ڪئي وڃي جنهن تي فرض وڌا وڃن ته -

(اَ) راجين جي وچ ۾ جيڪي تڪرار اُٿيا هجن اُنهن جي جاچ ڪري ۽ صلاح ڏئي؛

(ب) اُهي وشيه تپاسي ۽ اُنهن تي بحث ڪري جن ۾ ڪن يا سڀني راجين يا سنگھ ۽ هڪ يا وڌيڪ راجين کي سمان هِتُ آهي؛ يا

(پ) اَهڙي ڪنهن وشيه تي سفارشون ڪري، ۽ خاص طور، اُن وشيه بنسبت نيتي ۽ ڪاريه جي بهتر سَمنويه لاءِ سفارشون ڪري ،

ته راشٽرپتيءَ لاءِ حڪم دوارا اَهڙي پريشد برپا ڪرڻ دوارا ۽ اُن دوارا اَدا ڪرڻ وارن فرضن جي قسم ۽ اُن جي ترتيب ۽ سرشتي جي وياکيا ڏيڻ قاعدي موجب ٺيندو.

ڀاڱو ٻارهون

# ناڻو، ملڪيت، قرار ۽ دعوائون

آڏياءُ پهريون

ناڻو

## عام

### ٢٦٤. اَرٿ

هن ڀاڱي ۾ ’مالي ڪميشن‘ جي معنيٰ آهي اَنوڇيد ٢٨٠ هيٺ جوڙيل مالي ڪميشن.

### ٢٦٥. قاعدي جي اَختياريءَ کانسواءِ ڍلون مڙهيون نہ وينديون

قاعدي جي اَختياريءَ کان سواءِ ڪا بہ ڍل وڌي يا اُڳاڙي نہ ويندي.

### ٢٦٦. ڀارت ۽ راڄين جون سنچت نڌيون ۽ سرڪاري حساب

(١) ڪن ڍلن ۽ محصولن جي سڄي صافي اُپت يا حصو راڄين کي سونپڻ بنسبت اَنوڇيد ٢٦٧ جي اُپبنڌن ۽ هن اَڌياءَ جي اُپبنڌن جي اَڌين، ڀارت سرڪار کي مليل سڀ آمدني، اُن سرڪار دوارا‌ن سرڪاري هنڊيون جاري ڪري ڪنيل سڀ قرض، يا اَرٿ ۽ اُپاءَ پيشگيون ۽ قرض اَدائيءَ ۾ اُن سرڪار کي مليل سڀ ناڻي جي هڪ سنچت نڌي ٺهندي جنهن جو نالو ٿيندو، ’ڀارت جي سنچت نڌي،‘ ۽ راڄيہ سرڪار کي مليل سڀ آمدني اُن سرڪار دوارا‌ن سرڪاري هنڊيون جاري ڪري ڪنيل سڀ قرض يا اَرٿ ۽ اُپاءَ پيشگيون ۽ قرض اَدائيءَ ۾ اُن سرڪار کي مليل سڀ ناڻي جي هڪ سنچت نڌي ٺهندي جنهن جو نالو ٿيندو ’راڄيہ جي سنچت نڌي‘.

(٢) ڀارت سرڪار يا راڄيہ سرڪار کي يا اُن جي پاران مليل ٻيا سڀ سرڪاري ناڻا ڀارت جي سرڪاري حساب يا راڄيہ جي سرڪاري حساب ۾، حالت اَنوسار، جمع ڪيا ويندا.

(٣) ڀارت جي سنچت نڌيءَ يا راڄيہ جي سنچت نڌيءَ مان ڪي بہ ناڻا خرچ نہ ڪيا ويندا سواءِ قاعدي پٽاندڙ ۽ هن سنوڌان ۾ پربنڌ ڪيل پريوجن لاءِ ۽ نموني سان.

## ٢٦٧. اِتفاقي نِڌي

(١) سنسد قاعدي دوارا پيشگي رقم جي روپ جِي هڪ اِتفاقي نڌي برپا ڪري سگهندي جنهن جو نالو ٿيندو 'ڀارت جي اِتفاقي نِڌي' جنهن ۾ اُن قاعدي دوارا نهرايون وڃن اُهي رقمون وقت بہ وقت پريون ويندیون ۽ اُها نڌي راشٽرپتيءَ جي حوالي ڪئي ويندي جيئن هو اُن نڌيءَ مان اَڳوات اَڻ ڏٺي خرچ جي پورائي ڪرڻ لاءِ اَهڙي خرچ جي سنسد اَنوڇيد ١١٥ يا اَنوڇيد ١١٦ هيٺ قاعدي دوارا بحالي ڏئي تيستائين پيشگيون ڏيئي سگهي.

(٢) راڄيہ جو وڌان منڊل قاعدي دوارا پيشگي رقم جي روپ جي هڪ اِتفاقي نڌي برپا ڪري سگهندو جنهن جو نالو ٿيندو 'راڄيہ جي اِتفاقي نڌي' جنهن ۾ اُن قاعدي دوارا نهرايون وڃن اُهي رقمون وقت بہ وقت پريون وينديون، ۽ اُها نڌي راڄيہ جي راڄيپال جي حوالي ڪئي ويندي جيئن هو اُن نڌيءَ مان اَڳوات اَڻ ڏٺي خرچ جي پورائي ڪرڻ لاءِ اَهڙي خرچ جي راڄيہ جو وڌان منڊل اَنوڇيد ٢٠٥ يا اَنوڇيد ٢٠٦ هيٺ قاعدي دوارا بحالي ڏئي تيستائين پيشگيون ڏيئي سگهي.

# سنگھ ۽ راڄين جي وچ ۾ آمدنيءَ جي ورڇ

## ٢٦٨. سنگھ دوارا وڌل پر راڄين دوارا وصول ڪيل ۽ ڪنيل محصول

(١) اَهڙا اِسٽامپ محصول ۽ اَهڙا دوائي ۽ سينگار جي بناوتن تي آبڪاري محصول جي سنگھ لسٽ ۾ ڄاڻايل آهن اُهي ڀارت سرڪار دوارا وڌا ويندا پر وصول ڪيا ويندا-

(اَ) جتي اَهڙا محصول ڪنهن سنگهه ڪيتر اندر وجهڻ جوڳا آهن، اُتي پارت سرڪار دواران، ۽

(ب) ٻين حالتن ۾، راڄين دواران، جن اندر اُهي محصول سلسليوار وجهڻ جوڳا آهن.

(٢) ڪنهن به راڄيه اندر وجهڻ جوڳي اَهڙي ڪنهن محصول جي ڪنهن به مالي سال جي اُپت پارت جي سنچت نڌيءَ جو ڀاڱو نه ٿيندي، پر اُن راڄيه کي سونپي ويندي.

## ٢٦٩. سنگهه دواران وڏل ۽ وصول ڪيل پر راڄين کي سونپيل ڍلون

(١) هينيان محصول ۽ ڍلون ڀارت سرڪار دواران وڏا ۽ وصول ڪيا ويندا پر راڄين کي فقري (٢) ۾ پربنڌ ڪيل نموني سونپيا ويندا، يعنيٰ :-

(اَ) کيتيءَ جي زمين کانسواءِ ٻي ملڪيت جي وارثت بنسبت محصول؛

(ب) کيتيءَ جي زمين کانسواءِ ٻيءَ ملڪيت تي جائداد محصول؛

(پ) ريلوي، سمنڊ يا هوا ذريعي کنيل مال يا مسافرن تي حَدَ جون ڍلون؛

(ڀ) ريلوي ڀاڙن ۾ نوُل تي ڍلون؛

(ٻ) شيئر بزارين ۽ واعدا بزارين ۾ وهنوارن تي اِستامپ محصول کانسواءِ ٻيون ڍلون؛

(ت) اَخبارن جي وڪري يا خريديءَ تي ۽ اُنهن ۾ شايع ٿيل اِشتهارن تي ڍلون؛

(ٿ) اَخبارن کانسواءِ مال جي وڪري يا خريديءَ تي ڍلون، جتي اَهڙو وڪرو يا خريدي انتر راڄيه ڌنڌي يا واپار دؤران ٿئي.

(ٽ) مال موڪلڻ تي ڍلون (موڪليندڙ شخص کي چاهي ٻئي ڪنهن شخص کي موڪليل هجي) جتي اَهڙو موڪلڻ انتر راڄيه ڌنڌي يا واپار دؤران ٿئي.

(٢) ڪنهن به مالي سال ۾ اَهڙي ڪنهن محصول يا ڍل جي صافي اُپت، سواءِ ته اُها اُپت سنگهه کيترن سان لاڳاپو رکندڙ اُپت هجي، ڀارت جي سنچت

نڍيءَ جو پاڱو نہ ٿيندي، پر جي جن راڄين جي اندر اهو محصول يا ڍل اُن سال ۾ وجهڻ جوڳي هجي، تن کي سونپي ويندي ۽ اُنهن راڄين وچ ۾ سنسد قاعدي دوارا ترتيب ڪري اهڙن ورڇ جي اُصولن پٽاندڙ ورڇي ويندي.

(٣) مال جو ڪو بہ وڪرو يا خريدي يا مال موڪلڻ ڪڏهن انتر راڄيہ ڌنڌي يا واپار دؤران ٿئي ٿو اُهو طئہ ڪرڻ لاءِ سنسد قاعدي دوارا اُصول ترتيب ڪري سگهندي.

## ٢٧٠. سنگهہ دوارا وڌل ۽ وصول ڪيل ۽ سنگهہ ۽ راڄين جي وچ ۾ ورڇيل ڍلون

(١) ڪيتيءَ جي آمدنيءَ ڪانسواءِ ٻيءَ آمدنيءَ تي ڍل پارت سرڪار دوارا وڌي ۽ وصول ڪئي ويندي ۽ سنگهہ ۽ راڄين جي وچ ۾ فقري (٢) ۾ پربنڌ ڪيل نموني ورڇي ويندي.

(٢) ڪنهن بہ مالي سال ۾ اهڙي ڪنهن ڍل جي صافي اُپت سواءِ تہ جيتري قدر اُها اُپت سنگهہ کيتر سان يا سنگهہ جي اُجورن بنسبت ڏيڻ جوڳين ڍلن سان لاڳاپو رکندڙ اُپت هجي، اُنجو نهرايو وڃي اهڙو سيڪڙو پارت جي سنچت نڌيءَ جو پاڱو نہ ٿيندو، پر جن راڄين ۾ اُها ڍل اُن سال ۾ وجهڻ جوڳي هجي، تن کي سونپيو ويندو ۽ اُنهن راڄين جي وچ ۾ نهرايو وڃي اُنهيءَ نموني ۽ اُنهيءَ وقت کان ورڇيو ويندو.

(٣) فقري (٢) جي پريوجن لاءِ هر مالي سال ۾ سنگهہ جي اُجورن بنسبت ڏيڻ جوڳين ڍلن جي صافي اُپت نہ هجي اهڙيءَ صافيءَ اُپت جو نهرايو وڃي اوترو سيڪڙو سنگهہ کيترن سان لاڳاپو رکندڙ اُپت سمجهي ويندي.

(٤) هن اُنوڇيد ۾ -

(اَ) آمدنيءَ تي ڍل ۾ ڪارپوريٽ ڍل نٿي اَچي وڃي؛

(ب) 'نهرايو وڃي' جي معنيٰ آهي -

(i) جيسين مالي ڪميشن نهي، راشٽرپتيءَ دوارا حڪم دوارا نهرايل، ۽

(ii) مالي ڪميشن جي نهڻ بعد راشٽرپتيءَ دوارا مالي ڪميشن جون سفارشون ويچارڻ کان پوءِ حڪم دوارا نهرايل؛

(ب) 'سنگهہ جا اُجورا' ۾ پارت جي سنچت نڌيءَ مان ڏيڻ جوڳا

سپ اُجورا ۽ پينشن جن بنسبت آمدنيءَ تي ڏل وجهڻ جوڳي هجي، اُچي وڃن ٿا.

## ٢٧١. ڪن محصولن ۽ ڏلن تي سنگھ جي پريوجن لاءِ سرچارج

آنوڇيد ٢٦٩ ۽ ٢٧٠ ۾ چيل ڪنهن به ڳالھ جي باوجود، سنسد ڪنهن به وقت اُنهن آنوڇيدن ۾ نرديش ڪيل محصولن يا ڏلن مان ڪن ۾ به سنگھ جي پريوجن لاءِ سرچارج دواران واڌارو ڪري سگھندي ۽ اهڙيءَ ڪنهن سرچارج جي سڄي اُپت ڀارت جي سنچت نڌيءَ جو ڀاڱو ٿيندي.

## ٢٧٢. ڏلون جي سنگھ دواران وڌيون ۽ وصول ڪيون وڃن ۽ سنگھ ۽ راڄين جي وچ ۾ ورڇي سگھجن

دوائي ۽ سينگار جي بناوٽن تي آبڪاري محصول ڪانسواءِ سنگھ لسٽ ۾ ڄاڻايل سنگھ جا آبڪاري محصول ڀارت سرڪار دواران وڌا ۽ وصول ڪيا ويندا، پر جي سنسد قاعدي دواران اِئين پربنڌ ڪري تہ ڀارت جي سنچت نڌيءَ مان جن راڄين تي محصول وجهندڙ قاعدي جي پهچ هجي تن کي اُن محصول جي سڄي صافي اُپت يا اُن جي حصي جي برابر رقمون ڏنيون وينديون، ۽ اُهي رقمون اُنهن راڄين جي وچ ۾ اُن قاعدي دواران ورڇ جا اُصول ترتيب ڪيا وڃن اُنهن ڀانڊڙ ورڇيون وينديون.

## ٢٧٣. سڻي ۽ سڻيءَ جي پيدائشن تي روانگي محصول جي بدلي ۾ گرانٽ

(١) هر سال سڻي ۽ سڻيءَ جي پيدائشن تي روانگي محصول جي هر سال جي صافي اُپت مان ڪو حصو آسام، بهار، اوڙيسا ۽ اولھ بينگال جي راڄين کي سوُنپڻ جي بدلي ۾ اُنهن راڄين جي آمدنيءَ لاءِ مددي گرانٽ طور ڀارت جي سنچت نڌيءَ تي نھرايو وڃي ايترين رقمن جو ذمو وڌو ويندو.

(٢) جيستائين ڀارت سرڪار دواران سڻي يا سڻيءَ جي پيدائشن تي روانگي محصول وجهڻ چالو هجي يا هن سنوڌان جي شروعات کان ڏھ سال پورا ٿيڻ تائين، بنهي مان جيڪو اَڳ ٿئي ، تيستائين نھرايو وڃي اِهي رقمون ڀارت جي سنچت نڌيءَ تي ذمي وجهڻ چالو رکيو ويندو.

لاءِ ضروري هجن جي اُن راجيہ ۾ اَنوُسوُچت جن جاتين جي ڪلياڻ ۾ واڌارو ڪرڻ يا اُنوسوچت ايراضين جي ڪاروباري سطح کي اُن راجيہ جي باقي ايراضين جي ڪاروباري سطح تائين مٿي آڻڻ جي پريوجن لاءِ راجيہ دوارا ن ڀارت سرڪار جي بحاليءَ سان هٿ ۾ ڪنيون وڃن :

وڌيڪ بشرطيڪ آسام راجيہ جي آمدنيءَ ۾ مددي گرانٽ طور ڀارت جي سنچت نڌيءَ مان اَهڙيون رقمون، موڙي ۽ وري ڏيڻ جوڳيون ڏنيون وينديون جي -

(اَ) ڇهين اَنوسوچيءَ جي پئرا ٢٠ سان شامل جدول جي ڀاڱ پهرئين ۾ چاڻايل جَن جاتي ايراضين جي ڪاروبار بنسبت هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اَڳہ ٻن سالن درميان آمدنيءَ کان خرچ جي سراسر واڌاري جي برابر هجن؛ ۽

(ب) اُن راجيہ دواران ڀارت سرڪار جي بحاليءَ سان اُنهن ايراضين جي ڪاروباري سطح کي اُن راجيہ جي باقي ايراضين جي ڪاروباري سطح تائين مٿي آڻڻ جي پريوجن لاءِ جيڪي وڪاس جون رٿون هٿ ۾ ڪنيون وڃن اُنهن جي خرچ جي برابر هُجن.

(١-اَلف) اَنوڇيد ٢٤٤ اَلف هيٺ خود اَختيار راجيہ جي ٺهڻ تي ۽ اُن وقت کان-

(i) فقري (١) جي ٻئين شرطي فقري جي فقري (اَ) هيٺ ڏيڻ جوڳيون ڪي رقمون، جيڪڏهن خود اَختيار راجيہ اُن ۾ چاڻايل سڀني جَن جاتي ايراضين جو ٺهيل هجي تہ خود اَختيار راجيہ کي ڏنيون وينديون، ۽ جي خود اَختيار راجيہ اُنهن جن جاتي ايراضين مان فقط ڪن جو ٺهيل هجي تہ آسام راجيہ ۽ خود اَختيار راجيہ جي وچ ۾ راشٽرپتي حڪم دواران چاڻائي اِئين وراهيون وينديون؛

(ii) خود اَختيار راجيہ جي آمدنيءَ ۾ مددي گرانٽ طور ڀارت جي سنچت نڌيءَ مان اَهڙيون رقمون، موڙي ۽ هر سال ڏيڻ جوڳيون، ڏنيون وينديون جي خود اَختيار راجيہ دواران ڀارت سرڪار جي بحاليءَ سان اُن راجيہ جي ڪاروباري سطح کي باقي آسام راجيہ جي ڪاروباري سطح تائين مٿي آڻڻ جي پريوجن لاءِ جيڪي وڪاس جون رٿون هٿ ۾ ڪنيون وڃن اُنهن جي خرچ جي برابر هجن.

(٢) سنسد دوارن فقري (١) هيٺ پربنڌ ٺئي تيستائين، اُن فقري هيٺ سنسد کي بخشيل اَختيار راشٽرپتي حڪم ذريعي اِستعمال ڪري سگهندو، ۽ هن فقري هيٺ راشٽرپتيءَ دوارن ڪيل ڪوبہ حڪم سنسد دوارن اَهڙي نموني ڪيل ڪنهن بہ پربنڌ جي اَدين رهي اَثرائتو ٿيندو :

بشرطيڪ مالي ڪميشن جي ترتيب ٿيڻ کان پوءِ راشٽرپتيءَ دوارن هن فقري هيٺ ڪو بہ حڪم فقط مالي ڪميشن جون سفارشون ويچارڻ کان پوءِ ئي ڪيو ويندو.

## ٢٧٦. پيشن، واپار، ڌنڌي ۽ نوڪريءَ تي ڍلون

(١) اَنوڇيد ٢٤٦ ۾ ڇيل ڪنهن بہ ڳالهہ جي باوجود، راڄيہ جي وڌان منڊل جو راڄيہ جي يا راڄيہ اندر ميونسپالٽي، ضلع بورڊ، لوڪل بورڊ يا ٻيءَ ڪنهن مڪانيءَ اَختياريءَ جي فائدي لاءِ ڍلن سنبنڌي پيشن، واپار، ڌنڌن ۽ نوڪرين بنسبت ڪو قاعدو اِن سبب ڪري ناجائز نہ ٿيندو تہ اُهو آمدنيءَ تي ڍل سان سنبنڌ رکي ٿو.

(٢) ڪنهن بہ هڪ شخص بنسبت راڄيہ کي يا راڄيہ ۾ ڪنهن بہ هڪ ميونسپالٽي، ضلع بورڊ، لوڪل بورڊ يا ٻي ڪنهن مڪاني اَختياريءَ کي پيشن، واپار، ڌنڌن ۽ نوڪرين بنسبت ڍلن طور ڏيڻ جوڳي ڪل رقم سالياني بہ هزار پنج سو روپين کان وڌيڪ نہ ٿيندي.

(سنوڌان (سٺارو سٺ) ائڪٽ، ١٩٨٨ جي قلم ٢ دوارن (٢٠ ڊسمبر ١٩٨٨ کان) لفظ 'بہ سؤ پنجاهہ رپين' جي بدران لفظ 'بہ هزار پنج سؤ رپين' درج ڪيل)

(٣) پيشن، واپار، ڌنڌن ۽ نوڪرين تي ڍلن بنسبت مٿي ڇيل موجب قاعدو ناهڻ جو راڄيہ جي وڌان منڊل جي اَختيار جو مطلب اِهو نہ ڪڍيو ويندو تہ اُهو پيشن، واپار، ڌنڌن ۽ نوڪرين مان حاصل يا پيدا ٿيندڙ آمدني تي ڍلن بنسبت سنسد جي قاعدا ناهڻ جي اَختيار کي ڪنهن نموني محدود ڪري ٿو.

## ٢٧٧. نرالا

ڪي بہ ڍلون، محصول، سيس يا فيون جي هن سنوڌان جي شروعات

کان يکدم اَگ ڪنهن راجيہ سرڪار دواران يا ڪنهن ميونسپالٽيءَ يا ٻيءَ مڪاني اَختياريءَ يا سنسٿا دواران راجيہ، ميونسپالٽي، ضلع يا ٻيءَ مڪاني ايراضيءَ جي پريوجن لاءِ قاعدي موجب وڌيون ويندڙيون هُيون اُهي باوجود اُنجي تہ اُهي ڍلون، محصول، سيس يا فيون سنگهہ لسٽ ۾ ذڪر ڪيل هُجن، سنسد قاعدي دوارا ورڌ پربنڌ ڪري ٽيستائين، وجهڻ ۾ ساڳئي پريوجن لاءِ ڪم آڻڻ چالو رکي سگهجي ٿو.

۲۷۸. x x x x

## ۲۷۹. 'صافي اُپت' وغيره ڳڻڻ

(۱) هن اَڌياءَ جي اَگ ڏنل اُپبنڌن ۾ 'صافي اُپت' جي معنيٰ آهي ڪنهن ڍل يا محصول سنبنڌي اُن جي 'اُپت' اُن مان وصولات جو خرچ ڪٽڻ کان پوءِ ۾ اُنهن اُپبنڌن جي پريوجن لاءِ ڪنهن ايراضيءَ ۾ يا اُن سان لاڳاپو رکندڙ ڪنهن ڍل يا محصول جي يا ڪنهن ڍل يا محصول جي ڪنهن حصي جي صافي اُپت پارت جي ڪامپٽرولر ۽ آڊيٽر جنرل دوارا تحقيقات ۽ تصديق ڪئي ويندي جنهن جو پرماڻ پتر آخرين ٿيندو.

(۲) مٿي چيل ۽ هن اَڌياءَ جي ٻين ڪن خاص اُپبنڌن جي اَڌين، سنسد جو ٺاهيل قاعدو يا راشٽرپتيءَ جو حڪم، جتي هن ڀاڱ هيٺ ڪنهن محصول يا ڍل جي آمدني ڪنهن راجيہ کي سؤنپي ويئي هُجي يا سؤنپي سگهجي اَهڙيءَ ڪنهن بہ حالت ۾، ڪهڙي نموني اُپت ڳڻجي، ڪهڙي وقت کان يا وقت تي ۽ ڪهڙي نموني ڪي رقمون ڏنيون وڃن، هڪ مالي سال ۽ ٻئي جي وچ ۾ حساب ٺاهي ٻيهارڻ ۽ ٻين ڪن پرسنگ يا اَنوسنگ بابتن لاءِ پربنڌ ڪري سگهندو.

## ۲۸۰. مالي ڪميشن

(۱) راشٽرپتي، هن سنوڌان جي شروعات کان ٻن سالن اندر ۽ تنهن کان پوءِ هر پنجين سال جي پوري ٿيڻ تي يا راشٽرپتي ضروري سمجهي اَهڙي اَگ وقت تي حڪم دوارا هڪ مالي ڪميشن جي ترتيب ڪندو جنهن ۾ هڪ چيئرمن ۽ ٻيا چار ميمبر ٿيندا جن کي راشٽرپتي مقرر ڪندو.

## ٢٨١. مالي ڪميشن جون سفارشون

راشٽرپتي مالي ڪميشن دوارا هن سنوڌان جي اُپبنڌن هيٺ ڪيل هرهڪ سفارش اُن تي ڪيل ڪارروائي جي باري ۾ سمجھاڻيءَ جي يادداشت سان گڏ سنسد جي هرهڪ سدن اَڳيان رکائيندو.

# پرچورڻ مالي اُپبنڌ

## ٢٨٢. سنگھه يا راجيه دوارا پنهنجي آمدنيءَ مان ڪرڻ جوڳو خرچ

سنگھه يا ڪو راجيه ڪنهن عام پريوجن لاءِ ڪي به گرانٽون ڪري سگھندو، باوجود اِنجي ته اُهو پريوجن اهڙو نه هُجي جنهن بنسبت سنسد يا راجيه جو وڌان منڊل، حالت اَنوسار، قاعدا ٺاهي سگھي.

## ٢٨٣. سنچت نڌين، اتفاقي نڌين ۽ سرڪاري حسابن ۾ جمع ٿيل ناڻن جو حوالو وغيره

(١) ڀارت جي سنچت نڌيءَ ۽ ڀارت جي اتفاقي نڌيءَ جو حوالو اُنهن نڌين ۾ ناڻا پرڻ، اُنهن مان ناڻا ڪڍڻ، ڀارت سرڪار کي يا سندس پاران مليل اُنهن نڌين ۾ جمع ٿيل کان سواءِ ٻين سرڪاري ناڻن جو حوالو، اُنهيءَ ڀارت جي سرڪاري حساب ۾ پرڻ ۽ اُن حساب مان ناڻا ڪڍڻ ۽ مٿي ڄاڻايل بابتن سان متعلق يا اَنوسنگڪ ٻيون سڀ بابتون سنسد دوارا قاعدي ذريعي نيمت ڪيون وينديون، ۽ جيسين اِن باري ۾ اِئين پربنڌ ٿئي تيسين راشٽرپتيءَ دوارا نيمن ذريعي نيمت ڪيون وينديون.

(٢) راجيه جي سنچت نڌيءَ ۽ راجيه جي اتفاقي نڌيءَ جو حوالو، اُنهن نڌين ۾ ناڻا پرڻ، اُنهن مان ناڻا ڪڍڻ، راجيه سرڪار کي يا سندس پاران مليل اُنهن نڌين ۾ جمع ٿيل کانسواءِ ٻين سرڪاري ناڻن جو حوالو، اُهي راجيه جي سرڪاري حساب ۾ پرڻ ۽ اُهڙي حساب مان ناڻا ڪڍڻ ۽ مٿي ڄاڻايل بابتن سان تعلق يا اَنوسنگڪ ٻيون سڀ بابتون راجيه جي وڌان منڊل

دواران قاعدي ذريعي نيمت ڪيون وينديون، ۽ جيسين اِن باري ۾ اِئين پربنڌ ٿئي تيسين راجيہ جي راجيپال دواران ڪيل نيمن ذريعي نيمت ڪيون ويندون.

## ٢٨٤. دعوادارن جي اَمانتن ۽ سرڪاري نوڪرن ۽ ڪورٽن کي ملندڙ پيسن ناڻن جو حوالو

سڀ ناڻا جي-

(اَ) ڀارت سرڪار يا راجيہ سرڪار دواران، حالت اَنوسار، ڪنيل يا مليل آمدنيءَ سرڪاري ناڻن کانسواءِ، سنگهہ جي يا راجيہ جي معاملن سان واسطو رکندڙ نوڪري ڪندڙ ڪنهن عملدار کي دواران اَهڙيءَ حيثيت ۾ مليل وٽس اَمانت هُجن، يا

(ب) ڀارت جي ڪيتر اندر ڪنهن ڪورٽ دواران ڪنهن ڪيس، وشيہ، حساب يا شخصن جي کاتي جمع طور مليل يا اَمانت رکيل هُجن،

اُهي ڀارت جي سرڪاري حساب يا راجيہ جي سرڪاري حساب ۾ حالت اَنوسار، ڀريا ويندا.

## ٢٨٥. سنگهہ جي ملڪيت کي راجيہ جي ڍلن کان ڇوٽ

(١) سنگهہ جي ملڪيت، سواءِ جيتري قدر سنسد قاعدي دواران ٻئي نموني پربنڌ ڪري، راجيہ يا راجيہ اندر ڪنهن بہ اَختياريءَ دواران مڙهيل سڀني ڍلن کان ڇٽل رهندي.

(٢) سنسد قاعدي دواران ٻيو ڪو پربنڌ ڪري تيستائين فقري (١) ۾ ڇيل ڪجهہ بہ راجيہ اندر ڪنهن بہ اَختياريءَ کي سنگهہ جي ڪنهن ملڪيت تي ڪا بہ ڍل جنهن لاءِ هن سنوڌان کان يڪدم اَڳ اُها ملڪيت جوابدار هئي يا جوابدار سمجهي ويئي هُئي اُها جيستائين اُن راجيہ ۾ ڍل وجهڻ چالو رهي تيستائين وجهڻ کان ڪو نہ روڪيندو.

## ٢٨٦. مال جي وڪري ۽ خريد تي ڍل وجهڻ جي باري ۾ پابنديون

(١) راجيہ جو ڪو بہ قاعدو مال جي وڪري يا خريد تي ڪابہ ڍل نہ وجهندو يا وجهڻ جي اَختياري ڏيندو، جتي اهڙو وڪرو يا خريد ٿئي -

(اَ) راجيہ کان ٻاهر؛ يا

(ب) ڀارت جي ڪيتر اندر مال جي آمدنيءَ يا اُن مان مال جي ٻاهر روانگي جي دؤري ۾.

(٢) سنسد قاعدي دواران اِهو طئہ ڪرڻ لاءِ اُصول گهڙي سگهندي تہ ڪڏهين مال جو وڪرو يا خريد فقري (١) ۾ ذڪر ڪيل طريقن مان ڪنهن ۾ ٿئي ٿو.

(٣) راجيہ جو ڪو بہ قاعدو، جيتري قدر اُهو-

(اَ) سنسد دواران قاعدي ذريعي اَنتر راجيہ ڏنڌي يا واپار ۾ خاص اَهميت واري ظاهر ڪيل مال جي وڪري يا خريد تي ڏَل؛ يا

(ب) مال جي وڪري يا خريد تي اَنوڇيد ٣٦٦ جي فقري (٢٩ - اَلف) جي پيٽي فقري (ب)، پيٽي فقري (پ) يا پيٽي فقري (ڀ) ۾ نرديش ڪيل قسم جي ڏَل؛

وجهي يا وجهڻ جي اَختياري ڏئي اوتري قدر سنسد قاعدي دواران ڄاڻائي اَهڙين ڏلن لڳائڻ جي طريقي، نرخ ۽ ٻين ڳالهين بابت پائبندين ۽ شرطن جي اَڌين ٿيندو.

## ٢٨٧. بجليءَ تي ڏلن کان ڇُوٽ

سواءِ جيتري قدر سنسد قاعدي دواران ٻيو پربنڌ ڪري راجيہ جو ڪو بہ قاعدو اُن بجليءَ جي واپرڻ يا وڪري تي (ڀلي اُها ڪنهن سرڪار خواهہ ٻين شخصن دواران پئدا ڪئي وَڃي) ڏل نہ وجهندو يا وجهڻ جي اَختياري ڏيندو جيڪا-

(اَ) ڀارت سَرڪار دواران واپري وڃي يا ڀارت سرڪار کي اُن سرڪار جي واپرڻ لاءِ وڪي وڃي ، يا

(ب) ڀارت سرڪار يا ريلوي هلائيندڙ ريلوي ڪمپني دواران ڪنهن ريلوي جي ٺاهڻ، قائم رکڻ يا هلائڻ ۾ واپري وڃي يا اُن سرڪار يا اَهڙي ڪنهن ريلوي ڪمپنيءَ کي ڪنهن ريلوي ٺاهڻ، قائم رکڻ يا هلائڻ ۾ واپرڻ لاءِ وڪي وڃي،

۽ بجليءَ جي وڪري تي ڍل وجهندڙ يا ڍل وجهڻ جي اختياري ڏيندڙ ڪو به اهڙو قاعدو اِها خاطري ڪندو ته پارٽ سرڪار ڪي اُن سرڪار جي واپرڻ لاءِ يا مٿي چيل اهڙي ڪنهن ڪمپنيءَ ڪي ڪنهن ريلوي ٺاهڻ، قائم رکڻ يا هلائڻ ۾ واپرڻ لاءِ وڪيل بجليءَ جي قيمت، بجليءَ جو جيترو اندازو واپرڻ وارن ٻين کان وصول ڪيل قيمت کان ڍل جي رقم جيتري گهٽ هُجي.

## ٢٨٨. پاڻي يا بجلي بنسبت راڄين دواران ڍل وجهڻ کان ڪن حالتن ۾ ڇوٽ

(١) سواءِ جيتري قدر راشٽرپتي حڪم دواران ٻيو پربنڌ ڪري هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اڳ عمل ۾ راڄيه جو ڪو به قاعدو ڪنهن انتر راڄيه ندي يا نديءَ جي ماٿريءَ ڪي نيمت ڪرڻ يا اُن جو واڌارو ڪرڻ لاءِ ڪنهن موجوده قاعدي يا سنسد دواران ٺاهيل ڪنهن قاعدي دواران برپا ٿيل ڪنهن اختياريءَ دواران ڪٺي ڪيل، پيدا ڪيل، واپريل، ورڇيل يا وڪيل پاڻي يا بجلي بنسبت ڍل نه وجهندو يا وجهڻ جي اختياري ڏيندو.

سمجهاڻي - هن فقري ۾ محاوري 'راڄيه جو عمل ۾ قاعدو' ۾ هن سنوڌان جي شروعات کان اڳه پاس ڪيل يا ٺهيل ۽ اڳ ۾ رد نه ڪيل راڄيه جو قاعدو اچي ويندو، باوجود اِنجي ته اُهو يا اُنجا ڪي ڀاڱا اُن وقت بلڪل يا ڪن خاص ايراضين ۾ عمل ۾ نه هُجن.

(٢) راڄيه جو وڌان منڊل فقري (١) ۾ ذڪر ڪيل آهي اهڙي ڪا به ڍل قاعدي دواران وجهي يا وجهڻ جي اختياري ڏيئي سگهندو، پر اهڙو ڪو به قاعدو فقط تڏهين اثرائتو ٿيندو جڏهن راشٽرپتيءَ جي ويچارڻ لاءِ محفوظ رکڻ کان پوءِ اُن ڪي سندس بحالي ملي هُجي؛ ۽ جي اهڙو ڪو قاعدو اهڙو پربنڌ ڪري ته اهڙيءَ ڍل جا نُرخ ۽ ٻيون ڳالهيون قاعدي هيٺ نيمن يا حڪمن ذريعي ڪنهن اختياريءَ دواران مقرر ڪيا وڃن، ته قاعدو پربنڌ ڪندو ته اهڙي ڪنهن نيم يا حڪم ڪرڻ لاءِ راشٽرپتيءَ جي اڳواٽ منظوري ورتي وڃي.

## ٢٨٩. راجيه جي ملڪيت ۽ آمدنيءَ کي سنگھ جي ڍلن کان ڇوٽ

(١) راجيه جي ملڪيت ۽ آمدني سنگھ جي ڍلن کان ڇٽل رهندا.

(٢) فقري (١) ۾ ڄيل ڪجهه به سنگھ کي راجيه جي سرڪار دوارا يا اُن طرفان هلندڙ ڪنهن قسم جي ڌنڌي يا واپار يا اُن سان واسطو رکندڙ ڪارروائين يا اهڙي ڌنڌي يا واپار جي پريوجن لاءِ ڪم ايندڙ يا والاريل ڪا ملڪيت يا اُن سان واسطو رکندڙ حاصل يا پيدا ٿيندڙ ڪنهن آمدنيءَ بنسبت ايتري حد تائين، جي هُجي ته، جنهن جو سنسد قاعدي دوارا پربنڌ ڪري ڪا ڍل وجهڻ يا وجهڻ جي اختياري ڏيڻ کان نه روڪيندو.

(٣) فقري (٢) ۾ ڄيل ڪجهه به اهڙي ڪنهن ڌنڌي يا واپار سان يا ڌنڌي يا واپار جي اهڙي ڪنهن قسم سان، لاڳو نه پوندو، جيڪو سنسد قاعدي دوارا سرڪار جي رواجي ڪرتبن سان پرسنگ هئڻ ظاهر ڪري.

## ٢٩٠. ڪن خرچن ۽ پينشنن بنسبت حساب ناهي بيهارڻ

جتي هن سنوڌان جي اُپبندن هيٺ ڪنهن ڪورٽ يا ڪميشن جو خرچ، يا جنهن شخص هن سنوڌان جي شروعات کان اڳ ڀارت ۾ ڪراؤن هيٺ يا اهڙي شروعات کان پوءِ سنگھ جي يا ڪنهن راجيه جي معاملن سنبنڌي نوڪري ڪئي هُجي اُنکي يا اُن بنسبت ڏيڻ جوڳي پينشن ڀارت جي سنڇت نڌيءَ يا ڪنهن راجيه جي سنڇت نڌيءَ تي ذمي وڌل هُجي اُتي، جي

(اَ) ڀارت جي سنڇت نڌيءَ تي ذمي وڌل هئڻ جي حالت ۾، اُها ڪورٽ يا ڪميشن راجيه جي الڳ ضرورتن مان ڪنهن جو پريوجن سِڌ ڪري، يا اُن شخص سڄي نوڪري راجيه جي معاملن سنبنڌي ڪئي هُجي؛ يا

(ب) راجيه جي سنڇت نڌيءَ تي ذمي وڌل هئڻ جي حالت ۾، اُها ڪورٽ يا ڪميشن سنگھ يا ٻئي ڪنهن راجيه جي الڳ ضرورتن مان ڪنهن جو به پريوجن سِڌ ڪري يا اُن شخص سڄي نوڪري يا اُن جو حصو سنگھ يا ٻئي راجيه جي معاملن سنبنڌي ڪئي هُجي؛

ته راجيه جي سنڇت نڌيءَ يا حالت انوسار ڀارت جي سنڇت نڌيءَ

يا اُن ٻئي راڄيه جي سنچت نڌيءَ تي، خرچ ۽ پينشن سنبنڌي ناھ ٿئي اَهڙو ناھ يا قبوليت نہ ٿيڻ جي حالت ۾ ڀارت جي مکيہ نيايہ مورتيءَ طرفان مقرر ٿيل اَمين دواران طئہ ٿئي اَهڙو حصو، ذمي وڌو ويندو ۽ اُن مان ڏنو ويندو.

## ٢٩٠. اَلف. ڪن ديوسوم فنڊن کي ساليانى رقم ڏيڻ

هر سال چائيتاليھ لک ۽ پنجاھ هزار رپين جي رقم ڪيرالا راڄيه جي سنچت نڌيءَ تي ذمي وڌي ويندي ۽ اُن مان ٽراونڪور ديوسوم فنڊ کي ڏني ويندي؛ ۽ هر سال تيرهان لک ۽ پنجاھ هزار رپين جي رقم تامل نادو راڄيه جي سنچت نڌيءَ تي ذمي وڌي ويندي ۽ اُن مان پهرين نومبر ١٩٥٦ تي ٽراونڪور ڪوچين راڄين مان اُن راڄيه ۾ بدلي ٿيل ڪيتر ۾ هندو مندرن ۽ پوتر اِستانن جي قائم رکڻ لاءِ اُن راڄيه ۾ برپا ڪيل ديوسوم فنڊ کي ڏني ويندي.

٢٩١. x x x x

اَڌياءُ ٻيون

قرض ڪڍڻ

## ٢٩٢. ڀارت سرڪار دواران قرض ڪڍڻ

سنگھ جو ڪاروباري اَختيار سنسد وقت بہ وقت قاعدي دواران مقرر ڪري اُنهن حدن جي اَندر، ڪي بہ هُجن تہ، ڀارت جي سنچت نڌيءَ جي ضامن گريءَ تي قرض ڪڍڻ ۽ اُنهن حدن جي اندر، ڪي بہ هُجن تہ، جيڪي اِئين مقرر ٿين، گارنٽيون ڏيڻ تائين پهچندو.

## ٢٩٣. راڄين دواران قرض ڪڍڻ

(١) هن اَنوڇيد جي اُپبندن جي اَڌين، راڄيه جو ڪاروباري اَختيار راڄيه جو وڌان منڊل وقت بہ وقت قاعدي دواران مقرر ڪري اُنهن حدن جي اندر،

ڪي به هُجن ته، اُن راڄيه جي سنچت نڌيءَ جي ضمانت تي ڀارت جي ڪيتر اندر قرض ڪڍڻ ۽ اُنهن حدن اندر، ڪي به هُجن ته، جيڪي اِئين مقرر ٿين، گارنٽيون ڏيڻ تائين پهچندو.

(٢) ڀارت سرڪار اَهڙن شرطن جي اَڌين جي سنسد دوارا ناهيل ڪنهن قاعدي ذريعي يا اُن هيٺ رکيا وڃن، ڪنهن به راڄيه کي قرض ڏيئي سگهندي، يا جيستائين اَنوڇيد ٢٩٢ هيٺ مقرر ٿيل ڪي به حدون اورانگهيون نه وڃن، ڪنهن به راڄيه طرفان ڪنيل قرضن بنسبت گارنٽيون ڏيئي سگهندي، ۽ اَهڙن قرضن ڏيڻ جي پريوجن لاءِ گهربل ڪي به رقمون ڀارت جي سنچت نڌيءَ تي ذمي وڌيون وينديون.

(٣) جي اَهڙي ڪنهن قرض جو ، جيڪو راڄيه کي ڀارت سرڪار يا اُنجي اَڳين سرڪار ڏنو هُجي، يا جنهن جي باري ۾ ڀارت سرڪار يا اُن جي اَڳين سرڪار گارنٽي ڏني هُجي، ڪو به حصو اَجا باقي رهيل هُجي ته اُهو راڄيه ڀارت سرڪار جي منظوريءَ کان سواءِ ڪو به قرض ڪو نه ڪڍي سگهندو.

(٤) فقري (٣) هيٺ منظوري اُنهن شرطن جي اَڌين، ڪي به هُجن ته ڏيئي سگهبي جي ڀارت سرڪار مڙهڻ ٺيڪ سمجهي.

## اَڌياءُ ٽيون

## ملڪيت، قرار، حق، جوابداريون، ذميواريون ۽ دعوائون

### ٢٩٤. ڪن حالتن ۾ ملڪيت، جائداد، حقن، جوابدارين ۽ ذميوارين جو ورثو

هن سنوڌان جي شروعات کان وٺي-

(اَ) سڀ ملڪيت ۽ جائداد جي اَهڙيءَ شروعات کان يڪدم اَڳ ڊومينين آف انڊيا جي سرڪار جي پريوجن لاءِ هز مئجيسٽيءَ جي حوالي هئا ۽ سڀ ملڪيت ۽ جائداد جي اَهڙي شروعات کان يڪدم اَڳ هرهڪ گورنر جي پرانت جي پريوجن لاءِ هز مئجيسٽيءَ جي حوالي هئا. سلسليوار، سنگهه ۽ سمان راڄيه جي حوالي ٿيندا، ۽

(ب) ڊومينين آف انڊيا جي سرڪار جا ۽ هرهڪ گورنر جي پرانت جي سرڪار جا سڀ حق، جوابداريون ۽ ذميواريون، پلي ڪنهن قرار مان يا ٻيءَ طرح پيدا ٿيا هجن، پارٽ سرڪار ۽ هرهڪ سمان راجيہ جي سرڪار جا سلسليوار حق، جوابداريون ۽ ذميواريون ٿيندا،

هن سنوڌان جي شروعات کان اڳ ڊومينين آف پاڪستان يا اولھ بينگال، اوپر بينگال، اولھ پنجاب ۽ اوپر پنجاب جي پرانتن جي رچنا جي سبب کو بہ حساب ناهي بيهاريل يا بيهارڻو هجي، اُنجي آڌين۔

## ٢٩٥. ڀين حالتن ۾ ملڪيت، جائداد، حقن، جوابدارين ۽ ذميوارين جو ورثو

(١) هن سنوڌان جي شروعات کان وٺي-

(اَ) سڀ ملڪيت ۽ جائداد جي اَهڙيءَ شروعات کان يڪدم اڳ پهرين اَنوسوچيءَ جي ڀاڱ (ب) ۾ جاٿايل راجيہ جي سمان ڪنهن ڏيهي رياست جي حوالي هئا اُهي، جيڪڏهن اَهڙي شروعات کان اَڳ جن پريوجنن لاءِ اَهڙي ملڪيت ۽ جائداد قبضي ۾ رکيل هئا اُهي اُن ڪانپوءِ سنگهہ جا يا سنگهہ لسٽ ۾ شمار ڪيل وشين مان ڪنهن سان بہ سنبنڌ رکندڙ پريوجن ٿين تہ، سنگهہ جي حوالي ٿيندا، ۽

(ب) پهرين اَنوسوچيءَ جي ڀاڱ (ب) ۾ جاٿايل راجيہ جي سمان ڪنهن جي سرڪار جا ڏيهي رياست سڀ حق، جوابداريون ۽ ذميواريون، پلي ڪنهن قرار مان يا ٻيءَ طرح پيدا ٿيا هجن جيڪڏهن اَهڙيءَ شروعات کان اَڳ جن پريوجنن لاءِ اَهڙا حق حاصل ڪيا ويا هُئا يا جوابداريون ۽ ذميواريون ڪنيون ويون هيون اُهي اُن ڪانپوءِ پارٽ سرڪار جا سنگهہ لسٽ ۾ شمار ڪيل وشين مان ڪنهن سان بہ سنبنڌ رکندڙ پريوجن ٿين تہ پارٽ سرڪار جا حق، جوابداريون ۽ ذميواريون ٿيندا، پارٽ سرڪار جي اُن راجيہ جي سرڪار سان اِن باري ۾ ڪيل ڪنهن بہ قرار جي آڌين۔

(٢) مٿي چيل جي آڌين، هن سنوڌان جي شروعات کان وٺي سڀ ملڪيت ۽ جائداد ۽ سيني حقن ۽ جوابدارين ۽ ذميوارين بنسبت پلي اُهي ڪنهن قرار مان يا ٻيءَ طرح پيدا ٿيا هُجن پر سواءِ فقري (١) ۾ نرديش ڪيل آهي اُنجي پهرين اَنوسوچيءَ جي ڀاڱ (ب) ۾ جاٿايل هرهڪ راجيہ جي

سرڪار سمان ڏيهي رياست جي وارث ٿيندي.

## ٢٩٦. لاوارث يا عرصي گذرڻ ڪري يا نا مالڪ ملڪيت حاصل ٿيڻ

هن ڪان پوءِ ٿيل اُپبند جي اَڏين، ڀارت جي ڪيتر ۾ ڪا بہ ملڪيت جا هيءُ سنوڌان عمل ۾ نہ آيو هُجي ها تہ لاوارث يا عرصي گذرڻ ڪري يا حقدار مالڪ جي ڪوٽ ڪري نامالڪ هئڻ ڪري، هز مئجيسٽيءَ يا، حالت اَنوسار ڪنهن ڏيهي رياست جي حاڪم کي حاصل ٿئي ها، جي اُها ملڪيت ڪنهن راڄيہ ۾ آهي تہ اُن راڄيہ جي حوالي ٿيندي ۽، ٻيءَ ڪنهن حالت ۾، سنگھ جي حوالي ٿيندي :

بشرطيڪ ڪا بہ ملڪيت جا اِن نموني هز مئجيسٽيءَ کي يا ڏيهي رياست جي حاڪم کي حاصل ٿئي ها اُن تاريخ تي ڀارت سرڪار جي يا ڪنهن ڏيهي رياست جي سرڪار جي قبضي ۾ يا ظابطي هيٺ هئي تہ جن پريوجنن لاءِ اُها اُن وقت ڪم ايندي هئي يا قبضي ۾ هئي اُهي سنگھ جا يا ڪنهن راڄيہ جا هُئا اُن موجب سنگھ يا راڄيہ جي حوالي ٿيندي.

سمجھاڻي - هن اَنوڇيد ۾ محاورن 'حاڪم' ۽ 'ڏيهي رياست' جي معنيٰ اَنوڇيد ٣٦٣ واري ساڳي آهي.

## ٢٩٧. ملڪي سمنڊ يا کنڊ جي تٽ ڀومي اندر قيمتي شيون ۽ اَڪيلي آرٿڪ ڪيتر جا وسيلا سنگھ جي حوالي ٿيندا

(١) ڀارت جي ملڪي سمنڊ يا کنڊ جي تٽ ڀُومي، يا اَڪيلي آرٿڪ ڪيتر اندر سمنڊ جي هيٺان سڀ زمين، معدني شيون ۽ ٻيون قيمتي شيون سنگھ جي حوالي ٿينديون ۽ سنگھ جي پريوجن لاءِ ڌارڻ ڪيون وينديون.

(٢) ڀارت جي اَڪيلي آرٿڪ ڪيتر جا ٻيا سڀ وسيلا بہ سنگھ جي حوالي ٿيندا ۽ سنگھ جي پريوجن لاءِ ڌارڻ ڪيا ويندا.

(٣) ڀارت جي ڪيتري ساگر کنڊ، کنڊ جي تٽ ڀُومي، اَڪيلي آرٿڪ ڪيتر ۽ ٻين سامونڊي ڪيترن جون حدون وقت بوقت سنسد دوارا ناهيل قاعدي ذريعي يا هيٺ ڄاڻايون وڃن اُهي ٿينديون.

## ٢٩٨. واپار ڪرڻ وغيره جو اَختيار

سنگهه جو ۽ هرهڪ راجيه جو ڪاروباري اَختيار ڪو بہ واپار يا ڌنڌو ڪرڻ ۽ ڪنهن بہ پريوجن لاءِ ملڪيت حاصل ڪرڻ، ڌارڻ ڪرڻ ۽ نيڪال ڪرڻ ۽ قرار ڪرڻ تائين پهچندو :

بشرطيڪ -

(اَ) جيتري قدر اَهڙو واپار يا ڌنڌو يا اَهڙو پريوجن اُهو ناهي جنهن بنسبت سنسد قاعدو ٺاهي سگهي اوتري قدر سنگهه جو مٿيون ڪاروباري اَختيار هرهڪ راجيه ۾ اُن راجيه جي قاعدي جي اَڌين ٿيندو، ۽

(ب) جيتري قدر اَهڙو واپار يا ڌنڌو يا اَهڙو پريوجن اُهو ناهي جنهن بنسبت راجيه جو وڌان منڊل قاعدو ٺاهي سگهي اوتري قدر هرهڪ راجيه جو مٿيون ڪاروباري اَختيار سنسد جي قاعدي جي اَڌين ٿيندو.

## ٢٩٩. قرار

(١) سنگهه جي يا ڪنهن راجيه جي ڪاروباري اَختيار جي استعمال ۾ ڪيل سڀ قرار راشٽرپتيءَ دوارا يا راجيه جي راجيپال دوارا حالت اَنوسار ڪيل آهن ائين صاف چاٽايو ويندو ۽ اُن اَختيار جي استعمال ۾ ٿيل اَهڙا سڀ قرار ۽ ملڪيت جا دستاويز راشٽرپتي يا راجيپال جي پاران پاڻ هدايت ڪري يا اَختياري ڏئي انهن شخصن دوارا ۽ اُن نموني لکي ڏنا ويندا.

(٢) راشٽرپتي يا راجيپال هن سنوڌان جي پريوجن لاءِ يا هن کان اَڳ عمل ۾ پارت سرڪار سنبنڌي ڪنهن قاعدي جي پريوجن لاءِ ڪيل يا لکي ڏنل ڪنهن قرار يا دستاويز بنسبت شخصي طور جوابدار نہ ٿيندو نڪو هنن مان ڪنهن جي پاران، اَهڙو ڪو قرار يا دستاويز ڪرڻ يا لکي ڏيڻ وارو ڪو بہ شخص اُن بنسبت شخصي طور جوابدار ٿيندو.

## ٣٠٠. دعوائون ۽ ڪارروايون

(١) پارت سنگهه جي نالي پارت سرڪار دعوا ڪري سگهندي ۽ مٿس دعوا

تي سگهندي ۽ راجيہ جي نالي راجيہ سرڪار دعوا ڪري سگهندي ۽ مٿس دعوا تي سگهندي، ۽ هن سنوڌان دوران بخشيل اختيارن جي آڌار تي پاس ڪيل سنسد جي يا اهڙي راجيہ جي وڌان منڊل جي قاعدي دوران ڪيل اُپبندن جي آڌين، اُهي جي هي سنوڌان جو قاعدو نہ ٺئي ها تہ، ڊومينين آف انڊيا ۽ سمان پرانت يا سمان ڏيهي رياستون دعوا ڪري سگهن ها يا اُنهن تي دعوا تي سگهي ها اهڙين حالتن ۾ پنهنجي پنهنجي معاملن سنبنڌي دعوا ڪري سگهندا يا مٿن دعوا تي سگهندي.

(٢) جي هن سنوڌان جي شروعات وقت -

(اَ) ڪا قانوني ڪارروائي چالو آهي جنهن ۾ ڊومينين آف انڊيا ڌُر آهي، تہ اُن ڪارروائيءَ ۾ ڊومينين جي بدلي سان يارت سنگهہ داخل ٿيل ليکيو ويندو؛ ۽

(ب) ڪا قانوني ڪارروائي چالو آهي جنهن ۾ ڪو پرانت يا ڏيهي رياست ڌُر آهي، تہ اُن ڪارروائيءَ ۾ پرانت يا ڏيهي رياست جي بدلي سان متعلق راجيہ داخل ٿيل سمجهيو ويندو.

## اَڌياءُ چوٿون

## ملڪيت جو حق

### ٣٠٠. اَلف. شخص کي قاعدي جي اَختياريءَ ڪانسواءِ ملڪيت کان محروم نہ ڪرڻ

قاعدي جي اَختياريءَ ڪانسواءِ ڪنهن بہ شخص کان سندس ملڪيت کسي نہ ويندي.

# ڀارت جي کيتر اندر واپار، ڌنڌو ۽ وهنوار

## ٣٠١. واپار، ڌنڌي ۽ وهنوار جي آزادي

هن ڀاڱي جي ٻين اُپٻندن جي آڌين، ڀارت ڀر جي کيتر اندر واپار، ڌنڌو ۽ وهنوار آزاد رهندا.

## ٣٠٢. واپار، ڌنڌي ۽ وهنوار تي پائبنديون وجهڻ جو سنسد جو اَختيار

سنسد قاعدي دوارا هڪ راڄيہ ۽ ٻئي جي وچ ۾ يا ڀارت جي کيتر جي ڪنهن بہ ڀاڱي اندر واپار، ڌنڌي ۽ وهنوار جي آزاديءَ تي اَهڙيون پائبنديون وجهي سگهندي جي عام ڀلي لاءِ ضروري هُجن.

## ٣٠٣. واپار ۽ ڌنڌي بنسبت سنگهہ جي ۽ راڄين جي قانون سازيءَ جي اَختيارن تي پائبنديون

(١) اَنوڇيد ٣٠٢ ۾ چيل ڪنهن بہ ڳالهہ جي باوجود، سنسد کي ۽ نہ ڪنهن راڄيہ جي وڌان منڊل کي ڪو بہ اَهڙو قاعدو ٺاهڻ جو اَختيار رهندو جو ستين اَنوسوچي جي لسٽن مان ڪنهن ۾ واپار ۽ ڌنڌي سنٻنڌي ڪنهن داخلا جي آڌار تي هڪ راڄيہ کي ٻئي تي ڪا بہ سرسي ڏئي يا ڏيڻ جي اَختياري ڏئي، يا هڪ راڄيہ ۽ ٻئي جي وچ ۾ ڪو ڀيدڀاءُ ڪري يا ڪرڻ جي اَختياري ڏئي.

(٢) فقري (١) ۾ چيل ڪجهہ بہ سنسد کي ڪو اَهڙو قاعدو ٺاهڻ کان نہ روڪيندو جو ڪا سرسي ڏئي يا ڏيڻ جي اَختياري ڏئي يا ڪو ڀيد ڀاءُ ڪري يا ڪرڻ جي اَختياري ڏئي، جيڪڏهن اَهڙو قاعدو اِئين ظاهر ڪري تہ ڀارت جي کيتر جي ڪنهن ڀاڱي ۾ مال جي اَڻاٺ مان پيدا ٿيندڙ حالت کي منهن ڏيڻ جي پريوجن لاءِ اِئين ڪرڻ ضروري آهي.

## ٣٠٤. راڄين جي وچ ۾ واپار، ڌنڌي ۽ وهنوار تي پائبنديون

اَنوڇيد ٣٠١ يا انوڇيد ٣٠٣ ۾ چيل ڪنهن بہ ڳالهہ جي باوجود، راڄيہ جو وڌان منڊل قاعدي دوارا -

(اَ) ڀين راڄين يا سنگھ ڪيترن مان آمدني ڪيل مال تي اُن راڄيہ ۾ ٺهيل يا پيدا ڪيل ساڳئي قسم جي مال تي لاڳو هجي اُها ڍل وجهي سگھندو، پر اَهڙي نموني جو اِئين آمدني ٿيل مال ۽ اِئين ٺهيل يا پيدا ڪيل مال جي وچ ۾ ڀيد ڀاءُ نہ ٿئي؛ ۽

(ب) اُن راڄيہ سان يا اُن جي اندر واپار، ڌنڌي يا وهنوار جي آزاديءَ تي اَهڙيون واجبي پائبنديون وجهي سگھندو جي عام ڀلي لاءِ ضروري هجن :

بشرطيڪ فقري (ب) جي پريوجن لاءِ ڪو بہ بل يا سڌارو راڄيہ جي وڌان منڊل ۾ راشٽرپتيءَ جي اڳواٽ منظوريءَ کانسواءِ داخل يا رجوُ نہ ڪيو ويندو.

## ٣٠٥ موجوده قاعدن ۽ راڄيہ هڪ هٽيءَ جو پربنڌ ڪندڙ قاعدن جو بچاءُ

جيستائين راشٽرپتي حڪم دواران ٻي هدايت ڪري، اَنوڇيد ٣٠١ ۽ ٣٠٣ ۾ چيل ڪجھ بہ ڪنهن موجوده قاعدي جي اُپبنڌن کي اَثر نہ ڪندو، ۽ اَنوڇيد ٣٠١ ۾ چيل ڪجھ بہ سنوڌان (چوٿون سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٥٥، جي شروعات کان اَڳ ٺاهيل ڪنهن قاعدي جي عمل کي اُهو اَنوڇيد ١٩ جي فقري (٦) جي پيٽي فقري (ii) ۾ نرديش ڪيل اَهڙي ڪنهن وشيہ سان سنبنڌ رکندو هجي اوتري قدر اثر نہ ڪندو يا سنسد يا راڄيہ جي وڌان منڊل کي اَهڙي ڪنهن وشيہ سان سنبنڌ رکندڙ قاعدو ٺاهڻ کان نہ روڪيندو.

٣٠٦. x x x x

## ٣٠٧. اَنوڇيد ٣٠١ کان ٣٠٤ جا پريوجن پورا ڪرڻ لاءِ اَختياريءَ جي مقرري

سنسد قاعدي دواران اَهڙي اَختياري مقرر ڪري سگھندي جا هوءَ اَنوڇيد ٣٠١، ٣٠٢، ٣٠٣ ۽ ٣٠٤ جا پريوجن پورا ڪرڻ لاءِ واجب سمجھي ۽ اِئين مقرر ڪيل اَختياريءَ کي هوءَ ضروري سمجھي اَهڙا اَختيار ۽ اَهڙا فرض بجا آڻي سگھندي.

# سنگهه ۽ راڄن جي هٿ هيٺ شيوائون

## اَڌياءُ پهريون

## شيوائون

### ۳۰۸. اَرٿ

هن ڀاڱي ۾ مضمون ٻي تقاضا نه ڪري ته محاوري 'راڄيه' ۾ ڄمون ۽ ڪشمير راڄيه نٿو اَچي وَڃي.

### ۳۰۹. سنگهه يا راڄيه جي نوڪري ڪندڙ شخصن جي ڀرتي ۽ نوڪريءَ جا شرط

هن سنوڌان جي اُپبندن جي اَڌين مناسب وڌان منڊل جا ائڪٽ سنگهه يا ڪنهن راڄيه جي ڪاروبار سنبنڌي سرڪاري نوڪرين ۽ عهدن لاءِ ڀرتي ۽ اُنهن تي مقرر ٿيل شخصن جي نوڪريءَ جي شرطن کي نيمت ڪري سگهندا؛

بشرطيڪ هن اَٽوچيد هيٺ مناسب وڌان منڊل جي ڪنهن اَئڪٽ دواران يا هيٺ هن باري ۾ پربنڌ ٿيڻ تائين سنگهه جي ڪاروباري سنبنڌي نوڪرين ۽ عهدن جي حالت ۾ راشٽرپتي يا اُهڙو هو هدايت ڪري شخص ۽ راڄيه جي ڪاروبار سنبنڌي نوڪرين ۽ عهدن جي حالت ۾ راڄيه جو راڄيپال يا هو هدايت ڪري اهڙو شخص اَهڙين نوڪرين ۽ عهدن لاءِ ڀرتي ۽ اُنهن تي مقرر ٿيل شخصن جي نوڪريءَ جي شرطن کي نيمت ڪرڻ لاءِ نيم ٺاهي سگهندو ۽ اَهڙا ٺاهيل ڪي به نيم اَهڙي ڪنهن اَئڪٽ جي اُپبندن جي اَڌين اَثرائتا ٿيندا.

### ۳۱۰. سنگهه يا راڄيه جي نوڪري ڪندڙ شخصن جي عهدي جو مُدو

(۱) هن سنوڌان ۾ ڪيل صاف اُپبند ڪانسواءِ هرڪو شخص جو بچاءُ شيوا جو يا سنگهه جي سِول شيوا جو يا ڪنهن اَکِل ڀارت شيوا جو ميمبر آهي يا بچاءُ سان سنبنڌ رکندڙ ڪو عهدو يا سنگهه هيٺ ڪو سِول عهدو سنڀالي ٿو اُهو راشٽرپتيءَ جي خوشيءَ تائين عهدو سنڀالي ٿو، ۽ هرڪو شخص جو راڄيه جي سِول شيوا جو ميمبر آهي يا راڄيه هيٺ ڪو سول عهدو سنڀالي ٿو اُهو راڄيه جي راڄيپال جي خوشيءَ تائين عهدو

سنڀالي ٿو.

(٢) باوجود اِنجي تہ سنگھہ يا راجيہ هيٺ سِول عهدو سنڀاليندڙ شخص راشٽرپتي، يا حالت اَنوسار راجيہ جي راجيپال جي خوشيءَ تائين عهدو سنڀالي ٿو، راشٽرپتي يا راجيپال، حالت اَنوسار، خاص لياقتن واري شخص جون شيوائون حاصل ڪرڻ جي خيال کان ضروري سمجهي تہ ڪو بہ قرار جنهن هيٺ بچاءُ شيوا جو يا اَکل ڀارت شيوا جو يا سنگھہ يا راجيہ جي سول شيوا جو ميمبر نہ هُجي، اَهڙو شخص اَهڙو عهدو سنڀالڻ لاءِ هن سنوڌان هيٺ مقرر ڪيو وَڃي، پربنڌ ڪري سگهندو تہ جي قبول ڪيل مدت کان اَڳہ اُهو عهدو رد ڪيو وڃي يا، سندس پاران بدچال سان سنبنڌ نہ رکندڙ سببن ڪري کيس عهدي خالي ڪرڻ جو حڪم ڪيو وڃي تہ ان شخص کي عيوضو ڏنو وڃي.

## ٣١١. سنگھہ يا راجيہ جي هٺ هيٺ سِول حيثيت ۾ نوڪريءَ ۾ رکيل شخصن جي برطرفي، کين هٽائڻ يا سندن درجو گهٽ ڪرڻ

(١) ڪو بہ شخص جو سنگھہ جي سِول شيوا يا اَکل ڀارت شيوا يا ڪنهن راجيہ جي سِول شيوا جو ميمبر آهي يا سنگھہ يا ڪنهن راجيہ جي هٺ هيٺ ڪو سِول عهدو سنڀالي ٿو تنهن کي کيس مقرر ڪيو هُجي اَنجي زيردست ڪنهن بہ اَختياريءَ دواران برطرف نہ ڪيو ويندو يا عهدي تان نہ هٽايو ويندو.

(٢) مٿي چيل آهي اَهڙي ڪنهن شخص کي فقط اَهڙي جاچ کان پوءِ ئي برطرف ڪيو ويندو يا عهدي تان هٽايو ويندو يا سندس درجو گهٽايو ويندو جنهن ۾ کيس سندس خلاف تهمتن کان واقف ڪيو ويو هُجي ۽ اُنهن تهمتن بنسبت ٻڌڻ جو واجبي وَجھہ ڏنو ويو هُجي :

بشرطيڪ جي اَهڙي جاچ کان پوءِ کيس اَهڙي ڪا سزا ڪرڻ جي رٿ هُجي تہ اَهڙي جاچ درميان ڏنل ثابتين جي آڌار تي اَهڙي سزا ڪري سگهبي ۽ اَهڙي شخص کي رٿيل سزا بابت عريضي ڪرڻ لاءِ ڪو وجھہ ڏيڻ ضروري نہ ٿيندو :

وڌيڪ بشرطيڪ هيءُ فقرو اُتي لاڳو نہ پوندو -

(اَ) جتي ڪنهن شخص کي اَهڙي هلت سبب برطرف ڪيو يا هٽايو ويو هجي يا سندس درجو گهٽايو ويو هجي جنهن جي ڪري کيس فوجداري تهمت هيٺ سزاياب ڪيو ويو آهي؛ يا

(ب) جتي ڪنهن شخص کي برطرف ڪرڻ يا هٽائڻ يا سندس درجو گهٽائڻ جو اَختيار هئڻ واريءَ اَختياريءَ کي خاطري ٿئي تہ ڪنهن سبب ڪري، جو اُن اَختياريءَ دواران لکيت ۾ رکيو ويندو، اَهڙي جاچ ڪرڻ واجبي طرح ممڪن نہ آهي؛ يا

(ب) جتي راشٽرپتيءَ کي يا راجيپال کي، حالت اُنوسار خاطري ٿئي تہ راجيہ جي سلامتيءَ جي خيال کان اَهڙي جاچ ڪرڻ صلاح پريو نہ آهي.

(٣) اَگر چيل اَهڙي ڪنهن شخص بنسبت جي سوال اُٿي تہ فقري (٢) ۾ نرديش ڪيل اَهڙي جاچ ڪرڻ واجبي طرح ممڪن آهي يا نہ، اُن تي اَهڙي شخص کي برطرف ڪرڻ يا هٽائڻ يا سندس درجو گھٽائڻ جو اَختيار جنهن اَختياريءَ کي آهي اُن جو فيصلو آخرين ٿيندو.

## ٣١٢. اَکل ڀارت شيوائون

(١) ڀاڱ ڇهين جي اَڌياءَ ڇهين يا ڀاڱ يارهين ۾ ڪجھ بہ هئڻ جي باوجود، جي راجيہ سڀا حاضر ۽ ووٽ ڪندڙ ميمبرن جي ٻہ ڀاڱي ٽي کان گھٽ نہ ايترن جي ٽيڪي واري ٺهراءُ دوارا ظاهر ڪيو هجي تہ راشٽريہ هِتَ ۾ اِئين ڪرڻ ضروري يا صلاح پريو آهي تہ سنسد قاعدي دوارا سنگھ ۽ راجين جي گڏيل هڪ يا وڌيڪ اَکل ڀارت شيوائون (اَکل ڀارت عدالتي شيوا سميت) قائم ڪرڻ لاءِ پربنڌ ڪري سگھندي، ۽ هن اَڌياءَ جي بين اُپبنڌن جي اَڌين، اَهڙي ڪنهن شيوا لاءِ ڀرتي ۽ اُن ۾ مقرر ٿيل شخص جي نوڪريءَ جي شرطن کي نيمت ڪري سگھندي.

(٢) هن سنوڌان جي شروعات وقت اِنڊين ائڊمنسٽريٽو سروس ۽ اِنڊين پوليس سروس نالي واريون شيوائون هن اَنوڇيد هيٺ سنسد دوارا قائم ڪيل شيوائون سمجھيون وينديون.

(٣) فقري (١) ۾ نرديش ڪيل اَکل ڀارت عدالتي شيوا ۾ اَنوڇيد ٢٣٦ ۾ ڏنل وياکيا موجب ضلع ججھ جي عهدي کان گھٽ ڪو بہ عهدو شامل نہ ٿيندو.

(٤) اَڳ چيل اَکل ڀارت عدالتي شيوا قائم ڪرڻ جو پربنڌ ڪندڙ قاعدو ڀاڱ ڇهين جي اَڌياءَ ڇهين جي سڌاري لاءِ اَهڙا اُپبنڌ ڪري سگھندو جي اُن قاعدي جي اُپبنڌن کي اَثرائتو بڻائڻ لاءِ ضروري هجن، ۽ اَهڙو ڪو قاعدو اَنوڇيد ٣٦٨ جي پريوجن لاءِ هن سنوڌان جو سڌارو هئڻ سمجھيو نہ ويندو.

## ٣١٢.اَلف. ڪن شيوائن جي عملدارن جي نوڪريءَ جا شرط بدلائڻ يا رد ڪرڻ جو سنسد جو اَختيار

(١) سنسد قاعدي دوارا -

(اَ) سيڪريٽري آف اِسٽيٽ يا سيڪريٽري آف اِسٽيٽ اِن ڪائونسل دوارا هن سنوڌان جي شروعات کان اَڳ ڀارت ۾ ڪرائون جي سِول شيوا ۾ مقرر ٿيل جيڪي

شخص سنوڌان (آناويھون سڌارو) آئڪٽ، ١٩٧٢، جي شروعات تي ۽ اُن کان پوءِ پارٽ سرڪار يا ڪنھن راجيہ سرڪار جي ھٺ ھيٺ ڪنھن شيوا ۾ يا عھدي تي، نوڪري ڪرڻ چالو رکن اُنھن جي لوازمي، موڪل ۽ پينشن بنسبت نوڪريءَ جي شرطن ۽ انتظامي بابتن بنسبت حقن کي آئينده لاءِ يا ماضي اَثر سان بدلي يا رد ڪري سگھندي؛

(ب) سيڪريٽري آف اِسٽيٽ يا سيڪريٽري آف اِسٽيٽ اِن ڪائونسل دواران ھن سنوڌان جي شروعات کان اَڳ پارٽ ۾ ڪرائون جي سول شيوا ۾ مقرر ٿيل جيڪي شخص سنوڌان (آناويھون سڌارو) آئڪٽ، ١٩٧٢، جي شروعات کان اَڳ ڪنھن بہ وقت رٽائرڊ ٿيا يا ٻيءَ طرح نوڪريءَ ۾ چالو رھڻ بند ٿيا ھجن اُنھن جي پينشن بنسبت نوڪريءَ جا شرط آئينده لاءِ يا ماضي اَثر سان بدلي يا رد ڪري سگھندي :

بشرطيڪ جيڪو شخص سپريم ڪورٽ يا ڪنھن ھاءِ ڪورٽ جو مکيہ نيايہ مورتي يا ٻيو جج، پارٽ جو ڪمپٽرولر ۽ آڊيٽر جنرل، سنگھ يا راجيہ جي پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر يا چيئرمن يا مکيہ چونڊ ڪميشن جو عھدو سنڀالي ٿو يا سنڀاليو اَٿس، اُنجي حالت ۾ پيٽي فقري (اَ) يا پيٽي فقري (ب) ۾ ڪجھ بہ سنسد کي اُن شخص جي اُن عھدي تي مقرريءَ کان پوءِ سندس نوڪريءَ جي شرطن ۾، سواءِ جيتري قدر اَھڙي شيوا جي نوڪريءَ جا کيس لاڳو شرط سيڪريٽري آف اسٽيٽ يا سيڪريٽري آف اِسٽيٽ اِن ڪائونسل دواران ڪرائون جي ڪنھن سول شيوا ۾ مقرر ٿيڻ جي ڪارڻ ھجن، کيس نقصان ٿئي اَھڙي قيرقار ڪرڻ يا رد ڪرڻ جي اَختياري ڏئي ٿو اِھو مطلب نہ ڪڍيو ويندو.

(٢) سنسد ھن اَنوڇيد ھيٺ قاعدي دواران جيتري قدر نرديش ڪيل پربنڌ ڪري تنھن کان سواءِ ھن اَنوڇيد ۾ چيل ڪجھ بہ ڪنھن بہ وڌان منڊل يا ٻيءَ ڪنھن اَختياريءَ جي ھن سنوڌان جي ٻئي ڪنھن اُپبنڌ ھيٺ فقري (١) ۾ نرديش ڪيل شخصن جي نوڪريءَ جي شرطن کي نيمت ڪرڻ جي اَختيار کي اَثر نہ ڪندو.

(٣) نہ سپريم ڪورٽ کي ۽ نہ ٻيءَ ڪنھن ڪورٽ کي حڪومت رھندي -

(اَ) فقري (١) ۾ نرديش ڪيل ڪنھن شخص دواران ڪيل يا لکيل ڪنھن قول، قرار يا ٻئي اَھڙي دستاويز جي ڪنھن پربنڌ يا اُن تي ڪيل ڪنھن شرح مان پيدا ٿيندڙ، يا اَھڙي ڪنھن شخص کي پارٽ ۾ ڪرائون جي ڪنھن سِول شيوا ۾ مقرريءَ يا سندس پارٽ جي ڊومينين جي يا پرانت جي سرڪار ھيٺ نوڪريءَ ۾ چالو رھڻ سنبنڌي ڏنل ڪنھن قول مان پيدا ٿيندڙ ڪنھن بہ تڪرار ۾؛

(ب) اَصلي جوڙيل اَنوڇيد ٣١٤ ھيٺ ڪنھن بہ حق، جوابداري يا ذميواريءَ بنسبت ڪنھن بہ تڪرار ۾.

(۵) هن سنوڌان ۾ سنگھ پبلڪ سروس ڪميشن يا راڄيہ پبلڪ سروس ڪميشن جي نرديش جو مطلب مضمون تقاضا نہ ڪري تہ سنگھ جون يا راڄيہ جون، حالت انوسار سوال واري خاص وشيہ بنسبت ضرورتون پوريون ڪندڙ ڪميشن جو نرديش سمجھيو ويندو.

## ۳۱۶. ميمبرن جي مقرري ۽ عهدي جو مدو

(۱) پبلڪ سروس ڪميشن جي چيئرمن ۽ ٻين ميمبرن کي سنگھ ڪميشن يا گڏيل ڪميشن جي حالت ۾ راشٽرپتي دوارا، ۽ راڄيہ ڪميشن جي حالت ۾ راڄيہ جي راڄيپال دوارا مقرر ڪيو ويندو:

بشرطيڪ هرهڪ پبلڪ سروس ڪميشن جي ميمبرن مان جيترو ٿي سگھي اوترو لڳ ڀڳ اڌ اهڙا شخص ٿيندا جي پنهنجي پنهنجي مقرريءَ جي تاريخ تي گھٽ گھٽ ۾ ڏهن سالن لاءِ ڀارت سرڪار هيٺ يا ڪنهن راڄيہ سرڪار هيٺ عهدي تي رهيا هجن، ۽ ڏهن سالن جي اُها مُدت ڳڻڻ لاءِ هن سنوڌان جي شروعات کان اڳ جي مدت، جنهن درميان ڪو شخص ڀارت ۾ ڪرائون هيٺ يا ڪنهن ڏيهي رياست جي سرڪار هيٺ عهدي تي رهيو هُجي اُها شامل ڪئي ويندي.

(۱-الف) جي ڪميشن جي چيئرمن جو عهدو خالي ٿئي يا جي اهڙو ڪو چيئرمن غيرحاضريءَ سبب يا ٻئي ڪنهن سبب ڪري پنهنجي عهدي جا فرض بجا نہ آڻي سگھي تہ، جيستائين اُن خالي عهدي تي فقري (۱) هيٺ مقرر ٿيل ڪو شخص پنهنجا فرض سنڀالي يا، حالت انوسار جيستائين چيئرمن پنهنجا فرض وري سنڀالي، تيستائين اُهي فرض ڪميشن جي ٻين ميمبرن مان اُهو هڪ ادا ڪندو جنهن کي سنگھ ڪميشن يا گڏيل ڪميشن جي حالت ۾، راشٽرپتي، ۽ راڄيہ ڪميشن جي حالت ۾ راڄيہ جو راڄيپال، هن پريوجن لاءِ مقرر ڪري؛

(۲) پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر پنهنجو عهدو سنڀالي اُن تاريخ کان ڇهن سالن جي مُدي لاءِ يا، سنگھ ڪميشن جي حالت ۾ پنجهٺ سال، ۽ راڄيہ ڪميشن جي حالت ۾ ٻاهٺ سال عمر پوري ڪرڻ تائين، جيڪو اڳ ٿئي، عهدي تي رهندو:

بشرطيڪ-

(اَ) پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر پنهنجي صحي واريءَ لکيت دوارا، سنگھ ڪميشن يا گڏيل ڪميشن جي حالت ۾ راشٽرپتيءَ، ۽ راڄيہ ڪميشن جي حالت ۾ راڄيہ جي راڄيپال کي مخاطب ٿي، پنهنجي عهدي جي اِستعفا ڏيئي سگھندو؛

(ب) پبلڪ سروس ڪميشن جي ميمبر کي انوڇيد ۳۱۷ جي فقري (۱) يا

فقري (٣) ۾ پربنڌ ڪيل نموني پنهنجي عهدي تان هٽائي سگهبو.

(٣) پبلڪ سروس ڪميشن جي ميمبر طريقي جيڪو شخص عهدي تي رهي اُهو عهدي جو سندس مدو پورو ٿيڻ تي اُن عهدي تي وري مقرريءَ لاءِ لائق نہ ٿيندو.

## ٣١٧. پبلڪ سروس ڪميشن جي ميمبر کي هٽائڻ ۽ موقوف ڪرڻ

(١) فقري (٣) جي اُپبند جي آڏين، پبلڪ سروس ڪميشن جي چيئرمن يا ٻئي ڪنهن ميمبر کي پنهنجي عهدي تان فقط دُراچار جي سبب ڪري راشٽرپتيءَ جي ڪيل اهڙي حڪم دوران هٽايو ويندو جيڪو سپريم ڪورٽ کي راشٽرپتيءَ دوران ڪيل حوالي تي اُن دوران آنوچيد ١٤٥ هيٺ هن خيال کان طئہ ڪيل سرشتي مطابق ڪيل جاچ تي اُن ڪورٽ جي اهڙي رپورٽ ڪرڻ بعد ڪيو ويو هجي تہ چيئرمن يا ٻئي اهڙي ميمبر کي حالت انوسار، اهڙي ڪنهن سبب ڪري هٽائڻ گهرجي.

(٢) سنگهہ ڪميشن يا گڏيل ڪميشن جي حالت ۾ راشٽرپتي، ۽ راجيہ ڪميشن جي حالت ۾ راجيپال، چيئرمن يا ٻئي ڪنهن ميمبر کي، جنهن بنسبت سپريم ڪورٽ کي فقري (١) هيٺ حوالو ڏنو ويو هجي، راشٽرپتي اهڙي حوالي تي سپريم ڪورٽ جي رپورٽ پهچڻ تي حڪم پاس ڪري تيستائين عهدي تان موقوف ڪري سگهندو.

(٣) فقري (١) ۾ چيل ڪنهن بہ ڳالهہ جي باوجود، راشٽرپتي پبلڪ سروس ڪميشن جي چيئرمن يا ٻئي ڪنهن ميمبر کي حڪم دوران عهدي تان هٽائي سگهندو جي چيئرمن يا بيو اهڙو ميمبر، حالت انوسار -

(اَ) نادار ٺهرايو وڃي؛ يا

(ب) پنهنجي عهدي جي مدي درميان پنهنجي عهدي جي فرض کان ٻاهر ٻيءَ ڪنهن پگهاردار نوڪريءَ ۾ لڳي؛ يا

(پ) راشٽرپتيءَ جي رايي ۾ مانسڪ يا شريرڪ ڪمزوريءَ سبب عهدي تي چالو رهڻ جي لائق نہ آهي.

(٤) جي پبلڪ سروس ڪميشن جي چيئرمن يا ٻئي ڪنهن ميمبر جو ڀارت سرڪار يا راجيہ سرڪار دوران يا اُن طرفان ڪيل ڪنهن سؤدي يا قرار سان واسطو يا مطلب آهي يا ٿئي يا هو ڪنهن نگمت ڪمپنيءَ جي ميمبر جي حيثيت ڪانسواءِ ۽ اُن جي ٻين ميمبرن سان هڪ جهڙائيءَ ڪانسواءِ ڪنهن نموني اُن جي نفع يا اُن مان پيدا ٿيندڙ ڪنهن فائدي يا اُجوري ۾ حصو وٺي تہ فقري (١) جي پريوجن لاءِ هوُ دُراچار جو ڏوهاري سمجهيو ويندو.

## ٣١٨. ڪميشن جي ميمبرن ۽ عملي جي نوڪريءَ جي شرطن جي باري ۾ نيم ناهڻ جو اختيار

سنگهه ڪميشن يا گڏيل ڪميشن جي حالت ۾ راشٽرپتي ۽ راجيه ڪميشن جي حالت ۾ راجيه جو راجيپال ونيمن دواران -

(اَ) ڪميشن جي ميمبرن جي سنکيا ۽ اُنهن جي نوڪريءَ جا شرط طئه ڪري سگهندو؛ ۽

(ب) ڪميشن جي عملي جي ميمبرن جي سنکيا ۽ اُنهنجي نوڪريءَ جي شرطن بنسبت پربنڌ ڪري سگهندو.

بشرطيڪ پبلڪ سروس ڪميشن جي ميمبر جي نوڪريءَ جي شرط ۾ سندس مقرريءَ بعد کيس نقصان ٿئي اهڙي ڦيرڦار نه ڪئي ويندي.

## ٣١٩. ڪميشن جي ميمبرن جو اهڙا ميمبر ٿيڻ بند ٿيڻ تي عهدا سنڀالڻ جي باري ۾ بندش

عهدي تي رهڻ بند ٿيڻ تي -

(اَ) سنگهه پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمن ڀارت سرڪار يا راجيه سرڪار هيٺ وڌيڪ نوڪريءَ لاءِ لائق نه ٿيندو؛

(ب) راجيه پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمن ، سنگهه پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمن يا ٻيو ميمبر طريقي يا ٻئي ڪنهن راجيه پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمن طريقي مقرري لاءِ لائق ٿيندو، پر نه ڀارت سرڪار يا راجيه سرڪار هيٺ ٻيءَ ڪنهن نوڪريءَ لاءِ؛

(ڀ) سنگهه پبلڪ سروس ڪميشن جي چيئرمن کانسواءِ ٻيو ڪو ميمبر سنگهه پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمن طريقي يا راجيه پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمن طريقي مقرريءَ لاءِ لائق ٿيندو، پر نه ڀارت سرڪار يا راجيه سرڪار هيٺ ٻيءَ ڪنهن نوڪريءَ لاءِ؛

(پ) راجيه پبلڪ سروس ڪميشن جي چيئرمن کانسواءِ ٻيو ميمبر سنگهه پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمن يا ميمبر طريقي يا اُن يا ٻئي ڪنهن راجيه پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمن طور مقرريءَ لاءِ لائق ٿيندو، پر نه ڀارت سرڪار يا راجيه سرڪار هيٺ ٻيءَ ڪنهن نوڪريءَ لاءِ.

## ٣٢٠. پبلڪ سروس ڪميشنن جا ڪرتب

(١) سنگھ ۽ راجيہ پبلڪ سروس ڪميشن جو فرض ٿيندو تہ سلسليوار سنگھ جي شيوائن ۾ ۽ راجيہ جي شيوائن ۾ مقرريءَ لاءِ اِمتحانن جو سنچالن ڪري.

(٢) جي ڪن بہ ٻن يا وڌيڪ راجين دواران اَهڙو عرض ٿئي تہ، سنگھ پبلڪ سروس ڪميشن جو اِهو بہ فرض ٿيندو تہ اُنهن راجين کي جن نوڪرين لاءِ خاص لياقتن وارا اُميدوار گهربل هُجن اُنهن لاءِ گڏيل ڀرتي ڪرڻ جون رٿون ٺاهڻ ۽ عملي بنائڻ ۾ مدد ڪري.

(٣) حالت اَنوسار سنگھ پبلڪ سروس ڪميشن يا راجيہ پبلڪ سروس ڪميشن سان صلاح ڪئي ويندي -

(اَ) سِول شيوائن ۾ ۽ سِول عهدن تي ڀرتيءَ جي طريقن سنبنڌي سڀني بابتن ۾؛

(ب) سِول شيوائن ۽ عهدن تي مقرري ڪرڻ ۾ ترقي ڏيڻ ۽ هڪ شيوا کان ٻيءَ ۾ بدلي ڪرڻ ۾ پيروي ڪرڻ جي اُصولن ۽ اَهڙين مقررين، ترقين يا بدلين لاءِ اُميدوارن جي لياقتن بابت؛

(ٻ) ڀارت سرڪار يا راجيہ سرڪار هيٺ سِول حيثيت ۾ نوڪري ڪندڙ شخص تي اَثر ڪندڙ اَهڙين بابتن سنبنڌي عريضين ۽ درخواستن سميت سڀني انتظامي بابتن ۾؛

(پ) ڀارت سرڪار يا راجيہ سرڪار هيٺ يا ڀارت ۾ ڪراڻون هيٺ يا ڪنهن ڏيهي رياست جي سرڪار هيٺ سِول حيثيت ۾ نوڪري ڪندڙ يا ڪئي هجي اَهڙي شخص جي يا اُن سنبنڌي ڪا بہ اَهڙي دعوا بابت تہ منهنجي فرض جي عمل ۾ ڪيل يا اُن تاتپرج سان ڪيل ڪارين سنبنڌي مٿس ڪيل قانوني ڪارروائي ۾ بچاءُ ڪرڻ ۾ ڪيل خرچ ڪيس ڀارت جي سنچت نڌيءَ يا حالت انوسار راجيہ جي سنچت نڌيءَ مان ڏنو وڃي؛

(ڀ) ڀارت سرڪار يا راجيہ سرڪار هيٺ يا ڀارت ۾ ڪراڻون هيٺ يا ڪنهن ڏيهي رياست جي سرڪار هيٺ سول حيثيت ۾ نوڪري ڪندي ڪنهن شخص کي ٿيل ايذاءَ سنبنڌي پينشن ملڻ جي ڪنهن دعوا بابت، ۽ اُنجي رقم جي باري ۾ ڪنهن سوال بابت؛

۽ سندن حوالي ڪيل اَهڙي ڪنهن بابت تي ۽ ٻي ڪا بابت جا راشٽرپتي، يا حالت اَنوسار، راجيہ جو راجيپال سندن حوالي ڪري اُن تي، صلاح ڏيڻ پبلڪ سروس ڪميشن جو فرض ٿيندو :

بشرطيڪ آڪل ڀارت شيوائن بنسبت ۾ پڻ سنگهه جي معاملن سان واسطو رکندڙ ٻين شيوائن ۾ عهدن بنسبت راشٽرپتي، ۾ راجيه جي معاملن سان واسطو رکندڙ ٻين شيوائن ۾ عهدن بنسبت راجيپال، ونيم ٺاهي سگهندو جي اُهي بابتون چاٽائين جن ۾ عام طرح، يا ڪنهن خاص قسم جي ڪيس ۾ يا ڪن خاص حالتن ۾ پبلڪ سروس ڪميشن سان صلاح ڪرڻ ضروري نه ٿيندو.

(۴) فقري (۳) ۾ چيل ڪنهن به ڳالهه ڪري اِهو ضروري نه ٿيندو ته آنوڇيد ١٦ جي فقري (۴) ۾ نرديش ڪيل ڪو اُپبند ڪهڙي نموني ڪيو وڃي اُن بنسبت يا آنوڇيد ٣٣٥ جي اُپبندن کي ڪهڙي نموني اثرائتو بڻايو وڃي اُن بنسبت پبلڪ سروس ڪميشن سان صلاح ڪئي وڃي.

(۵) فقري (۳) جي پرنتوڪ هيٺ راشٽرپتيءَ يا راجيه جي راجيپال دوارا ٺاهيل سڀ ونيم، اُهي ٺاهيا وڃن تنهن کان پوءِ جيترو ٿي سگهي اوترو جلد سنسد جي هرهڪ سدن يا راجيه جي وڌان منڊل جي سدن يا هرهڪ سدن آڳيان حالت آنوسار، گهٽ ۾ گهٽ چوڏهن ڏينهن لاءِ رکيا ويندا ۽ سنسد جا ٻئي سدن يا راجيه جي وڌان منڊل جو سدن يا ٻئي سدن جنهن اِجلاس ۾ اُهي اِئين رکيا وڃن ان درميان رد ڪرڻ يا سڌاري طور جيڪي ڦيرڦار ڪن اُنهن جي آڌين ٿيندا.

## ٣٢١. پبلڪ سروس ڪميشن جا ڪرتب وڌائڻ جو آختيار قاعدي دوارا جوڙيل

سنسد جو يا حالت آنوسار راجيه جي وڌان منڊل جو پاس ڪيل آئڪٽ، سنگهه يا راجيه جي شيوائن بنسبت ۾ پڻ ڪنهن مڪاني آختياري يا نگمت جماعت يا ٻيءَ ڪنهن عام سنستا جي شيوائن بنسبت سنگهه پبلڪ سروس ڪميشن يا راجيه پبلڪ سروس ڪميشن دوارا وڌيڪ ڪرتب اِستعمال ڪرڻ جو پربند ڪري سگهندو.

## ٣٢٢. پبلڪ سروس ڪميشن جو خرچ

سنگهه يا راجيه پبلڪ سروس ڪميشن جو خرچ ڪميشن جي ميمبرن يا عملي کي يا اُنهن بنسبت ڏيڻ جوڳن پگهارن، ڀتن ۽ پينشن سميت، ڀارت جي سنچت نڌي، يا حالت آنوسار، راجيه جي سنچت نڌيءَ تي ڏمي وڌو ويندو.

## ٣٢٣. پبلڪ سروس ڪميشن جون رپورٽون

(١) سنگهه ڪميشن جو فرض ٿيندو ته راشٽرپتيءَ کي هر سال ڪميشن جي ڪيل

ڪم جي باري ۾ رپورٽ پيش ڪري ۽ اَهڙي رپورٽ ملڻ تي راشٽرپتي، اُنهن ڪيسن بنسبت جي ڪي هجن ته، جن ۾ ڪميشن جي صلاح ناقبول ڪئي ويئي هجي، اَهڙي ناقبوليءَ لاءِ سببن جي سمجهاڻي ڏيندڙ ياداشت سان گڏ اُن رپورٽ جو نقل سنسد جي هرهڪ سدن اَڳيان رکائيندو.

(٢) راجيه ڪميشن جو فرض ٿيندو ته راجيه جي راجيپال کي هر سال ڪميشن جي ڪيل ڪم جي باري ۾ رپورٽ پيش ڪري ۽ گڏيل ڪميشن جو فرض ٿيندو ته هرهڪ راجيه جنهن جون ضرورتون گڏيل ڪميشن پوريون ڪري ٿي اُن جي راجيپال کي هر سال اُن راجيه سنبنڌي ڪميشن جي ڪم جي باري ۾ رپورٽ پيش ڪري، ۽ ٻنهي مان هرهڪ حالت ۾ راجيپال اَهڙي رپورٽ ملڻ تي اُنهن ڪيسن بنسبت جي ڪي هُجن ته، جن ۾ ڪميشن جي صلاح قبول نه ڪئي ويئي هُجي، اَهڙي ناقبوليءَ جي سببن جي سمجهاڻي ڏيندڙ ياداشت سان گڏ اُن رپورٽ جو نقل راجيه جي وڌان منڊل اَڳيان رکائيندو-

پاڱ چوڏهون - اَلف

# ٽربيوُنل

## ٣٢٣.اَلف. ڪاروباري ٽربيوُنل

(١) سنسد قاعدي دوارن پربند ڪري سگهندي تہ سنگھ جي يا ڪنهن راجيہ جي يا پارٽ جي ڪيتر اندر ڪنهن مڪاني يا ٻيءَ اَختياريءَ يا سرڪار جي مالڪيءَ يا ضابطي واريءَ ڪنهن ڪارپوريشن جي معاملن سنبنڌي عام شيوائن ۾ ۽ عهدن تي پرتيءَ ۽ اُنهن تي مقرر ٿيل شخصن جي نوڪريءَ جي شرطن بنسبت تڪرارن ۽ فريادن جو ڪاروباري ٽربيونلن دوارن نبيرو ڪيو وڃي يا ڪيس هليو وڃي.

(٢) فقري (١) هيٺ ٺاهيل قاعدو -

(اَ) سنگھ لاءِ ڪاروباري ٽربيونل ۽ هرهڪ راجيہ لاءِ يا ٻن يا وڌيڪ راجين لاءِ هڪ اَلڳ ڪاروباري ٽربيونل برپا ڪرڻ لاءِ پربند ڪري سگهندو؛

(ب) هرهڪ اَهڙي ٽربيونل دوارن اِستعمال ڪرڻ جوڳي حڪومت اَختيار (بي اَدبيءَ لاءِ سزا ڏيڻ جي اَختيار سميت) ۽ اَختياري جاڳائي سگهندو؛

(ٻ) اَهڙين ٽربيونلن دوارن (مدت بندي ۽ ثابتين جي نيمن سميت) اَختيار ڪرڻ واري سرشتي لاءِ پربند ڪري سگهندو؛

(پ) فقري (١) ۾ نرديش ڪيل تڪرارن ۽ فريادن بنسبت سپريم ڪورٽ جي اَنوُڇيد ١٣٦ هيٺ حڪومت کان سواءِ سڀني ڪورٽن جي حڪومت هٽائي سگهندو؛

(ڀ) پربند ڪري سگهندو تہ اَهڙيءَ ٽربيونل جي برپا ٿيڻ کان يڪدم اَڳہ ڪنهن بہ ڪورٽ يا ٻيءَ اَختياريءَ وٽ پيل ڪي بہ ڪيس جيڪي، جنهن مقدمي جي ڪارڻ تي اَهڙيون دعوائن يا ڪارروايئن جو آڌار آهي اُهو جي ٽربيونل جي برپا ٿيڻ کان پوءِ پيدا ٿيو هجي ها تہ اَهڙيءَ ٽربيونل جي حڪومت اندر هجي ها، اُهي هرهڪ اَهڙي ڪاروباري ٽربيونل کي بدلي ڪيا وڃن؛

(ت) راشٽرپتيءَ دوارن اَنوڇيد ٣٧١ -پ جي فقري (٣) هيٺ ڪيل ڪو بہ حڪم رد ڪري يا سُڌاري سگهندو؛

(ٿ) اَهڙا واڌو پرسنگڪ ۽ پريڻامڪ پربند (فين بنسبت پربنڌن سميت) درج ڪري سگهندو جي سنسد کي اَهڙين ٽربيونلن جي اَثرائتي ڪاريہ ڪرڻ لاءِ ۽ اُنهن دوارن ڪيس جلدي نيڪال ڪرڻ لاءِ ۽ سندن حڪمن جي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ضروري لڳن.

(٣) هن آنوڇيد جا اُپبند هن سنوڌان جي ٻئي ڪنهن اُپبند ۾ يا اُن وقت عمل ۾ ٻئي ڪنهن قاعدي ۾ ڪجھ به هئڻ جي باوجود اَثرائتا ٿيندا.

## ٣٢٣.ب ٻين بابتن لاءِ ٽربيونل

(١) مناسب وڌان منڊل قاعدي دوارا پربنڌ ڪري سگهندو ته فقري (٢) ۾ ڄاڻايل سڀئي يا ڪي بابتون جن بنسبت اُن وڌان منڊل کي قاعدا ناهڻ جو اَختيار آهي، اُنهن بنسبت ڪن به تڪرارن، فريادن يا گناهن جو ٽربيونلن دوارا نبيرو ڪيو وڃي يا ڪيس هلايو وڃي.

(٢) فقري (١) ۾ نرديش ڪيل بابتون هيٺيون آهن، يعنيٰ -

(اَ) ڪا ڍل وجهڻ، ٻڌڻ، اُڳاڙڻ ۽ عملي ڪرڻ؛

(ب) پرڏيهي ناڻي جي مٽاسٽا، ڪسٽم حدن جي آرپار آمدني ۽ روانگي؛

(ٻ) ڪارخانن ۽ مزورن جا تڪرار؛

(ڀ) آنوڇيد ٣١ اَلف ۾ وياکيا موجب ڪنهن جائداد يا اُن ۾ ڪنهن حق جي راڄيہ طرفان حاصل ڪرڻ يا اَهڙن ڪن حقن جو خاتمو ڪرڻ يا اُنهن ۾ ڦيرڦار ڪرڻ دوارا يا کيتيءَ جي زمين جي حد بنديءَ دوارا يا ٻئي ڪنهن طريقي دوارا زمين سڌارا؛

(پ) شهري ملڪيت جي حد بندي؛

(ت) سنسد جي هرهڪ سدن يا راڄيہ جي وڌان منڊل جي سدن يا هرهڪ سدن جون چونڊون، پر آنوڇيد ٣٢٩ ۽ آنوڇيد ٣٢٩- اَلف ۾ نرديش ڪيل بابتن کي ڇڏي؛

(ٿ) کاڌي جي شين ( کاڌي جي تيلي ٻجن ۽ تيلن سميت) ۽ راشٽرپتي عام ظاهر نامي دوارا هن آنوڇيد جي خيال کان ضروري شين طور ظاهر ڪري اَهڙين ٻين شين جي پيدائش، ميسر ڪرڻ، پهچائڻ ۽ ورڇ ڪرڻ ۽ آهڙين شين جي قيمتن تي ضابطو رکڻ؛

(ٽ) مسواڙ، اُن کي نيمت ڪرڻ ۽ ضابطي هيٺ رکڻ ۽ قبضيداريءَ جا معاملا جن ۾ اَچي ويندا مالڪ مڪان ۽ مسواڙين جا حق، واسطا ۽ مفاد؛

(ٺ) پيٽي فقري (اَ) کان (ٽ) ۾ ڄاڻايل بابتن مان ڪنهن بنسبت قاعدن خلاف گناهه ۽ اُنهن بابتن مان ڪنهن به بنسبت فيون؛

(ث) پيٽي فقري (اَ) کان (ٺ) ۾ ڄاڻايل بابتن مان ڪنهن سان پرسنگڪ

ڪا بہ بابت.

(سنوڌان (سڌارو پنجهتر) ائڪٽ، ١٩٩٣ جي قلم ٢ دوران (٥ فبروري ١٩٩٤ کان) پيٽي فقرو (ٽ) درج ڪيل ۽ پيٽي فقرا (ث) ۽ (ٽ) سڌاريل)

(٣) فقري (١) هيٺ ناهيل قاعدو -

(اَ) ٽربيونلن جا درجا برپا ڪرڻ لاءِ پربند ڪري سگهندو؛

(ب) هرهڪ اَهڙي ٽربيونل دوران اِستعمال ڪرڻ جوڳي حڪومت، اَختيار (بي اَدبيءَ لاءِ سزا ڪرڻ جي اَختيار سميت) ۽ اَختياريون ڄاڻائي سگهندو؛

(ٻ) اَهڙين ٽربيونلن دوران (مُدت بندي ۽ ثابتين جي نيمن سميت) اَختيار ڪرڻ واري سرشتي لاءِ پربند ڪري سگهندو؛

(ڀ) اَهڙين ٽربيونلن جي حڪومت اندر اِيندڙ بابتن مان سپني يا ڪن بنسبت سپريم ڪورٽ جي اَنوڇيد ١٣٦ هيٺ حڪومت کانسواءِ ۽ سپني ڪورٽن جي حڪومت هٽائي سگهندو؛

(ٻ) پربند ڪري سگهندو تہ اَهڙي ٽربيونل جي برپا ٿيڻ کان يڪدم اَڳہ ڪنهن بہ ڪورٽ يا ٻيءَ اَختياريءَ وٽ پيل ڪي بہ ڪيس جيڪي جنهن مقدمي جو ڪارڻ اَهڙين دعوائن يا ڪارروايِن جو آڌار هُجي؛ اُهو جي ٽربيونل جي برپا ٿيڻ کان پوءِ پئدا ٿيو هجي ها تہ اَهڙيءَ ٽربيونل جي حڪومت اَندر هُجي ها، اُهي هرهڪ اَهڙي ٽربيونل ڪِي بدلي ڪيا وَڃن؛

(ٽ) اَهڙا واڌوُ پرسنگڪ ۽ پريٽامڪ پربند (فين بنسبت پربنڌن سميت) درج ڪري سگهندو جي مُناسب وڌان منڊل کي اَهڙين ٽربيونلن جي اَثرائتي ڪاريہ ڪرڻ لاءِ ۽ اُنهن دوران ڪيس جلدي نيڪال ڪرڻ لاءِ ۽ سندن حڪمن جي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ضروري لڳن.

(٤) هن اَنوڇيد جا اُپبند هن سنوڌان جي ٻئي ڪنهن اُپبند ۾ يا اُن وقت عمل ۾ ٻئي ڪنهن قاعدي ۾ ڪجھ بہ هئڻ جي باوجود اَثرائتا ٿيندا.

سمجهاڻي - هن اَنوڇيد ۾، ڪنهن بابت سنبنڌي، 'مناسب وڌان منڊل' جي معنيٰ آهي حالت اَنوسار، سنسد يا ڪنهن راڄيہ جو وڌان منڊل جيڪو ڀاڱ يارهين جي اُپبنڌن پرماڻي اَهڙيءَ بابت بنسبت قاعدو ناهڻ لاءِ سمرٿ هُجي.

# چونڊون

## ٣٢٤. چونڊن جي نظرداني، هدايت ڪاري ۽ ضابطو چونڊ ڪميشن جي حوالي ڪيا ويندا

(١) هن سنوڌان هيٺ ٺهندڙ سنسد جي ۽ هرهڪ راجيه جي وڌان منڊل جي سڀني چونڊن لاءِ ووٽرن جي ياداشت تيار ڪرڻ ۽ چونڊن ڪرائڻ جي ۽ راشٽرپتي ۽ اُپ راشٽرپتيءَ جي عهدن جي چونڊن جي نظرداني، هدايت ڪاري ۽ ضابطو هڪ ڪميشن (هن سنوڌان ۾ چونڊ ڪميشن طور نرديش ڪيل) جي حوالي ڪيا ويندا.

(٢) چونڊ ڪميشن ۾ مکيه چونڊ ڪمشنر ۽ راشٽرپتي وقت به وقت مقرر ڪري اوتري سنکيا ۾ ٻيا چونڊ ڪمشنر، جي هوندا ته، ٿيندا ۽ مکيه چونڊ ڪمشنر ۽ ٻين چونڊ ڪمشنرن کي، هن خيال کان ٺاهيل سنسد دوارا ڪنهن قاعدي جي اُپٻنڌن جي آڌين، راشٽرپتيءَ دوارا مقرر ڪيو ويندو.

(٣) ٻيو ڪو چونڊ ڪمشنر ائين مقرر ٿئي ته مکيه چونڊ ڪمشنر چونڊ ڪميشن جي چيئرمن طريقي ڪم ڪندو.

(٤) لوڪ سڀا جي ۽ هرهڪ راجيه جي وڌان سڀا جي هرهڪ عام چونڊ کان اڳ، ۽ هرهڪ راجيه سڀا واري راجيه جي ان سڀا جي پهرين عام چونڊ ۽ تنهن کان پوءِ هرهڪ به سالي چونڊ کان اڳ، راشٽرپتي، چونڊ ڪميشن سان صلاح ڪرڻ بعد، چونڊ ڪميشن کي فقري (١) هيٺ ڪميشن کي بخشيل ڪرتب ادا ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ، پاڻ ضروري سمجهي ايترا پراديشڪ ڪمشنر به مقرر ڪري سگهندو.

(٥) سنسد دوارا ٺاهيل ڪنهن قاعدي جي اُپٻنڌن جي آڌين، چونڊ ڪمشنرن ۽ پراديشڪ ڪمشنرن جي نوڪريءَ جا شرط ۽ عهدي جو مدو راشٽرپتي نيم دوارا ٺهرائي اُهي ٿيندا.

بشرطيڪ مکيه چونڊ ڪمشنر کي پنهنجي عهدي تان فقط سپريم ڪورٽ جي جج جهڙي نموني ۽ اهڙن سببن ڪري عهدي تان هٽائي سگهبو ۽ مکيه چونڊ ڪمشنر جي نوڪريءَ جي شرطن ۾ سندس مقرريءَ کان پوءِ ڪيس نقصان ٿئي اهڙي ڦيرڦار نه ڪئي ويندي :

وڌيڪ بشرطيڪ ٻئي ڪنهن چونڊ ڪمشنر يا پراديشڪ ڪمشنر کي مکيه چونڊ

ڪمشنر جي سفارش ڪان سواءِ عهدي تان هٽايو نہ ويندو.

(٦) راشٽرپتي يا راجيہ جو راجيپال، چونڊ ڪميشن اهڙو عرض ڪري تہ چونڊ ڪميشن کي يا پراديشڪ ڪمشنر کي فقري (١) هيٺ چونڊ ڪميشن کي بخشيل ڪرتب ادا ڪرڻ لاءِ ضروري هجي اهڙو عملو ميسر ڪندو.

## ٣٢٥. ڌرم، نسل، ذات يا جنس جي بنياد تي ڪو بہ شخص ووٽرن جي يادداشت ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اڻ لائق نہ ٿيندو ۽ خاص ووٽرن جي يادداشت ۾ داخل ٿيڻ لاءِ دعوا نہ ڪري سگهندو

سنسد جي هرهڪ سدن يا راجيہ جي وڌان منڊل جي سدن يا هرهڪ سدن جي چونڊ لاءِ هرهڪ کيتري تڪ لاءِ هڪ عام ووٽرن جي يادداشت ٿيندي ۽ ڪوبہ شخص فقط ڌرم، نسل، ذات يا جنس يا اُنهن مان ڪنهن جي بنياد تي اهڙيءَ يادداشت ۾ شامل ٿيڻ لاءِ اڻ لائق نہ ٿيندو يا اهڙي ڪنهن تڪ لاءِ ڪنهن خاص ووٽرن جي يادداشت ۾ شامل ٿيڻ لاءِ دعوا نہ ڪندو.

## ٣٢٦. لوڪ سڀا ۽ راجين جي وڌان سڀائن لاءِ چونڊون بالغ کي ووٽ جي حق جي آڌار تي ٿينديون

لوڪ سڀا ۽ هرهڪ راجيہ جي وڌان سڀا جون چونڊون بالغ کي ووٽ جي حق جي آڌار تي ٿينديون، مطلب تہ هرڪو شخص جيڪو ڀارت جو ناگرڪ آهي ۽ جيڪو مناسب وڌان منڊل جي ٺاهيل قاعدي دواران يا اُن هيٺ هن خيال ڪان مقرر ڪئي وڃي اُن تاريخ تي اَرڙهن سالن ڪان گهٽ عمر جو نہ آهي ۽ جيڪو هن سنوڌان يا مناسب وڌان منڊل جي ٺاهيل ڪنهن قاعدي هيٺ ٻئي نموني نواسي نہ هئڻ، اَڻ سالم دماغ جي، ڏوهہ يا رشوت خوري يا بي قاعدي هلت سبب اڻ لائق نہ آهي، اُهو اهڙيءَ ڪنهن چونڊ ۾ ووٽر طور رجسٽر ٿيڻ لاءِ حقدار ٿيندو.

سنوڌان (سڌارو ايڪهٺ) ائڪٽ ١٩٨٨ جي قلم ٢ دواران 'ايڪيهن سالن' جي بدران 'اَرڙهن سالن' درج ڪيل)

## ٣٢٧. وڌان منڊلن جي چونڊن بنسبت پربنڌ ڪرڻ جو سنسد جو اختيار

هن سنوڌان جي اُپبنڌن جي آڌين، سنسد وقت بہ وقت قاعدي دواران سنسد جي هرهڪ سدن يا راجيہ جي وڌان منڊل جي سدن يا هرهڪ سدن جي چونڊن سنبنڌي يا واسطو رکندڙ سيني بابتن بنسبت پربنڌ ڪري سگهندي جنهن ۾ ووٽرن جون

يادا شتون ٺاهڻ، تڪن جون حدون مقرر ڪرڻ ۽ اهڙي سدن يا سدنن جي پوري طرح جوڙڻ جي خاطري ڪرڻ لاءِ ضروري ٻيون سڀ بابتون اچي وڃن ٿيون.

## ٣٢٨. راڄيہ جي وڌان منڊل جو اُن وڌان منڊل جي چونڊن بنسبت پرٻنڌ ڪرڻ جو اختيار

ھن سنوڌان جي اُپٻنڌن جي آڌين، ۽ جيتري قدر اُن باري ۾ سنسد دوارا پرٻنڌ نہ ڪيو ويو ھُجي، راڄيہ جو وڌان منڊل وقت بہ وقت قاعدي دوارا اُن راڄيہ جي وڌان منڊل جي سدن يا ھرھڪ سدن جي چونڊن سنٻنڌي يا واسطو رکندڙ سڀني بابتن بنسبت پرٻنڌ ڪري سگھندو، جنھن ۾ ووٽرن جون يادا شتون تيار ڪرڻ ۽ اھڙي سدن يا سدنن کي پوريءَ طرح جوڙڻ جي خاطري ڪرڻ لاءِ ضروري ٻيون سڀ بابتون اچي وڃن ٿيون.

## ٣٢٩. چونڊن جي بابتن ۾ ڪورٽن دوارا دست اندازيءَ تي روڪ

ھن سنوڌان ۾ ڇيل ڪنھن بہ ڳالھ جي باوجود-

(ا) تڪن جون حدون مقرر ڪرڻ يا اھڙن تڪن کي جايون ورڇي ڏيڻ سنٻنڌي انوڇيد ٣٢٢ يا انوڇيد ٣٢٨ ھيٺ ٺاھيل يا ٺھيل ڄئڄي اھڙي ڪنھن قاعدي جي جائزگيءَ تي ڪنھن بہ ڪورٽ ۾ اعتراض اُٿاريو نہ ويندو؛

(ب) سنسد جي ھر سدن يا راڄيہ جي وڌان منڊل جي سدن يا ھر سدن جي چونڊ بابت ڪو بہ اعتراض نہ اُٿاريو ويندو سواءِ چونڊ عريضيءَ دوارا جا مناسب وڌان منڊل جي ٺاھيل ڪنھن قاعدي دوارا يا اُن ھيٺ پرٻنڌ ڪيل ھُجي اُن اختياريءَ کي ۽ اُن نموني پيش ڪئي ويندي.

٣٢٩.الف. x x x x

# ڪن ورگن سنبنڌي خاص پربنڌ

## ۳۳۰. لوڪ سڀا ۾ اَنوسوچت جاتين ۽ اَنوسوچت جن جاتين لاءِ جايون محفوظ رکڻ

(۱) لوڪ سڀا ۾ هيٺين لاءِ جايون محفوظ رکيون وينديون-

(اَ) اَنوسُوچت جاتيون،

(ب) آسام جي خود اَختيار ضلعن جي اَنوسوچت جن جاتين کان سواءِ ٻيون انوسوچت جن جاتيون؛ ۽

(پ) آسام جي خود اَختيار ضلعن جون اَنوسوچت جن جاتيون.

(سنوڌان (سڌارو ايڪونجاهه) ائڪٽ، ۱۹۸۴ قلم ۳ دواران (۱٦ جون ۱۹۸٦ کان) پيٺي فقري (ب) جي بدران درج ڪيل)

(۲) فقري (۱) هيٺ اَنوسوچت جاتين يا اَنوسوچت جن جاتين لاءِ ڪنهن راڄيہ يا سنگهه کيتر ۾ محفوظ رکيل جاين جي سنکيا جو پرماڻ جيترو ٿي سگهي اوترو لوڪ سڀا ۾ اُن راڄيہ يا سنگهه کيتر کي ورڇيل جاين جي ڪل سنکيا سان ايترو ٿيندو جيترو راڄيہ يا سنگهه کيتر ۾ اَنوسوچت جاتين جي يا راڄيہ يا سنگهه کيتر ۾ يا راڄيہ يا سنگهه کيتر جي ڀاڱي ۾، حالت اَنوسار، اَنوسوچت جن جاتين، جن جي بنسبت جايون هن نموني محفوظ رکيون وڃن، تن جي آدمشماريءَ جو راڄيہ يا سنگهه کيتر جي ڪل آدمشماريءَ سان هُجي.

(۳) فقري (۲) ۾ ڪا بہ ڳالهه هُئڻ جي باوجود، آسام جي خود اَختيار ضلعن جي اَنوسوچت جن جاتين لاءِ لوڪ سڀا ۾ محفوظ رکيل جاين جي سنکيا جو پرماڻ اُن راڄيہ کي ورڇيل ڪل جاين جي سنکيا سان اُنهن خود اَختيار ضلعن جي اَنوسوچت جن جاتين جي آدمشماري جي راڄيہ جي ڪل آدمشماريءَ جي پرماڻ کان گهٽ نہ ٿيندو.

سمجهاڻي - هن اَنوڇيد ۾ ۽ اَنوڇيد ۳۳۲ ۾ محاوري 'آدمشماري' جي معنيٰ آهي تہ اَڳين آخرين جن ڳڻنا وقت تحقيقات ٿيل آدمشماري جنهن جا متعلق اَنگ شايع ڪيا ويا هُجن:

بشرطيڪ هن سمجهاڻيءَ ۾ اَڳين آخرين جن ڳڻنا جنهن جا متعلق انگ شايع

ڪيا ويا هُجن اُن جو نرديش جيستائين ٢٠٠٠ سال کانپوءِ پهرين ڳڻپ جا متعلق انگ شايع ٿين تيستائين، ١٩٧١ جي ڳڻپ ڏانهن سمجهيو ويندو.

## ٣٣١. لوڪ سڀا ۾ اينگلو انڊين جاتيءَ جو عيوضيپڻو

آنوڇيد ٨١ ۾ ڇيل ڪنهن به ڳالهه جي باوجود، راشٽرپتي جي اِن رايي جو هُجي ته لوڪ سڀا ۾ اَينگلو اِنڊين جاتيءَ جو عيوضيپڻو ڪافي نه آهي ته هوُ اُن جاتيءَ جا لوڪ سڀا ۾ ٻن کان وڌيڪ نه ايترا ميمبر ٽاڪي سگهندو.

## ٣٣٢. راڄين جي وڌان سڀائن ۾ اَنوسوچت جاتين ۽ اَنوسوچت جن جاتين لاءِ جايون محفوظ رکڻ

(١) هرڪنهن راڄيه جي وڌان سڀا ۾ اَنوسوُچت جاتين لاءِ ۽ آسام جي خود اختيار ضلعن جي انوسوچت جن جاتين کان سواءِ ٻين اَنوسوُچت جن جاتين لاءِ جايون محفوظ رکيون وينديون.

(سنوڌان (سڌارو ايڪونجاهه) ائڪٽ، ١٩٨٤ قلم ٣ دواران (١٦ جون ١٩٨٦ کان) سڌاريل)

(٢) آسام راڄيه جي وڌان سڀا ۾ خود اَختيار ضلعن لاءِ به جايون محفوظ رکيون وينديون.

(٣) فقري (١) هيٺ ڪنهن راڄيه جي وڌان سڀا ۾ اَنوسوُچت جاتين يا اَنوسوُچت جن جاتين لاءِ محفوظ رکيل جاين جي سنکيا جو پرماڻ وڌان سڀا ۾ وڌان سڀا جي جاين جي ڪل سنکيا سان جيترو ٿي سگهي اوترو، ٿيندو جيترو راڄيه ۾ اَنوسوُچت جاتين جو، يا راڄيه ۾ يا راڄيه جي ڀاڱي ۾ حالت انوسار اَنوسوُچت جن جاتين جو، جن جي بنسبت جايون هن نموني محفوظ رکيون وڃن تن جي آدمشماريءَ جو راڄيه جي ڪل آدمشماري سان هُجي.

(٣.اَلف) فقري ٣ ۾ ڇيل ڪنهن به ڳالهه جي باوجود سنه ٢٠٠٠ کان پوءِ ڪيل پهرين جن ڳڻپ جي آڌار تي، اَروڻاچل پرديش، ميگهاليه، مزورم ۽ ناگالئنڊ راڄين جي وڌان سڀائن ۾ جاين جي سنکيا جي انوڇيد ١٧٠ جي اڌين وري ملائي ڀارڻ جي اثردار ٿيڻ تائين، جيڪي جايون اهڙي ڪنهن راڄيه جي وڌان سڀا ۾ انوسوچت جن جاتين لاءِ محفوظ رکيون وينديون آهي -

(اَ) جيڪڏهن سنوڌان (سڌارو ستونجاهه) ائڪٽ، ١٩٨٧ جي لاڳو ٿيڻ جي تاريخ تي اهڙي راڄيه جي موجود وڌان سڀا ۾ (جنهن کي هن فقري ۾ هن کانپوءِ موجود وڌان سڀا چيو ويو آهي) سڀ جايون انوسوچت جن جاتين جي ميمبرن دواران

پريل آهن تہ هڪ جاءِ ڪي چڏي سڀ جاپون ٿينديون؛ ۽

(ب) ڪنهن بہ ٻيءَ حالت ۾ اوتريون جايون ٿينديوں جن جي سنکيا جو پرماڻ، جاين جي ڪل سنکيا جي ان پرماڻ کان گهٽ نہ ٿيندو جيڪو موجود وڌان سڀا ۾ انوسوچت جن جاتين جي ميمبرن جي (مٿي ڄيل تاريخ تي جئن موجود) سنکيا جو پرماڻ موجود وڌان سڀا ۾ جاين جي ڪل سنکيا سان آهي.

(سنوڌان (سڌارو ستونجاهہ) ائڪٽ، ١٩٨٧ قلم ٢ دواران (٣١ سيپٽمبر ١٩٨٧ کان) درج ڪيل)

(٣.ب) فقري (٣) ۾ ڄيل ڪنهن بہ ڳالهہ جي باوجود، سنہ ٢٠٠٠ کانپوءِ ڪيل پهرين جن ڳڻنا جي آڌار تي، ترپورا راڄيہ جي وڌان سڀا ۾ جاين جي سنکيا جي، انوڇيد ١٧٠ جي اڌين وري ملائي بيهارڻ جي اثردار ٿيڻ تائين جيڪي جايون اُن وڌان سڀا ۾ انوسوچت جن جاتين لاءِ محفوظ ڪيون ويندون اُهي جايون اوتريون هونديون جن جي سنکيا جو پرماڻ، جاين جي ڪل سنکيا جي اُن پرماڻ کان گهٽ نہ هوندو جيڪو موجود وڌان سڀا ۾ انوسوچت جن جاتين جي ميمبرن جي، (سنوڌان (سڌارو ٻاهتر) ١٩٩٢ جي لاڳو ٿيڻ جي تاريخ تي جئن موجود سنکيا جو پرماڻ مٿي ڄيل تاريخ تي اُن وڌان سڀا ۾ جاين جي ڪل سنکيا سان آهي.

(سنوڌان (سڌارو ٻاهتر) ائڪٽ، ١٩٩٢ جي قلم ٢ دواران (٥ ڊسمبر ١٩٩٢ کان) درج ڪيل)

(٤) آسام راڄيہ جي وڌان سڀا ۾ ڪنهن خود اَختيار ضلع لاءِ محفوظ رکيل جاين جي سنکيا اُن وڌان سڀا ۾ ڪل جاين جي سنکيا اُن ضلع جي آدمشماريءَ جي راڄيہ جي ڪل آدمشماريءَ سان پرماڻ کان گهٽ نہ ٿيندي.

(٥) آسام جي ڪنهن خود اَختيار ضلع لاءِ محفوظ رکيل جاين جي تڪن ۾ اُن ضلع کان ٻاهر واري ڪا بہ ايراضي شامل نہ ٿيندي.

(٦) ڪو بہ شخص جو آسام راڄيہ جي ڪنهن خود اَختيار ضلع جي ڪنهن اَنوسوچت جن جاتيءَ جو ميمبر نہ آهي اُهو اُن ضلع جي ڪنهن بہ تڪ مان راڄيہ جي وڌان سڀا لاءِ چونڊجڻ لاءِ لائق نہ ٿيندو.

## ٣٣٣. راڄين جي وڌان سڀائن ۾ اينگلو اِنڊين جاتيءَ جو عيوضيپڻو

اَنوڇيد ١٧٠ ۾ ڄيل ڪنهن بہ ڳالهہ جي باوجود، راڄيہ جو راڄيپال جي اِن رايي جو هُجي تہ راڄيہ جي وڌان سڀا ۾ اَينگلو اِنڊين جاتيءَ ڪي عيوضيپڻو ملڻ ضروري آهي ۽ اُن ۾ ڪافي عيوضيپڻو ڪو نہ اَٿس تہ هو وڌان سڀا ۾ اُن جاتيءَ جو هڪ ميمبر ٺاڪي سگهندو.

## ٣٣٤. جايون محفوظ رکڻ ۽ خاص عيوضيپڻو پنجاھ سالن کان پوءِ بند ٿيڻ

هن ڀاڱي جي اَڳ ڏنل اُپبندن ۾ ڪجھ بہ هئڻ جي باوجود-

(اَ) اَنوسُوچت جاتين ۽ اَنوسوچت جن جاتين لاءِ لوڪ سڀا ۾ ۽ راجين جي وڌان سڀائن ۾ جايون محفوظ رکڻ؛ ۽

(ب) اَئنگلو اِنڊين جاتيءَ جي لوڪ سڀا ۾ ۽ راجين جي وڌان سڀائن ۾ ٺاڦجڻ دوارا ن عيوضيپڻي،

سنبنڌي هن سنوڌان جا اُپبند هن سنوڌان جي شروعات کان پنجاھ سالن جي مُدت پوري ٿيڻ تي اَثرائتا ٿيڻ بند ٿيندا :

بشرطيڪ هن اَنوڇيد ۾ ڇيل ڪجھ بہ لوڪ سڀا ۾ يا راجيہ جي وڌان سڀا ۾ ڪنهن بہ عيوضيپڻي کي اُن وقت هستيءَ ۾ سدن يا وڌان سڀا جي حالت اَنوسار برخاست ٿيڻ تائين اَثر نہ ڪندو.

(سنوڌان (سڌارو ٻاهٺ) اَئڪٽ، ١٩٨٩ جي قلم ٢ دواران (٢٠ ڊسمبر ١٩٨٩ کان) 'چاليھ سالن' جي بدران 'پنجاھ سالن' درج ڪيل)

## ٣٣٥. اَنوسوچت جاتين ۽ اَنوسوچت جن جاتين جون نوڪرين ۽ عهدن لاءِ دعوائون

سنگھ جي يا ڪنهن راجيہ جي ڪاروبار سنبنڌي نوڪرين ۽ عهدن تي مقرري ڪرڻ ۾ اَنوسوچت جاتين ۽ اَنوسوچت جن جاتين جي ميمبرن جون دعوائون ڪاروبار ۾ قابل ڪاري چالو رکڻ سان موافق رهي خيال ۾ آنديون وينديون.

## ٣٣٦. ڪن نوڪرين ۾ اَئنگلو اِنڊين جاتيءَ لاءِ خاص پربنڌ

(١) هن سنوڌان جي شروعات کان پوءِ پهرين ٻن سالن درميان سنگھ جي ريلوي، ڪسٽم، ٽپال ۽ تار شيوائن ۾ عهدن تي اَئنگلو اِنڊين جاتيءَ جي ميمبرن جون مقرريون ١٥ آگسٽ ١٩٤٧ کان يڪدم اَڳ واري ساڳئي آڌار تي ڪيون وينديون.

پوءِ ايندڙ هر ٻن سالن جي مدت درميان اُن جاتيءَ جي ميمبرن لاءِ مٿين شيوائن ۾ محفوظ رکيل جاين جي سنکيا يڪدم اَڳ جي ٻن سالن مدت درميان هن نموني محفوظ رکيل سنکيا کان لڳ ڀڳ ڏيترو ٿي سگهي، ڏھ ٽڪا گهٽ ٿيندي :

بشرطيڪ هن سنوڌان جي شروعات کان ڏهن سالن جي پڇاڙيءَ تي اَهڙيون سڀ

محفوظگيون بند ٿينديون.

(٢) فقري (١) ۾ ڪجھ بہ اُن فقري هيٺ اَئنگلو اِنڊين جاتيءَ لاءِ محفوظ رکيل عهدن کان سواءِ يا اُنهن کان وڌيڪ عهدن تي اُن جاتيءَ جي ميمبرن جي مقرريءَ تي روڪ نہ وجهندو جي اَهڙا ميمبر ڳُڻ ۾ ٻين جاتين جي ميمبرن جي ڀيٽ ۾ مقرر ٿيڻ لائق لڳن.

## ٣٣٧. اَئنگلو اِنڊين جاتيءَ جي فائدي لاءِ تعليمي گرانٽ بنسبت خاص پربنڌ

هن سنوڌان جي شروعات کان پوءِ پهرين ٽن مالي سالن درميان سنگھ دوارا ۽ هرهڪ راجيہ دوارا اَئنگلو اِنڊين جاتيءَ جي فائدي لاءِ تعليم بنسبت ٣١ مارچ ١٩٤٨ تي پوري ٿيندڙ مالي سال ۾ ڏنل هيون اوتريون ساڳيون گرانٽون، ڪي بہ هُجن تہ، ڏنيون وينديون.

پوءِ ايندڙ هر ٽن سالن جي مدت درميان گرانٽون يڪدم اَڳ واري ٽن سالن جي مدت درميان گرانٽن کان ڏھ ٽڪا گھٽ ٿي سگھنديون :

بشرطيڪ هن سنوڌان جي شروعات کان ڏهن سالن جي پڇاڙيءَ تي اَهڙيون گرانٽون، جيتري قدر اُهي اَئنگلو اِنڊين جاتيءَ لاءِ خاص رعايت هُجن، بند ٿينديون :

وڌيڪ بشرطيڪ ڪنهن بہ تعليمي سنسٿا کي هن اَنوڇيد هيٺ ڪا بہ گرانٽ وٺڻ جو حق، اُن ۾ ساليانې داخلائن جا گھٽ ۾ گھٽ چاليھ ٽڪا اَئنگلو اِنڊين جاتيءَ کانسواءِ ٻين جاتين جي ميمبرن لاءِ ميسر نہ ڪيا وڃن تيستائين نہ رهندو.

## ٣٣٨. اَنوسوچت جاتين ۽ اَنوسوچت جن جاتين لاءِ راشٽريہ ڪميشن

(١) اَنوسوچت جاتين ۽ اَنوسوچت جن جاتين لاءِ هڪ ڪميشن هوندي جيڪا راشٽريہ اَنوسوچت جاتي ۽ اَنوسوچت جن جاتي ڪميشن جي نالي سان ڄاتي ويندي.

(٢) سنسد دوارا ان لاءِ ٺاهيل ڪنهن بہ قاعدي جي اُپبنڌن جي اَڌين رهندي، ڪميشن هڪ سڀاپتي، هڪ اُپ سڀاپتي ۽ ٻين پنجن ميمبرن سان ٺهندي ۽ اهڙيءَ ريت مقرر ڪيل سڀاپتي، اُپ سڀاپتي ۽ ٻين ميمبرن جي شيوا جا شرط، عهدي جو مدو اهو ٿيندو جيڪو راشٽرپتي قاعدي دوارا مقرر ڪري.

(٣) راشٽرپتي پنهنجيءَ صحيءَ ۽ مهر لڳل حڪم دوارا ڪميشن جي سڀاپتي، اُپ سڀاپتي ۽ ٻين ميمبرن کي مقرر ڪندو.

(۴) ڪميشن کي پنهنجو سرشتو نيمت ڪرڻ جو اختيار هوندو.

(۵) ڪميشن جو اهو فرض رهندو تہ -

(اَ) اَنوسوچت جاتين ۽ اَنوسوچت جن جاتين لاءِ هن سنوڌان يا اُن وقت لاڳو ڪنهن ٻئي قاعدي يا سرڪار جي ڪنهن حڪم جي اڌين محفوظگيءَ سان واسطيدار اُپبنڌن بابت سيني وشين جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري ۽ اُنهن جي نگراني ڪري ۽ محفوظگيءَ سان واسطيدار اُپاون جي عمل جي ملهہ ڪٿ ڪري؛

(ب) اَنوسوچت جاتين ۽ اَنوسوچت جن جاتين کي سندن اڌڪارن ۽ محفوظگيءَ جي اُپاون کان محروم رکڻ بابت شڪايتن جي جاچ ڪري؛

(ٻ) اَنوسوچت جاتين ۽ اَنوسوچت جن جاتين جي سماجڪ ۽ آرٿڪ وڪاس جي يوجناپرڪريا ۾ ڀاڱ وٺي ۽ صلاح ڏئي ۽ سنگهہ ۽ ڪنهن راجيہ جي اڌين سندن وڪاس جي واڌاري جي ملهہ ڪٿ ڪري؛

(ڀ) محفوظگيءَ سان واسطيدار اُپاون جي عمل بابت هر سال ۽ اهڙن ٻين وقتن تي جيئن ڪميشن ٺيڪ سمجهي راشٽرپتيءَ کي رپورٽ پيش ڪري؛

(پ) اَهڙين رپورٽن ۾ اُنهن اُپاون بابت جيڪي محفوظگيءَ جي اثردار عمل لاءِ سنگهہ يا ڪنهن راجيہ دواران ڪرڻ کپن اُنهن بابت ۽ انوسوچت جاتين ۽ انوسوچت جن جاتين جي بچاءَ، ڪلياڻ ۽ سماجڪ - آرٿڪ وڪاس لاءِ اُپاون بابت سفارشون ڪري؛

(ت) اَهڙا ٻيا ڪاريہ ڪري جن جو واسطو اَنوسوچت جاتين ۽ اَنوسوچت جن جاتين جي بچاءَ، ڪلياڻ، وڪاس ۽ واڌاري سان آهي ۽ جيڪي راشٽرپتي نيم دوارا، سنسد جي ٺاهيل ڪنهن قاعدي اَڌين رهندي، کين سونپي.

(٦) اَهڙيون سڀ رپورٽون راشٽرپتي سنسد جي هرهڪ سدن اَڳيان پيش ڪرائيندو جنهن سان گڏ هڪ ياداشت بہ هوندي جنهن ۾ سنگهہ سان واسطيدار سفارشن تي ڪيل يا رٿيل ڪارروائي ۽ جيڪڏهن ڪي اَهڙيون سفارشون آهن جيڪي منظور نہ ڪيون ويون آهن تہ اُنهن جي نا منظوريءَ جا سبب، سمجهايل هوندا.

(٧) جتي اَهڙي ڪا رپورٽ يا ان جو ڪو ڀاڱ ڪنهن اَهڙي وشيہ سان واسطيدار آهي جنهن جو ڪنهن راجيہ سرڪار سان سنبنڌ آهي تہ اُن جو نقل اُن راجيہ جي راجيپال ڏانهن موڪليو ويندو جيڪو ان کي راجيہ جي وڌان منڊل اَڳيان پيش ڪرائيندو جنهن سان گڏ هڪ ياداشت بہ هوندي جنهن ۾ راجيہ سان واسطيدار سفارشن تي ڪيل يا رٿيل ڪارروائي ۽ جيڪڏهن ڪي اَهڙيون سفارشون هونديون جيڪي منظور نہ ڪيون ويون آهن تہ اُنهن جي نا منظوريءَ جا سبب، سمجهايل هوندا.

لاءِ ضروري هدايت ۾ ڄاڻايل رٿون ناهڻ لاءِ ۽ عمل ۾ آڻڻ لاءِ هدايتون ڪرڻ تائين پهچندو.

## ٣٤٠. پٺتي پيل ورگن جون حالتون تپاسڻ لاءِ ڪميشن مقرر ڪرڻ

(١) راشٽرپتي، ڀارت جي کيتر اندر سماجڪ ۽ تعليمي طرح پٺتي پيل ورگن جي حالتن جي ۽ جيڪي تڪليفون هو ڀوڳي رهيا آهن اُنهن جي تپاس ڪرڻ لاءِ ۽ اُهي تڪليفون دور ڪرڻ ۽ هُنن جي حالت سُڌارڻ لاءِ سنگهه يا ڪنهن راجيه دوارا ڪهڙا اُپاءَ ڪرڻ گهرجن اُن باري ۾ ۽ اُن پريوجن لاءِ سنگهه يا راجيه دوارا ڪهڙيون گرانٽون ڏيڻ گهرجن ۽ ڪهڙن شرطن جي آڌين اُهي گرانٽون ڏيڻ گهرجن اُن باري ۾ سفارشون ڪرڻ لاءِ حڪم دوارا، پاڻ ٺيڪ سمجهي اُنهن شخصن جي ٺهيل، هڪ ڪميشن مقرر ڪري سگهندو، ۽ اُهو ڪميشن مقرر ڪرڻ وارو حڪم ڪميشن دوارا پيروي ڪرڻ وارو سرشتو صاف ڄاڻائيندو.

(٢) اَهڙي مقرر ٿيل ڪميشن ڪيس حوالي ٿيل بابتن ۾ تپاس ڪندي ۽ راشٽرپتيءَ کي رپورٽ پيش ڪندي، جنهن ۾ ڪيس مليل حقيقتون ڄاڻايل هونديون ۽ پاڻ ٺيڪ سمجهي اُهي سفارشون ڪيل هونديون.

(٣) راشٽرپتي ائين پيش ڪيل رپورٽ جو نقل اُن تي ڪنيل قدم جي سمجهاڻي ڏيندڙ ياداشت سان گڏ سنسد جي هرهڪ سدن آڳيان رکائيندو.

## ٣٤١. اَنوسوچت ڄاتيون

(١) راشٽرپتي، ڪنهن راجيه يا سنگهه کيتر بنسبت، ۽ جي راجيه آهي تہ اُن جي راجيپال سان صلاح ڪرڻ بعد عام ظاهر نامي دوارا اُهي ڄاتيون، نسل يا جن ڄاتيون يا ڄاتين، نسلن يا جن ڄاتين جا اُهي ڀاڱا يا اُنهن اَندر اُهي گروپ ڄاڻائي سگهندو جيڪي هن سنوڌان جي پريوجن لاءِ اُن راجيه يا سنگهه کيتر سنبنڌي حالت اَنوسار، اَنوسوچت ڄاتيون سمجهيون وينديون.

(٢) سنسد قاعدي دوارا فقري (١) هيٺ جاري ڪيل ظاهر نامي ۾ ڄاڻايل اَنوسوچت ڄاتين جي لسٽ ۾ ڪا بہ ڄاتي، نسل يا جن ڄاتي يا ڪنهن ڄاتيءَ، نسل يا جن ڄاتيءَ جو ڀاڱو يا اُن اَندر گروپ کي شامل ڪري يا اُن مان ڪڍي سگهندي، پر مٿي چيل آهي تنهن کان سواءِ اُن فقري هيٺ جاري ڪيل ظاهر نامي ۾ ڪنهن پوءِ جي ظاهر نامي دوارا ڦيرڦار نہ ڪئي ويندي.

## ۳۴۲. اَنوسوچت جن جاتيون

(۱) راشٽرپتي، ڪنهن راجيہ يا سنگهه کيتر بنسبت ۽ جي راجيہ آهي تہ اُن جي راجيپال سان صلاح ڪرڻ بعد، عام ظاهر نامي دوارا، اُهي جن جاتيون يا جن جاتي فرقا يا جن جاتين يا جن جاتي فرقن جا ڀاڱا يا اُنهن اَندر گروپ ڄاڻائي سگهندو، جيڪي هن سنوڌان جي پريوجن لاءِ اُن راجيہ يا سنگهه کيتر سنبنڌي، حالت اَنوسار، اَنوسوچت جن جاتيون سمجهيون وينديون.

(۲) سنسد قاعدي دوارا فقري (۱) هيٺ جاري ڪيل ظاهر نامي ۾ ڄاڻايل اَنوسوچت جن جاتين جي لسٽ ۾ ڪا بہ جن جاتي يا جن جاتي فرقو يا ڪنهن جاتي يا جن جاتي فرقي جو ڀاڱو يا اُن اندر گروپ کي شامل ڪري يا اُن مان ڪڍي سگهندي، پر مٿي چيل آهي تنهن ڪانسواءِ اُن فقري هيٺ جاري ڪيل ظاهر نامي ۾ ڪنهن پوءِ جي ظاهر نامي دوارا ڦيرڦار نہ ڪئي ويندي.

# سرڪاري ٻولي

## اَڌياءُ پهريون
## سنگهہ جي ٻولي

### ٣٤٣. سنگهہ جي سرڪاري ٻولي

(١) سنگهہ جي سرڪاري ٻولي ديوناگري لپيءَ ۾ هِندي ٿيندي.

سنگهہ جي سرڪاري پريوجن لاءِ ڪم آڻڻ وارن انگن جو روُپ ڀارتي اَنگن جو انتر راشٽري روپ ٿيندو.

(٢) فقري (١) ۾ چيل ڪنهن بہ ڳالهہ جي باوجود، هن سنوڌان جي شروعات کان پندرهن سالن جي مدت لاءِ سنگهہ جي اُنهن سيني سرڪاري پريوجنن لاءِ انگريزي ٻولي ڪم آڻڻ چالو رکيو ويندو جن لاءِ اَهڙي شروعات کان يڪدم اَڳ اُها ڪم آندي ويندي هُئي :

بشرطيڪ اُن مدت درميان راشٽرپتي حڪم دوارا سنگهہ جي ڪنهن سرڪاري پريوجن لاءِ انگريزي ٻوليءَ سان گڏ هندي ٻولي ۽ ڀارتي انگن جي انترراشٽري روپ سان گڏ انگن جو ديوناگري روپ ڪم آڻڻ جي اَختياري ڏيئي سگهندو.

(٣) هن اَنوڇيد ۾ چيل ڪنهن بہ ڳالهہ جي باوجود سنسد قاعدي دوارا پندرهن سالن جي اُن مُدت کان پوءِ؛

(اَ) انگريزي ٻوليءَ جي، يا

(ب) ڏيوناگري روپ ۾ انگن جي،

قاعدي ۾ ڄاڻايل هجن اَهڙن پريوجنن لاءِ ڪم آڻڻ لاءِ پربنڌ ڪري سگهندي.

### ٣٤٤. سرڪاري ٻوليءَ بابت ڪميشن ۽ سنسد جي ڪاميٽي

(١) راشٽرپتي هن سنوڌان جي شروعات کان پنج سال پورا ٿيڻ تي ۽ تنهن کان پوءِ اَهڙي شروعات کان ڏهہ سال پورا ٿيڻ تي، حڪم دوارا هڪ ڪميشن جوڙيندو جنهن ۾ هڪ چيئرمن ۽ اَٺين اَنوسوچيءَ ۾ ڄاڻايل مختلف ٻولين جو عيوضيپڻو ڪندڙ ٻيا راشٽرپتي مقرر ڪري اُهي ميمبر هوندا ۽ اُهو حڪم ڪميشن دوارا پيروي ڪرڻ وارو سرشتو صاف ڄاڻائيندو.

(۲) ڪميشن جو فرض ٿيندو تہ راشٽرپتيءَ کي هينين بابتن جي باري ۾ سفارشون ڪري-

(اَ) سنگھ جي سرڪاري پريوجن لاءِ هندي ٻولي وڌيڪ ۽ وڌيڪ ڪم آڻڻ؛

(ب) سنگھ جي سرڪاري پريوجنن مان سڀني يا ڪن لاءِ انگريزي ٻوليءَ جي ڪم آڻڻ تي پائبنديون؛

(ٻ) اَنوڇيد ۳۴۸ ۾ ذڪر ڪيل پريوجنن مان سڀني يا ڪن لاءِ ڪم آڻڻ جي ٻولي؛

(پ) سنگھ جي هڪ يا وڌيڪ ڄاڻايل پريوجنن لاءِ ڪم آڻڻ وارو انگن جو روپ؛

(ڀ) سنگھ جي سرڪاري ٻولي ۽ سنگھ ۽ راڄيہ وچ يا هڪ راڄيہ ۽ ٻئي وچ لکپڙھ جي ٻولي ۽ اُنهن جي ڪم آڻڻ بنسبت راشٽرپتيءَ دوارا ڪميشن جي حوالي ڪيل ٻي ڪا بابت.

(۳) فقري (۲) هيٺ پنهنجون سفارشون ڪرڻ ۾ ڪميشن ڀارت جي اُديوگڪ، سڀيتڪ ۽ وگيانڪ واڌاري جو ۽ عام شيوائن بنسبت هندي نہ ڳالهائيندڙ ايراضين وارن شخصن جي نيائي دعوائن ۽ هِتن جو پورو خيال رکندي.

(۴) ٽيهن ميمبرن جي ٺهيل هڪ ڪاميٽي جوڙي ويندي جن مان ويهہ لوڪ سڀا جا ميمبر ٿيندا ۽ ڏھ راڄيہ سڀا جا ميمبر ٿيندا ۽ اُنهن جي چونڊ سلسليوار لوڪ سڀا ۽ راڄيہ سڀا جا ميمبر هڪ منتقل ووٽ ذريعي يا اَنداز عيوضيپڻي جي سرشتي موجب ڪندا.

(۵) ڪاميٽيءَ جو فرض ٿيندو تہ فقري (۱) هيٺ جوڙيل ڪميشن جون سفارشون تپاسي ۽ اُنهن تي پنهنجو رايو راشٽرپتيءَ کي رپورٽ ڪري.

(٦) اَنوڇيد ۳۴۳ ۾ چيل ڪنهن بہ ڳالھ جي باوجود، راشٽرپتي فقري (۵) ۾ نرديش ڪيل رپورٽ تي ويچار ڪرڻ بعد، اُن سڄي رپورٽ يا اُن جي ڪنهن ڀاڱي پرماڻي هدايتون جاري ڪري سگھندو.

## اَڌياءُ ٻيون

## پرادیشڪ ٻوليون

### ۳۴۵. راڄيہ جي سرڪاري ٻولي يا ٻوليون

اَنوڇيد ۳۴٦ ۽ ۳۴۷ جي اُپبنڌن جي اَڌين، راڄيہ جو وڌان منڊل قاعدي دوارا

راڄيہ ۾ ڪم ايندڙ ڪا بہ هڪ يا وڌيڪ ٻوليون يا هندي ان راڄيہ جي سڀني يا ڪن سرڪاري پريوجنن لاءِ ڪم آڻڻ جي ٻوليءَ طور اَختيار ڪري سگهندو؛

بشرطيڪ راڄيہ جو وڌان منڊل قاعدي دواران ٻيو پربند ڪري ڇيستائين، راڄيہ اندر اُنهن سرڪاري پريوجنن لاءِ انگريزي ٻولي ڪم آڻڻ چالو رهندي جن لاءِ هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اَڳ اُها ڪم آندي ويندي هُئي.

## ٣٤٦. هڪ راڄيہ ۽ ٻئي وچ يا راڄيہ ۽ سنگھ وچ لکپڙھ لاءِ سرڪاري ٻولي

سنگھ ۾ سرڪاري پريوجنن لاءِ ڪم آڻڻ لاءِ اُن وقت تسليم ٿيل ٻولي هڪ راڄيہ ۽ ٻئي وچ ۽ راڄيہ ۽ سنگھ وچ لکپڙھ لاءِ سرڪاري ٻولي ٿيندي:

بشرطيڪ جي ٻہ يا وڌيڪ راڄيہ قبول ٿين تہ اُنهن راڄين وچ لکپڙھ لاءِ هندي ٻولي سرڪاري ٻولي ٿئي تہ اُها ٻولي اَهڙي لکپڙھ لاءِ ڪم آڻي سگهبي.

## ٣٤٧. راڄيہ جي آدمشماريءَ جو هڪ حصو ڳالهائيندو هجي اُن ٻوليءَ سنبنڌي خاص پربند

اُن خيال کان گُهر ٿيڻ تي راشٽرپتي، جي ڪيس خاطري ٿئي تہ راڄيہ جي آدمشماريءَ جي چڱي چوکي پرماڻ جي مرضي آهي تہ پاڻ ڳالهائيندا هجن اَهڙي ڪا ٻولي راڄيہ دواران تسليم ٿئي، تہ هو هدايت ڪري سگهندو تہ اَهڙي ٻولي بہ اُن راڄيہ ڀر ۾ يا اُن جي ڪنهن ڀاڱي ۾ پاڻ چاٿائي اُن پريوجن لاءِ سرڪاري طرح تسليم ڪئي وڃي.

### اَڌياءُ ٽيون

### سپريم ڪورٽ، هاءِ ڪورٽن وغيرہ جي ٻولي

## ٣٤٨. سپريم ڪورٽ ۾ ۽ هاءِ ڪورٽن ۾ ۽ ائڪٽن، بلن وغيرہ لاءِ ڪم آڻڻ جي ٻولي

(١) هن ڀاڱ جي اَڳ ڏنل اُپبنڌن ۾ چيل ڪنهن بہ ڳالھ جي باوجود، جيستائين سنسد قاعدي دواران ٻيو پربند ڪري-

(اَ) سپريم ڪورٽ ۾ ۽ هرهڪ هاءِ ڪورٽ ۾ سڀ ڪارروائي انگريزي ٻوليءَ ۾ ٿيندي؛

(ب) (i) سنسد جي ٻنهي مان ڪنهن سدن ۾ يا راڄيہ جي وڌان منڊل جي سدن يا ٻنهي مان ڪنهن سدن ۾ داخل ڪرڻ وارن سڀني بلن يا اُنهن ۾ آڻڻ جا سُڌارا،

(ii) سنسد يا راڄيہ وڌان منڊل دواران پاس ڪيل سڀني ائڪٽن ۽ راشٽرپتيءَ يا راڄيہ جي راڄيپال دواران جاري ڪيل سڀني آرڊيننسن ؛ ۽

(iii) هن سنوڌان هيٺ يا سنسد يا راڄيہ وڌان منڊل دواران ٺاهيل ڪنهن قاعدي هيٺ جاري ڪيل سڀني حڪمن، نيمن، ونيمن ۽ پيٽي قاعدن

جا تسليم ٿيل مضمون انگريزي ٻوليءَ ۾ ٿيندا.

(٢) فقري (١) جي پيٽي فقري (اَ) ۾ چيل ڪنهن بہ ڳالھ جي باوجود، راڄيہ جو راڄيپال، راشٽرپتيءَ جي اَڳواٽ منظوريءَ سان، اُن راڄيہ ۾ پنهنجي مکيہ اِستان واريءَ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪارروائيءَ ۾ هندي ٻولي يا راڄيہ جي سرڪاري پريوجن لاءِ ڪم ايندڙ ٻي ڪا ٻولي ڪم آڻڻ جي اَختياري ڏيئي سگهندو :

بشرطيڪ هن فقري ۾ چيل ڪجھ بہ اَهڙيءَ هاءِ ڪورٽ جي پاس ٿيل يا ڪيل ڪنهن فتوا، ڊڪري يا حڪم سان لاڳو نہ ٿيندو.

(٣) فقري (١) جي پيٽي فقري (ب) ۾ چيل ڪنهن بہ ڳالھ جي باوجود، جتي راڄيہ جي وڌان منڊل انگريزي ٻوليءَ کانسواءِ ٻي ڪا ٻولي راڄيہ جي وڌان منڊل ۾ داخل ٿيل بلن يا اُن دواران پاس ڪيل ائڪٽن يا راڄيہ جي راڄيپال دواران جاري ڪيل آرڊيننسن ۾ يا اُن پيٽي فقري جي پئرا (iii) ۾ نرديش ڪيل ڪنهن حڪم، نيم، ونيم يا پيٽي قاعدي ۾ ڪم آڻڻ لاءِ طئہ ڪئي هجي، اُتي راڄيہ جي راڄيپال جي اَختياريءَ هيٺ اُن راڄيہ جي سرڪاري گزيٽ ۾ پرسڌ ٿيل اُن جو اَنگريزيءَ ۾ ترجمو هن اَنوڇيد هيٺ اُن جو انگريزي ٻوليءَ ۾ تسليم ٿيل مضمون سمجھيو ويندو.

## ٣٤٩. ٻوليءَ سنبنڌي ڪي قاعدا پاس ڪرڻ لاءِ خاص سرشتو

هن سنوڌان جي شروعات کان پنڌرهن سالن جي مُدت درميان، اَنوڇيد ٣٤٨ جي فقري (١) ۾ ذڪر ڪيل پريوجنن مان ڪنهن لاءِ ڪم آڻڻ جي ٻوليءَ جو پربنڌ ڪندڙ ڪو بل يا سڌارو سنسد جي ڪنهن بہ سدن ۾ راشٽرپتيءَ جي اَڳواٽ منظوريءَ کانسواءِ داخل ڪيو يا آندو نہ ويندو، ۽ راشٽرپتي اَهڙو ڪو بل داخل ڪرڻ يا سُڌارو آڻڻ لاءِ پنهنجي منظوري اَنوڇيد ٣٤٤ جي فقري (١) هيٺ جوڙيل ڪميشن جون سفارشون ۽

اُن اَنوڇيد جي فقري (۴) هيٺ جوڙيل ڪاميٽيءَ جي رپورٽ ويچار ۾ آڻڻ ڪان پوءِ ٿي ڏيندو.

## اَڌياءُ چوٿون
## خاص هدايتون

### ٣٥٠. شڪايتون دور ڪرڻ لاءِ عريضين ۾ ڪم آڻڻ جي ٻولي

هرڪو شخص ڪنهن بہ شڪايت دور ڪرڻ لاءِ سنگھ يا راڄيہ جي ڪنهن بہ عملدار يا اَختياريءَ کي سنگھ ۾ يا راڄيہ ۾، حالت اَنوسار، ڪم ايندڙ ٻولين مان ڪنهن ۾ بہ عريضي پيش ڪرڻ جو حقدار ٿيندو.

### ٣٥٠.اَلف. اِبتدائي منزل تي مادري ٻوليءَ ۾ تعليم لاءِ سهوليتون

هرڪ راڄيہ جو ۽ راڄيہ اندر هرڪ مڪاني اَختياريءَ جو اُدم ٿيندو تہ ڀاشائي ٿورائيءَ وارن گروپن جي ٻارن کي تعليم جي اِبتدائي منزل تي مادري ٻوليءَ ۾ تعليم لاءِ ڪافي سهوليتن جو پربند ڪري، ۽ جو پربند ٿئي تنهن اَهڙين سهوليتن جي خاطري ڪرڻ لاءِ راشٽرپتي ڪنهن راڄيہ کي پاڻ ضروري يا واجبي سمجهي اَهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهندو.

### ٣٥٠.ب. ڀاشائي ٿورائيءَ وارن لاءِ خاص عملدار

(١) ڀاشائي ٿورائيءَ وارن لاءِ خاص عملدار ٿيندو جنهن کي راشٽرپتي مقرر ڪندو.

(٢) خاص عملدار جو فرض ٿيندو تہ هن سنوڌان هيٺ ڀاشائي ٿورائيءَ وارن لاءِ پربند ٿيل بچاون سنبنڌي سڀني بابتون تپاسي ۽ راشٽرپتي هدايت ڪري اَهڙن عرصن جي وٿيءَ تي راشٽرپتيءَ کي اُنهن بابتن تي رپورٽ ڪري، ۽ راشٽرپتي اَهڙيون سڀ رپورٽون سنسد جي هر سدن اَڳيان رکائيندو ۽ واسطيدار راڄين جي سرڪارين کي موڪلرائيندو.

### ٣٥١. هندي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ هدايت

سنگھ جو فرض ٿيندو تہ هندي ٻوليءَ جي ڦهلاءُ کي زور وٺائي، اُن جو واڌارو ڪري جيئن اُها ڀارت جي مِلي جُلي سڀيتا جي سڀني جُزن جي اظهار لاءِ ذريعي طور

ڪم ڏئي ۽ اُن جي پاءَ سان دست اَندازي ڪرڻ ڪانسواءِ هندستانيءَ ۾ ۽ اَٿين اَنوسوچيءَ ۾ جاڳايل ڀارت جي ٻين ٻولين ۾ ڪم ايندڙ روُپ، عبارت ۽ محاورن کي جذب ڪري ۽ اُنجي شبد ڀنڊار لاءِ جتي بہ ضروري يا صلاح ڀريو هجي اُتي مکيہ طرح سنسڪرت ۽ ٻئين نمبر ۾، ٻين ٻولين جا لفظ کڻي اُنکي مالا مال ڪرڻ جو رستو ڪري.

# مشڪل حالت بابت پربنڌ

## ٣٥٢. مشڪل حالت جو اعلان

(١) جي راشٽرپتيءَ کي خاطري ٿئي تہ گنڀير مشڪل حالت آهي جنهن جي ڪري ڀارت جي يا اُن جي ڪيتر جي ڪنهن ڀاڱي جي سلامتي، لڙائيءَ يا ٻاهرئين حملي يا هٿيار بند بلوي ڪري، خطري ۾ آهي، تہ هو اَعلان دواران سڄي ڀارت لاءِ يا اُن جي ڪيتر جي اَهڙي ڀاڱي لاءِ جيڪو اَعلان ۾ ڄاڻايل هجي ، اُن مطلب جي پڌرائي ڪري سگهندو.

سمجهاڻي - مشڪل حالت جو اَهڙو اَعلان، جنهن ۾ اِها پڌرائي ڪئي وڃي تہ ڀارت يا اُن جي ڪنهن ڀاڱي جي سلامتيءَ کي لڙائيءَ يا ٻاهرئين حملي يا هٿيار بند بلوي جو خطرو آهي، لڙائي يا اَهڙو ڪو حملو يا بلوو سچ پچ ٿيڻ کان اَڳ ٿي سگهندو، جي راشٽرپتيءَ کي خاطري ٿئي تہ اُن جي ٿيڻ جو خطرو تمام نزديڪ آهي.

(٢) فقري (١) هيٺ جاري ڪيل اَعلان ۾ پوءِ جي اَعلان دواران ڦيرقار ڪري يا اُن کي واپس ورتي سگهبو.

(٣) راشٽرپتي فقري (١) هيٺ ڪو اَعلان يا اَهڙي اَعلان ۾ ڦيرقار ڪندڙ اعلان تيستائين نہ جاري ڪندو جيستائين سنگهہ جي منتري پريشد (يعنيٰ تہ اَنوڇيد ٧٥ هيٺ مقرر ڪيل پردان منتري ۽ ٻين ڪئبينيٽ درجي جي منترين جي تعيل پريشد) جو فيصلو تہ اَهڙو اَعلان جاري ڪيو وڃي، ڪيس لکيت ۾ ڄاڻايو ويو هُجي.

(٤) هن اَنوڇيد هيٺ جاري ڪيل هرڪو اَعلان سنسد جي هرهڪ سدن اَڳيان رکيو ويندو ۽، سواءِ تہ اُهو اَڳئين اَعلان کي واپس وٺندڙ اَعلان هُجي، هڪ مهنو گذرڻ تي عمل ۾ رهڻ بند ٿيندو، اُن مدت پوري ٿيڻ کان اَڳہ سنسد جي ٻنهي سدنن جي ٺهراءَ دواران اُهو بحال نہ ڪيو ويو هُجي تہ:

بشرطيڪ جي اَهڙو ڪو اَعلان جو ( اَڳئين اَعلان کي واپس وٺندڙ نہ آهي) اَهڙي وقت جاري ٿيو هجي جڏهن لوڪ سڀا برخاست ڪئي ويئي آهي، يا هن فقري ۾ نرديش ڪيل هڪ مهني جي مُدت درميان لوڪ سڀا برخاست ٿئي، ۽ جي راجيہ سڀا دواران اَعلان کي بحال ڪندڙ ٺهراءُ پاس ڪيو ويو آهي، پر اُها مُدت پوري ٿيڻ کان اَڳہ لوڪ سڀا دواران اَهڙي اَعلان بنسبت ڪو ٺهراءُ پاس نہ ٿيو آهي، تہ لوڪ سڀا جي نئين

سر جڙڻ کان پوءِ پهرين بئٺک ٿيڻ جي تاريخ کان ڇهه ڏينهن گذرڻ تي اَعلان عمل ۾ رهڻ بند ٿيندو، ڇهن ڏينهن جي اُها مُدت پوري ٿيڻ کان اَڳ لوڪ سڀا دوارا پڻ اَعلان کي بحال ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس نہ ڪيو ويو هُجي تہ.

(۵) اِئين بحال ٿيل اَعلان، واپس نہ ورتو وڃي تہ فقري (۴) هيٺ اَعلان بحال ڪندڙ ٺهرائن مان بيون پاس ٿيڻ جي تاريخ کان ڇهن مهنن جي مُدت پوري ٿيڻ تي عمل ۾ رهڻ بند ٿيندو:

بشرطيڪ جي ۽ جيترا ڀيرا اُهو اَعلان عمل ۾ چالو رهڻ جي بحاليءَ جو ٺهراءُ سنسد جي ٻنهي سدنن دوارا پاس ٿئي تہ اوترا ڀيرا اَعلان، واپس نہ ورتو وڃي تہ هن فقري هيٺ جنهن تاريخ تي اُهو ٻيءَ حالت ۾ عمل ۾ رهڻ بند ٿئي ها اُن کان ڇهن مهنن جي ٻيءَ مُدت لاءِ عمل ۾ چالو رهندو؛

وڌيڪ بشرطيڪ جي لوڪ سڀا جي برخاستگي ڇهن مهنن جي اَهڙيءَ ڪنهن مُدت درميان ٿئي ۽ راجيہ سڀا دوارا اُن اعلان جو عمل ۾ چالو رهڻ جي بحاليءَ جو ٺهراءُ پاس ٿيو آهي پر اُن مُدت درميان لوڪ سڀا دوارا اُهو اَعلان چالو رهڻ بنسبت ڪو ٺهراءُ پاس نہ ٿيو آهي، تہ لوڪ سڀا جي نئين سر جُڙڻ کانپوءِ پهرين بئٺک ٿيڻ جي تاريخ کان ڇهه ڏينهن گذرڻ تي اَعلان عمل ۾ رهڻ بند ٿيندو، ڇهن ڏينهن جي اُها مُدت پوري ٿيڻ کان اَڳ لوڪ سڀا دوارا پڻ اَعلان کي بحال ڪرڻ جو ٺهراءُ نہ پاس ڪيو ويو هُجي تہ.

(٦) فقري (۴) ۽ (۵) جي پريوجن لاءِ سنسد جي هرهڪ سدن دوارا ٺهراءُ فقط اُن سدن جي ڪل ميمبرن جي گهٽائيءَ دوارا ۽ اُن سدن جي حاضر ۽ ووٽ ڪندڙ ميمبرن جي ٻہ ڀاڱي ٽي کان گهٽ نہ اَهڙي گهٽائيءَ دوارا پاس ڪري سگهبو.

(٧) مٿين فقرن ۾ چيل ڪجھ بہ هُئڻ جي باوجود، جي لوڪ سڀا فقري (١) هيٺ جاري ڪيل اَعلان يا اَهڙي اَعلان ۾ قيرقار ڪندڙ اَعلان نا بحال يا حالت اَنوسار اُنجو عمل ۾ چالو رهڻ نابحال ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ڪري تہ راشٽرپتي اَعلان واپس وٺندو.

(٨) فقري (١) هيٺ جاري ڪيل اَعلان يا اَهڙي اَعلان ۾ قيرقار ڪندڙ اَعلان، نابحال ڪرڻ يا، حالت اَنوسار، اُنجي عمل ۾ چالو رهڻ کي نابحال ڪرڻ جو ٺهراءُ آڻڻ لاءِ پنهنجي اِرادي جو نوٽيس لوڪ سڀا جي ميمبرن جي سنکيا جي گهٽ ۾ گهٽ ڏهين ڀاڱي دوارا صحيح ڪيل لکيت ۾ -

(اَ) جي سدن اِجلاس ۾ آهي تہ اسپيڪر کي؛ يا

(ب) جي سدن اِجلاس ۾ نہ آهي تہ راشٽرپتيءَ کي، ڏنو ويو هجي تہ اَهڙي ٺهراءَ تي ويچار ڪرڻ جي پريوجن لاءِ سدن جي خاص بئٺک اِسپيڪر يا حالت اَنوسار،

راشٽرپتيءَ کي اهڙو نوٽيس ملڻ جي تاريخ کان چوڏهن ڏينهن جي اندر ڪئي ويندي.

(۹) هن اُنوچيد دوارن راشٽرپتيءَ کي بخشيل اختيار ۾ لڙائي يا ٻاهرين حملي يا هٿيار بند بلوي يا لڙائي يا ٻاهرين حملي يا هٿيار بند بلوي جي تمام نزديڪ هئڻ جي خطري هئڻ جي جدا جدا سببن ڪري جدا جدا اعلان جاري ڪرڻ جو اختيار اچي وڃي ٿو، چاهي راشٽرپتيءَ فقري (۱) هيٺ اڳ ڪو اعلان جاري ڪيو هجي يا نه ۽ اهڙو اعلان عمل ۾ هجي يا نه.

## ۳۵۳. مشڪل حالت جي اعلان جو اثر

جيستائين مشڪل حالت جو اعلان عمل ۾ هجي تيستائين-

(اَ) هن سنوڌان ۾ چيل ڪنهن به ڳالهه جي باوجود، سنگهه جو ڪاروباري اختيار ڪنهن به راڄيه کي انهيءَ جو ڪاروباري اختيار ڪهڙي نموني استعمال ڪيو وڃي تنهن بابت هدايتون ڏيڻ تائين پهچندو.

(ب) سنسد جي ڪنهن به وشيه بنسبت قاعدا ٺاهڻ جي اختيار ۾ اُن وشيه بنسبت سنگهه کي يا سنگهه جي عملدارن ۽ اختيارين کي اختيار بخشڻ ۽ مٿن فرض مڙهڻ يا اختيار بخشڻ ۽ فرض مڙهڻ جو اختيار ڏيڻ جا قاعدا ٺاهڻ جو اختيار اچي ويندو، باوجود اِن جي ته اُهو وشيه اهڙو آهي جو سنگهه لسٽ ۾ شمار ڪيل نه آهي :

بشرطيڪ جتي مشڪل حالت جو اعلان ڀارت جي ڪيتر جي فقط ڪنهن ڀاڱي ۾ عمل ۾ هجي اُتي -

(i) فقري (اَ) هيٺ سنگهه جو هدايتون ڏيڻ جو ڪاروباري اختيار، ۽

(ii) فقري (ب) هيٺ سنسد جو قاعدا ٺاهڻ جو اختيار،

جنهن راڄيه يا جنهن جي ڀاڱي ۾ مشڪل حالت جو اعلان عمل ۾ آهي اُن کانسواءِ ٻئي ڪنهن راڄيه تائين به پهچندو، جي ۽ جيتري قدر ڀارت يا اُن جي ڪيتر جي ڪنهن ڀاڱي جي سلامتيءَ کي ڀارت جي ڪيتر جي جنهن ڀاڱي ۾ مشڪل حالت جو اعلان عمل ۾ آهي، اُن ۾ يا اُن سنبنڌي سرگرمين دوارن خطرو آهي.

## ۳۵۴. مشڪل حالت جو اعلان عمل ۾ هجي تيسين آمدنيءَ جي ورڇ سنبنڌي پربنڌن جو لاڳو هئڻ

(۱) مشڪل حالت جو اعلان عمل ۾ هجي تڏهن راشٽرپتي حڪم دوارن هدايت ڪري سگهندو ته اُن حڪم ۾ ڄاڻايل مُدت لاءِ جا ڪنهن به حالت ۾ جنهن مالي سال

۾ اَهڙو اَعلان عمل ۾ رهڻ بند ٿئي تنهن جي پوري ٿيڻ کان ٻاهر نہ وڃي، اَنوڇيد ٢٦٨ کان ٢٧٩ جا سڀ يا اُنهن مان ڪي اُپٻنڌ هو نيڪ سمجهي اَهڙن اَپوادن يا ڦيرڦارين جي اَڏين اَثرائتا ٿيندا.

(٢) فقري (١) هيٺ ڪيل هرڪو حڪم ڪرڻ کان پوءِ ٿي سگهي اوترو جلد، سنسد جي هرهڪ سدن اَڳيان رکيو ويندو.

## ٣٥٥. ٻاهرين حملي ۽ اندروني وڳوڙ کان راڄين جو بچاءُ ڪرڻ جو سنگهه جو فرض

سنگهه جو فرض ٿيندو تہ هرڪنهن راڄيہ جو ٻاهرئين حملي ۽ اندروني وڳوڙ کان بچاءُ ڪري ۽ خاطري ڪري تہ هرڪنهن راڄيہ جي سرڪار هن سنوڌان جي اُپٻنڌن پرماڻي هلائي وڃي ٿي.

## ٣٥٦. راڄين ۾ سنوڌانڪ تنتر ناڪام پوڻ جي حالت ۾ پرٻنڌ

(١) راشٽرپتيءَ کي جي راڄيہ جي راڄيپال جي رپورٽ ملڻ تي يا ٻئي نموني خاطري ٿئي تہ اَهڙي حالت پيدا ٿي آهي جنهن ۾ راڄيہ جي سرڪار هن سنوڌان جي اُپٻنڌن پرماڻي هلائي نٿي سگهجي، تہ راشٽرپتي اَعلان دوارا-

(اَ) راڄيہ سرڪار جا سڀ ڪرتب يا اُنهن مان ڪي، ۽ راڄيپال جي يا راڄيہ جي وڌان منڊل کانسواءِ راڄيہ جي ڪنهن سنسٿا يا اَختياريءَ جي حوالي ڪيل يا اُنهن جي اِستعمال ڪرڻ جوڳا سڀ اَختيار يا اُنهن مان ڪي، پاڻ کڻي سگهندو؛

(ب) ظاهر ڪري سگهندو تہ راڄيہ جي وڌان منڊل جا اَختيار سنسد دوارا يا اُنجي اَختياريءَ هيٺ اِستعمال ڪرڻ جوڳا ٿيندا؛

(پ) اَعلان جي اُديشن کي اَثرائتو ڪرڻ لاءِ راشٽرپتيءَ کي ضروري يا صلاح پريا لڳن اَهڙا پرسنگڪ ۽ پريڻامڪ پرٻنڌ، راڄيہ ۾ ڪنهن سنسٿا يا اَختياريءَ سنٻنڌي هن سنوڌان جي اُپٻنڌن جي عمل کي سڄو يا ٿورو موقوف رکڻ جي پرٻنڌن سميت ڪري سگهندو :

بشرطيڪ هن فقري ۾ ڄيل ڪجهہ بہ راشٽرپتيءَ کي اَهڙي اَختياري نہ ڏيندو تہ هاءِ ڪورٽ جي حوالي ڪيل يا اِستعمال ڪرڻ جوڳن اَختيارن مان ڪي پاڻ کڻي وٺي، يا هاءِ ڪورٽن سنٻنڌي هن سنوڌان جي ڪنهن اُپٻنڌ جي عمل کي سڄو يا ٿورو موقوف رکي.

(٢) اَهڙو ڪو اَعلان پوءِ جي اَعلان دواران واپس وٺي يا اُن ۾ ڦيرڦار ڪري سگهبو.

(٣) هن اَنوڇيد هيٺ هرڪو اَعلان سنسد جي هرهڪ سدن اَڳيان رکيو ويندو ۽ سواءِ تہ اُهو اَڳئين اَعلان کي واپس وٺندڙ اَعلان هجي، ہ مهنا گذرڻ تي عمل ۾ رهڻ بند ٿيندو، سنسد جي ٻنهي سدنن جي ٺهراءَ دواران اُهو بحال نہ ڪيو ويو هجي تہ:

بشرطيڪ جي اَهڙو ڪو اعلان (جو اَڳئين اَعلان کي واپس وٺندڙ نہ آهي) اَهڙي وقت جاري ٿيو هجي جڏهن لوڪ سڀا برخاست ڪئي ويئي آهي، يا هن فقري ۾ نرديش ڪيل ٻن مهنن جي مدت درميان لوڪ سڀا برخاست ٿئي ۽ جي راجيہ سڀا دواران اَعلان کي بحال ڪندڙ ٺهراءُ پاس ڪيو ويو آهي، پر اُن مُدت جي پوري ٿيڻ کان اَڳ لوڪ سڀا دواران اَهڙي اَعلان بنسبت ڪو ٺهراءُ پاس نہ ٿيو آهي، تہ لوڪ سڀا جي نئين سر جُڙڻ کان پوءِ پهرين ٻئنڪ ٿيڻ جي تاريخ کان ٽيهہ ڏينهن گذرڻ تي اَعلان جو عمل ۾ رهڻ بند ٿيندو، تيهن ڏينهن جي اُها مُدت پوري ٿيڻ کان اَڳ لوڪ سڀا دواران پڻ اَعلان کي بحال ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس نہ ڪيو ويو هجي تہ.

(٤) اِئين بحال ٿيل اَعلان، واپس نہ ورتو وڃي تہ اَعلان جي جاري ٿيڻ جي تاريخ کان ڇهن مهنن جي مُدت پوري ٿيڻ تي عمل ۾ رهڻ بند ٿيندو :

بشرطيڪ جي ۽ جيترا ڀيرا اَهڙو اَعلان عمل ۾ چالو رهڻ جي بحاليءَ جو ٺهراءُ سنسد جي ٻنهي سدنن دواران پاس ٿئي تہ اوترا ڀيرا اَعلان، واپس نہ ورتو وڃي تہ، هن فقري هيٺ جنهن تاريخ تي اُهو ٻيءَ حالت ۾ عمل ۾ رهڻ بند ٿئي ها، اُن کان ڇهن مهنن جي ٻيءَ مُدت لاءِ چالو رهندو، پر اَهڙو ڪو اَعلان ڪنهن بہ حالت ۾ ٽن سالن کان وڌيڪ عمل ۾ نہ رهندو :

وڌيڪ بشرطيڪ جي لوڪ سڀا جي برخاستگي ڇهن مهنن جي اَهڙيءَ ڪنهن مُدت درميان ٿئي ۽ راجيہ سڀا دواران اُن اَعلان جو عمل ۾ چالو رهڻ جي بحاليءَ جو ٺهراءُ پاس ٿيو آهي پر اُن مدت درميان لوڪ سڀا دواران اُهو اَعلان چالو رهڻ بنسبت ڪو ٺهراءُ پاس نہ ٿيو آهي، تہ لوڪ سڀا جي نئين سر جُڙڻ کان پوءِ پهرين ٻئنڪ ٿيڻ جي تاريخ کان ٽيهہ ڏينهن گذرڻ تي اَعلان عمل ۾ رهڻ بند ٿيندو، تيهن ڏينهن جي اُها مُدت پوري ٿيڻ کان اَڳ لوڪ سڀا دواران پڻ اَعلان کي بحال ڪرڻ جو ٺهراءُ نہ پاس ڪيو ويو هجي تہ :

بشرطيڪ ان جي بہ تہ پنجاب راجيہ بابت تاريخ ١١ مئي ١٩٨٧ع تي فقري ا هيٺ ڪيل اعلان جي حالت ۾ هن فقري جي پهرئين پرنتوڪ ۾ 'ٽن سالن' لاءِ ڪيل نرديش جو اَئين مطلب ڪڍيو ويندو تہ ڇڻ اهو 'پنج سال' لاءِ نرديش آهي.

(ب) راشٽرپتيءَ لاءِ جائز ٿيندو تہ، لوڪ سڀا اَجلاس ۾ نہ هجي تڏهن راڄيہ جي سنچت نڌيءَ مان سنسد دوارا آهڙو خرچ منظور ٿيڻ تائين، خرچ جي اَختياري ڏئي.

(٢) سنسد يا راشٽرپتيءَ يا فقري (١) جي پيٽي فقري (اَ) ۾ نرديش ڪيل ٻيءَ اَختياريءَ دواران راڄيہ جي وڌان منڊل جي اَختيار جي اِستعمال ۾ ٺاهيل ڪو قاعدو جو اَنوڇيد ٣٥٦ هيٺ اَعلان جاري ٿيڻ کانسواءِ سنسد يا راشٽرپتيءَ يا ٻي اَهڙي اَختياريءَ لاءِ ٺاهڻ جائز نہ هُجي ها، اَعلان عمل ۾ هئڻ بند ٿيڻ کان پوءِ سمرٿ وڌان منڊل يا ٻيءَ اَختياريءَ دواران ڦيرايو يا رد ڪيو يا سڌاريو نہ وڃي تيستائين عمل ۾ چالو رهندو.

## ٣٥٨. مشڪل حالتن درميان اَنوڇيد ١٩ جا اُپبنڌ موقوف رهڻ

(١) ڀارت يا اُن جي ڪيتر جي ڪنهن ڀاڱي جي سلامتيءَ کي لڙائيءَ يا ٻاهرين حملي جو خطرو آهي اِئين ظاهر ڪندڙ مشڪل حالت جو اَعلان عمل ۾ هجي تيستائين انوڇيد ١٩ ۾ چيل ڪجھ بہ ڀاڱ ٽئين ۾ وياکيل راڄيہ جي اَختيار کي ڪو قاعدو ٺاهڻ يا ڪو ڪاروباري قدم جيڪو اُن ڀاڱ ۾ سمايل اُپبنڌن نہ هئڻ جي حالت ۾ راڄيہ ٺاهڻ يا کڻڻ لاءِ سمرٿ هجي ان تي پابندي نہ وجهندو، پر اِئين ٺاهيل ڪو بہ قاعدو، اَسمرٿيءَ جي حد تائين جئين ئي اَعلان عمل ۾ هئڻ بند ٿئي تئين اَثرائتو ٿيڻ بند ٿيندو، سواءِ قاعدو اِئين اَثرائتو ٿيڻ بند ٿيڻ کان اَڳ ڪيل يا ڪرڻ ڇڏي ڏنل ڳالهين بنسبت :

بشرطيڪ اَهڙو مشڪل حالت جو اَعلان ڀارت جي ڪيتر جي فقط ڪنهن ڀاڱي ۾ عمل ۾ هجي تہ هن اَنوڇيد هيٺ ڪنهن راڄيہ يا سنگھ ڪيتر سنبنڌي يا اُن ۾ جنهن ۾ يا جنهن جي ڪنهن ڀاڱي ۾ مشڪل حالت جو اَعلان عمل ۾ نہ آهي ڪو بہ اَهڙو قاعدو ڪري سگھبو ۽ ڪوبہ اَهڙو ڪاروباري قدم کڻي سگھبو،جي ۽ جيتري قدر ڀارت يا اُن جي ڪيتر جي ڪنهن ڀاڱي جي سلامتيءَ کي، مشڪل حالت جو اَعلان عمل ۾ هجي اَهڙي ڀارت جي ڪيتر جي ڀاڱي ۾ يا اُن سنبنڌي سرگرمين دواران خطرو آهي.

(٢) فقري (١) ۾ چيل ڪجھ بہ لاڳو نہ ٿيندو -

(اَ) ڪنهن قاعدي سان جنهن ۾ اَهڙي مطلب جو ورنن درج ٿيل نہ آهي تہ اُهو ڪيو ويو تڏهن عمل ۾ مشڪل حالت جي اَعلان سنبنڌي اُهو قاعدو آهي، يا

(ب) ڪنيل ڪنهن ڪاروباري قدم سان جو اَهڙو ورنن درج ٿيل قاعدي هيٺ

راشٽرپتي ضروري ۽ ڪافي سمجهي اُهڙيون ٻيون هدايتون ڏئي.

(۴) هن سنوڌان ۾ ڇيل ڪنهن بہ ڳالهہ جي باوجود-

(اَ) اُهڙي ڪنهن هدايت ۾ اَچي سگهندو-

(i) راڄيہ جي ڪاروبار سنبنڌي نوڪري ڪندڙ سڀني شخصن يا اُنهن مان ڪنهن ورگ جي پگهارن ۽ ڀتن گهٽائڻ جو پربنڌ؛

(ii) اُهڙي تقاضا ڪندڙ پربنڌ تہ سڀ ناڻا بل يا ٻيا بل جن کي اَنوڇيد ۲۰۷ جا اُپبنڌ لاڳو پون اُهي راڄيہ جي وڌان منڊل دواران پاس ٿيڻ کان پوءِ راشٽرپتيءَ جي ويچارڻ لاءِ محفوظ رکيا وڃن؛

(ب) هن اَنوڇيد هيٺ جاري ڪيل ڪو اَعلان عمل ۾ هجي اُن مُدت درميان راشٽرپتيءَ لاءِ جائز ٿيندو تہ سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽن جي ججن سميت، سنگهہ جي ڪاروبار سنبنڌي نوڪري ڪندڙ سڀني شخصن يا اُنهن مان ڪنهن ورگ جي پگهارن ۽ ڀتن گهٽائڻ لاءِ هدايتون جاري ڪري.

# پرچورڻ

## ٣٦١. راشٽرپتي ۽ راجيپالن ۽ راجپرمکن جو بچاءُ

(١) راشٽرپتي، يا راجيہ جو راجيپال يا راج پرمُک پنهنجي عهدي جي اَختيارن ۽ فرضن جي اِستعمال ۽ بجا آوريءَ لاءِ يا اُنهن اَختيارن ۽ فرضن جي استعمال ۽ بجا آوريءَ ۾ ڪيل يا اُن مطلب سان ڪيل ڪنهن ڪاريہ لاءِ ڪنهن بہ ڪورٽ ڏانهن جوابدار نہ رهندو :

بشرطيڪ جي سنسد جي ڪنهن بہ سدن دواران اَنوڇيد ٦١ هيٺ ڪنهن تهمت جي جاچ لاءِ مقرر ٿيل يا نامزد ڪيل ڪابہ ڪورٽ، ٽربيونل يا سنستا راشٽرپتيءَ جي هلت جي نظرثاني ڪري سگهندي :

وڌيڪ بشرطيڪ هن فقري ۾ ڇيل ڪنهن بہ ڳالھ جو اهو مطلب نہ ڪڍيو ويندو تہ اُهو ڪنهن بہ شخص جو ڀارت سرڪار يا ڪنهن راجيہ سرڪار خلاف مناسب ڪارروائي ڪرڻ جي حق تي پابندي وجهي ٿو.

(٢) راشٽرپتي يا راجيہ جي راجيپال خلاف سندس عهدي جي مُدي درميان ڪنهن بہ ڪورٽ ۾ ڪنهن بہ قسم جي فوجداري ڪارروائي داخل ڪئي يا چالو رکي نہ ويندي.

(٣) راشٽرپتيءَ يا راجيہ جي راجيپال جي گرفتاريءَ يا قيد ڪرڻ لاءِ سندس عهدي جي مدي درميان ڪنهن بہ ڪورٽ طرفان ڪوبہ حڪم نامو جاري نہ ٿيندو.

(٤) راشٽرپتيءَ يا راجيہ جي راجيپال طريقي پنهنجو عهدو اَختيار ڪرڻ کان اَڳ چاهي پوءِ هن جي شخصي حيثيت ۾ ڪيل يا اُن مطلب سان ڪيل ڪنهن ڪاريہ بنسبت ڪا بہ ديواني ڪارروائي، جنهن ۾ راشٽرپتيءَ يا اُن راجيہ جي راجيپال خلاف ڪا داد رسي گهري وڃي ۽ هن جي عهدي جي مدي درميان ڪنهن بہ ڪورٽ ۾ تيسين داخل نہ ڪئي ويندي جيسين ڪارروائيءَ جو قسم، اُن لاءِ مقدمي جو ڪارڻ، جنهن شخص دواران اُها ڪارروائي داخل ڪرڻي هجي اُن جو نالو، ورنن، رهڻ جي جاءِ ۽ هن جي گهربل داد رسي جاڻائڻ وارو لکيت ۾ نوٽيس راشٽرپتي يا راجيپال کي، حالت اَنوسار پهچائڻ يا هُن جي آفيس ۾ ڇڏڻ کان پوءِ بہ مهنا نہ گذريا هجن.

## ٣٦١.اَلف سنسد ۽ راجيہ وڌان منڊلن جي ڪارروائين جي شايع ٿيڻ جو بچاءُ

(١) ڪو بہ شخص سنسد جي ڪنهن سدن يا راجيہ جي وڌان سڀا يا حالت اَنوسار، ٻنهي مان ڪنهن بہ سدن جي ڪن بہ ڪارروائين جي چڱي چوکي سچي رپورٽ جي ڪنهن اَخبار ۾ شايع ٿيڻ بنسبت ڪنهن ڪورٽ ۾ ڪنهن ديواني يا فوجداري ڪارروائيءَ لاءِ ٽيسٽائين جوابدار نہ ٿيندو جيسٽائين اِهو ثابت نہ ٿيو آهي تہ اُها بد نيت سان شايع ڪيل آهي:

بشرطيڪ هن فقري ۾ چيل ڪجھ بہ سنسد جي ٻنهي مان ڪنهن سدن يا راجيہ جي وڌان منڊل جي وڌان سڀا يا، حالت اَنوسار، ٻنهي مان ڪنهن سدن جي گپت بيٺڪ جي ڪارروائيءَ جي رپورٽ شايع ڪرڻ سان لاڳو نہ پوندو.

(٢) فقري (١) پرسارڻ ڪيندر دواران ميسر ڪيل ڪنهن پروگرام يا شيوا جي حصي طور تند بنان تار ذريعي پرسارت ڪيل رپورٽن يا وشيہ جي سنبنڌ ۾ اِئين لاڳو پوندو جئين اُهو ڪنهن اَخبار ۾ شايع ٿيل رپورٽن يا وشين سنبنڌي لاڳو پوي ٿو.

سمجھاڻي- هن اَنوڇيد ۾ ’اَخبار‘ ۾ سماچار ايجنسيءَ جو اَخبار ۾ شايع ڪرڻ لاءِ سامگريءَ واري رپورٽ اَچي وڃي ٿي.

٣٦٢. x x x x

## ٣٦٣. ڪن عهد نامن، ٺاهن وغيره مان اُٿندڙ تڪرارن ۾ ڪورٽن دواران دست اندازيءَ تي بندش

(١) هن سنوڌان ۾ چيل ڪنهن بہ ڳالھ جي باوجود پر اَنوڇيد ١٤٣ جي اُپٻنڌن جي اَڌين، نہ سپريم ڪورٽ ۽ نہ ٻيءَ ڪنهن ڪورٽ کي ڪنهن بہ اَهڙي تڪرار ۾ جيڪو اهڙي عهدنامي، ٺاهہ، عهد، وچن، سَنَدَ يا اَهڙي ٻئي دستاويز جي ڪنهن پرٻنڌ مان اُٿي جيڪو هن سنوڌان جي عمل ۾ اَچڻ کان اَڳ ڏيهي رياست جي ڪنهن حاڪم دواران ڪيو ويو يا لکيو ويو هجي ۽ جنهن ۾ ڀارت ڊومينين جي سرڪار يا اُن کان اَڳ جي ڪا سرڪار ڌر هئي ۽ جو اَهڙي شروعات کان پوءِ عمل ۾ چالو رهيو هجي يا رکيو ويو هجي، يا اَهڙي ڪنهن عهدنامي، ٺاهہ، عهد، وچن، سَنَدَ يا اُن جهڙي ٻئي دستاويز سنبنڌي هن سنوڌان جي اُپٻنڌن مان ڪنهن بہ هيٺ ملندڙ ڪنهن حق يا اُن مان اُٿندڙ ڪنهن جوابداريءَ يا ذميواريءَ سنبنڌي ڪنهن تڪرار ۾ حڪومت نہ رهندي.

(٢) هن آئوچيد ۾ -

(اَ) 'ڏيهي رياست' معنيٰ هن سنوڌان جي شروعات کان اَڳ هز مئجيسٽيءَ يا پارٽ ڊومينين جي سرڪار دواران اَهڙي رياست طور ھئڻ جي مانيتا ڏنل ڪيتر ۽

(ب) 'حاڪم' ۾ اَهڙي شروعات کان اَڳ هز مئجيسٽيءَ يا پارٽ ڊومينين جي سرڪار دواران ڪنهن ڏيهي رياست جو حاڪم طريقي مانيہ ڪيل پرنس، چيف يا ٻيو شخص اَچي وڃي ٿو.

## ٣٦٣.اَلف. ڏيهي رياستن جي حاڪمن کي ڏنل مانيتا بند ٿيڻ ۽ پروي پرس ختم ڪرڻ

هن سنوڌان ۾ اُن وقت عمل ۾ ٻئي ڪنهن قاعدي ۾ ڪجھ بہ ھئڻ جي باوجود-

(اَ) پرنس، چيف يا ٻيو شخص جنهن کي سنوڌان (چوويھون سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٧١، جي شروعات کان اَڳ ڪنهن وقت راشٽرپتيءَ دواران ڏيهي رياست جو حاڪم طريقي مانيہ ڪيو ويو هو يا ڪو شخص جنهن کي اَهڙيءَ شروعات کان اَڳ ڪنهن وقت راشٽرپتيءَ دواران اَهڙي حاڪم جو اُتر اَڌڪاري طريقي مانيہ ڪيو ويو هو اُهو، اَهڙيءَ شروعات تي ۽ اُن کان، اَهڙو حاڪم يا اَهڙي حاڪم جو اُتر اَڌڪاري طريقي مانيہ ٿيل بند ٿيندو.

(ب) سنوڌان (چوويھون سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٧١، جي شروعات تي ۽ اُن کان، پروي پرس ختم ڪجي ٿو ۽ پروي پرس بنسبت سڀ حق، جوابداريون ۽ ذميواريون نابود ڪجن ٿيون ۽ اُنهيءَ موجب، فقري (اَ) ۾ نرديش ڪيل حاڪم يا حالت اَنوسار اَهڙي حاڪم جي اُتر اَڌڪاري، يا ٻئي شخص کي ڪا بہ رقم پروي پرس طور نہ ڏني ويندي.

## ٣٦٤. وڏن بندرن ۽ هوائي اَڏن بابت خاص پربنڌ

(١) هن سنوڌان ۾ چيل ڪنهن بہ ڳالھ جي باوجود، راشٽرپتي عام ظاهرنامي دواران هدايت ڪري سگھندو تہ اُن ظاهر نامي ۾ جاڻايل هجي اُن تاريخ کان-

(اَ) سنسد دواران يا راڄيہ جي وڌان منڊل دواران ٺاهيل ڪو بہ قاعدو ڪنهن بہ وڏي بندر يا هوائي اَڏي سان لاڳو نہ ٿيندو يا ظاهرنامي ۾ جاڻايا وڃن اُنهن اَپوادن يا ڦيرقارين جي اَڌين اُنهن سان لاڳو ٿيندو، يا

(ب) ڪو بہ موجوده قاعدو سواءِ اُن تاريخ کان اَڳ ڪيل يا ڇڏي ڏنل ڳالھين بنسبت ڪنهن بہ وڏي بندر يا هوائي اَڏي سان اَثرائتو ٿيڻ بند ٿيندو يا اَهڙي بندر

يا هوائي اَڏي سان لاڳو ٿيڻ ۾ ظاهرنامي ۾ ڄاڻايا وڃن اُنهن اُپوادن يا ڦيرقارين جي اَڏين اَثرائتو ٿيندو.

(٢) هن اَنوڇيد ۾ -

(اَ) 'وڏو بندر' جي معنيٰ آهي سنسد دواران ڪيل ڪنهن قاعدي يا ڪنهن موجوده قاعدي دواران يا هيٺ وڏو بندر هئڻ ظاهر ٿيل بندر ۽ اُن ۾ اَهڙي بندر جي حدن اَندر اُن وقت سمايل سڀئي ايراضيون اَچي وڃن ٿيون.

(ب) 'هوائي اَڏو' جي معنيٰ آهي هوائي رستن، هوائي جهازن ۽ هوائي جهازراني سنبنڌي قاعدن جي پريوجن لاءِ وياکيا ڏنل هوائي اَڏو.

## ٣٦٥. سنگهہ دواران ڏنل هدايتن جي پيروي ڪرڻ يا اُنهن جو عمل ڪرڻ ۾ ڪُسڻ جو نتيجو

جي ڪوبہ راڄيہ هن سنوڌان جي اُپبنڌن مان ڪنهن هيٺ سنگهہ جي عملي اَختيار جي اِستعمال ۾ ڏنل ڪن هدايتن جي پيروي ڪرڻ ۾ يا اُنهن جو عمل ڪرڻ ۾ ڪُٿو آهي تہ راشٽرپتيءَ لاءِ ائين قاعدي موجب ٿيندو تہ نهرائي تہ اَهڙي حالت پيدا ٿي آهي جنهن ۾ راڄيہ جي سرڪار هن سنوڌان جي اُپبنڌن پرماڻي هلائي نہ ٿي سگهجي.

## ٣٦٦. وياکيائون

هن سنوڌان ۾، سواءِ تہ مضمون بي تقاضا ڪري هيٺين محاورن جي معنيٰ سلسليوار هيٺ ڏنل موجب آهي، يعنيٰ تہ -

(١) 'ڪيتيءَ جي آمدني' معنيٰ پارتيہ انڪم ٽئڪس سنبنڌي قاعدن جي پريوڄن لاءِ ڏنل وياکيا موجب ڪيتيءَ جي آمدني؛

(٢) ' اَئنگلو اِنڊين' معنيٰ اُهو شخص جنهن جو پيءُ يا جنهن جي مرداني سلسلي ۾ ٻيو ڪو مرد وڏو يوروپي نسل جو آهي يا هو، پر جو ڀارت جي ڪيتر اندر نواسي آهي ۽ اَهڙي ڪيتر اندر معمولي رهواسي ۽ نہ فقط عارضي مطلبن لاءِ رهيل ماءُ پيءُ مان اَهڙي ڪيتر اَندر ڄاول آهي؛

(٣) 'اَنوڇيد' معنيٰ هن سنوڌان جو اَنوڇيد؛

(٤) 'اُڌارو وٺڻ' ۾ ساليانا ڏيئي ناڻو ڪٽڻ اَچي وڃي ٿو، ۽ 'اوڌر' جو مطلب اُن پرماڻي ڪيو ويندو؛

(۱۳) ’گارنٽي‘ ۾ ڪنهن اُپڪرم جو فائدو ڪنهن ڄاڻايل رقم کان گهٽ ٿيڻ جي حالت ۾ اَدائگي ڪرڻ جي هن سنوڌان جي شروعات کان اَڳ ڪنيل ذميواري اَچي وڃي ٿي؛

(۱۴) ’هاءِ ڪورٽ‘ معنيٰ ڪابہ ڪورٽ جا ڪنهن راڄيہ لاءِ هن سنوڌان جي پريوجن لاءِ هاءِ ڪورٽ هئڻ ليکي ويئي آهي، ۽ اُن ۾ اَچي وڃي ٿي-

(اَ) هن سنوڌان هيٺ هاءِ ڪورٽ طريقي جوڙيل يا وري جوڙيل ڀارت جي کيتر ۾ ڪا ڪورٽ، ۽

(ب) ڀارت جي کيتر ۾ ٻي ڪا ڪورٽ جا سنسد دوارا قاعدي ذريعي هن سنوڌان جي سڀني يا ڪن پريوجنن لاءِ هاءِ ڪورٽ هئڻ ظاهر ڪئي وڃي؛

(۱۵) ’ڏيهي رياست‘ معنيٰ ڪو بہ کيتر جنهن کي ڀارت ڊومينين جي سرڪار اَهڙي رياست طريقي مانيہ ڪيو هجي؛

(۱۶) ’ڀاڱ‘ معنيٰ ڪنهن شخص کي يا بنسبت ڏيڻ جوڳي هن سنوڌان جو ڀاڱ؛

(۱۷) ’پينشن‘ معنيٰ ڪهڙي، ڪنهن بہ قسم جي پينشن، چاهي قانڊ واري هجي يا نہ، ۽ اُن ۾ اَچي وڃي ٿو ائين ڏيڻ جوڳو رٽائر پگهار، اِئين ڏيڻ جوڳي گرئجوئٽي ۽ پراويڊنٽ فنڊ ۾ ڀريل چندن جي واپسيءَ طور اُن تي وياج يا ٻيءَ ڪنهن واڌ يا اُن کان سواءِ ڏيڻ جوڳي ڪا رقم يا رقمون؛

(۱۸) ’مشڪل حالت جو اَعلان‘ معنيٰ اَنوڇيد ۳۵۲ جي فقري (۱) هيٺ جاري ڪيل اَعلان؛

(۱۹) ’عام ظاهر نامو‘ معنيٰ ڀارت جي گزيٽ ۾ يا، حالت اَنوسار، راڄيہ جي سرڪاري گزيٽ ۾ ظاهر نامو؛

(۲۰) ’ريلوي‘ ۾ نٿو اَچي-

(اَ) سڄو ئي ميونسپل ايراضيءَ اندر ٽرام رستو، يا

(ب) ٻيو ڪو آمدرفت جو رستو جو سڄو ئي هڪ راڄيہ اندر هجي ۽ سنسد دوارا قاعدي ذريعي ريلوي نہ هئڻ ظاهر ڪيل هجي؛

(۲۱) x x x x x

(۲۲) ’حاڪم‘ معنيٰ پرنس، چيف يا ٻيو شخص جنهن کي سنوڌان (چوويهون سڌارو) آئڪٽ، ۱۹۷۱، جي شروعات کان اَڳ ڪنهن بہ وقت راشٽرپتيءَ دوارا ڏيهي

رياست جو حاڪم طريقي مانيہ ڪيو ويو هو، يا ڪو شخص جنهن ڪي اَهڙي شروعات کان اَڳ ڪنهن بہ وقت راشٽرپتيءَ دواران اَهڙي حاڪم جو اُتر اَڌڪاري طريقي مانيہ ڪيو ويو هو؛

(٢٣) ’اَنوسوچي‘ معنيٰ هن سنوڌان جي اَنوسوچي؛

(٢٤) ’اَنوسوچت جاتيون‘ معنيٰ اُهي جاتيون، نسل يا جن جاتيون يا اُنهن جاتين، نسلن ۽ جن جاتين جا ڀاڱا يا اُنهن اندر گروپ جي اَنوڇيد ٣٤١ هيٺ هن سنوڌان جي پريوجن لاءِ اَنوسوچت جاتيون ليکيون وڃن ٿيون؛

(٢٥) ’اَنوسوچت جن جاتيون‘ معنيٰ اُهي جن جاتيون يا جن جاتي فرقا يا اُنهن جن جاتين يا جن جاتي فرقن جا ڀاڱا يا اُنهن اندر گروپ جي اَنوڇيد ٣٤٢ هيٺ هن سنوڌان جي پريوجن لاءِ اَنوسوچت جن جاتيون ليکيون وڃن ٿيون؛

(٢٦) ’سِڪيورٽيون‘ ۾ اِسٽاڪ اَچي وڃي ٿو؛

x x x x x

(٢٧) ’پيٽي فقرو‘ معنيٰ جنهن فقري ۾ اهو محاورو اَچي اُن جو پيٽي فقرو؛

(٢٨) ’ڍل وجهڻ‘ ۾ ڪابہ ڍل يا لاڳو وجهڻ چاهي اُهو عام يا مڪاني يا خاص هجي، ۽ ’ڍل‘ جو مطلب اُن پرماڻي ڪيو ويندو؛

(٢٩) ’آمدنيءَ تي ڍل‘ ۾ وڌيڪ نفعي تي ڍل جي نموني جي ڍل اَچي وڃي ٿي ؛

(٢٩.اَلف) ’مال جي وڪري يا خريديءَ تي ڍل‘ ۾ اَچي وڃي ٿي-

(اَ) روڪڙ، مهمل اَدائي يا ٻئي قيمتي عيوضي لاءِ ڪنهن مال ۾، قرار جي پوئواريءَ کان سواءِ مالڪيءَ جي بدلي تي ڍل؛

(ب) ڪم جي قرار جي تعميل ۾ ڪم ايندڙ مال (مال طريقي چاهي ٻئي ڪنهن روپ ۾) ۾ مالڪيءَ جي بدلي تي ڍل؛

(ٻ) مسواڙ- خريدي يا قسطن ذريعي پئسا ڀرڻ جي ڪنهن سرشتي موجب مال جي ڊليوري تي ڍل؛

(ڀ) روڪڙ، مهمل اَدائي يا ٻئي قيمتي عيوضي لاءِ ڪنهن پريوجن لاءِ ڪو مال ڪم آڻڻ جي حق جي بدلي (ڪنهن ڄاڻايل مُدت لاءِ هجي يا نہ) تي ڍل؛

(پ) شخصن جي اِنڪارپوريٽ ٿيل نہ هجي اَهڙي شخصن جي ڪنهن جماعت يا سنستا دوارا پنهنجي ميمبر کي روڪڙ، مهمل اَدائي يا ٻئي قيمتي عيوضي

لاءِ مال رسائڻ تي ڏل؛

(ت) ڪا شيوا طور يا اُن جي حصي طور يا ٻئي ڪهڙي بہ نموني مال، يعنيٰ تہ کاڌو يا اِنساني کاڌي لاءِ ہي ڪا شيءِ يا ڪو پيچ (نشيدار هجي چاهي نہ) رسائڻ تي ڏل، جتي اَهڙي رسد يا شيوا روڪڻ، مهمل اَدائي يا ٻئي قيمتي عيوضي لاءِ هجي؛ ۽ ڪنهن مال جو اَهڙو بدلو، سپردگي يا رسد، بدلو، سپردگي يا رسد ڪندڙ شخص دواران اُن مال جو وڪرو ۽ جنهن شخص کي اَهڙو بدلو سپردگي يا رسد ٿئي اُن دواران اُن مال جي خريدي ليکي ويندي؛

(۳۰) ’سنگھ کيتر‘ معنيٰ پهرين اَنوسوچيءَ ۾ ڄاڻايل ڪو سنگھ کيتر ۽ اُن ۾ پارٽ جي کيتر اندر سمايل ڪو بہ ہيو کيتر پر اُن اَنوسوچيءَ ۾ نہ ڄاڻايل بہ اَچي وڃي ٿو.

## ۳٦۷. اَرٿ

(۱) سواءِ تہ مضمون ہي تقاضا ڪري جنرل ڪلازز ائڪٽ، ۱۸۹۷، اَنوڇيد ۳۷۲ هيٺ اُن ۾ جيڪي موافقتون ۽ ڦيرڦار ڪئي وڃي اُنهن جي اَڌين، هن سنوڌان جي اَرٿ گهٽڻ لاءِ ائين لاڳو پوندو جئين اُهو پارٽ ڊومينين جي ڪنهن ائڪٽ جي اَرٿ گهٽڻ لاءِ لاڳو پوي ٿو.

(۲) سنسد جي يا اُن دواران ٺاهيل اَيڪٽن يا قاعدن يا راڄيہ جي وڌان منڊل جي يا اُن دواران ٺاهيل اَيڪٽن يا قاعدن جي هن سنوڌان ۾ ڪنهن بہ نرديش جو مطلب اِئين ڪيو ويندو تہ اُن ۾ راشٽرپتيءَ دواران ٺاهيل آرڊيننس يا، حالت اَنوسار، راڄيپال دواران ٺاهيل آرڊيننس جو نرديش اَچي وڃي ٿو.

(۳) هن سنوڌان جي پريوجن لاءِ ’پرڏيهي راڄ‘ معنيٰ پارٽ کانسواءِ ہيو ڪو بہ راڄ:

بشرطيڪ سنسد دواران ٺاهيل ڪنهن قاعدي جي اُپبنڌن جي اَڌين، راشٽرپتي حڪم دواران ڪنهن بہ راڄ کي، حڪم ۾ ڄاڻايا وڃن اَهڙن مطلبن لاءِ، پرڏيهي راڄ نہ هئڻ ظاهر ڪري سگهندو.

# سنوڌان جو سڌارو

## ٣٦٨. سنسد جي سنوڌان ۾ سڌارو ڪرڻ جو اختيار ۽ اُن لاءِ سرشتو

(١) هن سنوڌان ۾ ڇيل ڪنهن بہ ڳالهہ جي باوجود سنسد پنهنجي جوڙجڪي اختيار جو استعمال ۾ هن سنوڌان جو ڪو بہ اُپبند هن انوڇيد ۾ نهرايل سرشتي ڪارروائي پرماڻي واڌاري، ڦير گهير يا رد ڪرڻ رستي سڌاري سگهندي.

(٢) هن سنوڌان جي سڌاري جي شروعات فقط سنسد جي ڪنهن بہ سدن ۾ ان پريوجن لاءِ بل داخل ڪرڻ دواران ڪري سگهبي، ۽ بل هرهڪ سدن ۾ اُن سدن جي ڪل ميمبرن جي گهٽائيءَ ۽ اُن سدن جي حاضر ۽ ووٽ ڪندڙ ميمبرن جي بہ ڀاڱي ٽي کان گهٽ نہ اهڙي گهٽائيءَ دواران پاس ٿئي تہ اُهو راشٽرپتيءَ کي پيش ڪيو ويندو جو بل تي منظوري ڏيندو ۽ ائين ٿيڻ تيءَ سنوڌان بل جي لفظن پرماڻي سڌاريل رهندو:

بشرطيڪ جي اهڙو سڌارو -

(اَ) انوڇيد ٥٤، انوڇيد ٥٥، انوڇيد ٧٣، انوڇيد ١٦٢ يا انوڇيد ٢٤١ ۾، يا

(ب) ڀاڱ پنجين جي اَڌياءَ چوٿين، ڀاڱ ڇهين جي اَڌياءَ پنجين يا ڀاڱ نائين جي اَڌياءَ پهرئين ۾، يا

(ڀ) ستين انوسوچيءَ جي لسٽن مان ڪنهن ۾، يا

(پ) سنسد ۾ راڄين جي عيوضيپڻي ۾، يا

(ٻ) هن انوڇيد جي اُپبندن ۾،

ڦيرقار ڪرڻ لاءِ آهي تہ اهڙي سڌاري جو پربنڌ ڪندڙ بل راشٽرپتيءَ کي منظوريءَ لاءِ پيش ڪرڻ کان اڳ اِهو پڻ ضروري ٿيندو تہ راڄين مان اَڌ کان گهٽ نہ اوترن جي وڌان منڊلن دواران اِن پريوجن جا نهراءَ پاس ڪرڻ ذريعي سڌارو بحال ٿيو هجي.

(٣) هن اَنوڇيد هيٺ ڪيل ڪنهن سُڌاري کي اَنوڇيد ١٣ ۾ ڄيل ڪجھ به لاڳو نه پوندو.

(٤) هن سنوڌان (ڀاڱ ٽئين جي اُپبنڌن سميت) جو ڪو به سڌارو جو هن اَنوڇيد هيٺ سنوڌان (ٻائيتاليهون سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٧٦ جي ڪلم ٥٥ جي شروعات کان اَڳ ڇاهي پوء، ڪيل هجي يا ڪيل ڇيو ويو هجي اُن تي ڪنهن به ڪورٽ ۾ ڪنهن به آڌار تي اعتراض نه ورتو ويندو.

(٥) شڪَ دور ڪرڻ لاءِ هن دواران ظاهر ڪيو وڃي ٿو ته هن اَنوڇيد هيٺ هن سنوڌان جي اُپبنڌن کي واڌاري ڦيرگهير يا رد ڪرڻ رستي سڌارڻ جي سنسد جي جوڙجڪي اَختيار تي ڪو به بنڌن نه ٿيندو.

# عارضي، تبديل ڪال جا ۽ خاص اُپٻنڌ

## ٣٦٩. سنسد جو عارضي اَختيار تہ راڄيہ لسٽ جي ڪن وشين بنسبت قاعدا ٺاهي جڻ تہ اُهي گڏيل لسٽ جا وشيہ آهن

هن سنوڌان ۾ ڇيل ڪنهن بہ ڳالهہ جي باوجود، هن سنوڌان جي شروعات کان پنجن سالن جي مدت درميان، سنسد کي اختيار رهندو تہ هيٺين وشين بنسبت، جڻ تہ اُهي گڏيل لسٽ ۾ شمار ڪيل آهن، اِئين قاعدا ٺاهي، يعنيٰ -

(اَ) سوٽي ۽ گرم ڪپڙو، ڪچي ڪپهہ (ٽاٽيل ڪپهہ ۽ اَڻ ٽاٽيل ڪپهہ يا ڪپاس سميت)، ڪڪڙا، ڪاغذ (اَخباري ڪاغذ سميت)، کاڌي جون شيون (کاڌي جي تيلي ٻجن ۽ تيل سميت)، ڍورن جو چارو (کڙُ ۽ ٻين ڇڪايل شين سميت) ڪوئلو ( ڪوڪ ۽ ڪوئلي جي ساٽتن سميت)، لوهہ، رُڪُ ۽ ابرق ۾ راڄيہ اندر واپار ۽ ڌنڌو ۽ پيدائش، رسد ۽ وراهست؛

(ب) فقري (اَ) ۾ ذڪر ڪيل وشين مان ڪنهن بنسبت قاعدن خلاف گناهہ، اُنهن وشين مان ڪنهن بنسبت سپريم ڪورٽ کانسواءِ سيني ڪورٽن جي حڪومت ۽ اَختيار، ۽ اُنهن وشين بنسبت ڪنهن ڪورٽ ۾ ورتيون وڃن اُنهن کانسواءِ فيون،

پر سنسد جو ٺاهيل ڪوبہ قاعدو، جو هن اَنوڇيد جي اُپٻنڌن کانسواءِ سنسد ٺاهي نہ سگهي ها، اَسمرٿيءَ جي حد تائين، اُها مدت پوري ٿيڻ تي، اُن جي پوري ٿيڻ کان اَڳ ڪيل يا ڇڏي ڏنل ڳالهين کانسواءِ اثرائتو ٿيڻ بند ٿيندو.

## ٣٧٠. ڄمون ۽ ڪشمير راڄيہ بنسبت عارضي اُپٻنڌ

(١) هن سنوڌان ۾ ڇيل ڪنهن بہ ڳالهہ جي باوجود، -

(اَ) اَنوڇيد ٢٣٨ جا اُپٻنڌ ڄمون ۽ ڪشمير راڄيہ سنٻنڌي لاڳو نہ پوندا؛

جو عمل ٿيڻ بند ٿيندو يا فقط پاڻ ڄاڻائي اهڙن اپوادن ۽ ڦيرڦارين سان ۽ اهڙي تاريخ کان اُهو عمل ۾ رهندو :

بشرطيڪ راشٽرپتي اهڙو ظاهر نامو جاري ڪري تنهن کان اڳ، فقري (٢) ۾ نرديش ڪيل راڄيه جي جوڙجڪي اسيمبليءَ جي سفارش ضروري ٿيندي.

## ٣٧١. مهاراشٽرا ۽ گجرات راڄين لاءِ خاص اُپبند

(١) x x x x x

(٢) هن سنوڌان ۾ ڇيل ڪنهن به ڳالهه جي باوجود، راشٽرپتي حڪم دواران مهاراشٽرا يا گجرات راڄيه بنسبت راڄيپال جي ڪنهن خاص جوابداريءَ لاءِ پربنڌ ڪري سگهندو ته-

(اَ) ودربهَ، مراٺواڙا، ۽ باقي مهاراشٽرا لاءِ، يا حالت انوسار سؤراشٽر، ڪڇ ۽ باقي گجرات لاءِ جدا جدا وڪاس بورڊن جي اِستاپنا ٿئي، اهڙي پربنڌ سان ته هنن بورڊن مان هرهڪ جي ڪم ڪرڻ تي هڪ رپورٽ راڄيه جي وڌان سڀا اڳيان هر سال رکي ويندي؛

(ب) سڄي راڄيه جي ضرورتن جي اَڌين، اُنهن ايراضين تي وڪاس خرچ لاءِ ناڻي جي انصاف رُوءِ ورڇ ٿئي؛ ۽

(پ) سڄي راڄيه جي ضرورتن جي اَڌين اُنهن سڀني ايراضين بنسبت هنري تِعليم ۽ ڪسبي سکيا لاءِ ڪافي سهوليتون ۽ راڄيه سرڪار جي ضابطي هيٺ شيوائن ۾ نوڪريءَ لاءِ ڪافي وَجهه ميسر ڪرڻ لاءِ اِنصاف رُوءِ بندوبست ٿئي.

## ٣٧١. اَلف. ناگالئنڊ راڄيه بنسبت خاص اُپبند

(١) هن سنوڌان ۾ ڇيل ڪنهن به ڳالهه جي باوجود، -

(اَ) سنسد جو ڪو به اَئڪٽ -

(i) ناگائن جي ڌارمڪ يا سماجڪ رواجن،

(ii) ناگا رسمي قاعدي ۽ ڪارروائيءَ،

(iii) ناگا رسمي قاعِدي پرماڻي فيصلن سان واسطو رکندڙ ديواني ۽ فوجداري نياءَ جي ڪاروبار،

(i) پراديشڪ پريشد جي رچنا ۽ پراديشڪ پريشد جي ميمبرن کي چونڊڻ جي ريت :

بشرطيڪ تيون سانگ ضلع جو ڊپٽي ڪمشنر پراديشڪ پريشد جو عهدي جي لحاظ کان چيئرمن ٿيندو ۽ پراديشڪ پريشد جو ڊپٽي چيئرمن اُنجا ميمبر پاڻ مان چونڊيندا؛

(ii) پراديشڪ پريشد جا ميمبر چونڊجڻ لاءِ ۽ ميمبر ٿيڻ لاءِ لياقتون؛

(iii) پراديشڪ پريشد جي ميمبرن جي عهدي جو مُدو ۽ کين ڏيڻ جوڳا پگهار ۽ پتا، ڪي بہ هجن تہ؛

(iv) پراديشڪ پريشد جو سرشتو ۽ ڪم جو سنڀالڻ؛

(v) پراديشڪ پريشد جي عملدارن ۽ عملي جي مقرري ۽ اُنهن جي نوڪريءَ جا شرط؛ ۽

(vi) ٻي ڪا بابت جنهن بنسبت پراديشڪ پريشد جي جوڙڻ ۽ برابر ڪار گذاري لاءِ نيم ٺاهڻ ضروري هجي.

(٢) هن سنوڌان ۾ ڇيل ڪنهن بہ ڳالھ جي باوجود، ناگالئنڊ راڄيہ جي نهڻ جي تاريخ کان ڏهن سالن جي مدت لاءِ يا راڄيپال، پراديشڪ پريشد جي سفارش تي، عام ظاهر نامي دوارا هن خيال کان ڄاڻائي اُن وڌيڪ مُدت لاءِ-

(اَ) تيون سانگ ضلع جو ڪاروبار راڄيپال هلائيندو؛

(ب) ڀارت سرڪار دوارا سڄي ناگالئنڊ راڄيہ جون گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ ناگالئنڊ سرڪار کي ڪو ناڻو ميسر ڪيو ويو هجي تہ راڄيپال پنهنجي مرضيءَ موجب تيون سانگ ضلع ۽ باقي راڄيہ وچ ۾ اُن رقم جي انصاف روءِ ورڇ لاءِ بندوبست ڪندو؛

(پ) ناگالئنڊ جي وڌان منڊل جو ڪو بہ اَئڪٽ تيون سانگ ضلع سان لاڳو نہ ٿيندو جيستائين راڄيپال، پراديشڪ پريشد جي سفارش تي، عام ظاهر نامي دوارا اَهڙي هدايت ڪري ۽ اَهڙي ڪنهن بہ اَئڪٽ بنسبت اَهڙي هدايت ڪندي راڄيپال هدايت ڪري سگهندو تہ تيون سانگ ضلع يا اُن جي ڪنهن ڀاڱي سان اَئڪٽ لاڳو ٿيڻ ۾ اَهڙن اُپوادن ۽ ڦيرقارين جي اَڌين اثرائتو ٿيندو جي راڄيپال پراديشڪ پريشد جي سفارش تي ڄاڻائي :

بشرطيڪ هن پيٽي فقري هيٺ ڏنل ڪا به هدايت ماضي اَثر واري هجي ائين ڏيئي سگهجي ٿي؛

(پ) تيون سانگ ضلع جي شانتي، اُنتي ۽ سٺي حڪومت لاءِ راجيپال وِنيم ناهي سگهندو، ۽ ائين ناهيل ڪي به وِنيم اُن ضلع سان اُن وقت لاڳو هوندڙ سنسد جي ڪنهن اَئڪٽ يا ٻئي ڪنهن قاعدي کي، ضروري هجي ته، ماضي اَثر ڪري اِئين، رد ڪري يا سُڌاري سگهندا؛

(پ) (i) ناگالئنڊ جي وڌان سڀا ۾ تيون سانگ ضلع جو عيوضيپڻو ڪندڙ ميمبرن مان هڪڙي کي راجيپال دواران مکيه منتريءَ جي صلاح تي تيون سانگ جي معاملن لاءِ منتري مقرر ڪيو ويندو ۽ مکيه منتري پنهنجي صلاح ڏيڻ ۾ مٿي ڄاڻايل ميمبرن جي گهڻائيءَ جي سفارش تي هلندو :

بشرطيڪ راجيپال مکيه منتريءَ جي صلاح تي ڪنهن شخص کي تيون سانگ ڪاريه منتريءَ جي روپ ۾ اوتري وقت تائين مقرر ڪري سگهندو جيستائين ناگالئنڊ جي وڌان سڀا ۾ تيون سانگ ضلع لاءِ ورهايل جاين جي پرڻ لاءِ قاعدي انوسار شخص کي چونڊيو نه ويو آهي.

(سنوڌان (مشڪلاتون دور ڪرڻ) حڪم ۱۰ جي پئرا ۲ ۾ اهو اُپبند آهي ته پارت جي سنوڌان جو انوڇيد ۳۷۱ (الف) اهڙيءَ ريت اثردار ٿيندو ڄڻ ان جي فقري ۲ جي پيٽي فقري (پ) جي پئرا (i) ۾ هيءُ پرنتوڪ (۱ ڊسمبر ۱۹۶۳ کان) جوڙيو ويو هجي).

(ii) تيون سانگ جي معاملن جو منتري تيون سانگ ضلعي سنبنڌي سيني وشين جو ڪم ڪندو ۽ اُنهن بابت راجيپال سان سڌو تعلق رکندو پر اُن بابت مکيه منتريءَ کي واقف رکندو؛

(ٽ) هن فقري جي مٿين اُپبندن ۾ ڄيل ڪنهن به ڳالهه جي باوجود، تيون سانگ ضلع سنبنڌي سيني وشين تي آخرين فيصلو راجيپال دواران پنهنجي مرضيءَ موجب ڪيو ويندو؛

(ٺ) انوڇيد ۵۴ ۽ ۵۵ ۽ انوڇيد ۸۰ جي فقري ۴ ۾ راجيه جي وڌان سڀا جي چونڊيل ميمبرن يا هرهڪ اهڙي ميمبر جي نرديش ۾ هن انوڇيد هيٺ برپا ٿيل پراديشڪ پريشد دواران چونڊيل ناگالئنڊ جي وڌان سڀا جي ميمبرن يا ميمبر جو نرديش اچي ويندو؛

(ٿ) انوڇيد ۱۷۰ ۾ -

(i) ناگالئنڊ جي وڌان سڀا سنبنڌي، فقرو (۱) اِئين اثرائتو ٿيندو ڄڻ تہ 'سٺ' لفظ جي جاءِ تي 'ڇائيتاليهہ' لفظ رکيو ويو آهي؛

(ii) اُن فقري ۾ راڄيہ ۾ مُلڪي تڪن مان سڌي چونڊجي نرديش ۾ هن آنوڇيد هيٺ برپا ڪيل پراديشڪ پريشد جي ميمبرن دواران ڪيل چونڊ اَچي ويندي؛

(iii) فقري (۲) ۽ (۳) ۾ مُلڪي تڪن جي نرديش جي معنيٰ ڪوهيما ۽ موڪوڪچنگ ضلعن ۾ مُلڪي تڪن جو نرديش ٿيندو.

(۳) هن آنوڇيد جي مٿين اُپبنڌن مان ڪنهن کي اثرائتو ڪرڻ ۾ جي ڪا مشڪلات ٿئي تہ راشٽرپتي اُها مشڪلات دور ڪرڻ جي پريوجن لاءِ ڪيس ضروري لڳي اُهو ڪجهہ بہ (ٻئي ڪنهن آنوڇيد جي ڪا موافقت يا ڦيرڦار ڪرڻ سميت) حڪم دواران ڪري سگهندو :

بشرطيڪ اهڙو ڪو حڪم ناگالئنڊ جو راڄيہ ٺهڻ جي تاريخ کان ٽن سالن گذرڻ کان پوءِ ڪيو نہ ويندو.

سمجهاڻي - هن آنوڇيد ۾ ڪوهيما، موڪوڪچنگ ۽ ٽيون سانگہ ضلعن جي معنيٰ اِسٽيٽ آف ناگالئنڊ اَيڪٽ، ۱۹۶۲، ۾ آهي اُها ساڳي ٿيندي.

## ۳۷۱. ب. آسام راڄيہ بنسبت خاص اُپبنڌ

هن سنوڌان ۾ ڇيل ڪنهن بہ ڳالهہ جي باوجود، راشٽرپتي، آسام راڄيہ بنسبت ڪيل حڪم دواران ڇهين، آنوسوچيءَ جي پئرا ۲۰ سان جوڙيل جدول جي ڀاڱي پهرئين ۾ ڄاڻايل جن جاتي ايراضين مان اُن راڄيہ جي وڌان سڀا ۾ چونڊيل ميمبرن ۽ اُن اَسيمبليءَ جي ٻين ميمبرن جي حڪم ۾ ڄاڻايل سنکيا جي ٺهيل اُن وڌان سڀا جي هڪ ڪاميٽي جوڙڻ ۽ اُن جي ڪرتبن لاءِ ۽ اهڙي ڪاميٽيءَ جي جوڙڻ ۽ برابر ڪاريہ ڪرڻ لاءِ اُن وڌان سڀا جي ڪارروائيءَ جي نيمن ۾ ڪرڻ وارين ڦيرڦارين لاءِ پرٻنڌ ڪري سگهندو.

## ۳۷۱. پ. مڻيپور راڄيہ بنسبت خاص اُپبنڌ

(۱) هن سنوڌان ۾ ڇيل ڪنهن بہ ڳالهہ جي باوجود، راشٽرپتي، مڻيپور راڄيہ بنسبت ڪيل حڪم دواران، اُن راڄيہ جي ٽڪرين وارين ايراضين مان

راجيہ جي وڌان سڀا ۾ چونڊيل ميمبرن جي نهيل وڌان سڀا جي هڪ ڪاميٽي جوڙڻ ۽ اُن جي ڪرتبن لاءِ، سرڪار جي ڪم ڪرڻ جي نيمن ۽ راجيہ جي وڌان سڀا جي ڪارروائيءَ جي نيمن ۾ ڪرڻ وارين ڦيرقارين لاءِ ۽ اهڙي ڪاميٽيءَ جي برابر ڪاريہ ڪرڻ جي خاطري ڪرڻ لاءِ راجيپال جي ڪنهن خاص جوابداريءَ لاءِ، پربنڌ ڪري سگهندو.

(٢) راجيپال هر سال يا جڏهن بہ راشٽرپتي گُهرَ ڪري راشٽرپتيءَ کي مڻيپور راجيہ ۾ ٽڪرين وارين ايراضين جي ڪاروبار بنسبت هڪ رپورٽ ڏيندو ۽ سنگھ جو ڪاروباري اختيار اُنهن ايراضين جي ڪاروبار جي باري ۾ راجيہ کي هدايتون ڏيڻ تائين پهچندو.

سمجهاڻي - هن اَنوڇيد ۾ محاوري 'ٽڪرين واريون ايراضيون' جي معنيٰ آهي اَهڙيون ايراضيون جي راشٽرپتي حڪم دواران ٽڪرين واريون ايراضيون هجڻ ظاهر ڪري.

## ٣٧١. پ. آنڌرپرديش راجيہ بنسبت خاص اُپبنڌ

(١) راشٽرپتي آنڌرپرديش راجيہ بنسبت ڪيل حڪم دواران، سڄي راجيہ جي ضرورتن جو خيال رکندي، راجيہ جي جدا جدا ڀاڱن جي ماڻهن لاءِ سرڪاري نوڪريءَ بابت ۽ تعليم بابت انصاف روءِ وجهہ ۽ سهوليتن لاءِ پربنڌ ڪري سگهندو، ۽ راجيہ جي مختلف ڀاڱن لاءِ جدا جدا پربنڌ ڪري سگهجن ٿا.

(٢) فقري (١) هيٺ ڪيل حڪم خاص طور، -

(اَ) راجيہ سرڪار کان گُهرَ ڪري سگهندو تہ راجيہ جي ڪنهن سِول شيوا ۾ عُهدن جي ڪنهن ورگ يا ورگن يا راجيہ هيٺ سِول عهدن جي ڪنهن ورگ يا ورگن کي راجيہ جي جدا جدا ڀاڱن لاءِ جدا جدا مڪاني ڪاڊرن ۾ ترتيب ڪيو وڃي ۽ اَهڙا عُهدا سنڀاليندڙ شخصن کي اُن حڪم ۾ ڄاڻايل هجي اُنهن اُصولن ۽ سرشتي پرماڻي اِئين ترتيب ڪيل مڪاني ڪاڊرن ۾ ڦانديو وڃي؛

(ب) ڄاڻائي سگهندو تہ راجيہ جو ڪو ڀاڱو يا ڪي ڀاڱا جيڪي مڪاني ايراضي سمجهيا ويندا -

(i) راڄيہ سرڪار هيٺ ڪنهن مڪاني ڪاڌر (هن اَنوڇيد هيٺ حڪم جي عمل ۾ ترتيب ڪيل چاهي ٻئي نموني جوڙيل) ۾ عهدن جي سڌي ڀرتيءَ لاءِ؛

(ii) راڄيہ اندر ڪنهن مڪاني اَختياريءَ هيٺ ڪنهن ڪاڌر ۾ عهدن تي سڌي ڀرتيءَ لاءِ؛ ۽

(iii) راڄيہ اندر ڪنهن يونيورسٽيءَ يا راڄيہ سرڪار جي ضابطي جي اَڌين ٻيءَ ڪنهن تعليمي سنسٿا ۾ داخلا جي پريوجن لاءِ؛

(ب) ڄاڻائي سگهندو تہ ڪيتري حد تائين ڪهڙي نموني ۽ ڪهڙن شرطن جي اَڌين-

(i) هن خيال کان حڪم ۾ ڄاڻايل پيٽي فقري (ب) ۾ نرديش ڪيل، اَهڙي ڪنهن ڪاڌر ۾ عهدن تي سڌي ڀرتيءَ جي بابت ۾،

(ii) هن خيال کان حڪم ۾ ڄاڻايل پيٽي فقري (ب) ۾ نرديش ڪيل، اَهڙي ڪنهن يونيورسٽيءَ يا ٻيءَ تعليمي سنسٿا ۾ داخلا جي بابت ۾؛

اُنهن اُميدوارن کي يا اُنهن جي فائدي ۾ پسندگي ڏني وڃي يا جايون محفوظ رکيون وڃن جيڪي حالت اَنوسار، اَهڙي ڪاڌر، يونيورسٽيءَ يا ٻيءَ تعليمي سنسٿا جي بنسبت مڪاني ايراضيءَ ۾ حڪم ۾ ڄاڻايل ڪنهن مدت لاءِ رهيا هجن يا اَڀياس ڪيو هجين.

(٣) راشٽرپتي حڪم دواران آنڌرپرديش راڄيہ لاءِ هڪ ڪاروباري ٽربيونل جوڙڻ لاءِ پربنڌ ڪري سگهندو، جا اَهڙي حڪومت، اَختيار ۽ اَختياريون، جن ۾ اَهڙي حڪومت اَختيار ۽ اَختياريون اَچي ويندا جي سنوڌان (ٻٽيهون سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٧٣ کان يڪدم اَڳ ڪنهن ڪورٽ (سپريم ڪورٽ سواءِ) يا ٻيءَ ڪنهن ٽربيونل يا اَختياري، جيئن حڪم ۾ ڄاڻايو وڃي، اُن دواران استعمال ڪرڻ جوڳا هئا، اُنهن جو هيٺين وشين بنسبت اِستعمال ڪري، يعنيٰ :-

(اَ) راڄيہ جي ڪنهن سِول شيوا ۾ عُهدن جي اَهڙي ورگ يا ورگن، يا راڄيہ هيٺ سِول عُهدن جي اَهڙي ورگ يا ورگن، يا راڄيہ اندر ڪنهن مڪاني اَختياريءَ جي تابع هيٺ عُهدن جي اَهڙي ورگ يا ورگن، جيڪي حڪم ۾ ڄاڻايا وڃن، اُنهن تي مقرري، ڦانڊٽي يا ترقي؛

(ب) راجيه جي ڪنهن سِول شيوا ۾ عُهدن جي اَهڙي ورگ يا ورگن، يا راجيه هيٺ سِول عهدن جي اَهڙي ورگ يا ورگن يا راجيه اندر ڪنهن مڪاني اَختياريءَ جي تابع هيٺ عُهدن جي اَهڙي ورگ يا ورگن جيڪي حڪم ۾ ڄاڻايا وڃن، اُنهن تي مقرر ڪيل، ڦانديل يا ترقي ڏنل شخص جي سينيارٽي؛

(ڀ) راجيه جي ڪنهن سِول شيوا ۾ عُهدن جي اَهڙي ورگ يا ورگن، يا راجيه هيٺ سِول عُهدن جي اهڙي ورگ يا ورگن يا راجيه اندر ڪنهن مڪاني اَختياريءَ جي تابع هيٺ عُهدن جي اَهڙي ورگ يا ورگن، تي مقرر ڪيل، ڦانديل يا ترقي ڏنل شخص جي نوڪريءَ جا ٻيا اَهڙا شرط جي حڪم ۾ ڄاڻايا وڃن؛

(۴) فقري (۳) هيٺ ڪيل حڪم -

(اَ) ڪاروباري ٽربيونل کي اَختياري ڏيئي سگهندو تہ سندس حڪومت اندر ڪو وشيہ جو راشٽرپتي حڪم ۾ ڄاڻائي اُن سنبنڌي شڪايتن جي دور ڪرڻ لاءِ عريضيون وني ۽ اُنهن تي ڪاروباري ٽربيونل کي نيڪ لڳي اَهڙا حڪم ڪري؛

(ب) ڪاروباري ٽربيونل جي اَختيارن، اَختيارين ۽ سرشتي بنسبت راشٽرپتي ضروري سمجهي اَهڙا پرٻنڌ (ڪاروباري ٽربيونل جا پنهنجي بي اَدبيءَ لاءِ سزا ڪرڻ لاءِ اَختيارن بنسبت پرٻنڌن سميت) بہ شامل ڪري سگهندو؛

(ڀ) حڪم ۾ ڄاڻايل هجي اَهڙا ڪارروائين جا قسم، جي سندس حڪومت اندر بابتن سنبنڌي هجن ۽ اَهڙي حڪم جي شروعات کان يڪدم اَڳ ڪنهن ڪورٽ (سپريم ڪورٽ کانسواءِ) يا ٽربيونل يا ٻيءَ اَختياريءَ وٽ پيل هجن، اُهي ڪاروباري ٽربيونل کي بدلي ڪرڻ جو پرٻنڌ ڪري سگهندو؛

(پ) راشٽرپتي ضروري سمجهي اَهڙا پُورڪ، پرسنگڪ ۽ پريڻامڪ پرٻنڌ (فين جي باري ۾ ۽ مُدي خارجي، ثابتين يا اُن وقت عمل ۾ ڪنهن قاعدي جو ڪن اَپوادن يا ڦيرڦارين جي اَڏين لاڳو پوڻ جي باري ۾ پرٻنڌن سميت) شامل ڪري سگهندو.

(۵) ڪاروباري ٽربيونل جو ڪنهن بہ ڪيس جو آخرين نيڪال ڪندڙ حڪم راجيه سرڪار جي بحاليءَ تي يا حڪم ٿيو هجي اُن تاريخ کان ٿي مهنا گذرڻ تي، ٻنهي مان جيڪو اَڳہ ٿئي، اثرائتو ٿيندو :

جي حالت ۾ اَنوڇيد ١٧٢ جي فقري (١) ۾ پنجن سالن جي مدت جا نرديش ڇهن سالن جي مدت جا نرديش ڪري سمجهيا ويندا ۽ ڇهن سالن جي اُها مدت مقرر ٿيل ڏينهن کان شروع ٿيل ليکي ويندي؛

(پ) سنسد قاعدي دواران ٻيا پربنڌ ڪري تيسين، سِڪم راڄيه ڪي لوڪ سڀا ۾ هڪ جاءِ ڏني ويندي ۽ سِڪم راڄيه هڪ سنسد تڪ جو نهيل ٿيندو جنهن کي سِڪم لاءِ سنسد جو تڪ سڏيو ويندو؛

(ڀ) مقرر ٿيل ڏينهن تي هستيءَ ۾ لوڪ سڀا ۾ سِڪم راڄيه جو عيوضي سِڪم راڄيه جي وڌان سڀا جا ميمبر چونڊيندا؛

(ت) سِڪم جي آدمشماريءَ جي جدا جدا طبقن جي حقن ۽ هتن جو بچاءُ ڪرڻ جي پريوجن لاءِ سنسد سِڪم راڄيه جي وڌان سڀا ۾ اُنهن جاين جي سنکيا لاءِ جيڪي اَهڙن طبقن وارن اُميدوارن دواران ڀرجن ۽ جن تکن مان فقط اَهڙن طبقن وارا اُميدوار سِڪم راڄيه جي وڌان سڀا جي چونڊ لاءِ بيهي سگهن اُنهن جون حدون مقرر ڪرڻ لاءِ پربنڌ ڪري سگهندي؛

(ٿ) سِڪم جي راڄپال جي شانتيءَ لاءِ ۽ سِڪم جي آدمشماريءَ جي جدا جدا طبقن جي سماجڪ ۽ آرٿڪ واڌاري جي خاطري ڪرڻ لاءِ اِنصاف روءِ ويوسٿا لاءِ خاص جوابداري رهندي، ۽ هن فقري هيٺ پنهنجي خاص جوابداري اَدا ڪرڻ ۾ سِڪم جو راڄپال، راشٽرپتي وقت بوقت ڪيس ٺيڪ لڳي، اَهڙيون هدايتون جاري ڪري تن جي اَڌين، پنهنجي مرضيءَ موجب ڪاريه ڪندو؛

(ٽ) سڀ ملڪيت ۽ جائداد (سِڪم راڄيه ۾ اچي ويل کيتر جي اندر چاهي ٻاهر) -جا مقرر ٿيل ڏينهن کان يڪدم اَڳ سِڪم جي سرڪار جي يا سِڪم سرڪار جي پريوجن لاءِ ٻيءَ ڪنهن اَختياريءَ يا ٻئي ڪنهن شخص جي حوالي هئي اُها مقرر ٿيل ڏينهن کان سِڪم راڄيه جي سرڪار جي حوالي ٿيندي؛

(ٺ) سِڪم راڄيه ۾ سمايل کيتر ۾ مقرر ٿيل ڏينهن کان يڪدم اَڳ اِئين ڪم ڪندڙ هاءِ ڪورٽ مقرر ٿيل ڏينهن تي ۽ اُن کان سِڪم راڄيه جي هاءِ ڪورٽ ليکي ويندي؛

(ڏ) سِڪم راڄيه جي سڄي کيتر ۾ ديواني، فوجداري ۽ محصولي حڪومت واريون سڀ ڪورٽون، ۽ نيايه، ڪاروباري ۽ دفتري سڀ اَختياريون

۽ سڀ عملدار مقرر ٿيل ڏينهن تي ۽ اُن کان هن سنوڌان جي اُپٻنڌن جي اَڌين پنهنجا پنهنجا ڪرتب اِستعمال ڪرڻ چالو رکندا؛

(ڪ) سِڪِم راڄيہ ۾ آيل ڪيتر يا اُن جي ڪنهن ڀاڱي ۾ مقرر ٿيل ڏينهن کان يڪدم اَڳ عمل ۾ سڀ قاعدا اُن اندر، ڪنهن سمرٿ وڌان منڊل يا ٻيءَ سمرٿ اَختياريءَ دواران سڌارو ٿئي يا رد ٿين تيستائين، عمل ۾ چالو رهندا؛

(ک) فقري (ڪ) ۾ نرديش ڪيل ڪنهن بہ قاعدي جي سِڪِم راڄيہ جي ڪاروبار سبنڌي لاڳو ڪرڻ ۾ سهوليت جي پريوجن لاءِ ۽ اَهڙي ڪنهن قاعدي جا اُپٻنڌ هن سنوڌان جي اُپٻنڌن سان ميل ۾ آڻڻ جي پريوجن لاءِ راشٽرپتي، مقرر ٿيل ڏينهن کان ٻن سالن اندر، حڪم دواران، رد ڪرڻ يا سڌارو ڪرڻ ذريعي ضروري يا صلاح پريا هجن اَهڙيون موافقتون ۽ قيرقار ڪري سگهندو ۽ اِئين ٿيڻ تي هرڪو اَهڙو قاعدو اِئين ڪيل موافقتن ۽ قيرقارين جي اَڌين اَثرائتو ٿيندو، ۽ اَهڙي ڪنهن موافقتا يا قيرقار تي ڪنهن قانوني ڪورٽ ۾ اعتراض ورتو نہ ويندو؛

(ڳ) نہ سپريم ڪورٽ نہ ٻيءَ ڪنهن ڪورٽ کي سِڪِم سنبنڌي ڪنهن بہ عهدنامي، ناهہ، قول يا ٻئي اَهڙي دستاويز، جو مقرر ٿيل ڏينهن کان اَڳ ڪيو ويو يا لکيو ويو هو ۽ جنهن ۾ ڀارت سرڪار يا اُن جي ڪا بہ اڳواري سرڪار ڌر هئي، اُن مان اُٿندڙ ڪنهن بہ تڪرار يا ٻيءَ بابت بنسبت حڪومت رهندي، پر هن فقري ۾ ڇيل ڪجهہ بہ اَنوڇيد ۱۴۳ جي اُپٻنڌن جو قدر گهٽائي تو اَهڙو مطلب ڪڍيو نہ ويندو؛

(ڱ) راشٽرپتي عام ظاهر نامي دواران، ظاهر نامي جي تاريخ تي ڀارت جي ڪنهن راڄيہ ۾ عمل ۾ هجي اَهڙي ڪنهن قاعدي جي پهچ ڪيس نيڪ لڳي اَهڙين موافقتن يا قيرقارين سان سِڪِم راڄيہ تائين وڌائي سگهندو؛

(گهہ) هن اَنوڇيد جي اَڳ ڏنل اُپٻنڌن مان ڪنهن کي بہ اثر ڏيڻ ۾ ڪا مشڪلات ٿئي تہ راشٽرپتي، حڪم دواران، اُها مشڪلات دور ڪرڻ جي پريوجن لاءِ کيس ضروري لڳي اُهو ڪجهہ بہ (ٻئي ڪنهن اَنوڇيد جي ڪا بہ موافقتا يا قيرقار ڪرڻ سميت) ڪري سگهندو؛

بشرطيڪ اَهڙو ڪو حڪم مقرر ٿيل ڏينهن کان ٻہ سال گذرڻ بعد نہ

(۲) پارت جي ڪيتر ۾ عمل ۾ ڪنهن بہ قاعدي جي اُپبندن ڪي هن سنوڌان جي اُپبندن سان ميل ۾ آڻڻ جي پريوجن لاءِ راشٽرپتي، حڪم دواران، اُن قاعدي ۾ ضروري يا صلاح پريا هجن اُهي موافقتون ۽ ڦيرڦار رد ڪرڻ چاهي سڌاري ذريعي ڪري سگهندو ۽ پربند ڪري سگهندو تہ حڪم ۾ ڄاڻائي وڃي اُن تاريخ کان اُهو قاعدو اهڙين ڪيل موافقتن ۽ ڦيرڦارين جي آڌين اثرائتو ٿيندو ۽ اُهڙي ڪنهن موافقت يا ڦيرڦار تي ڪنهن بہ قانوني ڪورٽ ۾ اعتراض ورتو نہ ويندو.

(۳) فقري (۲) ۾ چيل ڪنهن بہ ڳالهہ مان ائين نہ ليکيو ويندو تہ-

(اَ) راشٽرپتيءَ کي هن سنوڌان جي شروعات کان ٽي سال گذرڻ بعد ڪنهن بہ قاعدي جي موافقتا يا ڦيرڦار ڪرڻ جو اَختيار ملي ٿو؛ يا

(ب) اُن فقري هيٺ راشٽرپتيءَ دواران موافقتا يا ڦيرڦار ڪيل ڪنهن قاعدي کي رد ڪرڻ يا سڌارڻ کان ڪنهن سمرٿ وڌان منڊل يا ٻئي سمرٿ اَختياريءَ کي روڪجي ٿو.

سمجهاڻي پهرين - هن اَنوڇيد ۾ محاوري 'عمل ۾ قاعدو' ۾ هن سنوڌان جي شروعات کان اَڳ پارت جي ڪيتر ۾ ڪنهن وڌان منڊل يا ٻيءَ سمرٿ اَختياريءَ دواران پاس ڪيل يا ٺاهيل ۽ اَڳوات رد نہ ٿيل قاعدو اَچي ويندو، باوجود اِنجي تہ اُهو يا اُنجا حصا اُن وقت بلڪل يا خاص ايراضين ۾ عمل ۾ نہ هجن.

سمجهاڻي ٻين - پارت جي ڪيتر ۾ ڪنهن وڌان منڊل يا ٻيءَ سمرٿ اَختياريءَ دواران پاس ڪيل يا ٺاهيل قاعدو جنهن کي هن سنوڌان کان يڪدم اَڳ ڪيتر ٻاهر اَثر هو ۽ پارت جي ڪيتر ۾ بہ اَثر هو اُنجو اَڳ ڄاڻايل اُهڙين ڪن موافقتن ۽ ڦيرڦارين جي آڌين اُهڙو ڪيتر ٻاهر اثر چالو رهندو.

سمجهاڻي ٽين - هن سنوڌان ۾ چيل ڪنهن بہ ڳالهہ جو اِهو مطلب نہ ڪڍيو ويندو تہ ڪنهن بہ عارضي قاعدي کي، اُن جي پوري ٿيڻ جي مقرر ٿيل تاريخ کان، يا جي هيءُ سنوڌان عمل ۾ نہ اَچي ها تہ جنهن تاريخ تي اُهو پورو ٿئي ها، اُن کان پوءِ عمل ۾ چالو رکجي ٿو.

سمجهاڻي چوٿين - گورنمينٽ آف انڊيا اَئڪٽ، ۱۹۳۵، جي قلم ۸۸ هيٺ پرانت جي راجيپال دواران جاري ڪيل ۽ هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اَڳ عمل ۾ آرڊيننس، جي اُهو اَڳ سمان راجيہ جي راجيپال

دواران واپس نہ ورتو ويو آهي تہ، آنوچيد ٣٨٢ جي فقري (١) هيٺ ڪرتب ڪندڙ اُن راجيہ جي وڌان سڀا جي اَهڙي شروعات ڪان پوءِ پهرين بيٺڪ ڪان ڇهہ هفتا گذرڻ تي عمل ۾ هئڻ بند ٿيندو، ۽ هن آنوچيد ۾ ڪنهن بہ ڳالهہ جو اِهو مطلب نہ ڪڍيو ويندو تہ اَهڙي ڪنهن آرڊيننس کي اُن مدت ڪان وڌيڪ عمل ۾ چالو رکجي ٿو.

## ٣٧٢. اَلف. راشٽرپتيءَ جو قاعدن کي موافق ڪرڻ جو اَختيار

(١) سنوڌان (ستون سڌارو) اَيڪٽ، ١٩٥٦ جي شروعات ڪان يڪدم اَڳہ پارٽ ۾ يا اُن جي ڪنهن ڀاڱي ۾ عمل ۾ ڪنهن قاعدي جا اُپبند، اُن اَئڪٽ دوارا سڌاريل هن سنوڌان جي اُپبندن سان موافق ڪرڻ جي پريوجن لاءِ راشٽرپتي نومبر ١٩٥٧ جي پهرئين ڏينهن ڪان اَڳہ ڪيل حڪم دوارا، ضروري يا صلاح پريا هجن اُهي قاعدي جون موافقتون ۽ ڦيرڦار، رد ڪرڻ چاهي سڌاري ڪرڻ ذريعي ڪري سگهندو، ۽ پربند ڪري سگهندو تہ حڪم ۾ ڄاڻايو وڃي اُن تاريخ ڪان قاعدو اِئين ڪيل موافقتن ۽ ڦيرڦارين جي اَڌين اثرائتو ٿيندو، ۽ اَهڙي ڪنهن موافقت يا ڦيرڦار تي ڪنهن بہ قانوني ڪورٽ ۾ اعتراض نہ اُٿاريو ويندو.

(٢) فقري (١) ۾ چيل ڪجهہ بہ ڪنهن سمرٿ وڌان منڊل يا ٻيءَ سمرٿ اَختياريءَ کي راشٽرپتيءَ دوارا اُن فقري هيٺ موافق يا ڦيرڦار ڪيل ڪنهن قاعدي کي رد ڪرڻ يا سڌارڻ ڪان روڪي ٿو اِئين نہ ليکو ويندو.

## ٣٧٣. نوارڪ نظربنديءَ هيٺ شخص بنسبت راشٽرپتيءَ جو ڪن حالتن ۾ حڪم ڪرڻ جو اَختيار

سنسد دوارا آنوچيد ٢٢ جي فقري (٧) هيٺ پربند ٿئي، يا هن سنوڌان جي شروعات ڪان هڪ سال پورو ٿئي، ٻنهي مان جيڪو اَڳ ٿئي، تيستائين اُن آنوچيد جو اثر ائين ٿيندو ڄڻ تہ اُن جي فقرن (٤) ۽ (٧) ۾ سنسد جي ڪنهن بہ نرديش جي جاءِ تي راشٽرپتي جو نرديش ڏنو ويو آهي ۽ اُنهن فقرن ۾ سنسد دوارا ٺاهيل ڪنهن قاعدي جي نرديش جي جاءِ تي راشٽرپتيءَ دوارا ڪيل حڪم جو نرديش ڏنو ويو آهي.

## ٣٧٤. فيڊرل ڪورٽ جي ججن ۽ فيڊرل ڪورٽ يا هز مئجيسٽي اِن ڪائونسل وٽ پيل ڪارروائين جي باريءَ ۾ پربنڌ

(١) هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اَڳ عهدي تي فيڊرل ڪورٽ جا جج سواءِ تہ ٻئي نموني چونڊ ڪئي هجين اَهڙي شروعات تي سپريم ڪورٽ جا جج ٿيندا ۽ ائين ٿيڻ تي اَهڙن پگهارن ۽ ڀتن ۽ موڪل ۽ پينشن بنسبت اَهڙن اَڌڪارن جا حقدار ٿيندا جن جو سپريم ڪورٽ جي ججن بنسبت اَنوڇيد ١٢٥ هيٺ پربنڌ ڪيو ويو آهي.

(٢) هن سنوڌان جي شروعات تي فيڊرل ڪورٽ ۾ پيل سڀ دعوائون، اَپيلون ۽ ڪارروايون، ديواني يا فوجداري، سپريم ڪورٽ ۾ ڪچي ويل ٿينديون، ۽ سپريم ڪورٽ کي اُهي ٻڌڻ ۽ فيصل ڪرڻ جي حڪومت رهندي ۽ فيڊرل ڪورٽ جي هن سنوڌان جي شروعات کان اَڳ ڏنل يا ڪيل فتوائن ۽ حڪمن کي اَهڙو ئي عمل ۽ اثر رهندو جهڙو تہ اُهي سپريم ڪورٽ دوارا ڏنل يا ڪيل هئا.

(٣) هن سنوڌان ۾ ڪجهہ بہ ڳالهہ ڀارت جي ڪيتر اندر ڪنهن ڪورٽ جي ڪنهن فتوا، ڊڪري يا حڪم تي يا اُن بنسبت اَپيلن ۽ عريضين جو نيڪال ڪرڻ لاءِ هز مئجيسٽي اِن ڪائونسل دوارا حڪومت جي اِستعمال کي اَهڙيءَ حڪومت جي اِستعمال جي قاعدي دوارا اَختياري ڏنل هجي اوتري قدر نا جائز نہ ڪندي، ۽ اَهڙي ڪنهن اَپيل يا عريضيءَ تي هن سنوڌان جي شروعات کان پوءِ ڪيل هز مئجيسٽي اِن ڪائونسل جو ڪو حڪم سڀني پريوجنن لاءِ ائين اثرائتو ٿيندو جهڙو تہ اُهو سپريم ڪورٽ دوارا هن سنوڌان دوارا اُن ڪورٽ کي بخشيل حڪومت جي اِستعمال ۾ ڪيل حڪم يا ڊڪري آهي.

(٤) هن سنوڌان جي شروعات تي ۽ اُن کان پهرين اَنوسوچيءَ جي ڀاڱ (ب) ۾ جاڻايل ڪنهن راجيہ ۾ پروي ڪائونسل طريقي ڪرتب ڪندڙ اَختياريءَ جي اُن راجيہ اندر ڪنهن بہ ڪورٽ جي ڪنهن فتوا، ڊڪري يا حڪم تي يا اُن بنسبت اَپيلون ۽ عريضيون وٺڻ ۽ نيڪال ڪرڻ جي حڪومت بند ٿيندي، ۽ اَهڙيءَ شروعات تي اَهڙيءَ اَختياريءَ اَڳيان پيل سڀ اَپيلون ۽ ٻيون ڪارروايون سپريم ڪورٽ کي بدلي ڪيون ۽ اُن دوارا نيڪال ڪيون وينديون.

(۵) هن آنوڇيد جي اُپبنڌن کي اثر ڏيڻ لاءِ سنسد قاعدي دوارا ن وڌيڪ پربنڌ ڪري سگھندي.

## ۳۷۵. ڪورٽن، اَختيارين ۽ عملدارن جو سنوڌان جي اُپبنڌن جي اَڌين ڪم ڪندو رهڻ

ڀارت جي سڄي کيتر ۾ ديواني، فوجداري ۽ محصولي حڪومت واريون سڀ ڪورٽون، سڀ اَختياريون ۽ سڀ عملدار، عدالتي، ڪاروباري ۽ دفتري، پنهنجا پنهنجا ڪرتب هن سنوڌان جي اُپبنڌن جي اَڌين، اِستعمال ڪرڻ چالو رکندا.

## ۳۷۶. هاءِ ڪورٽ جي ججن جي باري ۾ پربنڌ

(۱) آنوڇيد ۲۱۷ جي فقري (۲) ۾ چيل ڪنهن به ڳالهه جي باوجود، هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اَڳ عهدي تي ڪنهن به پرانت ۾ هاءِ ڪورٽ جا جج، سواءِ ته هنن ٻئي نموني چونڊ ڪئي هُجي، اَهڙيءَ شروعات تي سمان راڄيه جي هاءِ ڪورٽ جا جج ٿيندا، ۽ ائين ٿيڻ تي اَهڙن پڳهارن ۽ ڀتن ۽ موڪل ۽ پينشن بنسبت اَهڙن اَڌڪارن جا حقدار ٿيندا جن جو اَهڙيءَ هاءِ ڪورٽ جي ججن بنسبت آنوڇيد ۲۲۱ هيٺ پربنڌ ڪيو ويو آهي. اَهڙو ڪو به جج، باوجود اِنجي ته هو ڀارت جو ناگرڪ نه آهي، اُن هاءِ ڪورٽ جو مکيه نيايه مورتي يا ٻيءَ ڪنهن هاءِ ڪورٽ جو مکيه نيايه مورتي يا ٻيو جج مقرر ٿيڻ لاءِ لائق ٿيندو.

(۲) پهرين آنوسوڇيءَ جي ڀاڱ (ب) ۾ ڄاڻايل ڪنهن راڄيه جي سمان ڪنهن ڏيهي رياست ۾ هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اَڳ عهدي تي هاءِ ڪورٽ جا جج، سواءِ ته هنن ٻئي نموني چونڊ ڪئي هُجي، اَهڙيءَ شروعات تي ائين ڄاڻايل راڄيه جي هاءِ ڪورٽ جا جج ٿيندا، ۽ آنوڇيد ۲۱۷ جي فقري (۱) ۽ (۲) ۾ چيل ڪنهن به ڳالهه جي باوجود پر اُن آنوڇيد جي فقري (۱) جي پرنتوڪ جي اَڌين، راشٽرپتي حڪم دوارا ن ٺهرائي اَهڙي مدت پوري ٿيڻ تائين عهدي تي رهندا.

(٣) هن آئيني ۾ محاوري 'جج' ۾ ڪاريہ ڪاري جج يا ائڊيشنل جج نہ اچي وجي.

## ٣٧٧. پارٽ جي ڪامپٽرولر ۽ آڊيٽر جنرل جي باري ۾ پربنڌ

هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اڳ عهدي تي پارٽ جو آڊيٽر جنرل، سواءِ تہ هن بئي نموني چونڊ ڪئي هجي، اهڙيءَ شروعات تي پارٽ جو ڪامپٽرولر ۽ آڊيٽر جنرل ٿيندو ۽ اهين ٿيڻ تي اهڙن پگهارن ۽ موڪل ۽ پينشن بنسبت اهڙن اڌڪارن جو حقدار ٿيندو جن جو پارٽ جي ڪامپٽرولر ۽ آڊيٽر جنرل بنسبت آئيني ١٤٨ جي فقري (٣) هيٺ پربنڌ ڪيو ويو آهي، ۽ اهڙيءَ شروعات کان يڪدم اڳ ساڻس لاڳو هئا اُنهن پربنڌن هيٺ ٺهرايل عهدي جي سندس مدت پوري ٿيڻ تائين عهدي تي چالو رهڻ جو حقدار ٿيندو.

## ٣٧٨. پبلڪ سروس ڪميشن جي باري ۾ پربنڌ

(١) هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اڳ پارٽ ڊومينين جي پبلڪ سروس ڪميشن جا عهدي تي ميمبر، سواءِ تہ هنن بئي نموني چونڊ ڪئي هجي اهڙيءَ شروعات تي سنگھ لاءِ پبلڪ سروس ڪميشن جا ميمبر ٿيندا ۽ آئيني ٣١٦ جي فقري (١) ۽ (٢) ۾ چيل ڪنهن بہ ڳالھ جي باوجود پر اُن آئيني جي فقري (٢) جي پرنتوڪ جي آڌين اهڙيءَ شروعات کان يڪدم اڳ اهڙن ميمبرن سان لاڳو نيمن هيٺ ٺهرايل مدو پوري ٿيڻ تائين پنهنجي عهدي تي چالو رهندا.

(٢) هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اڳ ڪنهن پرانت جي پبلڪ سروس ڪميشن يا پرانتن جي ڪنهن گروپ جون گهرجون پوريون ڪندڙ پبلڪ سروس ڪميشن جا عهدي تي ميمبر، سواءِ تہ بئي نموني چونڊ ڪئي هجين، اهڙيءَ شروعات تي سمان راجيہ جي پبلڪ سروس ڪميشن جا ميمبر يا حالت انوسار، سمان راجين جون گهرجون پوريون ڪندڙ گڏيل راجيہ پبلڪ سروس ڪميشن جا ميمبر ٿيندا، ۽ آئيني ٣١٦ جي فقري (١) ۽ (٢) ۾ چيل ڪنهن بہ ڳالھ جي باوجود پر اُن آئيني جي فقري (٢) جي پرنتوڪ جي آڌين اهڙيءَ شروعات کان يڪدم اڳ اهڙن ميمبرن سان لاڳو نيمن هيٺ

ٺهرايل مدو پورو ٿيڻ تائين پنهنجي عهدي تي چالو رهندا.

## ٣٧٨.الف. آنڌرپرديش وڌان سڀا جي معياد جي باري ۾ خاص پربنڌ

آنوڇيد ١٧٢ ۾ ڪابہ ڳالھ هئڻ جي باوجود، اسٽيٽس ري آرگنائيزيشن ائڪٽ، ١٩٥٦، جي ڪلمن ٢٨ ۽ ٢٩ جي اُپبنڌن هيٺ جوڙيل آنڌر پرديش راجيہ جي وڌان سڀا، سواءِ تہ اڳ برخاست ڪئي وڃي، اُن ڪلم ٢٩ ۾ نرديش ڪيل تاريخ کان پنجن سالن جي مدت لاءِ، ۽ نہ وڌيڪ، چالو رهندي، ۽ اُن مدت جي پوري ٿيڻ جو اثر اُن وڌان سڀا جي برخاستگي ٿيندو.

٣٧٩ کان ٣٩١ x x x x x x

## ٣٩٢. مشڪلاتون دور ڪرڻ جو راشٽرپتيءَ جو اختيار

(١) راشٽرپتي، ڪي بہ مشڪلاتون خاص ڪري گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ، ١٩٣٥، جي اُپبنڌن کان هن سنوڌان جي اُپبنڌن ۾ تبديل سنبنڌي هجن اُهي دور ڪرڻ جي پريوجن لاءِ حڪم دواران هدايت ڪري سگهندو تہ، هيءُ سنوڌان اُن حڪم ۾ ڄاڻايل مدت درميان ڦيرقار، واڌاري يا ڇڏي ڏيڻ جي روپ ۾ اهڙين موافقتن جي آڌين اثرائتو ٿيندو جي پاڻ ضروري يا صلاح پريا سمجهي ؛

بشرطيڪ اهڙي ڪو حڪم ڀاڱ پنجين جي آڌياءَ ٻئين هيٺ برابر جوڙيل سنسد جي پهرين ٻئڪ کان پوءِ نہ ڪيو ويندو.

(٢) فقري (١) هيٺ ڪيل هرڪو حڪم سنسد اڳيان رکيو ويندو.

(٣) هن آنوڇيد دواران، آنوڇيد ٣٢٤ دواران، آنوڇيد ٣٦٧ جي فقري (٣) دواران ۽ آنوڇيد ٣٩١ دواران راشٽرپتيءَ کي بخشيل اختيار، هن سنوڌان جي شروعات کان اڳ، ڀارت ڊومينين جو گورنر جنرل استعمال ڪري سگهندو.

# مختصر نالو، شروعات، هندي‌ءَ ۾ سَندِي پاٺ ۽ رد ڪرڻ

(سنوڌان (سڌارو انونجاهه) ائڪٽ، ۱۹۸۷ جي قلم ۲ دواران (۹ ڊسمبر ۱۹۸۷ کان) 'مختصر نالو، شروعات، ....' کان پوءِ 'هنديءَ ۾ سَندِي پاٺ' لفظ جوڙيا ويا)

## ۳۹۳. مختصر نالو

هن سنوڌان کي ڀارت جو سنوڌان سڏبو.

## ۳۹۴. شروعات

هيءُ اَنوڇيد ۽ اَنوڇيد ۵، ٦، ۷، ۸، ۹، ٦۰، ۳۲۴، ۳٦٦، ۳٦۷، ۳۷۹، ۳۸۰، ۳۸۸، ۳۹۱، ۳۹۲، ۽ ۳۹۳ هڪدم عمل ۾ ايندا، ۽ هن سنوڌان جا باقي اُپبنڌ جنوري ۱۹۵۰ جي چوويهين ڏينهن عمل ۾ ايندا، جنهن ڏينهن جو نرديش هن سنوڌان ۾ سنوڌان جي شروعات طريقي ڪيل آهي.

## ۳۹۴. اَلف. هندي ٻوليءَ ۾ سَندِي پاٺ

(۱) راشٽرپتي پنهنجي اَختياريءَ هيٺ شايع ڪرائيندو-

(اَ) هن سنوڌان جو هندي ترجمو جنهن تي سنوڌان سڀا جي ميمبرن صحيون ڪيون هيون اهڙين ڦيرڦارين سان جيڪي مرڪزي قاعدن جي هندي سَندِي پاٺ ۾ ٻولي، عبارت ۽ شبداوليءَ نهڪائڻ لاءِ ضروري آهن ۽ اهڙو ترجمو شايع ڪرڻ کان اول هن سنوڌان ۾ ڪيل سڀني سڌارن کي ان ۾ شامل ڪندي، ۽

(ب) انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪيل هن سنوڌان جي هرهڪ سڌاري جو هندي ٻوليءَ ۾ ترجمو.

(۲) فقري (۱) هيٺ شايع ٿيل هن سنوڌان ۽ ان جي هرهڪ سڌاري جي ترجمي جو اهو ئي مطلب سمجهيو ويندو جيڪو ان جي اصليءَ جو

آهي ۽ جيڪڏهن اهڙي ترجمي جي ڪنهن ڀاڱي جو ائين مطلب سمجهڻ ۾ ڪائي مشڪلات پيدا ٿئي ٿي تہ راشٽرپتي اُن جو جوڳو سڌارو ڪرائيندو.

(٣) هن سنوڌان جو ۽ اُن جي ڪنهن سڌاري جو هن انوڇيد جي اڌين شايع ٿيل ترجمو سڀني پريوجنن لاءِ اُن جو هندي ٻوليءَ ۾ سَنَدي پاٺ سمجهيو ويندو.

(سنوڌان (سڌارو اٺونجاهه) ائڪٽ، ١٩٨٧ جي ڪلم ٢ دوارا (٩ ڊسمبر ١٩٨٧ کان) درج ڪيل)

## ٣٩٥. رد ڪرڻ

انڊين اِنڊيپينڊنس اَئڪٽ، ١٩٤٧، ۽ گورنمينٽ آف انڊيا اَئڪٽ، ١٩٣٥، پوئين اَئڪٽ کي سڌاريندڙ يا اُن ۾ واڌارو ڪندڙ سڀني قاعدن سميت، پر نہ اَئباليشن آف پروي ڪائونسل جُرسِڊڪشن اَئڪٽ، ١٩٤٩، سميت، هن دوارا رد ڪيو وڃي ٿو.

پهرين اَنوسوچي

## ( اَنوچيد ۱ ۽ ۴ )

### ۱ - راڄيہ

| ڪيتر | نالو |
|---|---|
| آنڌر اسٽيٽ اَئڪٽ، ۱۹۵۳، جي قلم ۳ جي پيٽي قلم (۱) اِسٽيٽس ري آرگنائيزيشن اَئڪٽ، ۱۹۵۶ جي قلم ۳ جي پيٽي قلم (۱)، آنڌرپرديش اينڊ مدراس (آلٽريشن آف بائونڊريز) اَئڪٽ، ۱۹۵۹ جي پهرين اَنوسوچي، ۽ آنڌرپرديش اينڊ مئسور (ٽرانسفر آف ٽيريٽري ) اَئڪٽ، ۱۹۶۸ جي اَنوسوچيءَ ۾ ڄاڻايل ڪيتر، پر آنڌرپرديش ۽ مدراس (آلٽريشن آف بائونڊريز) اَئڪٽ ۱۹۵۹ جي ٻين اَنوسوچيءَ ۾ ڄاڻايل ڪيترن کان سواءِ. | ۱. آنڌرپرديش - |
| هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اَڳ آسام پرانت، ڪاسي راڄن ۽ آسام جن جاتي ايراضين ۾ سمايل هئا اُهي ڪيتر، پر آسام (آلٽريشن آف بائونڊريز) ائڪٽ، ۱۹۵۱ جي اَنوسوچيءَ ۾ ڄاڻايل ڪيترن ۽ اسٽيٽ آف ناگالئنڊ ائڪٽ، ۱۹۶۲ جي قلم ۳ جي پيٽي قلم (۱) ۾ ڄاڻايل ڪيترن ۽ نارٿ ايسٽرن ايرياز (ري آرگنائيزيشن ) ائڪٽ، ۱۹۷۱ جي قلم ۵، ۶ ۽ ۷، ۾ ڄاڻايل ڪيترن کان سواءِ. | ۲. آسام - |
| هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اَڳ بهار پرانت ۾ سمايل هئا يا ڄڻ تہ اُن پرانت جو ڀاڱو هجن اِئين اُنهن جو ڪاروبار هلايو ويندو هو اُهي ڪيتر ۽ بهار اينڊ اُتر پرديش (آلٽريشن آف بائونڊريز) اَئڪٽ، ۱۹۶۸ جي قلم ۳ جي پيٽي قلم (۱) جي فقري (اَ) ۾ ڄاڻايل ڪيتر، پر بهار اينڊ ويسٽ بينگال (ٽرانسفر آف ٽيريٽريز) اَئڪٽ، ۱۹۵۶ جي قلم ۳ جي پيٽي | ۳. بِهار - |

قلمر (ا) ۾ جاڙايل ڪيترن ۽ پهرين ذڪر ڪيل اَئڪٽ جي قلمر ٣ جي پيٽي قلمر (ا) جي فقري (ب) ۾ جاڙايل ڪيترن کان سواءِ.

٤. گجرات - بامبي ري آرگنائيزيشن اَئڪٽ، ١٩٦٠ جي قلمر ٣ جي پيٽي قلمر (ا) ۾ نرديش ڪيل ڪيتر.

٥. ڪيرالا - اِستيٽس ري آرگنائيزيشن اَئڪٽ، ١٩٥٦ جي قلمر ٥ جي پيٽي قلمر (ا) ۾ جاڙايل ڪيتر.

٦. مڌيہپرديش - اِستيٽس ري آرگنائيزيشن اَئڪٽ، ١٩٥٦ جي قلمر ٩ جي پيٽي قلمر (ا) ۽ راجستان ائنب مڌيہپرديش (ترانسفر آف ٽيريٽريز) اَئڪٽ، ١٩٥٩ جي پهرين اَنوسوچيءَ ۾ جاڙايل ڪيتر.

٧. تامل ناڊو - هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اَڳ مدراس پرانت ۾ سمايل هئا اُهي يا جڏهن تہ اُن پرانت جو ڀاڱو هجڻ اِئين اُنهن جو ڪاروبار هلايو ويندو هو، اُهي ڪيتر ۽ اِستيٽس ري آرگنائيزيشن اَئڪٽ، ١٩٥٦ جي قلمر ٤ ۽ آنڌرپرديش ائنب مدراس (آلٽريشن آف بائونڊريز) اَئڪٽ، ١٩٥٩ جي بين اَنوسوچيءَ ۾ جاڙايل ڪيتر، پر آنڌر اِستيٽ اَئڪٽ، ١٩٥٣ جي قلمر ٣ جي پيٽي قلمر (ا) ۽ قلمر ٤ جي پيٽي قلمر (ا) ۾ جاڙايل ڪيترن ۽ استيٽ ري آرگنائيزيشن اَئڪٽ، ١٩٥٦ جي قلمر ٥ جي پيٽي قلمر (ا) جي فقري (ب) ، قلمر ٦ ۽ قلمر ٧ جي پيٽي قلمر (ا) جي فقري (پ) ۾ جاڙايل ڪيترن ۽ آنڌرپرديش اِئنب مدراس (آلٽريشن آف بائونڊريز) اَئڪٽ، ١٩٥٩ جي پهرين اَنوسوچيءَ ۾ جاڙايل ڪيترن کان سواءِ.

٨. مهاراشٽر - اِستيٽس ري آرگنائيزيشن اَئڪٽ، ١٩٥٦ جي قلمر ٨ جي پيٽي قلمر (ا) ۾ جاڙايل ڪيتر، پر بامبي ري آرگنائيزيشن اَئڪٽ، ١٩٦٠ جي قلمر ٣ جي پيٽي قلمر (ا) ۾ نرديش ڪيل ڪيترن کان سواءِ.

٩. ڪرناٽڪ - استيٽس ري آرگنائيزيشن اَئڪٽ، ١٩٥٦ جي قلم ٧ جي پيٽي قلم (١) ۾ ڄاڻايل ڪيتر، پر آنڌرپرديش اينڊ مئسور (ٽرانسفر آف ٽيريٽري ) اَئڪٽ، ١٩٦٨ جي اَنوسوچيءَ ۾ ڄاڻايل ڪيتر کان سواءِ.

١٠. اوڙيسا - هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اَڳ اوڙيسا پرانت ۾ سمايل هئا يا ڄڻ تہ اُن پرانت جو ڀاڱو هجن اِئين اُنهن جو ڪاروبار هلايو ويندو هو اُهي ڪيتر.

١١. پنجاب - استيٽس ري آرگنائيزيشن اَئڪٽ، ١٩٥٦ جي قلم ١١ ۾ ڄاڻايل ڪيتر ۽ اڪوائرڊ ٽيريٽريز (مرجر) اَئڪٽ، ١٩٦٠ جي پهرين اَنوسوچيءَ جي ڀاڱ ٻئين ۾ نرديش ڪيل ڪيتر، پر سنوڌان ( نائون سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٦٠ جي پهرين اَنوسوچيءَ جي ڀاڱہ ٻئين ۾ نرديش ڪيل ڪيترن ۽ پنجاب ري آرگنائيزيشن اَئڪٽ، ١٩٦٦ جي قلم ٣ جي پيٽي قلم (١)، قلم ٤ ۽ قلم ٥ جي پيٽي قلم (١) ۾ ڄاڻايل ڪيترن کان سواءِ.

١٢. راجستان - اِستيٽس ري آرگنائيزيشن اَئڪٽ، ١٩٥٦ جي قلم ١٠ ۾ ڄاڻايل ڪيتر، پر راجستان ۽ مڌيہ پرديش (ٽرانسفر آف ٽيريٽريز) اَئڪٽ، ١٩٥٩ جي پهرين اَنوسوچيءَ ۾ ڄاڻايل ڪيترن کان سواءِ.

١٣. اُترپرديش - هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اَڳ گڏيل پرانتن نالي پرانت ۾ سمايل هئا يا ڄڻ تہ اُن پرانت جو ڀاڱو هجن ائين اُنهن جو ڪاروبار هلايو ويندو هو اُهي ڪيتر، بهار ۽ اُترپرديش (آلٽريشن آف بائونڊريز) اَئڪٽ، ١٩٦٨ جي قلم ٣ جي پيٽي قلم (١) جي فقري (ب) ۾ ڄاڻايل ڪيتر ۽ هرياڻا اينڊ اُتر پرديش (آلٽريشن آف بائونڊريز) اَئڪٽ، ١٩٧٩ جي قلم ٤ جي پيٽي قلم (١) جي فقري (ب) ۾ ڄاڻايل ڪيتر، پر بهار اينڊ اُتر

پرديش (آلٽريشن آف بائونڊريز) ايڪٽ، ١٩٦٨ جي قلم ٣ جي پيٽي قلم (١) جي فقري (اَ) ۾ ڄاڻايل ڪيترن ۽ هرياڻا ائنڊ اُترپرديش (آلٽريشن آف بائونڊريز) ايڪٽ، ١٩٧٩ جي قلم ۴ جي پيٽي قلم (١) جي فقري (اَ) ۾ ڄاڻايل ڪيترن کان سواءِ.

**١۴. اولهه بينگال -** هن سنوڏان جي شروعات کان يڪدم اڳ اولهه بينگال پرانت ۾ سمايل هئا يا ڄڻ تہ اُن پرانت جو ڀاڱو هجن اِئين اُنهن جو ڪاروبار هلايو ويندو هو اُهي ڪيتر ۽ چندرنگور (مرجر) ايڪٽ، ١٩٥۴ جي قلم ٢ جي فقري (ب) ۾ وياکيا ڏنل چندر نگور جو ڪيتر ۽ پڻ بهار ائنڊوسيٽ بينگال (ٽرانسفر آف ٽيريٽريز) ايڪٽ، ١٩٥٦ جي قلم ٣ جي پيٽي قلم (١) ۾ ڄاڻايل ڪيتر.

**١٥. جمون ۽ ڪشمير -** هن سنوڏان جي شروعات کان يڪدم اڳ جمون ۽ ڪشمير جي ڏيهي رياست ۾ سمايل هئو اُهو ڪيتر.

**١٦. ناگالئنڊ -** اسٽيٽ آف ناگالئنڊ ايڪٽ، ١٩٦٢ جي قلم ٣ جي پيٽي قلم (١) ۾ ڄاڻايل ڪيتر.

**١٧. هرياڻا -** پنجاب ري آرگنائيزيشن ايڪٽ، ١٩٦٦ جي قلم ٣ جي پيٽي قلم (١) ۾ ڄاڻايل ڪيتر ۽ هرياڻا ائنڊ اُترپرديش (آلٽريشن آف بائونڊريز) ايڪٽ، ١٩٧٩ جي قلم ۴ جي پيٽي قلم (١) جي فقري (اَ) ۾ ڄاڻايل ڪيتر، پر اُن ايڪٽ جي قلم ۴ جي پيٽي قلم (١) جي فقري (ب) ۾ ڄاڻايل ڪيترن کان سواءِ.

**١٨. هماچل پرديش -** هن سنوڏان جي شروعات کان يڪدم اڳ ڄڻ تہ هماچل پرديش ۽ بلاسپور نالي چيف ڪمشنر جا پرانت هجن ائين جن جو ڪاروبار هلايو ويندو هو، اُهي ڪيتر ۽ پنجاب ري آرگنائيزيشن ايڪٽ، ١٩٦٦ جي قلم ٥ جي پيٽي قلم (١) ۾ سمايل ڪيتر.

۱۹. مڻيپور - هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اَڳ جڏهن تہ مڻيپور نالي چيف ڪمشنر جو پرانت هجي اٿين جنهن جو ڪاروبار هلايو ويندو هو، اُهو ڪيتر.

۲۰. تريپورا - هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اَڳ جڏهن تہ تريپورا نالي چيف ڪمشنر جو پرانت هجي اِٿين جنهن جو ڪاروبار هلايو ويندو هو اُهو ڪيتر.

۲۱. ميگهاليہ - نارٿ ايسٽرن ايريا ز (ري آرگنائيزيشن) اَئڪٽ، ۱۹۷۱ جي قلم ۵ ۾ ڄاڻايل ڪيتر.

۲۲. سِڪم - سنوڌان (ڇٽيهون سڌارو) اَئڪٽ، ۱۹۷۵ جي شروعات کان يڪدم اَڳ سِڪم ۾ سمايل هئا اُهي ڪيتر.

۲۳. مِزورم - اُهي ڪيتر جيڪي نارٿ ايسٽرن ايريا ز (ري آرگنائيزيشن) اَئڪٽ، ۱۹۷۱ جي قلم ٦ ۾ ڄاڻايل آهن.
(اسٽيٽ آف مزورم اَئڪٽ ۱۹۸٦ (۱۹۸٦ جو ۳۴) جي قلم ۴ دواران (۲۰ فبروري ۱۹۸۷ کان) درج ڪيل)

۲۴. اروڻاچل پرديش - اُهي ڪيتر جيڪي نارٿ ايسٽرن ايريا ز (ري آرگنائيزيشن) اَئڪٽ، ۱۹۷۱ جي قلم ۷ ۾ ڄاڻايل آهن.
(اسٽيٽ آف اروڻاچل پرديش ائڪٽ ۱۹۸٦ (۱۹۸٦ جو ٦۹) جي قلم ۴ دواران (۲۰ فبروري ۱۹۸۷ کان) درج ڪيل)

۲۵. گوئا - اُهي ڪيتر جيڪي گوئا ڊمڻ ۽ ڊيو (ري آرگنائيزيشن) اَئڪٽ، ۱۹۸۷ جي قلم ۳ ۾ ڄاڻايل آهن.
(گوئا، ڊمڻ ۽ ڊيو ري آرگنائيزيشن اَئڪٽ ۱۹۸۷ (۱۹۸۷ جو ۱۸) جي قلم ۵ دواران (۳۰ ميءِ ۱۹۸۷ کان) درج ڪيل)

## ٢-سنگهه ڪيتر

| نالو | وستار |
|---|---|
| ١. دهلي - | هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اَڳ دهليءَ جي چيف ڪمشنر جي پرانت ۾ سمايل هو اُهو ڪيتر. |
| ٢. اَنڊمان ۽ نڪوبار ٻيٽ - | هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اَڳ اَنڊمان نڪوبار ٻيٽ جي چيف ڪمشنر جي پرانت ۾ سمايل هو اَهو ڪيتر. |
| ٣. لڪشديپ - | اِسٽيٽس ري آرگنائيزيشن اَئڪٽ، ١٩٥٦ جي قلم ٦ ۾ ڄاڻايل ڪيتر. |
| ٤. دادرا ۽ نگرحويلي - | ١١ آگسٽ ١٩٦١ کان يڪدم اَڳ آزاد دادرا ۽ نگر حويليءَ ۾ سمايل هو اُهو ڪيتر. |
| ٥. دمڻ ۽ ڊيو - | اُهي راجيه ڪيتر جيڪي گوئا، دمڻ ۽ ڊيو (ري آرگنائيزيشن) اَئڪٽ ١٩٨٧ جي قلم ٤ ۾ ڄاڻايل آهن.<br>(گوئا، دمڻ ۽ ڊيو ري آرگنائيزيشن ائڪٽ ١٩٨٧ (١٩٨٧ جو ١٨) جي قلم ٥ دواران (٣٠ ميءَ ١٩٨٧ کان) سڌاريل) |
| ٦. پانڊيچري - | ١٦ آگسٽ ١٩٦٢ کان يڪدم اَڳ پانڊيچري، ڪاريڪل، ماهي ۽ ينم نالي پارت ۾ فرينچ بستين ۾ سمايل هئا اُهي ڪيتر. |
| ٧. چنڊيگڙهه - | پنجاب ري آرگنائيزيشن اَئڪٽ، ١٩٦٦ جي قلم ٤ ۾ ڄاڻايل ڪيتر.<br>(اسٽيٽ آف مزورم ائڪٽ ١٩٨٦ (١٩٨٦ جو ٣٤) جي قلم ٤ دواران (٢٠ فبروري ١٩٨٧ کان) داخلا '٨ مزورم' ڇڏي ڏني ويئي،<br>(اسٽيٽ آف اروڻاچل پرديش ائڪٽ ١٩٨٦ (١٩٨٦ جو ٦٩) جي قلم ٤ دواران (٢٠ فبروري ١٩٨٧ کان) داخلا '٩ اروڻاچل پرديش' ڇڏي ڏني ويئي. |

## (اَنوڇيد ٥٩ (٣)، ٦٥(٣)، ٧٥ (٦)، ٩٧، ١٢٥، ١٤٨(٣)، ١٥٨(٣) ١٦٤ (٥) ١٨٦ ۽ ٢٢١)

## ڀاڱو اَلف.

### راشٽرپتيءَ ۽ راڄين جي راڄپالن جي باري ۾ پربنڌ

١. راشٽرپتيءَ کي ۽ راڄين جي راڄپالن کي ماهوار هيٺيان اُجورا ڏنا ويندا، يعني تہ-

| | |
|---|---|
| راشٽرپتي | ٢٠،٠٠٠ رپيا |

(١٩٨٨ جي اَئڪٽ ١٦ جي قلم ٤ دواران ١٠،٠٠٠ رپيا سڌاري ٢٠،٠٠٠ رپيا ڪيل)

| | |
|---|---|
| راڄيہ جو راڄپال | ١١،٠٠٠ رپيا |

(١٩٨٧ جي اَئڪٽ ١٧ جي قلم ٢ دواران ٥٥٠٠ رپيا سڌاري ١١،٠٠٠ رپيا ڪيل)

٢. راشٽرپتيءَ ۽ راڄين جي راڄپالن کي اَهڙا ڀتا پڻ ڏنا ويندا جي هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اَڳ سلسليوار ڀارت ڊومينين جي گورنر جنرل ۽ سمان پرانتن جي گورنرن کي ڏيڻ جوڳا هئا.

٣. راشٽرپتيءَ ۽ راڄين جي راڄپالن کي عهدي جي پنهنجي پنهنجي سڄي مدي درميان ساڳين اَهڙن خاص اَڌڪارن جو حق رهندو جن جو هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اَڳ سلسليوار گورنر جنرل ۽ سمان پرانتن جي گورنرن کي حق هو.

٤. اُپ راشٽرپتي يا ٻيو ڪو شخص راشٽرپتيءَ جا ڪرتب اَدا ڪندو هجي يا راشٽرپتي طريقي ڪاريہ ڪندو هجي يا ڪو شخص راڄپال جا ڪرتب اَدا ڪندو هجي تڏهين هن کي، حالت اَنوسار، راشٽرپتي يا راڄپال جنهن جا ڪرتب هو اَدا ڪري يا جنهن لاءِ هو ڪاريہ ڪري، اُن جي ساڳين اُجورن، ڀتن ۽ خاص اَڌڪارن جو حق رهندو.

.......................................................

## پاڱ ب

# لوڪ سڀا جي اِسپيڪر ۽ ڊپٽي اِسپيڪر ۽ راڄيہ سڀا جي چيئرمن ۽ ڊپٽي چيئرمن ۽ راڄيہ جي وڌان سڀا جي اِسپيڪر ۽ ڊپٽي اِسپيڪر ۽ وڌان پريشد جي چيئرمن ۽ ڊپٽي چيئرمن جي باري ۾ پربنڌ

٧. لوڪ سڀا جي اِسپيڪر ۽ راڄيہ سڀا جي چيئرمن کي اَهڙا پگهار ۽ ڀتا ڏنا ويندا جي هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اَڳ ڀارت ڊومينين جي جوڙجڪي اَسيمبليءَ جي اِسپيڪر کي ڏيڻ جوڳا هئا، ۽ لوڪ سڀا جي ڊپٽي اِسپيڪر کي ۽ راڄيہ سڀا جي ڊپٽي چيئرمن کي اَهڙا پگهار ۽ ڀتا ڏنا ويندا جي اَهڙيءَ شروعات کان يڪدم اَڳ ڀارت ڊومينين جي جوڙجڪي اَسيمبليءَ جي ڊپٽي اِسپيڪر کي ڏيڻ جوڳا هئا.

٨. راڄيہ جي وڌان سڀا جي اسپيڪر ۽ ڊپٽي اِسپيڪر کي ۽ وڌان پريشد جي چيئرمن ۽ ڊپٽي چيئرمن کي اَهڙا پگهار ۽ ڀتا ڏنا ويندا جي هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اَڳ سمان پرانت جي وڌان سڀا جي اِسپيڪر ۽ ڊپٽي اِسپيڪر ۽ وڌان پريشد جي چيئرمن ۽ ڊپٽيءَ چيئرمن کي، سلسليوار، ڏيڻ جوڳا هئا ۽، جتي سمان پرانت ۾ اَهڙيءَ شروعات کان يڪدم اَڳ وڌان پريشد نہ هئي اُتي راڄيہ جي وڌان پريشد جي چيئرمن ۽ ڊپٽي چيئرمن کي راڄيہ جو راڄيپال نهرائي اُهي پگهار ۽ ڀتا ڏنا ويندا.

## پاڱ پ

# سپريم ڪورٽ جي ۽ هاءِ ڪورٽن جي ججن جي باري ۾ پربنڌ

٩. (١) سپريم ڪورٽ جي ججن کي حقيقي نوڪريءَ ۾ ڪاٽيل وقت بنسبت هينين ماهوار نرخن سان پگهار ڏنو ويندو يعنيٰ تہ -

| | |
|---|---|
| چيف جسٽس | ١٠،٠٠٠ رپيا |
| ٻيو ڪو جج | ٩،٠٠٠ رپيا |

بشرطيڪ جي سپريم ڪورٽ جي جج کي سندس مقرريءَ وقت پارٽ سرڪار يا اُن جي اَڳين سرڪارين مان ڪنهن جي هٽ هيٺ يا راجيه جي سرڪار يا اُن جي اَڳين سرڪارين مان ڪنهن جي هٽ هيٺ ڪنهن اَڳين نوڪريءَ بنسبت ڪا پينشن (جڏي ٽيڻ يا زخم جي پينشن کان سواءِ) ملندي هجي تہ سپريم ڪورٽ ۾ نوڪريءَ بنسبت سندس پگهار مان هيٺيون رقمون گهٽايون وينديون.

(اَ) اُن پينشن جي رقم، ۽

(ب) جي اَهڙي مقرريءَ کان اَڳہ اَهڙي اَڳين نوڪريءَ بنسبت ملڻ جوڳي پينشن جي حصي جي عيوض کيس اُن جي قيرايل قيمت ملي هجي تہ پينشن جي اُن حصي جي رقم، ۽

(پ) جي اَهڙي مقرريءَ کان اڳہ اهڙي اڳين نوڪريءَ بنسبت کيس رٽائر ٿيڻ جي گرئچوئٽي ملي هجي تہ اُن گرئچوئٽيءَ جو پينشن عيوض.

(٢) سپريم ڪورٽ جي هر ڪنهن جج کي مسواڙ ڏيڻ کان سواءِ سرڪاري نواس ڪم آڻڻ جو حق رهندو.

(٣) جيڪو جج هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اَڳ، -

(اَ) فيبدرل ڪورٽ جي چيف جسٽس جي عهدي تي هو ۽ اَهڙي شروعات تي اَنوڇيد ٣٧٤ جي فقري (١) هيٺ سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس ٿيو آهي، يا

(ب) فيبدرل ڪورٽ جي ٻئي ڪنهن جج جي عهدي تي هو ۽ اَهڙي شروعات تي اُن فقري هيٺ سپريم ڪورٽ جو (چيف جسٽس کان سواءِ ٻيو) جج ٿيو آهي؛

اُهو چيف جسٽس يا ٻئي جج طريقي عهدي تي رهي اُن مدت درميان اُن سان هن پئرا جي پيٽي (٢) ۾ ڪجھ بہ لاڳو نہ پوندو، ۽ هرڪو جج جيڪو اِئين سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس يا ٻيو جج ٿئي اُنکي اَهڙي چيف جسٽس يا ٻئي جج طريقي حالت اَنوسار حقيقي نوڪريءَ ۾ ڪاٽيل وقت بنسبت هن پئرا جي پيٽي پئرا (١) ۾ ڄاڻايل پگهار کان وڌيڪ خاص پگهار طور اِئين ڄاڻايل پگهار ۽ اَهڙي شروعات کان يڪدم اَڳ کيس ملندو هو اُن پگهار جي وچ ۾ تفاوت جي برابر رقم ملڻ جو حق رهندو.

(٤) سپريم ڪورٽ جي هرڪنهن جج کي پنهنجي فرض درميان پارٽ جي ڪيتر اندر مسافري ڪرڻ ۾ ٿيندڙ خرچ جي پرپائي ڪرڻ لاءِ اَهڙا واجبي ڀتا ملندا ۽ مسافريءَ سنبنڌي اَهڙيون واجبي سهوليتون ڏنيون وينديون جي راشٽرپتيءَ وقت بوقت طئہ ڪري.

(۵) سپريم ڪورٽ جي ججن جي غيرحاضريءَ جي موڪل (موڪل جي پٽن سميت) ۽ پينشن بنسبت اُڌڪار هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اَڳ فيڊرل ڪورٽ جي ججن سان لاڳو هئا اُنهن پرٻندن مطابق ٿيندا.

۱۰. (۱) هاءِ ڪورٽن جي ججن کي حقيقتي نوڪريءَ ۾ ڪاٽيل وقت بنسبت هينين ماهوار نرخن سان پگهار ڏنو ويندو، يعنيٰ تہ -

| | |
|---|---|
| چيف جسٽس | ۹،۰۰۰ رپيا |
| ٻيوڪو جج | ۸،۰۰۰ رپيا |

بشرطيڪ جي هاءِ ڪورٽ جي جج کي سندس مقرريءَ وقت ڀارت سرڪار يا اُن جي اَڳين سرڪارين مان ڪنهن جي هٺ هيٺ يا راجيہ سرڪار يا اُن جي اَڳين سرڪارين مان ڪنهن جي هٺ هيٺ ڪنهن اَڳين نوڪريءَ بنسبت ڪا پينشن (جڏي ٿيڻ يا زخم جي پينشن کانسواءِ) ملندي هجي تہ هاءِ ڪورٽ ۾ نوڪريءَ بنسبت سندس پگهار مان هينيون رقمون گهٽايون وينديون -

(اَ) اُن پينشن جي رقم، ۽

(ب) جي اَهڙيءَ مقرريءَ کان اَڳ اَهڙيءَ نوڪري بنسبت ملڻ جوڳي پينشن جي حصي جي عيوض کيس اُن جي ڦيرايل رقم ملي هجي تہ پينشن جي اُن حصي جي رقم، ۽

(ٻ) جي اَهڙي مقرريءَ کان اَڳ اَهڙي اَڳين نوڪري بنسبت کيس رٽائر ٿيڻ جي گرئچوئٽي ملي هجي تہ اُن گرئچوئٽي جو پينشن عيوض.

(۲) هرڪو شخص جو هن سنوڌان جي شروعات کان يڪدم اَڳ -

(اَ) ڪنهن پرانت ۾ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي عهدي تي هو ۽ اَهڙي شروعات تي اَنوڇيد ۳۷٦ جي فقري (۱) هيٺ متعلق راجيہ ۾ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس ٿيو آهي، يا

(ب) ڪنهن پرانت ۾ هاءِ ڪورٽ جي ٻئي ڪنهن جج جي عهدي تي رهيو آهي ۽ اَهڙي شروعات تي اُن فقري هيٺ سمان راجيہ ۾ هاءِ ڪورٽ جو جج (چيف جسٽس کان سواءِ) ٿيو آهي تہ، جي اَهڙي شروعات کان يڪدم اَڳ کيس هن پئرا جي پيٽي پئرا (۱) ۾ ڄاڻايل کان وڌيڪ نرخ سان پگهار ملندو هو، تہ هن کي اَهڙي چيف جسٽس يا ٻئي جج طريقي، حالت اَنوسار، حقيقي نوڪريءَ ۾ ڪاٽيل وقت بنسبت

اُن پيٽي پئرا ۾ ڄاڻايل پگھار کان وڌيڪ خاص پگھار طور اِئين ڄاڻايل پگھار ۽ اَهڙي شروعات کان يڪدم اَڳ ڪيس ملندو هو اُن پگھار جي وچ ۾ تفاوت جي برابر رقم ملڻ جو حق رهندو.

(٣) ڪو به شخص جو سنوڌان (ستون سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٥٦ جي شروعات کان يڪدم اَڳ پهرين اَنوسوچيءَ جي ڀاڱ ب ۾ ڄاڻايل راڄيہ جي هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي عهدي تي هو ۽ اَهڙي شروعات تي اُن اَئڪٽ دوران سڌاريل اُن اَنوسوچيءَ ۾ ڄاڻايل راڄيہ جي هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس ٿيو آهي، اُنکي جي اَهڙيءَ شروعات کان يڪدم اَڳ پنهنجي پگھار کان وڌيڪ ڪو ڀتو ملندو هو تہ، اَهڙي چيف جسٽس طريقي حقيقي نوڪريءَ ۾ ڪاٽيل وقت بنسبت هن پئرا جي پيٽي پئرا (١) ۾ ڄاڻايل پگھار کان وڌيڪ ساڳي رقم ڀتي طور ملڻ جو حق رهندو.

١١. هن ڀاڱ ۾، مضمون ٻي تقاضا نہ ڪري تہ-

(اَ) محاوري 'چيف جسٽس' ۾ ڪاربہ ڪاري چيف جسٽس اَچي وڃي ٿو، ۽ ڄج ۾ اَئڊهاڪ ڄج اَچي وڃي ٿو؛

(ب) 'حقيقي نوڪري'۾ اَچي وڃي ٿو-

(i) ڄج دوران ڄج طريقي فرض تي يا راشٽرپتيءَ جي وينتيءَ تي جيڪي ٻيا ڪرتب اَدا ڪرڻ هو پاڻ تي کڻي اُهي اَدا ڪرڻ ۾ ڪاٽيل وقت،

(ii) ڄج موڪل تي غيرحاضر هجي اُنهيءَ کان سواءِ وئڪيشن؛ ۽

(iii) هاءِ ڪورٽ کان سپريم ڪورٽ ۾ يا هڪ هاءِ ڪورٽ کان ٻيءَ ۾ بدليءَ تي حاضر ٿيڻ جو وقت.

## ڀاڱ ڀ

## ڀارت جي ڪامپٽرولر ۽ آڊيٽر جنرل جي باري ۾ پربنڌ

١٢. (١) ڀارت جي ڪامپٽرولر ۽ آڊيٽر جنرل کي ١٩٧١ جي اَئڪٽ ٥٦ جي قلم (٣) انوسار سپريم ڪورٽ جي ڄج جي پگھار برابر، پگھار ڏني ويندي؛ سنوڌان (سڌارو ڇوونجاهہ) اَئڪٽ، ١٩٨٦ هيٺ سپريم ڪورٽ جي ڄج جي پگھار وڌائي ٩٠٠٠ روپيہ ماهوار ڪئي وئي آهي.

(٢) جيڪو شخص هن سنوڏان جي شروعات کان يڪدم اڳ پارت جي آڊيٽر جنرل جي عهدي تي هو ۽ اهڙيءَ شروعات تي اَنوڇيد ٣٧٧ هيٺ پارت جو ڪامپٽرولر ۽ آڊيٽر جنرل ٿيو آهي اُنکي هن پئرا جي پيٽي پئرا (١) ۾ ڄاڻايل پگهار کان وڌيڪ خاص پگهار طور اِئين ڄاڻايل پگهار ۽ اهڙيءَ شروعات کان يڪدم اڳ پارت جي آڊيٽر جنرل طريقي ڪيس ملندو هو اُن پگهار جي وچ ۾ تفاوت جي برابر رقم ملڻ جو حق رهندو.

(٣) پارت جي ڪامپٽرولر ۽ آڊيٽر جنرل جا غيرحاضريءَ جي موڪل ۽ پينشن ۽ نوڪريءَ جي ٻين شرطن بنسبت اُڏڪار هن سنوڏان کان يڪدم اڳ پارت جي آڊيٽر جنرل سان لاڳو هئا اُنهن پرٻنڌن مطابق حالت اَنوسار ٿيندا يا هئڻ چالو رهندا ۽ اُنهن پرٻنڌن ۾ گورنر جنرل ڏانهن سڀ نرديش راشٽرپتيءَ ڏانهن نرديش سمجهيا ويندا.

( انوڇيد ٧٥ (۴)، ٩٩، ١٢۴ ١۴٨ (٦)، ١٢۴ (٢)، ١٦۴ (٣)، ١٨٨ ۽ ٢١٩ )

## قسم يا ساک جا نمونا

١.

### سنگھ جي منتريءَ لاءِ عهدي جو قسم جو نمونو:-

'مان، فلاڻو، ايشور جو قسم ٿو کڻان / گنڀيرتا سان ساک تي ٿو چوان تہ مان قانون دوارا اِستاپن ٿيل ڀارت جي سنوڌان ڏانهن سچو ايمان ۽ وفاداري رکندس، مان ڀارت جي سروڀؤمتا ۽ اکنڊتا کي برقرار رکندس، مان سنگھ جي منتريءَ طريقي پنهنجا فرض ايمانداريءَ سان ۽ وويڪ پورڻ ادا ڪندس ۽ مان سڀني نمونن جي لوڪن سان ڊپ يا پاسخاطري، موھ يا بدخواهي کان سواءِ سنوڌان ۽ قانون پرماڻي نياءُ ڪندس.'

٢.

### سنگھ جي منتريءَ لاءِ رازداريءَ جي قسم جو نمونو:-

'مان فلاڻو ايشور جو قسم ٿو کڻان / گنڀيرتا سان ساک تي ٿو چوان تہ ڪا بہ بابت جا سنگھ جي منتريءَ طريقي منهنجي ويچار هيٺ آندي ويندي يا منهنجي ڄاڻ ۾ ايندي اُها سواءِ تہ اهڙي منتري طريقي منهنجي فرض جي پوري طرح ادا ڪرڻ ۾ ضروري هجي، مان سڌي يا اڻ سڌي طرح ڪنهن بہ شخص کي نہ ٻڌائيندس يا ظاهر ڪندس.'

٣.

الف

### سنسد جي چونڊ لاءِ اُميدوار دوارا ڪڍڻ جي قسم يا ساک جو نمونو:-

'مان فلاڻو، راڄيہ سڀا (يا لوڪ سڀا) ۾ جاءِ ڀرڻ لاءِ اُميدوار طريقي نامزد ٿيڻ تي ايشور جو قسم ٿو کڻان / گنڀيرتا سان ساک تي ٿو چوان تہ مان قانون دوارا اِستاپن ٿيل ڀارت جي سنوڌان ڏانهن سچو ايمان ۽ وفاداري رکندس ۽ مان ڀارت جي سروڀؤمتا ۽ اکنڊتا کي برقرار رکندس.'

ب

### سنسد جي ميمبرن دوران کڻڻ جي قسم يا ساک جو نمونو:-

'مان فلاڻو، راڄيه سڀا (يا لوڪ سڀا) جو ميمبر چونڊجي (ناماڄي) تي ايشور جو قسم ٿو کڻان / گنڀيرتا سان ساک تي ٿو چوان ته مان قانون دوران اِستاپن ٿيل ڀارت جي سنوڌان ڏانهن سچو ايمان ۽ وفاداري رکندس، مان ڀارت جي سروڀؤمتا ۽ اکنڊتا کي برقرار رکندس ۽ مان جيڪو فرض پاڻ تي کڻڻ وارو آهيان اُهو ايمانداريءَ سان اَدا ڪندس.'

.۴

### سپريم ڪورٽ جي ججن ۽ ڀارت جي ڪامپٽرولر ۽ آڊيٽر جنرل دوران کڻڻ جي قسم يا ساک جو نمونو:-

'مان، فلاڻو، ڀارت جي سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس (يا جج) (يا ڀارت جو ڪامپٽرولر ۽ آڊيٽر جنرل) مقرر ٿيڻ تي ايشور جو قسم ٿو کڻان / گنڀيرتا سان ساک تي ٿو چوان ته مان قانون دوران اِستاپن ٿيل ڀارت جي سنوڌان ڏانهن سچو ايمان ۽ وفاداري رکندس، مان ڀارت جي سروڀؤمتا ۽ اکنڊتا کي برقرار رکندس، مان پنهنجي عهدي جا فرض ڊپ يا پاسخاطري، موھ يا بدخواهيءَ کان سواءِ، پوريءَ طرح ۽ ايمانداريءَ سان ۽ پنهنجي بهترين شڪتي، علم ۽ سَمجهه سان اَدا ڪندس ۽ مان سنوڌان ۽ قاعدن کي برقرار رکندس.'

.۵

### راڄيه جي منتريءَ لاءِ عهدي جي قسم جو نمونو:-

'مان، فلاڻو، ايشور جو قسم ٿو کڻان / گنڀيرتا سان ساک تي ٿو چوان ته مان قانون دوران اِستاپن ٿيل ڀارت جي سنوڌان ڏانهن سچو ايمان ۽ وفاداري رکندس، مان ڀارت جي سروڀؤمتا ۽ اَکنڊتا کي برقرار رکندس، مان راڄيه جي منتري طريقي پنهنجا فرض ايمانداريءَ سان ۽ وويڪ پورڻ اَدا ڪندس ۽ مان سڀني نمونن جي لوڪن سان ڊپ يا پاسخاطري، موھ يا بدخواهيءَ کان سواءِ، سنوڌان ۽ قانون پرماڻي انصاف ڪندس.'

.٦

### راڄيه جي منتريءَ لاءِ رازداريءَ جي قسم جو نمونو:-

'مان، فلاڻو، ايشور جو قسم ٿو کڻان / گنڀيرتا سان ساک تي ٿو چوان ته ڪابه بابت جا ........ راڄيه جي منتريءَ طريقي منهنجي ويچار هيٺ آندي ويندي يا منهنجي

جاڻ ۾ ايندي اُها، سواءِ نہ اَهڙي منتري طريقي منهنجي فرض جي پوري طرح اَدا ڪرڻ ۾ ضروري هجي، مان سڌي يا اَڻ سڌي طرح ڪنهن بہ شخص يا شخصن کي نہ ٻڌائيندس يا ظاهر ڪندس.'

.٧

اَلف

## راڄيہ جي وڌان منڊل جي چونڊ لاءِ اُميدوار دواران کڻڻ جي قسم يا ساک جو نمونو:-

'مان، فلاڻو، وڌان سڀا (يا وڌان پريشد) ۾ جاءِ ڀرڻ لاءِ اُميدوار طريقي نامزد ٿيڻ تي ايشور جو قسم ٿو کڻان / گنڀيرتا سان ساک تي ٿو چوان تہ مان قانون دواران اِسٿاپن ٿيل ڀارت جي سنوڌان ڏانهن سچو ايمان ۽ وفاداري رکندس ۽ مان ڀارت جي سرويؤمتا ۽ اکنڊتا کي برقرار رکندس.'

ب

## راڄيہ جي وڌان منڊل جي ميمبر دواران کڻڻ جي قسم يا ساک جو نمونو:-

'مان، فلاڻو، وڌان سڀا ( وڌان پريشد) جو ميمبر چونڊجڻ (ٿاڦجڻ) تي ايشور جو قسم ٿو کڻان / گنڀيرتا سان ساک تي ٿو چوان تہ مان قانون دواران اِسٿاپن ٿيل ڀارت جي سنوڌان ڏانهن سچو ايمان ۽ وفاداري رکندس، مان ڀارت جي سرويؤمتا ۽ اکنڊتا کي برقرار رکندس ۽ مان جيڪو فرض پاڻ تي کڻڻ وارو آهيان اُهو ايمانداريءَ سان اَدا ڪندس.'

.٨

## هاءِ ڪورٽ جي جڄ دواران کڻڻ جي قسم يا ساک جو نمونو:-

'مان، فلاڻو، .......... جي هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس (يا جڄ) مقرر ٿيڻ تي ايشور جو قسم ٿو کڻان / گنڀيرتا سان ساک تي ٿو چوان تہ مان قانون دواران اِسٿاپن ٿيل ڀارت جي سنوڌان ڏانهن سچو ايمان ۽ وفاداري رکندس، مان ڀارت جي سرويؤمتا ۽ اکنڊتا کي برقرار رکندس، مان پنهنجي عهدي جا فرض ڊپ يا پاسخاطري، موھ يا بدخواهيءَ کان سواءِ، پوريءَ طرح ۽ ايمانداريءَ سان ۽ پنهنجي بهترين شڪتي، علم ۽ سمجھ سان اَدا ڪندس ۽ مان سنوڌان ۽ قاعدن کي برقرار رکندس.'

## چوٿين اَنوسوچي

### ( اَنوچيد ۴ (۱) ۽ ۸۰ (۲) )

### ۱ - راڄيہ سڀا ۾ جاين جي ورڇ

هيٺين جدول جي پهرئين ڪالم ۾ ڄاڻايل هرهڪ راڄيہ يا سنگهہ ڪيتر ڪي، حالت اَنوسار، اُن راڄيہ يا سنگهہ ڪيتر جي سامهون ٻئين ڪالم ۾ ڄاڻايل جاين جي سنکيا ورڇي ڏني ويندي، يعنيٰ تہ -

### جدول

| | | |
|---|---|---|
| ۱. | آنڌرپرديش | ۱۸ |
| ۲. | آسام | ۷ |
| ۳. | بهار | ۲۲ |
| ۴. | گوئا | ۱ |
| ۵. | گجرات | ۱۱ |
| ۶. | هرياڻا | ۵ |
| ۷. | ڪيرالا | ۹ |
| ۸. | مڌيہپرديش | ۱۶ |
| ۹. | تامل نادو | ۱۸ |
| ۱۰ | مهاراشٽرا | ۱۹ |
| ۱۱. | ڪرناٽڪ | ۱۲ |
| ۱۲. | اوڙيسا | ۱۰ |
| ۱۳. | پنجاب | ۷ |
| ۱۴. | راجستان | ۱۰ |
| ۱۵. | اُترپرديش | ۳۴ |
| ۱۶. | اولهہ بينگال | ۱۶ |

| | | |
|---|---|---|
| ١٧. | جموں ۽ ڪشمير | ۴ |
| ١٨. | ناگالئنڊ | ١ |
| ١٩. | هماچل پرديش | ٣ |
| ٢٠. | مڻيپور | ١ |
| ٢١. | ترپورا | ١ |
| ٢٢. | ميگهاليہ | ١ |
| ٢٣. | سِڪم | ١ |
| ٢۴. | مزورم | ١ |
| ٢٥. | اروڻاچل پرديش | ١ |
| ٢٦. | دهلي | ٣ |
| ٢٧. | پانڊيچري | ١ |
| | ڪل | ٢٣٣ |

(گوئا، ڊمڻ ۽ ڊيو ري آرگنائيزيشن ائڪٽ ١٩٨٧ (١٩٨٧ جو ١٨) جي قلم ٦ ذريعي (٣٠ مي ١٩٨٧ کان) داخلا ۴ کان ٢٦ جي سلسليوار داخلا ٥ کان ٢٧ جي روپ ۾ وري انگ ڏنا ويا؛ ۽ '٢٣٢' جي بدران '٢٣٣' درج ڪيا ويا.)

## ( اَنوڇيد ٢٤٤ (١) )

# اَنوسوچت ايراضين ۽ اَنوسوچت جن جاتين جي ڪاروبار ۽ ظابطي جي باري ۾ پربنڌ

## ڀاڱ الف

## عام

### ١. اَرٿ

هن اَنوسوچيءَ ۾، سواءِ تہ مضمون بي تقاضا ڪري، محاوري 'راجيہ' ۾ آسام، ميگهاليہ ترپورا ۽ مزورم راجيہ نٿا اَچي وڃن.

اسٽيٽ آف مزورم ائڪٽ ١٩٨٦ (١٩٨٦ جو ٣٤) جي قلم ٣٩ دوازان (٢٠ فبروري ١٩٨٧ کان) 'ميگهاليہ ۽ ترپورا' جي بدران 'ميگهاليہ، ترپورا ۽ مزورم' درج ڪيا ويا)

### ٢. اَنوسوچت ايراضين ۾ راجيہ جو عملي اَختيار

هن اَنوسوچيءَ جي پربنڌن جي اَڌين، راجيہ جو عملي اَختيار اُن ۾ اَنوسوچت ايراضين تائين پهچي ٿو.

### ٣. اَنوسوچت ايراضين جي ڪاروبار جي باري ۾ راشٽرپتيءَ کي راجيپال دوارا رپورٽ

هرڪو راجيہ جنهن ۾ اَنوسوچت ايراضيون آهن اُن جو راجيپال، هر سال يا جڏهن بہ راشٽرپتي اَهڙي گُهرَ ڪري، راشٽرپتيءَ کي اُن راجيہ جي اَنوسوچت ايراضين جي ڪاروبار جي باري ۾ رپورٽ ڪندو ۽ سنگھ جو عملي اَختيار راجيہ کي اُنهن ايراضين جي ڪاروبار جي باري ۾ هدايتون ڏيڻ تائين پهچندو.

# آنوسوچت ايراضين ۽ آنوسوچت جن جاتين جو ڪاروبار ۽ ظابطو

## ۴. جن جاتي صلاحڪار پريشد

(۱) هرڪو راجيہ جنهن ۾ انوسوچت ايراضيون آهن ۽ جي راشٽرپتي آهڙي هدايت ڪري تہ هرڪو راجيہ جنهن ۾ آنوسوچت ايراضيون نہ آهن پر آنوسوچت جن جاتيون آهن، اُن ۾ هڪ جن جاتي صلاحڪار پريشد برپا ڪئي ويندي جنهن ۾ ويهن کان مٿي ميمبر نہ ٿيندا جن مان، ٽي سگهي اوترو ٽي ياڱي چار راجيہ جي وڌان سڀا ۾ آنوسوچت جن جاتين جا عيوضي ٿيندا :

بشرطيڪ جي راجيہ جي وڌان سڀا ۾ آنوسوچت جن جاتين جي عيوضين جي سنکيا آهڙن عيوضين دواران جن جاتي صلاحڪار پريشد ۾ پرڻ وارين جاين جي سنکيا کان گهٽ آهي تہ باقي جايون اُنهن جن جاتين جي ٻين ميمبرن سان پريون وينديون.

(۲) جن جاتي صلاحڪار پريشد جو فرض ٿيندو تہ راجيہ جي آنوسوچت جن جاتين جي ڀهبودي ۽ واڌاري سان لاڳاپو رکندڙ آهڙين بابتن تي صلاح ڏئي جي راجيپال سندن حوالي ڪري.

(۳) راجيپال هينيون بابتون طئہ ڪرڻ يا، حالت آنوسار، نيمت ڪرڻ لاءِ نيم ٺاهي سگهندو-

(آ) پريشد جي ميمبرن جي سنکيا، اُنهن جي مقرري ۽ پريشد جي چيئرمن جي ۽ اُن جي عملدارن ۽ ملازمن جي مقرريءَ جو طريقو؛

(ب) اُن جي سڀائن جو سنچالن ۽ عام طور اُن جو سرشتو؛ ۽

(ٻ) ٻيون سڀ پرسنگڪ بابتون.

## ۵. آنوسوچت ايراضين سان لاڳو قاعدو

(۱) هن سنوڌان ۾ چيل ڪنهن بہ ڳالھ جي باوجود، راجيپال عام ظاهر نامي دواران هدايت ڪري سگهندو تہ سنسد جو يا راجيہ جي وڌان منڊل جو ڪو خاص قاعدو راجيہ ۾ ڪنهن آنوسوچت ايراضيءَ يا اُن جي ڪنهن ڀاڱي سان لاڳونہ پوندو يا راجيہ

۾ اَنوسوچت ايراضيءَ يا اُن جي ڪنهن ڀاڱي سان پاڻ ظاهر نامي ۾ ڄاڻائي اُنهن اَپوادن ۽ ڦيرڦارين جي اَڌين لاڳو ٿيندو ۽ هن پيٽي پئرا هيٺ ڏنل ڪا هدايت ماضي اَثر سان ٿئي اِئين ڏيئي سگهجي ٿي.

(٢) راجيہ جي ڪا بہ ايراضي جا اُن وقت اَنوسوچت ايراضي آهي اُن جي شانتيءَ ۽ سٺي حڪومت لاءِ راجيپال ونيم ٺاهي سگهندو.

خاص طور ۽ مٿئين اَختيار جي وياپڪتا کي اثر ڪرڻ کان سواءِ، اُهي وِنيم-

(اَ) اُن ايراضيءَ ۾ اَنوسوچت جن جاتيءَ جي ميمبرن دوارا يا سندن وچ ۾ زمين جي تبديل تي بندش يا پائبندي وجهي سگهندا.

(ب) اُن ايراضيءَ ۾ اَنوسوچت جن جاتيءَ جي ميمبرن کي زمين ڏيڻ کي نيمت ڪري سگهندا؛

(ڀ) اُن ايراضيءَ ۾ اَنوسوچت جن جاتين جي ميمبرن کي ناڻا اُڌارا ڏيندڙ شخصن دوارا ناڻا اُڌارا ڏيڻ جو ڌنڌو ڪرڻ کي نيمت ڪري سگهندا.

(٣) هن پئرا جي پيٽي پئرا (٢) ۾ نرديش ڪيل ڪو بہ اَهڙو ونيم ٺاهڻ ۾ راجيپال سنسد جو يا راجيہ جي وڌان منڊل جو ڪو قاعدو يا سوال واري ايراضيءَ سان اُن وقت لاڳو ڪو موجوده قاعدو رد ڪري يا سڌاري سگهندو.

(٤) هن پئرا هيٺ ٺاهيل سڀ ونيم ترت راشٽرپتيءَ کي پيش ڪيا ويندا، ۽ سندس بحالي ملڻ تائين اثرائتا نہ ٿيندا.

(٥) جن جاتي صلاحڪار پريشد هجي اُن راجيہ جي حالت ۾ وِنيم ٺاهيندڙ راجيپال دوارا اُن پريشد سان صلاح ڪرڻ کان سواءِ ڪو بہ ونيم هن پئرا هيٺ نہ ٺاهيو ويندو.

## ڀاڱ ب

## اَنوسوچت ايراضيون

### ٦. اَنوسوچت ايراضيون

(١) هن سنوڌان ۾، محاوري 'اَنوسوچت ايراضيون' جي معنيٰ آهي اُهي اِيراضيون جي راشٽرپتي حڪم دوارا اَنوسوچت ايراضيون هئڻ ظاهر ڪري.

(٢) راشٽرپتي ڪنهن به وقت حڪم ذريعي -

(اَ) هدايت ڪري سگهندو ته ڪا سڄي اَنوسوچت ايراضي يا اُن جو ڪو ڀاڱو اَنوسوچت ايراضي يا اَهڙي ايراضيءَ جو ڀاڱو نه رهندو؛

(اَاَ) ڪنهن راڄيه ۾ ڪنهن اَنوسوچت ايراضي جي ايراضي اُن راڄيه جي راڄيپال سان صلاح ڪرڻ بعد وڌائي سگهندو؛

(ب) ڪنهن اَنوسوچت ايراضيءَ کي ڦيرائي سگهندو پر فقط حدون سڌارڻ طور؛

(ڀ) راڄيه جي حدن ۾ ڪا ڦيرقار ٿيڻ تي يا سنگهه ۾ نئون راڄيه داخل ٿيڻ يا نئون راڄيه برپا ٿيڻ تي، ڪنهن راڄيه ۾ اَڳ نه سمايل ڪو به علائقو اَنوسوچت ايراضي هئڻ يا اُن جو ڀاڱو هئڻ ظاهر ڪري سگهندو؛

(پ) ڪنهن راڄيه يا راڄين سنبنڌي، هن پئرا هيٺ ڪيل ڪو حُڪم يا حُڪمَ واپس وٺي سگهندو، ۽ واسطيدار راڄيه جي راڄيپال سان صلاح ڪري جيڪي ايراضيون اَنوسوچت ايراضيون ٿينديون اُنهن جون حدون وري مقرر ڪرڻ جا نوان حُڪم ڪري سگهندو؛ ۽ اَهڙي ڪنهن حُڪم ۾ راشٽرپتيءَ کي ضروري ۽ مُناسب لڳن اَهڙا پرسنگڪ ۽ پريڻامڪ پربنڌ ٿي سگهندا، پر مٿي چيل ڪان سواءِ هن پئرا جي پيٽي پئرا (١) هيٺ ڪيل حڪم ڪنهن پوءِ جي حڪم ذريعي ڦيريو نه ويندو.

## ڀاڱو پ

## اَنوسوچيءَ جو سڌارو

### ٧. اَنوسوچيءَ جو سڌارو

(١) سنسد، وقت بوقت، قاعدي ذريعي هن اَنوسوچيءَ جا پربنڌ واڌاري، ڦيرقار يا رد ڪرڻ طريقي سڌاري سگهندي، ۽ اَنوسوچي جو ائين سڌارو ٿيڻ تي، هن سنوڌان ۾ هن اَنوسوچيءَ جي ڪو به نرديش اِئين سڌارو ٿيل اُن اَنوسوچيءَ جو نرديش سمجهيو ويندو.

(٢) هن پئرا جي پيٽي پئرا (١) ۾ ذڪر ڪيل آهي اَهڙو ڪو قاعدو اَنوڇيد ٣٦٨ جي پريوجن لاءِ هن سنوڌان جو سڌارو نه سمجهيو ويندو.

(اَنوڇيد ۲۴۴ (۲) ۽ ۲۷۵ (۱))

## آسام، ميگهاليه، ترپورا ۽ مزورم راجين ۾ اَنوسوچت ايراضين جي ڪاروبار جي باري ۾ پربنڌ

(اسٽيٽ آف مزورم ائڪٽ، ۱۹۸٦ (۱۹۸٦ جو ۳۴) جي ڪلم ۳۹ دواران (۲۰ فيبروري ۱۹۸۷ کان) سڌاريل.)

### ۱. خود اَختيار ضلعا ۽ خود اَختيار پرديش

(۱) هن پئرا جي پربنڌن جي اَڌين، هن اَنوسوچيءَ جي پئرا ۲۰ سان شامل جدول جي ڀاڱ ۱، ڀاڱ ۲ ۽ ڀاڱ ۲ الف جي هرهڪ اسر ۽ ڀاڱ ۳ ۾ جن جاتي ايراضين جو هڪ خود اَختيار ضلع هوندو.

(۲) هڪ خود اَختيار ضلع ۾ مختلف اَنوسوچت جن جاتيون هجن ته راجيپال، عام ظاهر نامي دواران، اُنهن جي آباديءَ واريءَ ايراضيءَ يا ايراضين کي خود اَختيار پرديشن ۾ وراهي سگهندو.

(۳) راجيپال، عام ظاهر نامي دواران، -

(اَ) ڪا به ايراضي اُن جدول جي ڪنهن به ڀاڱ ۾ شامل ڪري سگهندو؛

(ب) ڪا به ايراضي اُن جدول جي ڪنهن به ڀاڱ مان ڪڍي سگهندو؛

(پ) نئون خود اَختيار ضلع بڻائي سگهندو،

(ڀ) ڪنهن خود اَختيار ضلع جي ايراضي وڌائي سگهندو؛

(ٻ) ڪنهن خود اَختيار ضلع جي ايراضي گهٽائي سگهندو؛

(ت) ٻه يا وڌيڪ خود اَختيار ضلعا يا اُنهن جي ڀاڱن کي گڏي سگهندو جيئن هڪ خود اَختيار ضلع ٺهي؛

(ٽ ٽ) ڪنهن خود اَختيار ضلع جو نالو ڦيرائي سگهندو؛

(ٿ) ڪنهن خود اَختيار ضلع جون حدون مقرر ڪري سگهندو :

بشرطيڪ هن پئرا جي فقرن (ب) (پ) (ڀ) ۽ (ت) هيٺ راجيپال دواران ڪو به حڪم هن اَنوسوچيءَ جي پئرا ۱۴ جي پيٽي پئرا (۱) هيٺ مقرر ٿيل ڪميشن جي رپورٽ ويچارڻ کان پوءِ ئي فقط ڪيو ويندو ؛

وڌيڪ بشرطيڪ هن پيٽي پئرا هيٺ راجيپال دواران ڪيل ڪنهن حڪم ۾ راجيپال کي حڪم جي پربنڌن کي اَثر ڏيڻ لاءِ ضروري لڳن اَهڙا پرسنگڪ ۽ پريڻامڪ پربنڌ (پئرا ٢٠ ۾ ۽ اُن جدول جي ڪنهن ڀاڱي جي ڪنهن اِسم ۾ سُڌاري سميت) درج ڪري سگهندا.

## ٢. ضلع پريشد ۽ پراديشڪ پريشد جوڙڻ

(١) هرهڪ خود اَختيار ضلع لاءِ هڪ ضلع پريشد ٿيندي جنهن ۾ ٽيهن کان وڌيڪ ميمبر نہ ٿيندا، جن مان، چئن شخصن کان وڌيڪ نہ، ٺاڦيا ويندا ۽ باقي بالغ کي ووٽ جي حق جي آڌار تي چونڊيا ويندا.

(٢) هن اَنوسوچيءَ جي پئرا ١ جي پيٽي پئرا (٢) هيٺ خود اَختيار پرديش طريقي جوڙيل هرهڪ ايراضيءَ لاءِ هڪ اَلڳ پراديشڪ پريشد ٿيندي.

(٣) هرهڪ ضلع پريشد ۽ هرهڪ پراديشڪ پريشد سلسليوار (ضلع جو نالو) جي ضلع پريشد، ۽ (پرديش جو نالو) جي پراديشڪ پريشد جي نالي سان هڪ ڪارپوريٽ سنسٿا ٿيندي، ۽ کيس دائمي وارثو ٿيندو ۽ هڪ عام سيل ٿيندي ۽ اِن نالي سان دعوا ڪندي يا مٿس دعوا ٿيندي؛

بشرطيڪ اُتر ڪڇاڙ ضلع لاءِ ٺاهيل ضلع پريشد اُتر ڪڇاڙ پهاڙي خود اَختيار پريشد جي نالي سان ۽ ڪاربي آنگلانگ ضلع لاءِ ٺاهيل ضلع پريشد ڪاربي آنگلانگ خود اَختيار پريشد جي نالي سان سڏيون ونديون.

(سنوڌان ڇهين انوسوچي (سڌارو) ائڪٽ ١٩٩٥ (١٩٩٥ جو ٤٢) جي قلم ٢ دواران (١٢ سپٽمبر ١٩٩٥ کان) هيءُ پرنتوڪ فقرو درج ڪيو ويو.)

(٤) هن اَنوسوچيءَ جي پربنڌن جي اَڌين، خود اَختيار ضلع جو ڪاروبار، جيتري قدر اُهو هن اَنوسوچيءَ هيٺ اُن ضلع اندر ڪنهن پراديشڪ پريشد جي حوالي نہ ڪيل آهي، اُن ضلع جي ضلع پريشد جي حوالي ٿيندو، ۽ خود اَختيار پرديش جو ڪاروبار اُن پرديش جي پراديشڪ پريشد جي حوالي ٿيندو.

(٥) پراديشڪ پريشدن واري خود اَختيار ضلع ۾ ضلع پريشد کي پراديشڪ پريشد جي اَختياريءَ هيٺ ايراضين بنسبت فقط اُهي اختيار رهندا جي اُنکي اُنهن ايراضين بنسبت هن اَنوسوچيءَ دواران بخشيل اَختيارن کان وڌيڪ پراديشڪ پريشد دواران سونپيا وڃن.

(٦) راجيپال، ضلع پريشدن ۽ پراديشڪ پريشدن جي پهرين جوڙڻ لاءِ، واسطيدار

ڪيل سڌارن جي مناسبت تي ويچار ڪري ۽ جڏهن قاعدو ان نموني واپس اچي تہ واسطيدار پريشد اُن قاعدي تي اَهڙي سنديش پهچڻ جي تاريخ کان ڇهن مهنن جي عرصي اندر ويچار ڪندي ۽ جيڪڏهن اُها پريشد سُڌارن سان يا بنا سڌارن وري اُهو قاعدو پاس ڪري ٿي تہ اُهو قاعدو وري راشٽرپتيءَ اَڳيان ويچارڻ لاءِ پيش ڪيو ويندو.

(سنوڌان ڇهين انوسوچي (سڌارو) ائڪٽ ١٩٩٥ (١٩٩٥ جو ٤٢) جي قلم ٢ دواران (١٢ سپٽمبر ١٩٩٥ کان) هيءَ پئرا درج ڪئي وئي)

## ٤. خود اَختيار ضلعن ۽ خود اَختيار پرديشن ۾ نياءَ جو ڪاروبار

(١) خود اَختيار پرديش جي پراديشڪ پريشد اُن پرديش اندر ايراضين بنسبت ۽ خود اختيار ضلع جي ضلع پريشد، ضلع اندر پراديشڪ پريشدن، جي ڪي هجن تہ، اَختياريءَ هيٺ وارين ايراضين کان سواءِ ضلع اندر ايراضين بنسبت، سڀيئي ڌريون اُنهن ايراضين اندر جن جاتين جون هجن، سواءِ اَهڙيون دعوائون ۽ ڪيس جن سان هن اَنوسوچيءَ جي پئرا ٥ جي پيٽي پئرا (١) جا پربنڌ لاڳو پون، اَهڙين دعوائن ۽ ڪيسن جي هلائڻ لاءِ راجيہ ۾ ٻين ڪورٽن کي پاسيرو رکي، ڳوٺ پريشد يا ڪورٽون جوڙي سگهندي، ۽ يوڳيہ شخصن کي اَهڙين ڳوٺ پريشدن جا ميمبر طريقي يا اَهڙين ڪورٽن جا صدارتي عملدار طريقي مقرر ڪري سگهندي، ۽ هن اَنوسوچيءَ جي پئرا ٣ هيٺ ٺاهيل قاعدن جي ڪاروبار لاءِ ضروري هجن اَهڙا عملدار پڻ مقرر ڪري سگهندي.

(٢) هن سنوڌان ۾ ڇيل ڪنهن بہ ڳالھ جي باوجود، خود اختيار پرديش جي پراديشڪ پريشد يا پراديشڪ پريشد دواران اُن خيال کان جوڙيل ڪا ڪورٽ يا، جي ڪنهن خود اختيار ضلع اندر ڪنهن ايراضيءَ بنسبت پراديشڪ پريشد نہ آهي تہ، اُن ضلع لاءِ ضلع پريشد يا ضلع پريشد دواران اُن خيال کان جوڙيل ڪا ڪورٽ، اُن پرديش يا ايراضيءَ اندر، حالت اَنوسار، هن پئرا جي پيٽي پئرا (١) هيٺ جوڙيل ڳوٺ پريشد يا ڪورٽ دواران هلائڻ جوڳين سيني دعوائن ۽ ڪيسن بنسبت، سواءِ اُهي جن سان هن اَنوسوچيءَ جي پئرا ٥ جي پيٽي پئرا (١) جا پربنڌ لاڳو پون، اَپيل ڪورٽ جا اختيار استعمال ڪندي، ۽ اَهڙين دعوائن يا ڪيسن تي هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن بہ ڪورٽ کي حڪومت نہ رهندي.

(٣) هن پئرا جي پيٽي پئرا (٢) جا پربنڌ لاڳو پون جن دعوائن ۽ ڪيسن سان اُنهن تي هاءِ ڪورٽ کي اَهڙي حڪومت رهندي ۽ اُها اَهڙي حڪومت جو استعمال ڪندي جا راجيپال وقت بوقت حڪم دواران ڄاڻائي.

(۴) پراديشڪ پريشد يا ضلع پريشد، حالت اَنوسار، راجيپال جي اَڳوات بحاليءَ سان هينئين بابتن ڪي نيمت ڪرڻ لاءِ نيم ٺاهي سگهندي -

(اَ) ڳوٺ پريشدن ۽ ڪورٽن جي جوڙجڪ ۽ هن پٽرا هيٺ اُنهن دوارا استعمال ڪرڻ جا اختيار؛

(ب) ڳوٺ پريشدن ۽ ڪورٽن دوارا هن پٽرا جي پيٽي پٽرا (۱) هيٺ دعوائون ۽ ڪيس هلائڻ ۾ اَختيار ڪرڻ جو سرشتو؛

(ٻ) پراديشڪ يا ضلع پريشد يا اَهڙي پريشد جي جوڙيل ڪنهن ڪورٽ دوارا هن پٽرا جي پيٽي پٽرا (۲) هيٺ اَپيلن ۽ بين ڪارروائين ۾ اَختيار ڪرڻ جو سرشتو؛

(ڀ) اَهڙين پريشدن ۽ ڪورٽن جي فيصلن ۽ حڪمن کي عمل ۾ آڻڻ؛

(ڀ) هن پٽرا جي پيٽي پٽرا (۱) ۽ (۲) جي پربنڌن جو عمل ڪرڻ لاءِ ٻيون سڀ اَنوسنگڪ بابتون.

(۵) راشٽرپتي واسطيدار راڄيہ جي سرڪار سان صلاح ڪرڻ بعد ظاهر نامي دوارا هن خيال کان مقرر ڪري اُن تاريخ تي ۽ اُن کان ظاهر نامي ۾ ڄاڻايل هجي اُن خود اَختيار ضلع يا خود اَختيار پرديش سنبنڌي هن پٽرا جو اَثر اِئين ٿيندو چڻ تہ-

(i) پيٽي پٽرا (۱) ۾ ’سپيئي ڏريون اُنهن ايراضين اندر جن جاتين جون هجن سواءِ اَهڙيون دعوائون ۽ ڪيس جن سان هن اَنوسوچيءَ جي پٽرا ۵ جي پيٽي پٽرا (۱) جا پربنڌ لاڳو پون.‘ لفظن جي جاءِ تي ’هن اَنوسوچيءَ جي پٽرا (۵) جي پيٽي پٽرا (۱) ۾ نرديش ڪيل نموني جا نہ هجن ۽ راجيپال هن خيال کان ڄاڻائي اَهڙيون دعوائون ۽ ڪيس‘ لفظ وڌا ويا هئا؛

(ii) پيٽي پٽرا (۲) ۽ (۳) ڇڏي ڏنا ويا هئا؛

(iii) ’پيٽي پٽرا (۴) ۾ -

(اَ)’پراديشڪ پريشد يا ضلع پريشد، حالت اَنوسار، راجيپال جي اَڳوات بحاليءَ سان هينئين ڳالهين کي نيمت ڪرڻ لاءِ نيم ٺاهي سگهندي‘ لفظن جي جاءِ تي ’راجيپال هينئين بابتن کي نيمت ڪرڻ لاءِ نيم ٺاهي سگهندو‘ لفظ وڌا ويا هئا؛ ۽

(ب) فقري (اَ) جي جاءِ تي هينئيون فقرو وڌو ويو هو، يعني -

(اَ) ’ڳوٺ پريشدن ۽ ڪورٽن جو جوڙجڪ، هن پٽرا هيٺ اُنهن دوارا اِستعمال ڪرڻ جا اَختيار ۽ ڪورٽون جن ۾ ڳوٺ پريشدن ۽ ڪورٽن جي فيصلن تي اَپيلون ٿينديون‘؛

(ب) فقري (ٻ) جي جاءِ تي هيٺيون فقرو وڌو ويو هو، يعنيٰ -

(ٻ) ’پيٽي پئرا (۵) هيٺ راشٽرپتيءَ دوران مقرر ڪيل تاريخ کان يڪدم اڳ پراديشڪ يا ضلع پريشد يا اُهڙيءَ پريشد دوران جوڙيل ڪنهن ڪورٽ وٽ پيل اپيلن ۽ ٻين ڪارروايين کي بدلي ڪرڻ‘؛ ۽

(ڀ) فقري (ڀ) ۾ لفظن برڪيٽن ۽ انگن ’پيٽي پئرا (۱) ۽ (۲)‘ جي جاءِ تي لفظ، برڪيٽ ۽ انگ ’پيٽي پئرا (۱)‘ وڌا ويا هئا.

## ۵. پراديشڪ ۽ ضلع پريشدن کي ۽ ڪن ڪورٽن ۽ عملدارن کي ڪن دعوائن، ڪيسن ۽ ڳناهن جا مقدما هلائڻ لاءِ ڪوڊ آف سول پروسيجر، ۱۹۰۸، ۽ ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر ۱۸۹۸، هيٺ اُختيار بخشڻ

(۱) راجيپال، ضلع پريشد يا پراديشڪ پريشد، جنهن کي اُن ضلع يا پرديش ۾ اُختياري هجي اُن کي، يا اُهڙي ضلع پريشد دوران جوڙيل ڪورٽن کي يا راجيپال دوران هن خيال کان مقرر ٿيل ڪنهن عملدار کي، ڪنهن خود اُختيار ضلع يا پرديش ۾ عمل ۾ ڪنهن قاعدي مان اُٿندڙ، جو قاعدو راجيپال هن خيال کان جاڳايو هجي، دعوائون يا ڪيس هلائڻ لاءِ، يا انڊين پينل ڪوڊ هيٺ يا اُن ضلع يا پرديش سان اُن وقت لاڳو ڪنهن ٻئي قاعدي هيٺ موت، جنم ٽيپ يا پنجن سالن کان گهٽ نہ ايتري مدي جي سزا ٿي سگهي، اُهڙن ڏوهن جو مقدمو هلائڻ لاءِ ڪوڊ آف سول پروسيجر، ۱۹۰۸، يا، حالت اُنوسار، ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر ۱۸۹۸، هيٺ پاڻ مناسب سمجهي اُهڙا اُختيار بخشي سگهندو، ۽ ائين ٿيڻ تي اُها پريشد، ڪورٽ يا عملدار ائين بخشيل اُختيارن جو استعمال ڪري دعوائون، ڪيسن يا ڳناهن جا مقدما هلائيندا.

(۲) راجيپال هن پئرا جي پيٽي پئرا (۱) هيٺ ضلع پريشد، پراديشڪ پريشد، ڪورٽ يا عملدار کي بخشيل ڪي بہ اُختيار واپس وٺي سگهندو يا اُنهن ۾ ڦيرڦار ڪري سگهندو.

(۳) هن پئرا ۾ صاف پربنڌ ڪيل هجي اُن کان سواءِ ڪوڊ آف سول پروسيجر، ۱۹۰۸، ۽ ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، ۱۸۹۸ ڪنهن خود اُختيار ضلع ۾ يا ڪنهن خود اُختيار پرديش ۾ جنهن سان هن پئرا جا پربنڌ لاڳو پون ڪن بہ دعوائن، ڪيسن يا ڳناهن جا مقدما هلائڻ لاءِ لاڳو نہ پوندا.

(۴) راشٽرپتيءَ دوران ڪنهن خود اختيار ضلع يا خود اُختيار پرديش سنبنڌي پئرا ۴ جي پيٽي پئرا ۵ هيٺ مقرر ڪيل تاريخ تي ۽ اُن کان، هن پئرا ۾ درج ٿيل ڪا بہ ڳالهہ، اُن ضلع يا پرديش سان لاڳو ٿيڻ ۾، راجيپال کي صلاح پريشد يا پراديشڪ

## ٨. زمين محصول پڌڻ ۽ اُڳاڙڻ ۽ ڍلون وجهڻ جو اختيار

(١) خود اختيار پرديش جي پراديشڪ پريشد کي اَهڙي پرديش اندر سيني زمينن بنسبت ۽ خود اختيار ضلع جي ضلع پريشد کي جي ضلع اندر ڪي پراديشڪ پريشد هجن تہ اُنهن جي اَختياريءَ هيٺ وارين ايراضين کان سواءِ ضلع اندر سيني زمينن بنسبت اُن وقت راجيہ سرڪار دواران راجيہ ۾ عام طور زمينن جي زمين محصول جي پريوجن لاءِ محصول پڌڻ ۾ جن اُصولن جو عمل ٿيندو هجي اُنهن پرماڻي اَهڙين زمينن جو محصول پڌڻ ۽ اُڳاڙڻ جو اَختيار رهندو.

(٢) خود اَختيار پرديش جي پراديشڪ پريشد کي اَهڙي پرديش اندر ايراضين بنسبت ۽ خود اَختيار ضلع جي ضلع پريشد کي، جي ضلع اندر ڪي پراديشڪ پريشد هجن تہ،اُنهن جي اَختياريءَ هيٺ جي ڪي هجن تہ،اُنهن کان سواءِ ضلع ۾ سيني ايراضين بنسبت رستن ۽ عمارتن تي ڍلون ۽ اَهڙين ايراضين اندر رهندڙ شخصن تي چوُنگي وجهڻ ۽ اُڳاڙڻ جو اختيار رهندو.

(٣) خود اَختيار ضلع جي ضلع پريشد کي اُن ضلع اندر هيٺيون سڀ يا ڪي ڍلون وجهڻ ۽ اُڳاڙڻ جو اَختيار رهندو، يعنيٰ تہ -

(اَ) پيشن، واپار، ڌنڌن ۽ نوڪرين تي ڍلون؛

(ب) جانورن، گاڏين ۽ ٻيڙين تي ڍلون،

(پ) مال جي بزار ۾ وڪري لاءِ داخلا تي ڍلون، ۽ پتڻ تي ڪنيل مسافرن ۽ مال تي چونگي؛ ۽

(ڀ) شڪولن، دواخانن يا رستن کي قائم رکڻ لاءِ ڍلون.

(٤) پراديشڪ پريشد يا ضلع پريشد، حالت اَنوسار، هن پئرا جي پيٽي پئرا (٢) ۽ (٣) ۾ جاٽايل ڍلن مان ڪي بہ وجهڻ ۽ اُڳاڙڻ جو پربنڌ ڪرڻ لاءِ ونيم ٺاهي سگهندي، ۽ هرڪو اَهڙو ونيم ترت راجيپال کي پيش ڪيو ويندو، ۽ سندس منظوري ملڻ تائين اَثرائتو نہ ٿيندو.

## ٩. معدني شين جي ڳولا ڪرڻ ۽ ڪڍڻ جي پريوجن لاءِ ليسن يا پٽا

(١) خود اختيار ضلع اندر ڪنهن ايراضيءَ بنسبت راجيہ جي سرڪار دواران معدني شيون ڳولڻ يا ڪڍڻ جي پريوجن لاءِ ڏنل ليسنن يا پٽن مان هر سال ملندڙ رائلٽيءَ جو اَهڙو حصو جو راجيہ سرڪار ۽ اَهڙي ضلع جي ضلع پريشد وچ ۾ ٺاهہ ٿئي، اُن ضلع

۾ اَئڪٽ پاڻ ئيڪ سمجهي اَهڙن اَپوادن ۽ ڦيرڦارين جي اَڌين ٿيندو؛

(سنوڌان ڇهين انوسوچي (سڌارو) اَئڪٽ ١٩٩٥، (١٩٩٥ جو ٤٢) جي ڪلم ٢ دوارا هن پيٽي پئرا ۾ 'هن انوسوچيءَ جي پئرا ٣ ۾ جاٿايل بابتون' جي بدران اکر ۽ انڪ 'هن انوسوچيءَ جي پئرا ٣ يا پئرا ٣ الف ۾ جاٿايل بابتون' درج ڪيا ويا آهن.)

(ب) راجيپال، عام ظاهر نامي دواران، هدايت ڪري سگهندو تہ سنسد جو يا آسام راجيہ جي وڌان منڊل جو ڪو اَئڪٽ جنهن کي هن پيٽي پئرا جي فقري (اَ) جا پربنڌ لاڳو نٿا پون اُهو اُن راجيہ ۾ ڪنهن خود اَختيار ضلع يا خود اَختيار پرديش سان لاڳو نہ پوندو، يا اَهڙي ضلع يا پرديش يا اُن جي ڀاڱي سان پاڻ ظاهر نامي ۾ جاٿائي اَهڙن اَپوادن يا ڦيرڦارين جي اَڌين لاڳو پوندو.

(٢) هن پئرا جي پيٽي پئرا (١) هيٺ ڏنل ڪا هدايت ماضي اثر واري ٿئي، اِئين ڏيئي سگهبي.

## ١٢.اَلف. سنسد جي ۽ ميگهاليہ راجيہ جي وڌان منڊل جي اَئڪٽن جو ميگهاليہ راجيہ ۾ خود اَختيار ضلعن ۽ خود اَختيار پرديشن سان لاڳو پوڻ

هن سنوڌان ۾ ڇيل ڪنهن بہ ڳالھ جي باوجود،-

(اَ) جي هن اَنوسوچيءَ جي پئرا ٣ جي پيٽي پئرا (١) ۾ جاٿايل ڪنهن بابت بنسبت ميگهاليہ راجيہ ۾ ڪنهن ضلع يا پراديشڪ پريشد دوارا ٺاهيل قاعدي جو ڪو اُپبنڌ يا جي اُن راجيہ ۾ ڪنهن ضلع پريشد يا پراديشڪ پريشد جي هن اَنوسوچيءَ جي پئرا ٨ يا پئرا ١٠ هيٺ ٺاهيل ڪنهن ونيم جو ڪو اُپبنڌ ميگهاليہ راجيہ جي وڌان منڊل جي اُن بابت بنسبت ٺاهيل قاعدي جي ڪنهن اُپبنڌ جي ورڌ آهي تہ ضلع پريشد يا، حالت اَنوسار، پراديشڪ پريشد دوارا ٺاهيل قاعدو يا ونيم، پوءِ پلي اُهو ميگهاليہ راجيہ جي وڌان منڊل دوارا ٺاهيل قاعدي کان اَڳ يا پوءِ ٺاهيل هجي، ورڌ جي حد تائين رد ٿيندو ۽ ميگهاليہ راجيہ جي وڌان منڊل دوارا ٺاهيل قاعدو اَثرائتو ٿيندو؛

(ب) راشٽرپتي سنسد جي ڪنهن اَئڪٽ بنسبت، ظاهر نامي دوارا هدايت ڪري سگهندو تہ اُهو ميگهاليہ راجيہ ۾ ڪنهن خود اَختيار ضلع يا خود اَختيار پرديش سان لاڳو نہ پوندو، يا اَهڙي ضلع يا پرديش يا اُن جي ڪنهن ڀاڱي سان هو ظاهر نامي ۾ جاٿائي اَهڙن اَپوادن يا ڦيرڦارين جي اَڌين لاڳو پوندو ۽ اَهڙي ڪا هدايت ماضي

(اَ) مزورہ راجيہ جي وڏان منڊل جو ڪو بہ قاعدو جنهن جو واسطو هن انوسوچيءَ جي پئرا (٣) ۾ ڏنل اُنهن بابتن سان آهي جن لاءِ ضلع پريشد يا پراديشڪ پريشد قاعدا جوڙي سگهندي ۽ مزورہ راجيہ جي وڏان منڊل جو ڪو بہ قاعدو جيڪو مزورہ راجيہ ۾ اڻ چڪايل مڌ سار واري شراب جي استعمال تي بندش يا روڪ وجهي ٿو، ان راجيہ ۾ ڪنهن خود اختيار ضلع يا خود اختيار پرديش سان تيستائين لاڳو نہ ٿيندو جيستائين، ٻنهي حالتن مان هرهڪ حالت ۾، اهڙي ضلع جي ضلع پريشد يا اهڙي پرديش تي حڪومت رکڻ واري ضلع پريشد، عام ظاهر نامي دواران، اَهڙي هدايت نٿي ڏئي ۽ ضلع پريشد ڪنهن قاعدي جي سنٻنڌ ۾ اهڙي هدايت ڏيڻ وقت اها هدايت ڏئي سگهندي تہ اُهو قاعدو اهڙي ضلع يا پرديش يا ان جي ڪنهن ڀاڱي سان لاڳو ٿيڻ ۾ انهن اپوادن ۽ ڦيرقارين اڌين اثردار ٿيندو جيڪي اُها ٺيڪ سمجهي ٿي؛

(ب) راجيپال، عام ظاهر نامي دواران، هدايت ڏئي سگهندو تہ مزورہ راجيہ وڏان منڊل جو ڪو بہ قاعدو جنهن سان هن پيٽي پئرا جي فقري (اَ) جا اُپٻنڌ لاڳو نٿا ٿين، اُن راجيہ جي خود اَختيار ضلع سان يا خود اختيار پرديش سان لاڳو نہ ٿيندو يا اهڙي ضلع يا پرديش يا اُن جي ڪنهن ڀاڱي سان اُنهن اپوادن ۽ ڦيرقارين جي اڌين لاڳو ٿيندو جيڪي هو عام ظاهر نامي ۾ ڄاڻائي؛

(پ) راشٽرپتي، سنسد جي ڪنهن بہ قاعدي جي سنٻنڌ ۾ عام ظاهر نامي دواران، هدايت ڪري سگهندو تہ اُهو مزورہ راجيہ ۾ ڪنهن خود اختيار ضلع يا خود اختيار پرديش سان لاڳو نہ ٿيندو يا اهڙي ضلع يا پرديش يا اُن جي ڪنهن ڀاڱي سان اُنهن اُپوادن ۽ ڦيرقارين اڌين لاڳو ٿيندو جيڪي هو عام ظاهر نامي ۾ ڄاڻائي ۽ اَهڙي ڪا هدايت ان نموني ڏئي سگهبي جيڪا ماضي اثر سان ٿئي.

(سنوڌان ڇهين انوسوچي (سڌارو) ائڪٽ ١٩٨٨ (١٩٨٨ جو ١٧) جي قلم ٢ دواران پئرا ١٣ (الف الف) ۽ ١٢ ب جي بدران درج ڪيل)

## ١٣. خود اختيار ضلعن سنٻنڌي اندازي آمدني ۽ خرچ ساليانو مالي بيان ۾ اَلڳہ ڏيکاريا ويندا

خود اَختيار ضلع سنٻنڌي اندازي آمدني ۽ خرچ جي راجيہ جي سنچت نڌيءَ ۾ جمع ڪرڻ يا اُن مان خرچ ڪرڻ جوڳا هجن اُهي پهرين ضلع پريشد اَڳيان بحث

لاءِ رکيا ويندا ۽ پوءِ اُهڙي بحث بعد راجيہ جي وڌان منڊل اڳيان اُنوڇيد ٢٠٢ هيٺ رکڻ واري ساليانِي مالي بيان ۾ الڳ ڏيکاريا ويندا.

## ١٤. خود اختيار ضلعن ۽ خود اختيار پرديشن جي ڪاروبار ۾ جاچ ڪرڻ ۽ اُن تي رپورٽ ڪرڻ لاءِ ڪميشن مقرر ڪرڻ

(١) راجيپال راجيہ ۾ خود اختيار ضلعن ۽ خود اختيار پرديشن جي ڪاروبار سنبنڌي هن اُنوسوچيءَ جي پئرا (١) جي پيٽي پئرا (٣) جي فقرن (ب)، (ڀ)، (پ) ۽ (ت) ۾ ڄاڻايل بابتن سميت سندس ڄاڻايل ڪنهن بابت ۾ جاچ ڪرڻ ۽ اُن تي رپورٽ ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ وقت ڪميشن مقرر ڪري سگهندو، يا راجيہ ۾ خود اختيار ضلعن ۽ خود اختيار پرديشن جي عام طور ڪاروبار ۽ خاص طور هيٺين ڳالهين -

(اَ) اُهڙن ضلعن ۽ پرديشن ۾ تعليمي ۽ ڊاڪٽري سهوليتون ۽ سنچار جو پربنڌ،

(ب) اُهڙن ضلعن ۽ پرديشن بنسبت ڪنهن نئين يا خاص وڌان جي ضرورت، ۽

(ڀ) ضلع ۽ پراديشڪ پريشدن دوارا ناهيل قاعدن، نيمن ۽ ونيمن جو عمل ۾ جاچ ڪرڻ ۽ وقت بوقت رپورٽ ڪرڻ لاءِ ڪميشن مقرر ڪري سگهندو ۽ اُهڙي ڪميشن دوارا پيروي ڪرڻ جو سرشتو صاف ڄاڻائي سگهندو.

(٢) هرهڪ اهڙي ڪميشن جي رپورٽ ان بنسبت راجيپال جي سفارش سان واسطيدار منتريءَ دوارا راجيہ جي سرڪار طرفان اُن تي رٿيل قدم بنسبت سمجهاڻي ڏيندڙ ياداشت سان گڏ راجيہ جي وڌان سڀا اڳيان پيش ڪئي ويندي.

(٣) راجيپال، پنهنجي منترين ۾ راجيہ سرڪار جو ڪم ورڇيندي پنهنجي منترين مان هڪ کي خاص طور راجيہ ۾ خود اختيار ضلعن ۽ خود اختيار پرديشن جي ڪلياڻ جو حوالو ڏيئي سگهندو.

(سنوڌان ڇهين انوسوچي (سڌارو) ائڪٽ ١٩٩٥ (١٩٩٥ جو ٣٢) جي قلم ٢ دوارا (١٢ سپٽمبر ١٩٩٥ کان) هن پئرا مان 'راجيپال جي سفارش سان' لفظ ڪڍيا ويا.)

## ١٥. ضلع ۽ پراديشڪ پريشدن جي ڪارين ۽ ٺهرائن کي رد ڪرڻ يا موقوف رکڻ

(١) جي ڪنهن بہ وقت راجيپال کي خاطري ٿئي تہ ضلع يا پراديشڪ پريشد جو ڪو ڪاريہ يا ٺهراءُ ڀارت جي سلامتيءَ کي خطري ۾ وجهي اُهڙو آهي يا عام ويوستا لاءِ هاڃيڪار ٿئي اُهڙو آهي تہ هو اُهڙو ڪاريہ يا ٺهراءُ رد ڪري يا موقوف رکي سگهندو

بشرطيڪ هن پئرا جي فقري (اَ) هيٺ حڪم ٿيو هجي تہ راجيپال سوال واري ايراضيءَ جي ڪاروبار جي باري ۾ هن پئرا جي فقري (ب) ۾ نرديش ڪيل قدم نئين عام چونڊ ٿيڻ تي پريشد جي وري جڙڻ تائين کڻي سگهندو ؛

وڌيڪ بشرطيڪ ضلع يا پراديشڪ پريشد کي حالت اَنوسار راجيہ جي وڌان منڊل اَڳيان پنهنجا رايا رکڻ جو وجھ ڏيڻ کانسواءِ هن پئرا جي فقري (ب) هيٺ ڪو قدم نہ کنيو ويندو.

(٢) ڪنهن بہ وقت راجيپال کي خاطري ٿئي تہ اَهڙي حالت پئدا ٿي آهي جو ڪنهن خود اَختيار ضلع يا پرديش جو ڪاروبار هن اَنوسوچيءَ جي پربنڌن پرماڻي نٿو هلائي سگهجي تہ هو، عام ظاهر نامي دوارا، ضلع پريشد يا حالت اَنوسار پراديشڪ پريشد جي حوالي ڪيل يا اُن دوارا اِستعمال ڪرڻ جوڳا سڀ ڪرتب يا اَختيار يا اُنهن مان ڪي ڇهن مهنن کان وڌيڪ نہ ايتري مدت لاءِ پاڻ کڻي سگهندو ۽ ظاهر ڪري سگهندو، اَهڙا ڪرتب يا اَختيار پاڻ هن خيال کان ڄاڻائي اَهڙي شخص يا اَختياريءَ دوارا اِستعمال ڪرڻ جوڳا ٿيندا ؛

بشرطيڪ راجيپال وڌيڪ حڪم يا حڪمن دوارا پهرئين حڪم جو عمل هرهڪ موقعي تي ڇهن مهنن کان وڌيڪ نہ ايتري مُدت لاءِ وڌائي سگهندو.

(٣) هن پئرا جي پيٽي پئرا (٢) هيٺ ڪيل هرڪو حڪم اُن لاءِ ڪارڻن سميت راجيہ جي وڌان منڊل اَڳيان رکيو ويندو ۽ حڪم جاري ٿيڻ کان پوءِ وڌان منڊل پهرين ڀيرو گڏجڻ جي تاريخ کان ٻارهن ڏينهن پورا ٿيڻ تي عمل ۾ رهڻ بند ٿيندو، سواءِ تہ اُن مُدت پوري ٿيڻ کان اَڳہ راجيہ وڌان منڊل دوارا بحال ڪيو ويو هجي.

(سنوڌان ڇهين اَنوسوچي (سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٨٨ (١٩٨٨ جو ٦٧) جي قلم ٢ دوارا پئرا ١٦ ترپورا ۽ مزورم راجين سان لاڳو ڪرڻ ۾ هيٺئين نموني سڌاري وئي آهي -)

(اَ) پيٽي پئرا (١) جي فقري (ب) ۾ ڪم آندل لفظ 'راجيہ وڌان منڊل جي اَڳواٽ بحاليءَ سان' ۽ بيو پرنتوڪ اُپبند ڇڏي ڏنا ويندا،

(ب) پيٽي پئرا (٣) جي بدران هيٺ ڏنل پيٽي پئرا رکي ويندي، يعني تہ :-

'(٣) هن پئرا جي پيٽي پئرا (١) يا پيٽي پئرا (٢) جي هيٺ جاري ڪيل هرڪو حڪم ڪارڻن سميت راجيہ جي وڌان منڊل اَڳيان پيش ڪيو ويندو.'

## ۱۷. خود اختيار ۾ تک ناهڻ ۾ آهڙن ضلعن مان ايراضيون ٻاهر رکڻ

آسام يا ميگهاليہ يا ترپورا يا مزورم جي وڏان منڊل جي چونڊن جي پريوجن لاءِ راجيپال حڪم دوران ظاهر ڪري سگهندو تہ آسام يا ميگهاليہ يا ترپورا يا مزورم راجيہ ۾، حالت انوسار، ڪنهن خود اختيار ضلع اندر ڪا ايراضي اهڙي ضلع لاءِ وڏان سڀا ۾ محفوظ رکيل جاءِ يا جايون ڀرڻ لاءِ ڪنهن تک جو ڀاڱو نہ ٿيندي پر وڏان سڀا ۾ اِئين محفوظ نہ رکيل حڪم ۾ ڄاڻايل جاءِ يا جايون ڀرڻ لاءِ ڪنهن تڪ جو ڀاڱو ٿيندي.

(اسٽيٽ آف مزورم ائڪٽ ۱۹۸٦ (۱۹۸٦ جو ۳۴) جي قلم ۳۹ دوارا‍ن (۲۰ فبروري ۱۹۸۷ کان) هن پئرا ۾ لفظ 'مزورم' درج ڪيو ويو)

۱۸. x x x x

## ۱۹. تبديل ڪال جا پربنڌ

هن سنوڌان جي شروعات کان پوءِ ٿي سگهي اوترو جلد راجيپال هن انوسوچيءَ هيٺ راجيہ ۾ هرهڪ خود اختيار ضلع لاءِ ضلع پريشد جوڙڻ لاءِ قدم کڻندو ۽ جيستائين خود اختيار ضلع لاءِ ضلع پريشد اِئين جوڙي وڃي تيستائين آهڙي ضلع جو ڪاروبار راجيپال جي جوالي ٿيندو ۽ اهڙي ضلع اندر ايراضين جي ڪاروبار سان هن انوسو چيءَ جي اَڳہ ڏنل پربنڌن جي بدلي هينيان پربنڌ لاڳو پوندا، يعنيٰ -

(اَ) سنسد جو يا راجيہ جي وڏان منڊل جو ڪو اَئڪٽ راجيپال عام ظاهر نامي دواران هدايت نہ ڪري تيستائين آهڙيءَ ڪنهن ايراضيءَ سان لاڳو نہ پوندو، ۽ ڪنهن اَئڪٽ بنسبت اَهڙي هدايت ڏيندي راجيپال هدايت ڪري سگهندو تہ ڪنهن ايراضيءَ يا اُن جي ڪنهن ڄاڻايل ڀاڱي سان لاڳو پوڻ ۾ اَئڪٽ پاڻ نيڪ سمجهي آهڙن اپوادن ۽ ڦيرڦارين جي اَڌين اَثرائتو ٿيندو؛

(ب) راجيپال اَهڙي ڪنهن ايراضيءَ جي شانتي ۽ سٺي حڪومت لاءِ ونيم ناهي سگهندو ۽ اِئين ناهيل ونيم سنسد جي يا راجيہ جي وڏان منڊل جي ڪنهن اَئڪٽ يا اَهڙيءَ ايراضيءَ سان اُن وقت لاڳو هجي اَهڙي ڪنهن موجوده قاعدي کي رد ڪري يا اُن ۾ سڌارو ڪري سگهندو.

(۲) هن پئرا جي پيٽي پئرا (۱) جي فقري (اَ) هيٺ راجيپال جي ڏنل ڪا هدايت ماضي اَثر سان ٿئي اِئين ڏئي سگهبي.

(۳) هن پئرا جي پيٽي پئرا (۱) جي فقري (ب) هيٺ ڪيل سڀ ونيم ترت راشٽرپتيءَ کي پيش ڪيا ويندا ۽ سندس منظوري ملڻ تائين اثرائتا نہ ٿيندا.

## ۲۰. جن جاتي ايراضيون

(۱) هيٺ ڏنل جدول جي ڀاڱن ۱، ۲، ۲ الف ۽ ۳ ۾ ڄاڻايل ايراضيون، سلسليوار، آسام راڄيہ، ميگهاليہ راڄيہ، ترپورا راڄيہ ۽ مزورم راڄيہ اندر جن جاتي ايراضيون ٿينديون.

(۲) هيٺ ڏنل جدول جي ڀاڱي ۱، ۲ يا ڀاڱي ۳ ۾ ڪنهن ضلعي جو ڪو نرديش، نارٿ ايسٽرن ايرياز (ري آرگنائيزيشن) اَئڪٽ، ۱۹۷۱ جي قلم ۲ جي فقري (ب) هيٺ مقرر ٿيل ڏينهن کان يڪدم اَڳ هستيءَ ۾ اُن نالي واري خود اختيار ضلع اندر سمايل کيترن جو نرديش سمجهيو ويندو.

بشرطيڪ هن انوسوچيءَ جي پئرا (۳) جي پيٽي (۱) جي فقرن (ب) ۽ (ٽ)، پئرا ۴، پئرا ۵، پئرا ٦، پئرا ۸ جي پيٽي پئرا (۲)، پيٽي پئرا (۳) جي فقرن (اَ)، (ب) ۽ (پ) ۽ پيٽي پئرا (۴) ۽ پئرا ۱۰ جي پيٽي پئرا (۲) جي فقري (پ) جي پريوجن لاءِ شلانگ جي ميونسپالٽيءَ اندر سمايل ايراضيءَ جو ڪو بہ ڀاڱو ڪاسي پهاڙي ضلع جي اندر آهي اڻين نہ ليکيو ويندو.

(۳) هيٺ ڏنل جدول جي ڀاڱي ۲-الف ۾ 'ترپورا جن جاتي ايراضي ضلع' جو نرديش ترپورا ٽرائيبل ايرياز آٽانامس ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ائڪٽ، ۱۹۷۹، جي پهرين انوسوچيءَ ۾ ڄاڻايل جن جاتي ايراضيون سمايل هجن اُن کيتر جو نرديش سمجهيو ويندو.

جدول

## پاڱو-١

١- اُتر ڪڇاڙ پهاڙي ضلع

٢- ڪاربي آنگلانگ ضلع

(گورنمينٽ آف آسام نوٽيفڪشن نمبر ٽي. اي. ڊي / آر / ١١٥ / ٧٤ / ٤٧ / تاريخ ١٤ آڪٽومبر ١٩٧٦ دوران 'مڪر پهاڙي ضلع' جي بدران 'ڪاربي آنگلانگ ضلع' درج ڪيو ويو)

## پاڱو-٢

١- کاسي پهاڙي ضلع

٢- جئنيتيا پهاڙي ضلع

٣- گارو پهاڙي ضلع

## پاڱو-٢ اَلف

١. ترپورا جن جاتي ايراضي ضلع

## پاڱو-٣

١- چڪما ضلع

٢- مارا ضلع

٣- لئي ضلع

(سنوڌان چهين انوسوچي (سڌارو) ائڪٽ ١٩٨٨ (١٩٨٨ جو ٦٧) جي قلم ٢ دوران '٢. نڪير ضلع' ۽ '٣. پاوي ضلع' جي بدران '٢. مارا ضلع' ۽ '٣. لئي ضلع' درج ڪيا ويا.)

## ٢٠. اَلف. مِزو ضلع پريشد جي برخاستگي

(ا) هن اَنوسوچيءَ ۾ ڪنهن به ڳالهه جي باوجود، طئه ڪيل تاريخ کان يڪدم اڳ هستيءَ ۾ مزو ضلع جي ضلع پريشد (هن کان پوءِ هن ۾ مِزو ضلع پريشد طريقي نرديش ڪيل) بر/خاست ٿي رهندي ۽ هستيءَ ۾ هئڻ بند ٿيندي؛

## ٢٠.ب.اَلف. راجيپال دواران پنهنجا ڪرتب پالڻ ۾ پنهنجي مرضي هلڻ جا اختيار

راجيپال هن اَنوسوچيءَ جي پئرا ١ جي پيٽي پئرا (٢) ۽ (٣) جي هيٺ، پئرا ٢ جي پيٽي پئرا (١) ، (٦) ۽ (٦ اَ) مان پهريون پرنتوڪ ڇڏي ۽ پيٽي پئرا (٧) هيٺ، پئرا ٣ جي پيٽي پئرا (٣)، پئرا ۴ جي پيٽي پئرا (۴)، پئرا ۵، پئرا ٦ جي پيٽي پئرا (١)، پئرا ٧ جي پيٽي پئرا (٢)، پئرا ٨ جي پيٽي پئرا (۴)، پئرا ٩ جي پيٽي پئرا (٣)، پئرا ١٠ جي پيٽي پئرا (٣)، پئرا ١۴ جي پيٽي پئرا (١)، پئرا ١۵ جي پيٽي پئرا (١) ۽ پئرا ١٦ جي پيٽي پئرا (١) ۽ (٢) جي هيٺ پنهنجا ڪرتب پالڻ ۾ منتري پريشد ۽ اُتر ڪڇاڙ پهاڙي خود اختيار پريشد يا ڪاربي آنگلانگ خود اختيار پريشد سان، حالت انوسار، صلاح ڪرڻ کان پوءِ اهڙي ڪارروائي ڪندو جيڪا هو پنهنجيءَ مرضيءَ موجب ضروري سمجهي.

(سنوڌان ڇهين انوسوچي (سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٩۵ (١٩٩۵ جو ۴٢) جي قلم ٦ دواران هيءَ پئرا (١٢ سيپٽمبر ١٩٩۵ کان ) درج ڪئي ويئي آهي.)

## ٢٠.ب.ب. راجيپال دواران پنهنجا ڪرتب پالڻ ۾ پنهنجي مرضي هلڻ جا اختيار

راجيپال هن اَنوسوچيءَ جي پئرا ١ جي پيٽي پئرا (٢) ۽ (٣) هيٺ، پئرا ٢ جي پيٽي پئرا (١) ۽ (٧) هيٺ، پئرا ٣ جي پيٽي پئرا (٣) هيٺ، پئرا ۴ جي پيٽي پئرا (۴) هيٺ، پئرا ۵ هيٺ، پئرا ٦ جي پيٽي پئرا (١) هيٺ، پئرا ٧ جي پيٽي پئرا (٢) هيٺ، پئرا ٩ جي پيٽي پئرا (٣) هيٺ، پئرا ١۴ جي پيٽي پئرا (١) هيٺ، پئرا ١۵ جي پيٽي پئرا (١) هيٺ ۽ پئرا ١٦ جي پيٽي پئرا (١) ۽ (٢) هيٺ پنهنجا ڪرتب پالڻ ۾ منتري پريشد سان ۽ جيڪڏهن ضروري سمجهي تہ واسطيدار ضلع پريشد يا پراديشڪ پريشد سان صلاح ڪرڻ کان پوءِ اهڙي ڪارروائي ڪندو جيڪا هو پنهنجيءَ مرضيءَ موجب ضروري سمجهي.

(سنوڌان ڇهين انوسوچي (سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٨٨ (١٩٨٨ جو ٦٧) جي قلم ٢ دواران ترپورا ۽ مزورم راجين سان لاڳو پوڻ لاءِ هيءَ پئرا درج ڪئي ويئي آهي.)

## ٢٠. ب. اَرٿ

هن خيال کان ڪيل ڪنهن پربنڌ جي اَڏين هن اَنوسوچيءَ جا پربنڌ مزورم سنگهہ

ڪيتر سان لاڳو پوڻ ۾ اِئين اَثرائتا ٿيندا -

(١) جڏهن تہ راجپال ۽ راجيہ سرڪار جا نرديش اَنوڇيد ٢٣٩ هيٺ مقرر ڪيل سنگھہ ڪيتر جي اَيڊمنسٽريٽر جا نرديش هجن، راجيہ (محاوري 'راجيہ سرڪار' ۾ آهي اُن کان سواءِ) جا نرديش مزورم سنگھہ ڪيتر جا نرديش هجن ۽ راجيہ وڌان منڊل جا نرديش مزورم سنگھہ ڪيتر جي وڌان سڀا جا نرديش هجن؛

(٢) جڏهن تہ-

(اَ) پئرا ۴ جي پيٽي پئرا (۵) ۾ راجيہ‌سرڪار سان صلاح ڪرڻ جو پربند ڇڏي ڏنو ويو هجي؛

(ب) پئرا ٦ جي پيٽي پئرا (٢) ۾ 'راجيہ جو عملي اَختيار جنهن تي پهچندو هجي' لفظن جي جاءِ تي 'جن بنسبت مزورم سنگھہ ڪيتر جي وڌان سڀا کي قاعدا ٺاهڻ جو اَختيار هجي' لفظ وڌا ويا هجن؛

(ٻ) پئرا ١٣ ۾ لفظ ۽ انگ 'اَنوڇيد ٢٠٢ هيٺ' ڇڏي ڏنا ويا هجن.

## ٢١. اَنوسوچيءَ ۾ سڌارو

(١) سنسد وقت بوقت قاعدي دوران هن اَنوسوچيءَ جي پربندن مان ڪي بہ واڌاري، ڦيرڦار يا رد ڪرڻ ذريعي سڌاري سگھندي ۽ اَنوسوچيءَ جي اِئين سُڌارڻ تي، هن سنوڌان ۾ هن اَنوسوچيءَ جو ڪو بہ نرديش اِئين سڌاريل اَهڙي اَنوسوچيءَ جو نرديش سمجھيو ويندو.

(٢) هن پئرا جي پيٽي پئرا (١) ۾ ذڪر ڪيل آهي اَهڙو ڪو بہ قاعدو اَنوڇيد ٣٦٨ جي پريوجن لاءِ هن سنوڌان جو سڌارو هئڻ ليکيو نہ ويندو.

## (اَنوڇيد ٢۴٦)

## لسٽ پهرين - سنگهه لسٽ

١. ڀارت جي ۽ اُن جي هرڪنهن ڀاڱي جي رکيا، رکيا لاءِ تياري ۽ لڙائيءَ جي سمي اُها هلائڻ ۾ سهائڪ ۽ پوري ٿيڻ تي اَثر ڪارڪ نموني لشڪر برخاست ڪرڻ ۾ مدد روپ سڀني ڪمن سميت.

٢. دريائي، لشڪري ۽ وايو سئنائون، سنگهه جون ڪي ٻيون هٿيار بند سئنائون.

٢.اَلف ڀارت جي ڪنهن هٿيار بند سئنا يا ٻيءَ سنگهه جي ظابطي جي اَڌين ٻيءَ ڪنهن سئنا جو يا اُن جي ڪنهن ڀاڱي يا يونٽ جو ڪنهن راڄيه ۾ سول اَختيار جي مدد ۾ لڳائڻ، اَهڙي فرض ۾ لڳل هجڻ وقت اَهڙين سئنائن جي ميمبرن جا اَختيار، حڪومت، خاص اَڌڪار ۽ جوابداريون.

٣. ڇاوڻي ايراضين جون حدون مقرر ڪرڻ، اُنهن ايراضين ۾ مڪاني خود حڪومت، اَهڙين ايراضين اندر ڇاوڻي اَختياريون جوڙڻ ۽ اُنهن جا اَختيار ۽ اَهڙين ايراضين ۾ گهرجي جاءِ جي سهوليت (مسواڙ تي ظابطي سميت) ڪي نيمت ڪرڻ.

۴. دريائي، لشڪري ۽ وايو سئنائن جا عمارتي ڪم.

۵. هٿيار، آتشباز هٿيار گوليون، باروت ۽ ڦاٽندڙ باروت.

٦. اَڻمي شڪتي ۽ اُن جي پئدائش لاءِ ضروري معدني وسيلا.

٧. سنسد دواران قاعدي دواران رکيا جي پريوجن لاءِ يا لڙائي هلائڻ لاءِ ضروري هئڻ ظاهر ڪيل اُديوگ.

٨. جاسوسي ۽ تپاس جو مرڪزي بيورو.

٩. رکيا پرڏيهي معاملن يا ڀارت جي سلامتيءَ سنبنڌي ڪارڻ سبب نوارڪ نظربندي، اَهڙي نظربنديءَ هيٺ رکيل شخص.

١٠. پرڏيهي معاملا اُهي سڀ بابتون جي سنگهه کي ڪنهن پرڏيهي مُلڪ سان سنبنڌ ۾ آڻين.

۲۸. بندري ڪوارنٽين، اُنهن سان لاڳو رڪندڙ اِسپتالن سميت، خلا صين ۽ ساموندي بيڙي جون اِسپتالون.

۲۹. هوائي رستا، هوائي جهاز ۽ هوائي جهازراني؛ هوائي اَڏن جو پربند، هوائي آمدرفت ۽ هوائي اَڏن کي نيمت ڪرڻ ۽ اُنهن جو اِنتظام ڪرڻ؛ هوائي بازن جي تعليم ۽ سکيا جو پربند ۽ راجين ۽ ٻين ايجنسين دواران پربند ڪيل اَهڙي تعليم ۽ سکيا کي نيمت ڪرڻ.

۳۰. ريلوي، سمنڊ يا هوائي رستي، يا مشين ذريعي هلندڙ واهڻن ۾ راشٽريہ جل مارگن رستي مسافر ۽ مال ڪڻڻ.

۳۱. ٽپال ۽ تار، ٽيليفون، بنان تند تار چوڏس ڦهلاءُ ۽ سنچار جا ٻيا اَهڙا نمونا.

۳۲. سنگهہ جي ملڪيت ۽ اُن مان آمدني، پر ڪنهن راجيہ ۾ هجي اَهڙي ملڪيت سنبنڌي راجيہ جي قانون جي اَڏين، سواءِ تہ جيتري قدر سنسد قاعدي دواران ٻئي نموني پربند ڪري.

۳۳. ........................................

۳۴. ڏيهي رياستن جي حاڪمن جي جائدادن لاءِ ڪورٽ آف واردس.

۳۵. سنگهہ جو سرڪاري قرض.

۳۶. چالو سڪو، سڪا ٺاهڻ ۽ قاعدي موجب جو سڪو؛ پرڏيهي ناڻي جي مٽاسٽا.

۳۷. پرڏيهي قرض.

۳۸. ڀارت جي رزرو بئنڪ.

۳۹. پوسٽ آفيس بچت بئنڪ.

۴۰. ڀارت سرڪار يا ڪنهن راجيہ سرڪار دواران ترتيب ڪيل لاٽريون.

۴۱. پرڏيهي ملڪن سان واپار ۽ وڻج؛ ڪسٽم حدن جي آرپار مال جي آمدني ۽ روانگي؛ ڪسٽم حدون ٺهرائڻ.

۴۲. انترراجيہ واپار ۽ وڻج.

۴۳. واپاري ڪارپوريشن شرافي، ويما ۽ ناڻا ڪارپوريشن سميت، پر نہ سهڪاري منڊلين سميت، جو ٺاهڻ، نيمت ڪرڻ ۽ سميٽڻ.

۴۴. هڪ راجيہ تائين محدود نہ هجن اَهڙن مقصدن وارا ڪارپوريشن، واپاري هجن چاهي نہ، پر نہ يونيورسٽين سميت، اُهي ٺاهڻ، نيمت ڪرڻ ۽ سميٽڻ.

سرڪار سڄي يا ڀاڱي ۾ مالي مدد ڏئي ۽ سنسد قاعدي دوارن راشٽريه مهتو جي سنسٿا هئڻ ظاهر ڪري اُها ئي ڪا اَهڙي سنسٿا.

٦٣. هن سنوڌان جي شروعات وقت بنارس هندو يونيورسٽي، عليڳڙه مسلم يونيورسٽي ۽ دهلي يونيورسٽي نالي مشهور سنسٿائون.

اَنوڇيد ٣٧١ ب جي پيرويءَ ۾ برپا ڪيل يونيورسٽي، سنسد قاعدي دوارن راشٽريه مهتو جي سنسٿا هئڻ ظاهر ڪري اُها اَهڙي ئي ڪا سنسٿا.

٦٤. وگيانڪ يا هنري تعليم لاءِ سنسٿائون جن کي ڀارت سرڪار سڄي يا ڀاڱي ۾ مالي مدد ڏئي ۽ سنسد قاعدي دوارن راشٽريه مهتو جون سنسٿائون هئڻ ظاهر ڪري.

٦٥. سنگهه جون ايجنسيون ۽ سنسٿائون -

(اَ) پوليس عملدارن جي سکيا سميت پيشي جي، ڌنڌي جي يا هنري سکيا لاءِ يا

(ب) خاص اَڀياس يا کوجنا جي واڌاري لاءِ يا

(پ) ڏوهه جي تپاس يا لهڻ ۾ وگياني يا هنري مدد لاءِ.

٦٦. اوچ تعليم يا کوجنا جي سنسٿائن ۽ وگياني ۽ هنري سنسٿائن ۾ پرماڻ نهرائڻ ۾ سَمنويه.

٦٧. قديمي ۽ اتهاسي يادگار ۽ رڪارڊ ۽ پراچين جايون ۽ باقيات، جيڪي سنسد دوارن ٺاهيل قاعدي دوارن يا اُن هيٺ راشٽريه مهتو جا هئڻ ظاهر ڪيا وڃن.

٦٨. سروي آف اِنڊيا، ڀارت جا جيئالاجيڪل، بوٽانيڪل، زولاجيڪل ۽ اَنٿراپالاجيڪل سروي، علم آب هوا جون سنسٿائون.

٦٩. جن ڳڻنا.

٧٠. سنگهه جون عام شيوائون، اَکل ڀارت شيوائون، سنگهه پبلڪ سروس ڪميشن.

٧١. سنگهه پينشنون، يعني ڀارت سرڪار دوارن يا ڀارت جي سنچت نِڌيءَ مان ڏيڻ جوڳيون پينشنون.

٧٢. سنسد جون، راڄيه جي وڌان منڊلن جون ۽ راشٽرپتي ۽ اُپ راشٽرپتيءَ جي عهدن جون چونڊون، چونڊ ڪميشن.

٧٣. سنسد جي ميمبرن، راڄيه سڀا جي چيئرمن ۽ ڊپٽي چيئرمن ۽ لوڪ سڀا جي اسپيڪر ۽ ڊپٽي اِسپيڪر جا پگهار ۽ ڀتا.

٧٤. سنسد جي هرهڪ سدن جا ۽ هرهڪ سدن جي ميمبرن ۽ ڪاميٽين جا اَختيار،

ڪنهن سٽنا جو يا اُن جي ڪنهن حصي يا يونٽ جو سول اختيار جي مدد ۾ استعمال).

٢. لسٽ پهرينءَ جي وشيه ٢ الف جي پربندن جي آڌين پوليس (ريلوي ۽ ڳوٺ جي پوليس سميت).

٣. هاءِ ڪورٽ جا عملدار ۽ ملازم؛ مسواڙ ۽ محصولي ڪورٽن ۾ ڪارروائي؛ سپريم ڪورٽ کان سواءِ سڀني ڪورٽن ۾ وٺڻ جون فيون.

٤. جيل، سڌارا گهر- بورسٽل سنسٿائون ۽ اهڙي قسم جون ٻيون سنسٿائون، ۽ انهن ۾ نظربند ڪيل شخص، جيل ۽ ٻيون سنسٿائون ڪم آڻڻ لاءِ ٻين راڄين سان بندوبست.

٥. مڪاني حڪومت، يعني ته ميونسپل ڪارپوريشن، امپرووومينٽ ٽرسٽن، ضلع بورڊن، کاڻين جي بستي اختيارين ۽ مڪاني حڪومت يا ڳوٺ جي ڪاروبار جي پريوجن لاءِ ٻين مڪاني اختيارين جي ترتيب ۽ انهن جا اختيار.

٦. عام صحت ۽ صفائي، اسپتالون ۽ دواخانا.

٧. ڀارت کان ٻاهر جاين جي تيرٿ ياترائن کانسواءِ تيرٿ ياترائون.

٨. نشيدار شراب، يعني نشيدار شرابن جي پيدائش، ٺاهڻ، قبضي ۾ رکڻ، هڪ هنڌان ٻئي هنڌ نيڻ، خريدي ۽ وڪرو.

٩. اپاهج ۽ روزگار ۾ نه لڳي سگهن اهڙن کي راحت.

١٠. دفن ۽ قبرستان، اگني سنسڪار ۽ مساڻ.

١١. .................................

١٢. راڄيه جي ظابطي هيٺ يا اُن دواران مالي مدد ملندڙ لائبريريون، ميوزيم ۽ ٻيون اهڙيون سنسٿائون، سنسد دواران ٺاهيل قاعدي دواران يا هيٺ راشٽريه مهتو وارا هئڻ ظاهر ڪيل هجن اُنهن کان سواءِ ٻيا قديمي ۽ اِتهاسي يادگار ۽ رڪارڊ.

١٣. آمدرفت يعني، رستا، پُليون، پتڻ ۽ آمدرفت جا ٻيا وسيلا جي لسٽ پهرينءَ ۾ نه ڄاڻايل هجن؛ ميونسپل ٽرامون؛ نوڙيءَ جا رستا، اندروني جل مارگ ۽ اُنهن ۾ اُڃ وڃ، اهڙن پاڻيءَ جي وسيلن بنسبت لسٽ پهرين ۽ لسٽ ٽينءَ جي پربندن جي آڌين، مشين جي زور تي هلندڙ گاڏين کان سواءِ ٻيون گاڏيون.

١٤. کيتي، کيتيءَ جي تعليم ۽ کوجنا، جيوڙن کان بچاءُ ۽ ٻوٽن کي روڳن کان روڪڻ سميت.

١٥. چوپائي مال جي سنڀال، بچاءُ ۽ سڌارو ۽ جانورن جي بيمارين کي روڪڻ، جانورن جي علاج جي سکيا ۽ ڌنڌو.

١٦. ڍڳن ۽ پيل کي روڪڻ.

١٧. پاڻي، يعني، پاڻيءَ جي رسد، ريج ۽ واهه، پاڻيءَ جو نيڪال ۽ بند، پاڻي ڪٺو ڪرڻ ۽ پاڻيءَ مان شڪتي، لسٽ پهرينءَ جي اِسم ٥٦ جي پربنڌن جي آڌين.

١٨. زمين، يعني، زمين ۾ يا زمين تي حق، زميندار ۽ هاريءَ وچ ۾ سنبنڌن سميت زمين جي قبضيداري ۽ مسواڙ اُڳاڙڻ، کيتيءَ جي زمين جو بدلو يا اِنتقال، زمين جو سڌارو ۽ کيتيءَ تي اوڌر، نوءَ آبادي.

١٩. ..................................

٢٠. ..................................

٢١. مڇي مياڻيون.

٢٢. لسٽ پهرينءَ جي اِسم ٣٤ جي آڌين ڪورٽ آف واردس، بار هيٺ ۽ ضبطيءَ هيٺ جائداد.

٢٣. سنگهه جي ظابطي هيٺ نيمت ڪرڻ ۽ وڪاس ڪرڻ بنسبت لسٽ پهرينءَ جي پربنڌن جي آڌين کاڻين کي نيمت ڪرڻ ۽ معدني وڪاس.

٢٤. اُديوگ، لسٽ پهرينءَ جي اِسم ٧ ۽ ٥٢ جي پربنڌن جي آڌين.

٢٥. گئس ۽ گئس جا ڪارخانا.

٢٦. راڄيه اندر واپار ۽ وڻج، لسٽ ٽينءَ جي اِسم ٣٣ جي پربنڌن جي آڌين.

٢٧. مال جي پيدائش، رسد ۽ ورڇ لسٽ ٽينءَ جي اِسم ٣٣ جي پربنڌن جي آڌين.

٢٨. بزاريون ۽ ميلا.

٢٩. ..................................

٣٠. ناڻا اُڌارا ڏيڻ ۽ ناڻا اُڌارا ڏيندڙ؛ کيتيءَ جي قرض ۾ راحت.

٣١. مهمان سراءِ ۽ سراءِ وارا.

٣٢. لسٽ پهرينءَ ۾ ڄاڻايل آهن اُنهن کان سواءِ ٻين ڪارپورشنن ۽ يونيورسٽين کي جوڙڻ، نيمت ڪرڻ ۽ سميٽڻ، ڪارپوريشن طريقي نہ هجن اهڙيون واپاري، ساهتيڪ، وگياني، ڌارمڪ ۽ ٻيون سوسائٽيون ۽ ائسوسئيشن، سهڪاري منڊليون.

٣٣. ٿيٽر ۽ ڊراما؛ لسٽ پهرينءَ جي وشيہ ٦٠ جي پربنڌن جي آڌين، سنيمائون، راندين جلسا ۽ وندر.

۳۴. شرطون هٽڻ ۽ جُوا ڪرڻ.

۳۵. راڄيہ جي حوالي هجن يا قبضي ۾ هجن آهڙا ڪارخانا، زمينون ۽ عمارتون.

۳۶. ..............................

۳۷. سنسد دوارا ناهيل ڪنهن قاعدي جي پربندن جي آڌين راڄيہ جي وڌان منڊل جون چونڊون.

۳۸. راڄيہ جي وڌان منڊل جي ميمبرن، وڌان سڀا جي اِسپيڪر ۽ ڊپٽي اِسپيڪر ۽ جي وڌان پريشد هجي تہ اُن جي چيئرمن ۽ ڊپٽي چيئرمن جا پگهار ۽ ڀتا.

۳۹. وڌان سڀا جا ۽ اُن جي ميمبرن ۽ ڪاميٽين جا، ۽ جي وڌان پريشد هجي تہ اُن پريشد جا ۽ اُن جي ميمبرن ۽ ڪاميٽين جا اَختيار، خاص اَڌڪار ۽ رهائيون، راڄيہ وڌان منڊل جي ڪاميٽين جي روبرو شاهدي ڏيڻ يا دستاويز پيش ڪرڻ لاءِ شخصن کي حاضريءَ لاءِ مجبور ڪرڻ.

۴۰. راڄيہ جي منترين جا پگهار ۽ ڀتا.

۴۱. راڄيہ جون عام شيوائون، راڄيہ پبلڪ سروس ڪميشن.

۴۲. راڄيہ پينشنون، يعنيٰ، راڄيہ دوارا يا راڄيہ جي سنچت نڌيءَ مان ڏيڻ جوڳيون پينشنون.

۴۳. راڄيہ جو سرڪاري قرض.

۴۴. گُپت ڌن.

۴۵. زمين محصول، محصول ٻڌڻ ۽ وصولي، زمين، دفتر رکڻ، محصولي ۽ حقن جي داخلن جي پريوجن لاءِ سروي ۽ محصولي آمدنيءَ جي اِنتقال سميت.

۴۶. کيتيءَ جي آمدنيءَ تي ڍلون.

۴۷. کيتيءَ جي زمين جي وارثي بنسبت محصول.

۴۸. کيتيءَ جي زمين بنسبت جائداد محصول.

۴۹. زمينن ۽ عمارتن تي ڍلون.

۵۰. سنسد دوارا معدني وڪاس سنبنڌي قاعدي دوارا وڌل ڪن ٻنڌنن جي آڌين، معدني حقن تي ڍلون.

۵۱. راڄيہ ۾ تيار ڪيل يا پئدا ڪيل هيٺئين مال تي آبڪاري محصول ۽ ڀارت ۾ ٻئي هنڌ ناهيل يا پئدا ڪيل ساڳين شين تي ساڳين يا گهٽ اَگهن تي سامهون محصول -

(آ) ماڻهن جي واپرڻ لاءِ آلڪوهال وارا شراب؛

(ب) آفيم، ڀنگ ۽ ٻيون ننڊ ۾ غش ڪندڙ دوائون ۽ غش ڪندڙ شيون پر نہ اُنهن دوائن ۽ سينگار جي بناوتن سميت جن ۾ آلڪوهال يا هن اِسم جي پيٽي پئرا (ب) ۾ شامل ڪو پدارٿ هجي.

٥٢. ڪنهن مڪاني ايراضيءَ ۾، اُن ۾ واپرڻ، ڪم آڻڻ يا وڪري لاءِ مال جي داخلا تي ڍلون.

٥٣. بجليءَ جي واپرڻ يا وڪري تي ڍلون.

٥٤. لسٽ پهرينءَ جي اِسم ٩٢ اَلف جي پربندن جي آڌين، اَخبارن کانسواءِ ٻئي مال جي وڪري يا خريد تي ڍلون.

٥٥. اَخبارن ۾ شايع ٿيل اِشتهارن ۽ ريڊيو يا دور درشن دوارا نشر ٿيندڙ اشتهارن کانسواءِ ٻين اَشتهارن تي ڍلون.

٥٦. رستي ذريعي يا اندروني جل مارگن ذريعي ڪنيل مال ۽ مسافرن تي ڍلون.

٥٧. لسٽ ٽينءَ جي اِسم ٣٥ جي پربندن جي آڌين رستي تي ڪم آڻڻ لائق گاڏين تي ڍلون جيڪي مشين ذريعي هلندڙ هجن چاهي نہ، جن ۾ ٽرامون اَچي وڃن ٿيون.

٥٨. جانورن ۽ ٻيڙين تي ڍلون.

٥٩. چونگي.

٦٠. پيشن، واپارن، ڌنڌن ۽ روزگارن تي ڍلون.

٦١. سِر شماري ڍلون.

٦٢. عيش عشرتن تي ڍلون، جن ۾ جلسن وندرن، شرطن ۽ جوا تي ڍلون اَچي وڃن ٿيون.

٦٣. اَستامپ محصول جي اَگهن سنبندي لسٽ پهرينءَ جي پربندن ۾ ڄاڻايل کان سواءِ ٻين دستاويزن بنسبت اِستامپ محصول جا اَگهہ.

٦٤. هن لسٽ جي وشين مان ڪنهن بنسبت قاعدن خلاف گناهہ.

٦٥. هن لسٽ جي وشين مان ڪنهن بنسبت، سپريم ڪورٽ کانسواءِ سڀني ڪورٽن جي حڪومت ۽ اختيار.

٦٦. هن لسٽ جي وشين مان ڪنهن بنسبت فيون، پر نہ ڪنهن ڪورٽ ۾ ورتل جي فين سميت.

١٢. شاهدين ۽ قسم، قاعدن، سرڪاري ڪارين ۽ رڪاردن جي مانيتا؛ ۽ عدالتي ڪارروايون.

١٣. ديواني ڪارروائي، هن سنوڌان جي شروعات وقت ڪوڊ آف سول پروسيجر ۾ شامل سڀني وشين، مُدت بندي ۽ اَمانت سميت.

١٤. ڪورٽ جي بي اَدبي، پر نہ سپريم ڪورٽ جي بي اَدبيءَ سميت.

١٥. رولو پٺو، رمتي ۽ لاڏائو، جن جاتيون.

١٦. پاڳل پڻو ۽ دماغي ڪمزوري، جنهن ۾ چرين ۽ دماغي ڪمزورن کي وٺڻ يا علاج ڪرڻ جون جايون اَچي وڃن ٿيون.

١٧. جانورن سان بي رحمي روڪڻ.

١٧ اَلف ٻيلا.

١٧.ب. جهنگلي جانورن ۽ پکين جو بچاءُ.

١٨. کاڌي جي شين ۽ ٻئي مال ۾ مِلاوت.

١٩. دوائون ۽ زهر، آفيم بنسبت لسٽ پهرينءَ جي اِسم ٥٩ جي پربنڌن جي اَڌين.

٢٠. آرٿڪ ۽ سماجڪ يوجنائون گهڙڻ.

٢٠ اَلف آدمشماريءَ تي ضابطو ۽ ڪٽنب نيوجن.

٢١. واپاري ۽ اُديوگي هڪ هٽي، ٽڏي ۽ ٽرسٽ.

٢٢. مزورن جا سنگهہ - اُديوگڪ ۽ مزورن جا تڪرار.

٢٣. سماجڪ سلامتي ۽ سماجڪ ويمو؛ روزگار ۽ بي روزگاري.

٢٤. مزورن جو ڪلياڻ، جنهن ۾ ڪم جون حالتون، پراويڊنٽ فنڊ، نوڪري ۾ رکندڙ جي جوابداري، پورهيتن کي عيوضو، جڏي ٿيڻ ۽ ٻڍاپي جي پينشن ۽ ويم جون سهوليتون اَچي وڃن ٿيون.

٢٥. لسٽ پهرئينءَ جي اِسم ٦٣، ٦٤، ٦٥، ۽ ٦٦ جي پربنڌن جي اَڌين تعليم جنهن ۾ هنري تعليم، ڊاڪٽري تعليم ۽ يونيورسٽيون اَچي وڃن ٿيون، مزورن جي ڪسبي، ۽ هنري سکيا.

٢٦. وڪالت، ڊاڪٽري ۽ ٻيا پيشا.

٢٧. ڀارت ۽ پاڪستان جي ڊومينين قائم ٿيڻ سبب پنهنجي اصلي رهڻ جي جاين کان بي گهر ٿيل شخصن کي راحت ۽ ڪين وري وَسائڻ.

سميت) جو حوالو، انتظام ۽ نيڪال.

۴۲. ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ طلب ڪرڻ.

۴۳. راڄيہ ٻاهر پيدا ٿيندڙ ڏِلن ۽ ٻين سرڪاري طلبن بنسبت گهرن جي، زمين محصول جي بقايا ۽ اهڙي بقايا طريقي وصول ڪرڻ جوڳين رقمن سميت، راڄيہ اندر وصولي.

۴۴. عدالتي ٽڪلين ذريعي اوڳڙ ٿيندڙ محصول يا فين ڪانسواءِ ٻيا اِسٽامپ محصول، پر نہ اِسٽامپ محصول جا نرخ.

۴۵. لسٽ ٻين يا لسٽ ٽين ۾ ڄاڻايل وشين مان ڪنهن جي پريوجن لاءِ جاچون ۽ انگہ اکر.

۴۶. هن لسٽ جي وشين مان ڪنهن بنسبت سپريم ڪورٽ کان سواءِ، سڀني ڪورٽن جي حڪومت ۽ اختيار.

۴۷. هن لسٽ جي وشين مان ڪنهن بنسبت فيون، پر نہ ڪنهن ڪورٽ ۾ ورتل جي فين سميت.

## (انوچيد ٣٤٤ (١) ۽ ٣٥١)

### ٻوليون

١. آسامي

٢. بنگالي

٣. گجراتي

٤. هندي

٥. ڪنڙ

٦. ڪشميري

٧. ڪونڪڻي

٨. مليالم

٩. مڻيپوري

١٠. مرهٽي

١١. نيپالي

١٢. اُڙيا

١٣. پنجابي

١٤. سنسڪرت

١٥. سنڌي

١٦. تامل

١٧. تيلگو

١٨. اُڙدو

(سنوڌان (سڌارو ايڪهتر) اَئڪٽ، ١٩٩٢ جي قلم ٢ دواران (٣١ آگسٽ ١٩٩٢ کان) ڪونڪڻي، مڻيپوري ۽ نيپالي درج ڪيل ۽ وري انگ ڌنل)

## (اَنوچيد ۱۳ ب)

## ڪِن قاعدن ۽ وِنيمن کي جائز ٺهرائڻ

۱. بهار زمين سڌارا اَئڪٽ ۱۹۵۰ (۱۹۵۰ جو بهار ائڪٽ ۳۰).

۲. بمبئي پٽيداري ۽ ڪيتي زمين اَئڪٽ، ۱۹۴۸ (۱۹۴۸ جو بمبئي اَئڪٽ ۱۷).

۳. بمبئي مالڪي پٽو ختم ڪرڻ اَئڪٽ ۱۹۴۹ (۱۹۴۹ جو بمبئي اَئڪٽ ۶۱).

۴. بمبئي تعلقداري پٽو ختم ڪرڻ اَئڪٽ، ۱۹۴۹ (۱۹۴۹ جو بمبئي اَئڪٽ ۶۲).

۵. پنچ محل، ميهواسي پٽو ختم ڪرڻ اَئڪٽ، ۱۹۴۹ (۱۹۴۹ جو بمبئي اَئڪٽ ۶۳).

۶. بمبئي ڪوٽي ختم ڪرڻ اَئڪٽ، ۱۹۵۰ (۱۹۵۰ جو بمبئي اَئڪٽ ۶).

۷. بمبئي پرڳڻا ۽ ڪُلڪرني وطن ختم ڪرڻ اَئڪٽ، ۱۹۵۰ (۱۹۵۰ جو بمبئي اَئڪٽ ۶۰).

۸. مڌيہ پرديش (جائداد، محل، انتقال ٿيل زمينون) مالڪي حق ختم ڪرڻ اَئڪٽ، ۱۹۵۰ (۱۹۵۱ جو مڌيہ پرديش اَئڪٽ ۱).

۹. مدراس جائداد (ختم ڪرڻ ۽ رعيتواري ۾ بدلڻ) اَئڪٽ، ۱۹۴۸ (۱۹۴۸ جو مدراس اَئڪٽ ۲۶).

۱۰. مدراس جائداد (ختم ڪرڻ ۽ رعيتواري ۾ بدلڻ) سڌارا اَئڪٽ، ۱۹۵۰ (۱۹۵۰ جو مدراس اَئڪٽ ۱).

۱۱. اُتر پرديش زميداري ختم ڪرڻ ۽ زمين سڌارا اَئڪٽ، ۱۹۵۰ (۱۹۵۱ جو اُتر پرديش اَئڪٽ ۱).

۱۲. حيدرآباد (جاگيرون ختم ڪرڻ) ريگيوليشن ۱۳۵۸ ف (۱۳۵۸ فيصلي جو نمبر ۶۹).

۱۳. حيدرآباد جاگيرون (ڦيرائڻ) ريگيوليشن، ۱۳۵۹ ف (۱۳۵۹ فيصلي جو نمبر ۲۵).

۱۴. بهار بي گهر شخصن کي وري وسائڻ (زمين حاصل ڪرڻ) اَئڪٽ، ۱۹۵۰ (۱۹۵۰ جو بهار اَئڪٽ ۳۸).

آئڪٽ ٩٨).

٣٠. بمبئي پٽيداري ۽ کيتي زمين (گجرات سڌارو) آئڪٽ، ١٩٦٠ (١٩٦٠ جو گجرات آئڪٽ ١٦).

٣١. گجرات کيتي زمين حدبندي آئڪٽ، ١٩٦٠ (١٩٦١ جو گجرات آئڪٽ ٢٦).

٣٢. ساڳيارا ۽ ميهواسي جائدادون (مالڪي حق رد ڪرڻ وغيره) ريگيوليشن، ١٩٦٢ (١٩٦٢ جو گجرات ريگيوليشن ١).

٣٣. گجرات باقي رهيل اِنتقال ختم ڪرڻ آئڪٽ، ١٩٦٣ (١٩٦٣ جو گجرات آئڪٽ ٣٣) جيتري قدر اُن جي قلم ٢ جي فقري (٣) جي پيٽي فقري (پ) ۾ نرديش ڪيل انتقال سنبنڌي هجي ان ڪانسواءِ.

٣٤. مهاراشٽرا کيتي زمين (قبضو حدبندي) آئڪٽ، ١٩٦١ (١٩٦١ جو مهاراشٽرا آئڪٽ ٢٧).

٣٥. حيدرآباد پٽيداري ۽ کيتي زمين (وري قاعدو ڪرڻ، جائز ڪرڻ ۽ وڌيڪ سڌارو) آئڪٽ، ١٩٦١ (١٩٦١ جو مهاراشٽرا آئڪٽ ٤٥).

٣٦. حيدرآباد پٽيداري ۽ کيتي زمين آئڪٽ، ١٩٥٠ (١٩٥٠ جو حيدرآباد آئڪٽ ٢١).

٣٧. جنميڪرم اُدائي (ختم ڪرڻ) آئڪٽ، ١٩٦٠ (١٩٦١ جو ڪيرالا آئڪٽ ٣).

٣٨. ڪيرالا زمين ڍل آئڪٽ، ١٩٦١ (١٩٦١ جو ڪيرالا آئڪٽ ١٣).

٣٩. ڪيرالا زمين سڌارا آئڪٽ، ١٩٦٣ (١٩٦٤ جو ڪيرالا آئڪٽ ١).

٤٠. مڌيہپرديش زمين محصول ڪوڊ، ١٩٥٩ (١٩٥٩ جو مڌيہپرديش آئڪٽ ٢٠).

٤١. مڌيہپرديش کيتي زمين قبضو حدبندي آئڪٽ، ١٩٦٠ (١٩٦٠ جو مڌيہپرديش آئڪٽ ٢٠).

٤٢. مدراس پوک ڪندڙ هارين جو بچاءُ آئڪٽ، ١٩٥٥ (١٩٥٥ جو مدراس آئڪٽ ٢٥).

٤٣. مدراس پوک ڪندڙ هاري (واجبي ڀاڙو ڏيڻ) آئڪٽ، ١٩٥٦ (١٩٥٦ جو مدراس آئڪٽ ٢٤).

٤٤. مدراس ڪُديپرپو قبضيدار (بي دخليءَ کان بچاءُ) آئڪٽ، ١٩٦١ (١٩٦١ جو مدراس آئڪٽ ٣٨).

٤٥. مدراس پبلڪ ٽرسٽ (کيتي زمين جي ڪاروبار کي نيمت ڪرڻ) آئڪٽ، ١٩٦١

(۱۹٦۱ جو مدراس اَئِڪٽ ۵۷).

۴٦. مدراس زمين سڌارا (زمين حدبندي مقرر ڪرڻ) اَئِڪٽ، ۱۹٦۱ (۱۹٦۱ جو مدراس اَئِڪٽ ۵۸).

۴۷. مئسور پٽيداري اَئِڪٽ، ۱۹۵۲ (۱۹۵۲ جو مئسور اَئِڪٽ ۱۳).

۴۸. ڪرُگ پٽيدار اَئِڪٽ، ۱۹۵۷ (۱۹۵۷ جو مئسور اَئِڪٽ ۱۴).

۴۹. مئسور ڳوٺ جا عهدا ختم ڪرڻ اَئِڪٽ، ۱۹٦۱ (۱۹٦۱ جو مئسور اَئِڪٽ ۱۴).

۵۰. حيدرآباد پٽيداري ۽ کيتي زمين (جائز ڪرڻ) اَئِڪٽ، ۱۹٦۱ (۱۹٦۱ جو مئسور اَئِڪٽ ۳٦).

۵۱. مئسور زمين سڌارا اَئِڪٽ، ۱۹٦۱ (۱۹٦۲ جو مئسور اَئِڪٽ ۱۰).

۵۲. اوڙيسا زمين سڌارا اَئِڪٽ، ۱۹٦۰ (۱۹٦۰ جو اوڙيسااَئِڪٽ ۱٦).

۵۳. اوڙيسا سمايل کيتر (ڳوٺ جا عهدا ختم ڪرڻ) اَئِڪٽ، ۱۹٦۳ (۱۹٦۳ جو اوڙيسا اَئِڪٽ ۱۰).

۵۴. پنجاب زمين پٽا سلامتي اَئِڪٽ، ۱۹۵۳ (۱۹۵۳ جو پنجاب اَئِڪٽ ۱۰).

۵۵. راجستان پٽيداري اَئِڪٽ، ۱۹۵۵ (۱۹۵۵ جو راجستان اَئِڪٽ ۳).

۵٦. راجستان زمينداري ۽ بسويداري ختم ڪرڻ اَئِڪٽ، ۱۹۵۹ (۱۹۵۹ جو راجستان اَئِڪٽ ۸).

۵۷. ڪُمايون ۽ اُتراکنڊ زمينداري ختم ڪرڻ ۽ زمين سڌارا اَئِڪٽ، ۱۹٦۰ (۱۹٦۰ جو اُتر پرديش اَئِڪٽ ۱۷).

۵۸. اُتر پرديش زمين قبضو حدبندي مڙهڻ اَئِڪٽ، ۱۹٦۰ (۱۹٦۱ جو اُتر پرديش اَئِڪٽ ۱).

۵۹. اولهه بينگال جائداد حاصل ڪرڻ اَئِڪٽ، ۱۹۵۳ (۱۹۵۴ جو اولهه بينگال اَئِڪٽ ۱).

٦۰. اولهه بينگال زمين سڌارا اَئِڪٽ، ۱۹۵۵ (۱۹۵٦ جو اولهه بينگال اَئِڪٽ ۱۰).

٦۱. دهلي زمين سڌارا اَئِڪٽ، ۱۹۵۴ (۱۹۵۴ جو دهلي اَئِڪٽ ۸).

٦۲. دهلي زمين قبضو (حدبندي) اَئِڪٽ، ۱۹٦۰ (۱۹٦۰ جو مرڪزي اَئِڪٽ ۲۴).

٦۳. مڻيپور زمين محصول ۽ زمين سڌارا اَئِڪٽ، ۱۹٦۰ (۱۹٦۰ جو مرڪزي اَئِڪٽ ۳۳).

٦٤. ترپورا زمين محصول ۽ زمين سڌارا آئڪٽ، ١٩٦٠ (١٩٦٠ جو مرڪزي آئڪٽ ٤٣).

٦٥. ڪيرالا زمين سڌارا (سڌارو) آئڪٽ، ١٩٦٩ (١٩٦٩ جو ڪيرالا آئڪٽ ٣٥).

٦٦. ڪيرالا زمين سڌارا (سڌارو) آئڪٽ، ١٩٧١ (١٩٧١ جو ڪيرالا آئڪٽ ٢٥).

٦٧. آنڌرپرديش زمين سڌارا (کيتي زمين قبضو حدبندي) آئڪٽ، ١٩٧٣ (١٩٧٣ جو آنڌرپرديش آئڪٽ ١).

٦٨. بهار زمين سڌارا (حدبندي ايراضي مقرر ڪرڻ ۽ وڌيڪ زمين حاصل ڪرڻ) (سڌارو) آئڪٽ، ١٩٧٢ (١٩٧٣ جو بهار آئڪٽ ١).

٦٩. بهار زمين سڌارا (حد بندي ايراضي مقرر ڪرڻ ۽ وڌيڪ زمين حاصل ڪرڻ) (سڌارو) آئڪٽ، ١٩٧٣ (١٩٧٣ جو بهار آئڪٽ ٩).

٧٠. بهار زمين سڌارا (سڌارو) آئڪٽ، ١٩٧٢ (١٩٧٢ جو بهار آئڪٽ ٩).

٧١. گجرات کيتي زمين حدبندي (سڌارو) آئڪٽ، ١٩٧٢ (١٩٧٤ جو گجرات آئڪٽ ٢).

٧٢. هرياڻا زمين قبضو حدبندي آئڪٽ ١٩٧٢ (١٩٧٢ جو هرياڻا آئڪٽ ٢٦).

٧٣. هماچل پرديش زمين قبضو حدبندي آئڪٽ ١٩٧٢ (١٩٧٣ جو هماچل پرديش آئڪٽ ١٩).

٧٤. ڪيرالا زمين سڌارا (سڌارو) آئڪٽ، ١٩٧٢ (١٩٧٢ جو ڪيرالا آئڪٽ ١٧).

٧٥. مڌيهپرديش کيتي زمين قبضو حدبندي (سڌارو) آئڪٽ، ١٩٧٢ (١٩٧٤ جو مڌيهپرديش آئڪٽ ١٢).

٧٦. مڌيهپرديش کيتي زمين قبضو حدبندي ( ٻيون سڌارو) آئڪٽ، ١٩٧٢ (١٩٧٤ جو مڌيهپرديش آئڪٽ ١٣).

٧٧. مئسور زمين سڌارا (سڌارو) آئڪٽ، ١٩٧٣ (١٩٧٤ جو ڪرناٽڪ آئڪٽ ١).

٧٨. پنجاب زمين سڌارا آئڪٽ، ١٩٧٢ (١٩٧٣ جو پنجاب آئڪٽ ١٠).

٧٩. راجستان کيتي زمين قبضو حدبندي مڙهڻ آئڪٽ، ١٩٧٣ (١٩٧٣ جو راجستان آئڪٽ ١١).

٨٠. گڏلور جنمم جائداد (ختم ڪرڻ ۽ رعيتواري ۾ ڦيرڻ) آئڪٽ، ١٩٦٩ (١٩٦٩ جو تامل نادو آئڪٽ ٢٤).

٨١. اولھ بينگال زمين سذارا (سذارو) اَئڪٽ، ١٩٧٢ (١٩٧٢ جو اولھ بينگال اَئڪٽ ١٢).

٨٢. اولھ بينگال جائداد حاصل ڪرڻ (سذارو) اَئڪٽ، ١٩٦٤ (١٩٦٤ جو اولھ بينگال اَئڪٽ ٢٢).

٨٣. اولھ بينگال جائداد حاصل ڪرڻ (ٻيون سذارو) اَئڪٽ، ١٩٧٣ (١٩٧٣ جو اولھ بينگال اَئڪٽ ٣٣).

٨٤. بمبئي پٽيداري ۽ کيتي زمين (گجرات سذارو) اَئڪٽ، ١٩٧٢ (١٩٧٣ جو گجرات اَئڪٽ ٥).

٨٥. اوڙيسا زمين سذارا (سذارو) اَئڪٽ، ١٩٧٤ (١٩٧٤ جو اوڙيسا اَئڪٽ ٩).

٨٦. ترپورا زمين محصول ۽ زمين سذارا (ٻيون سذارو) اَئڪٽ، ١٩٧٤ (١٩٧٤ جو ترپورا اَئڪٽ ٧).

٨٧. ............................................

٨٨. اُديوگ (وڪاس ۽ وِنيمن) اَئڪٽ، ١٩٥١ (١٩٥١ جو مرڪزي اَئڪٽ ٦٥).

٨٩. غيرمتحرڪ ملڪيت طلب ڪرڻ ۽ حاصل ڪرڻ اَئڪٽ، ١٩٥٢ (١٩٥٢ جو مرڪزي اَئڪٽ ٣٠).

٩٠. کاڻيون ۽ معدني شيون ((ونيمن ۽ وڪاس) اَئڪٽ، ١٩٥٧ (١٩٥٧ جو مرڪزي اَئڪٽ ٦٧).

٩١. هڪ هٽي ۽ محدود واپاري ريتيون اَئڪٽ،١٩٦٩ (١٩٦٩ جو مرڪزي اَئڪٽ ٥٤).

٩٢. ............................................

٩٣. ڪوڪ ڪوئلا کاڻيون (مشڪل حالت پربند) اَئڪٽ، ١٩٧١ (١٩٧١ جو مرڪزي اَئڪٽ ٦٤).

٩٤. ڪوڪ ڪوئلا کاڻيون (راشٽريہ ڪرڻ) اَئڪٽ، ١٩٧٢ (١٩٧٢ جو مرڪزي اَئڪٽ ٣٦).

٩٥. عام ويمو ڌنڌو (راشٽريہ ڪرڻ) اَئڪٽ، ١٩٧٢ (١٩٧٢ جو مرڪزي اَئڪٽ ٥٧).

٩٦. اِنڊين ڪاپر ڪارپوريشن (اُپڪرم حاصل ڪرڻ) اَئڪٽ، ١٩٧٢ (١٩٧٢ جو اَئڪٽ ٥٨).

٩٧. بيمار ڪپڙا اُپڪرم (ڪاروبار کڻي وٺڻ) اَئڪٽ، ١٩٧٢ (١٩٧٢ جو مرڪزي

أئڪٽ ٧٢).

٩٨. ڪوئلا کاڻيون (ڪاروبار کڻي وٺڻ) أئڪٽ، ١٩٧٣ (١٩٧٣ جو مرڪزي أئڪٽ ١٥).

٩٩. ڪوئلا کاڻيون (راشٽريہ ڪرڻ) أئڪٽ، ١٩٧٣ (١٩٧٣ جو مرڪزي أئڪٽ ٢٦).

١٠٠. پرڏيهي مٽاسٽا ونيمن أئڪٽ، ١٩٧٣ (١٩٧٣ جو مرڪزي أئڪٽ ٤٦).

١٠١. أئلڪاڪ أشڌائون ڪمپني لميٽيڊ (أپڪرم حاصل ڪرڻ) أئڪٽ، ١٩٧٣ (١٩٧٣ جو مرڪزي أئڪٽ ٥٦).

١٠٢. ڪوئلا کاڻيون (بچائڻ ۽ وڪاس) أئڪٽ، ١٩٧٤ (١٩٧٤ جو مرڪزي أئڪٽ ٢٨).

١٠٣. وڌيڪ اُجورا (لازمي ڊپازٽ) أئڪٽ، ١٩٧٤ (١٩٧٤ جو مرڪزي أئڪٽ ٣٧).

١٠٤. پرڏيهي مٽاسٽا بچائڻ ۽ سمگلنگ سرگرميون روڪڻ أئڪٽ، ١٩٧٤ (١٩٧٤ جو مرڪزي أئڪٽ ٥٢).

١٠٥. بيمار ڪپڙا اُپڪرم (راشٽريہ ڪرڻ) أئڪٽ، ١٩٧٤ (١٩٧٤ جو مرڪزي أئڪٽ ٥٧).

١٠٦. مهاراشٽرا کيتي زمين (قبضو حدبندي) (سڌارو) أئڪٽ، ١٩٦٤ (١٩٦٥ جو مهاراشٽرا أئڪٽ ١٦).

١٠٧. مهاراشٽرا کيتي زمين (قبضو حدبندي) (سڌارو) أئڪٽ، ١٩٦٥ (١٩٦٥ جو مهاراشٽرا أئڪٽ ٣٢).

١٠٨. مهاراشٽرا کيتي زمين (قبضو حدبندي) (سڌارو) أئڪٽ، ١٩٦٨ (١٩٦٨ جو مهاراشٽرا أئڪٽ ١٦).

١٠٩. مهاراشٽرا کيتي زمين (قبضو حدبندي) (ٻيون سڌارو) أئڪٽ، ١٩٦٨ (١٩٦٨ جو مهاراشٽرا أئڪٽ ٣٣).

١١٠. مهاراشٽرا کيتي زمين (قبضو حدبندي) (سڌارو) أئڪٽ، ١٩٦٩ (١٩٦٩ جو مهاراشٽرا أئڪٽ ٣٧).

١١١. مهاراشٽرا کيتي زمين (قبضو حدبندي) (ٻيون سڌارو) أئڪٽ، ١٩٦٩ (١٩٦٩ جو مهاراشٽرا أئڪٽ ٣٨).

١١٢. مهاراشٽرا کيتي زمين (قبضو حدبندي) (سڌارو) أئڪٽ، ١٩٧٠ (١٩٧٠ جو مهاراشٽرا أئڪٽ ٢٧).

١١٣. مهاراشٽرا کيتي زمين (قبضو حدبندي) (سڌارو) أئڪٽ، ١٩٧٢ (١٩٧٢ جو

۱۳۲. شهري زمين (حدبندي ۽ ونيمن) ايڪٽ، ۱۹۷٦ (۱۹۷٦ جو مرڪزي ايڪٽ ۳۳).

۱۳۳. سنگھ حساب ڪاتا وار ڪرڻ (عملي جي بدلي) ايڪٽ، ۱۹۷٦ (۱۹۷٦ جو مرڪزي ايڪٽ ۵۹).

۱۳۴. آسام زمين قبضو حد مقرر ڪرڻ ايڪٽ، ۱۹۵٦ (۱۹۵۷ جو آسام ايڪٽ ۱).

۱۳۵. بمبئي پٽيداري ۽ کيتي زمين (ودرڀ پرديش) ايڪٽ، ۱۹۵۸ (۱۹۵۸ جو بمبئي ايڪٽ ۹۹).

۱۳٦. گجرات خانگي ٻيلا (حاصل ڪرڻ) ايڪٽ، ۱۹۷۲ (۱۹۷۳ جو گجرات ايڪٽ ۱۴).

۱۳۷. هرياڻا زمين قبضو حدبندي (سڌارو) ايڪٽ، ۱۹۷٦ (۱۹۷٦ جو هرياڻا ايڪٽ ۱۷).

۱۳۸. هماچل پرديش پٽيداري ۽ زمين سڌارا ايڪٽ، ۱۹۷۲ (۱۹۷۴ جو هماچل پرديش ايڪٽ ۸).

۱۳۹. هماچل پرديش ڳوٺ عام زمينون حوالي ٿيڻ ۽ ڪتب آڻڻ ايڪٽ، ۱۹۷۴ (۱۹۷۴ جو هماچل پرديش ايڪٽ ۱۸).

۱۴۰. ڪرناٽڪ زمين سڌارا (ٻيون سڌارو ۽ پرچورڻ پرٻنڌ) ايڪٽ، ۱۹۷۴ (۱۹۷۴ جو ڪرناٽڪ ايڪٽ ۳۱).

۱۴۱. ڪرناٽڪ زمين سڌارا (ٻيون سڌارو) ايڪٽ، ۱۹۷٦ (۱۹۷٦ جو ڪرناٽڪ ايڪٽ ۲۷).

۱۴۲. ڪيرالا بي دخلي روڪڻ ايڪٽ، ۱۹٦٦ (۱۹٦٦ جو ڪيرالا ايڪٽ ۱۲).

۱۴۳. ٿروپوورم ادائي (ختم ڪرڻ) ايڪٽ، ۱۹٦۹ (۱۹٦۹ جو ڪيرالا ايڪٽ ۱۹).

۱۴۴. سريپدم زمين چوندب جو حق ڏيڻ ايڪٽ، ۱۹٦۹ (۱۹٦۹ جو ڪيرالا ايڪٽ ۲۰).

۱۴۵. سري پندروڪا زمينون (حوالي ٿيڻ ۽ چوندب جو حق ڏيڻ) ايڪٽ، ۱۹۷۱ (۱۹۷۱ جو ڪيرالا ايڪٽ ۲۰).

۱۴٦. ڪيرالا خانگي ٻيلا (حوالي ٿيڻ ۽ ورهڻ) ايڪٽ، ۱۹۷۱ (۱۹۷۱ جو ڪيرالا ايڪٽ ۲٦).

۱۴۷. ڪيرالا کيتي ڪم ڪندڙ ايڪٽ، ۱۹۷۴، (۱۹۷۴ جو ڪيرالا ايڪٽ ۱۸).

۱۴۸. ڪيرالا ڪاجا ڪارخانا (حاصل ڪرڻ) اَئڪٽ، ۱۹۷۴، (۱۹۷۴ جو ڪيرالا اَئڪٽ ۲۹).

۱۴۹. ڪيرالا چِٽي اَئڪٽ، ۱۹۷۵، (۱۹۷۵ جو ڪيرالا اَئڪٽ ۲۳).

۱۵۰. ڪيرالا اَنوسوچت جن جاتيون (زمين بدلي تي پابندي ۽ انتقال ڪيل زمينون واپس ڪرڻ ) اَئڪٽ، ۱۹۷۵، (۱۹۷۵ جو ڪيرالا اَئڪٽ ۳۱).

۱۵۱. ڪيرالا زمين سڌارا (سڌارو) اَئڪٽ، ۱۹۷۶، (۱۹۷۶ جو ڪيرالا اَئڪٽ ۱۵).

۱۵۲. ڪَنَم پٽيداري ختم ڪرڻ اَئڪٽ، ۱۹۷۶، (۱۹۷۶ جو ڪيرالا اَئڪٽ ۱۶).

۱۵۳. مڌيہ‌پرديش ڪيتي زمين قبضو حدبندي (سڌارو) اَئڪٽ، ۱۹۷۴، (۱۹۷۴ جو مڌيہ‌پرديش اَئڪٽ ۲۰).

۱۵۴. مڌيہ‌پرديش ڪيتي زمين قبضو حدبندي (سڌارو) اَئڪٽ، ۱۹۷۵، (۱۹۷۶ جو مڌيہ‌پرديش اَئڪٽ ۲).

۱۵۵. اولهہ خانديش ميهواسي جائداد (مالڪي حق ختم ڪرڻ وغيره) ريگيوليشن، ۱۹۶۱، (۱۹۶۲ جو مهاراشٽر ريگيوليشن ۱).

۱۵۶. مهاراشٽر اَنوسوچت جن جاتين ڪي زمينون واپس ڪرڻ اَئڪٽ، ۱۹۷۴، (۱۹۷۵ جو مهاراشٽر اَئڪٽ ۱۴).

۱۵۷. مهاراشٽر ڪيتي زمين (قبضو حد گهٽائڻ) ۽ (سڌارو) اَئڪٽ، ۱۹۷۲، (۱۹۷۵ جو مهاراشٽر اَئڪٽ ۲۱).

۱۵۸. مهاراشٽر خانگي ٻيلا (حاصل ڪرڻ) اَئڪٽ، ۱۹۷۵، (۱۹۷۵ جو مهاراشٽر اَئڪٽ ۲۹).

۱۵۹. مهاراشٽر ڪيتي زمين (قبضو حد گهٽائڻ) ۽ (سڌارو) سڌارو اَئڪٽ، ۱۹۷۵، (۱۹۷۵ جو مهاراشٽر اَئڪٽ ۴۷).

۱۶۰. مهاراشٽر ڪيتي زمين (قبضو حد بندي) (سڌارو) اَئڪٽ، ۱۹۷۵، (۱۹۷۶ جو مهاراشٽر اَئڪٽ ۲).

۱۶۱. اوڙيسا جائدادون ختم ڪرڻ اَئڪٽ، ۱۹۵۱، (۱۹۵۲ جو اوڙيسا اَئڪٽ ۱).

۱۶۲. راجستان نوآبادي اَئڪٽ، ۱۹۵۴، (۱۹۵۴ جو راجستان اَئڪٽ ۲۷).

۱۶۳. راجستان زمين سڌارا ۽ زمين مالڪن جون جائدادون حاصل ڪرڻ اَئڪٽ، ۱۹۶۳، (۱۹۶۴ جو راجستان اَئڪٽ ۱۱).

۱۶۴. راجستان ڪيتي زمين قبضو حد مقرر (سڌارو) اَئڪٽ، ۱۹۷۶، (۱۹۷۶ جو

راجستان اَئڪٽ ٨).

١٦٥. راجستان پنيداري (سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٧٦ (١٩٧٦ جو راجستان اَئڪٽ ١٢).

١٦٦. تامل نادو زمين سُڌارا (زمين جي حد گهٽائڻ) اَئڪٽ، ١٩٧٠ (١٩٧٠ جو تامل نادو اَئڪٽ ١٧).

١٦٧. تامل نادو زمين سُڌارا (زمين جي حد مقرر ڪرڻ) سڌارو اَئڪٽ، ١٩٧١ (١٩٧١ جو تامل نادو اَئڪٽ ٤١).

١٦٨. تامل نادو زمين سُڌارا (زمين جي حد مقرر ڪرڻ) سڌارو اَئڪٽ، ١٩٧٢ (١٩٧٢ جو تامل نادو اَئڪٽ ١٠).

١٦٩. تامل نادو زمين سُڌارا (زمين جي حد مقرر ڪرڻ) ٻيون سڌارو اَئڪٽ، ١٩٧٢ (١٩٧٢ جو تامل نادو اَئڪٽ ٢٠).

١٧٠. تامل نادو زمين سُڌارا (زمين جي حد مقرر ڪرڻ) ٽيون سڌارو اَئڪٽ، ١٩٧٢ (١٩٧٢ جو تامل نادو اَئڪٽ ٣٧).

١٧١. تامل نادو زمين سُڌارا (زمين جي حد مقرر ڪرڻ) چوٿون سڌارو اَئڪٽ، ١٩٧٢ (١٩٧٢ جو تامل نادو اَئڪٽ ٣٩).

١٧٢. تامل نادو زمين سُڌارا (زمين جي حد مقرر ڪرڻ) ڇهون سڌارو اَئڪٽ، ١٩٧٢ (١٩٧٤ جو تامل نادو اَئڪٽ ٧).

١٧٣. تامل نادو زمين سُڌارا (زمين جي حد مقرر ڪرڻ) پنجون سڌارو اَئڪٽ، ١٩٧٢ (١٩٧٤ جو تامل نادو اَئڪٽ ١٠).

١٧٤. تامل نادو زمين سُڌارا (زمين جي حد مقرر ڪرڻ) سڌارو اَئڪٽ، ١٩٧٤ (١٩٧٤ جو تامل نادو اَئڪٽ ١٥).

١٧٥. تامل نادو زمين سُڌارا (زمين جي حد مقرر ڪرڻ) ٽيون سڌارو اَئڪٽ، ١٩٧٤ (١٩٧٤ جو تامل نادو اَئڪٽ ٣٠).

١٧٦. تامل نادو زمين سُڌارا (زمين جي حد مقرر ڪرڻ) ٻيون سڌارو اَئڪٽ، ١٩٧٤ (١٩٧٤ جو تامل نادو اَئڪٽ ٣٢).

١٧٧. تامل نادو زمين سُڌارا (زمين جي حد مقرر ڪرڻ) سڌارو اَئڪٽ، ١٩٧٥ (١٩٧٥ جو تامل نادو اَئڪٽ ١١).

١٧٨. تامل نادو زمين سُڌارا (زمين جي حد مقرر ڪرڻ) ٻيون سڌارو اَئڪٽ، ١٩٧٥ (١٩٧٥ جو تامل نادو اَئڪٽ ٢١).

١٧٩. اُتر پرديش زميندارِي ختم ڪرڻ ۽ زمين سڌارا اَئڪٽ، ١٩٥٠ (١٩٥١ جو اُتر پرديش اَئڪٽ ١) ۽ اُتر پرديش زمين قاعدا (سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٧١ (١٩٧١ جو اُتر پرديش اَئڪٽ ٢١) ۽ اُتر پرديش زمين قاعدا (سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٧٤ (١٩٧٤ جو اُتر پرديش اَئڪٽ ٣٤) دوارا ن ڪيل سڌارا.

١٨٠. اُتر پرديش زمين قبضي تي حد مڙهڻ (سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٧٦ (١٩٧٦ جو اُتر پرديش اَئڪٽ ٢٠).

١٨١. اولهه بينگال زمين سڌارا (ٻيون سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٧٢ (١٩٧٢ جو اولهه بينگال اَئڪٽ ٢٨).

١٨٢. اولهه بينگال انتقال ڪيل زمين واپس ڪرڻ اَئڪٽ، ١٩٧٣ (١٩٧٣ جو اولهه بينگال اَئڪٽ ٢٣).

١٨٣. اولهه بينگال زمين سڌارا (سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٧٤ (١٩٧٤ جو اولهه بينگال اَئڪٽ ٣٣).

١٨٤. اولهه بينگال زمين سڌارا (سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٧٥ (١٩٧٥ جو اولهه بينگال اَئڪٽ ٢٣).

١٨٥. اولهه بينگال زمين سڌارا (سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٧٦ (١٩٧٦ جو اولهه بينگال اَئڪٽ ١٢).

١٨٦. دهلي زمين قبضو (حدبندي) سڌارو اَئڪٽ، ١٩٧٦ (١٩٧٦ جو مرڪزي اَئڪٽ ١٥).

١٨٧. گوئا، دمڻ ۽ ديو منڊڪر (بي دخليءَ کان بچاءُ) اَئڪٽ، ١٩٧٥ (١٩٧٦ جو گوئا دمڻ ۽ ديو اَئڪٽ ١).

١٨٨. پانڊيچري زمين سڌارا (زمين جي حد مقرر ڪرڻ) اَئڪٽ، ١٩٧٣ (١٩٧٤ جو پانڊيچري اَئڪٽ ٩).

١٨٩. آسام (ڪچيءَ طرح وسايل ايراضيون) پٽيداري اَئڪٽ، ١٩٧١ (١٩٧١ جو آسام اَئڪٽ ٢٣).

١٩٠. آسام (ڪچيءَ طرح وسايل ايراضيون) پٽيداري (سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٧٤ (١٩٧٤ جو آسام اَئڪٽ ١٨).

١٩١. بهار زمين سڌارا (حدبنديءَ جي ايراضي مقرر ڪرڻ ۽ وڌيڪ زمين حاصل ڪرڻ) (سڌارو) سڌارڻ اَئڪٽ، ١٩٧٤ (١٩٧٥ جو بهار اَئڪٽ ١٣).

١٩٢. بهار زمين سڌارا (حدبنديءَ جي ايراضي مقرر ڪرڻ ۽ وڌيڪ زمين حاصل ڪرڻ) (سڌارو) ائڪٽ، ١٩٧٦ (١٩٧٦ جو بهار ائڪٽ ٢٢).

١٩٣. بهار زمين سڌارا (حدبنديءَ جي ايراضي مقرر ڪرڻ ۽ وڌيڪ زمين حاصل ڪرڻ) (سڌارو) ائڪٽ، ١٩٧٨ (١٩٧٨ جو بهار ائڪٽ ٧).

١٩٤. زمين حاصل ڪرڻ (بهار سڌارو) ائڪٽ، ١٩٧٩ (١٩٨٠ جو بهار ائڪٽ ٢).

١٩٥. هرياڻا زمين قبضو حدبندي (سڌارو) ائڪٽ، ١٩٧٧ (١٩٧٧ جو هرياڻا ائڪٽ ١٤).

١٩٦. تامل ناڊو زمين سڌارا (زمين جي حد مقرر ڪرڻ) سڌارو ائڪٽ، ١٩٧٨ (١٩٧٨ جو تامل ناڊو ائڪٽ ٢٥).

١٩٧. تامل ناڊو زمين سڌارا (زمين جي حد مقرر ڪرڻ) سڌارو ائڪٽ، ١٩٧٩ (١٩٧٩ جو تامل ناڊو ائڪٽ ١١).

١٩٨. اُترپرديش زميندار ي ختم ڪرڻ قاعدا (سڌارو) ائڪٽ، ١٩٧٨ (١٩٧٨ جو اُتر پرديش ائڪٽ ١٥).

١٩٩. اولهه بينگال اِنتقال ڪيل زمين واپس ڪرڻ (سڌارو) ائڪٽ، ١٩٧٨ (١٩٧٨ جو اولهه بينگال ائڪٽ ٢٤).

٢٠٠. اولهه بينگال اِنتقال ڪيل زمين واپس ڪرڻ (سڌارو) ائڪٽ، ١٩٨٠ (١٩٨٠ جو اولهه بينگال ائڪٽ ٥٦).

٢٠١. گوئا، ڊمڻ ۽ ڊيو ڪيتي پٽيداري ائڪٽ، ١٩٦٤ (١٩٦٤ جو گوئا، ڊمڻ ۽ ڊيو ائڪٽ ٧).

٢٠٢. گوئا، ڊمڻ ۽ ڊيو ڪيتي پٽيداري (پنجون سڌارو) ائڪٽ، ١٩٧٦ (١٩٧٦ جو گوئا، ڊمڻ ۽ ڊيو ائڪٽ ١٧).

٢٠٣. آنڌرپرديش اَنوسوچت ڪيتر زمين اِنتقال ونيم ١٩٥٩ (١٩٥٩ جو آنڌرپرديش ونيم ١).

٢٠٤. آنڌرپرديش اَنوسوچت ڪيتر قاعدا (حد وڌائڻ ۽ سڌارو ونيم) ١٩٦٣ (١٩٦٣ جو آنڌرپرديش ونيم ٢).

٢٠٥. آنڌرپرديش اَنوسوچت ڪيتر زمين اِنتقال (سڌارو) ونيم، ١٩٧٠ (١٩٧٠ جو آنڌرپرديش ونيم ١).

٢٠٦. آنڌرپرديش اَنوسوچت ڪيتر زمين اِنتقال (سڌارو) ونيم، ١٩٧١ (١٩٧١ جو

بندش) اَئڪٽ، ١٩٧٨ (١٩٧٩ جو ڪرناٽڪ اَئڪٽ ٢).

٢٢٣. ڪيرالا زمين سڌارا (سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٧٨ (١٩٧٨ جو ڪيرالا اَئڪٽ ١٣).

٢٢٤. ڪيرالا زمين سڌارا (سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٨١ (١٩٨١ جو ڪيرالا اَئڪٽ ١٩).

٢٢٥. مڌيہپرديش زمين محصول ڪوڊ (ٽيون سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٧٦ (١٩٧٦ جو مڌيہپرديش اَئڪٽ ٦١).

٢٢٦. مڌيہپرديش زمين محصول ڪوڊ (سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٨٠ (١٩٨٠ جو مڌيہپرديش اَئڪٽ ١٥).

٢٢٧. مڌيہپرديش اَڪِرشڪ جوت اُچتم سِيما اَڌِينِيم ١٩٨١ (١٩٨١ جو مڌيہپرديش اَئڪٽ ١١).

٢٢٨. مڌيہپرديش ڪيتي زمين قبضو حدبندي (ٻيون سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٧٦ (١٩٨٤ جو مڌيہپرديش اَئڪٽ ١).

٢٢٩. مڌيہپرديش ڪيتي زمين قبضو حدبندي (سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٨٤ (١٩٨٤ جو مڌيہپرديش اَئڪٽ ١٤).

٢٣٠. مڌيہپرديش ڪيتي زمين قبضو حدبندي (سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٨٩ (١٩٨٩ جو مڌيہپرديش اَئڪٽ ٨).

٢٣١. مهاراشٽرا زمين محصول ڪوڊ ١٩٦٦ (١٩٦٦ جو مهاراشٽرا اَئڪٽ ٤١)، قلم ٣٦، ٣٦ (اَ) ۽ ٣٦ (ب).

٢٣٢. مهاراشٽرا زمين محصول ڪوڊ ۽ مهاراشٽرا اَنوسوچت جن جاتين کي زمينون واپس ڪرڻ (ٻيون سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٧٦ (١٩٧٧ جو مهاراشٽرا اَئڪٽ ٣٠).

٢٣٣. مهاراشٽرا جي ڪن زمينن جي ڪاٺ ۽ ڏاتوءَ تي موجود مالڪي حق ختم ڪرڻ اَئڪٽ ١٩٨٥ (١٩٨٥ جو مهاراشٽرا اَئڪٽ ١٦).

٢٣٤. اوڙيسا اَنوسوچت ايراضين ۾ غيرمتحرڪ ملڪيت جو اِنتقال (اَنوسوچت جن جاتين طرفان) وِنيم ١٩٥٦ (١٩٥٦ جو اوڙيسا وِنيم ٢).

٢٣٥. اوڙيسا زمين سڌارا (ٻيون سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٧٥ (١٩٧٦ جو اوڙيسا اَئڪٽ ٢٩).

٢٣٦. اوڙيسا زمين سڌارا (سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٧٦ (١٩٧٦ جو اوڙيسا اَئڪٽ ٣٠).

٢٣٧. اوڙيسا زمين سڌارا (ٻيون سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٧٦ (١٩٧٦ جو اوڙيسا اَئڪٽ ٤٤).

٢٣٨. راجستان نوءَآبادي (سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٨٤ (١٩٨٤ جو راجستان اَئڪٽ ١٢).

٢٣٩. راجستان پٽيداري (سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٨٤ (١٩٨٤ جو راجستان اَئڪٽ ١٣).

۲۴۰. راجستان پٽيداري (سڌارو) ائڪٽ، ۱۹۸۷ (۱۹۸۷ جو راجستان ائڪٽ ۲۱).

۲۴۱. تامل ناڊو زمين سڌارا (زمين حدبندي مقرر ڪرڻ) ٻيون سڌارو ائڪٽ، ۱۹۷۹ (۱۹۸۰ جو تامل ناڊو ائڪٽ ۸).

۲۴۲. تامل ناڊو زمين سڌارا (زمين حدبندي مقرر ڪرڻ) سڌارو ائڪٽ، ۱۹۸۰ (۱۹۸۰ جو تامل ناڊو ائڪٽ ۲۱).

۲۴۳. تامل ناڊو زمين سڌارا (زمين حدبندي مقرر ڪرڻ) سڌارو ائڪٽ، ۱۹۸۱ (۱۹۸۱ جو تامل ناڊو ائڪٽ ۵۹)

۲۴۴. تامل ناڊو زمين سڌارا (زمين حدبندي مقرر ڪرڻ) ٻيون سڌارو ائڪٽ، ۱۹۸۳ (۱۹۸۴ جو تامل ناڊو ائڪٽ ۲).

۲۴۵. اُترپرديش زمين قاعدا (سڌارو) ائڪٽ، ۱۹۸۲ (۱۹۸۲ جو اُترپرديش ائڪٽ ۲۰).

۲۴۶. اولهه بينگال زمين سڌارا (سڌارو) ائڪٽ، ۱۹۶۵ (۱۹۶۵ جو اولهه بينگال ائڪٽ ۱۸).

۲۴۷. اولهه بينگال زمين سڌارا (سڌارو) ائڪٽ، ۱۹۶۶ (۱۹۶۶ جو اولهه بينگال ائڪٽ ۱۱).

۲۴۸. اولهه بينگال زمين سڌارا (ٻيون سڌارو) ائڪٽ، ۱۹۶۹ (۱۹۶۹ جو اولهه بينگال ائڪٽ ۲۳).

۲۴۹. اولهه بينگال جائداد حاصل ڪرڻ (سڌارو) ائڪٽ، ۱۹۷۷ (۱۹۷۷ جو اولهه بينگال ائڪٽ ۳۶).

۲۵۰. اولهه بينگال زمين قبضو محصول ائڪٽ، ۱۹۷۹ (۱۹۷۹ جو اولهه بينگال ائڪٽ ۴۴).

۲۵۱. اولهه بينگال زمين سڌارا (سڌارو) ائڪٽ، ۱۹۸۰ (۱۹۸۰ جو اولهه بينگال ائڪٽ ۴۱).

۲۵۲. اولهه بينگال زمين قبضو محصول (سڌارو) ائڪٽ، ۱۹۸۱ (۱۹۸۱ جو اولهه بينگال ائڪٽ ۳۳)

۲۵۳. ڪلڪتا ٺيڪا پٽيداري (حاصل ڪرڻ ۽ ونيمن) ائڪٽ، ۱۹۸۱ (۱۹۸۱ جو اولهه بينگال ائڪٽ ۳۷).

۲۵۴. اولهه بينگال زمين قبضو محصول (سڌارو) ائڪٽ، ۱۹۸۲ (۱۹۸۲ جو اولهه بينگال

اَئڪٽ ٢٣).

٢٥٥. ڪلڪتا ٺيڪا پٽيداري (حاصل ڪرڻ ۽ وئيمن ) (سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٨٤ (١٩٨٤ جو اولهه بينگال اَئڪٽ ٤١).

٢٥٦. ماهي زمين سڌارا اَئڪٽ، ١٩٦٨ (١٩٦٨ جو پانديچري اَئڪٽ ١).

٢٥٧. ماهي زمين سڌارا (سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٨٠ (١٩٨١ جو پانديچري اَئڪٽ ١).

٢٥٧.الف. تامل نادو پنتي پيل ورگن، اَنوسوچت جاتين ۽ اَنوسوچت جن جاتين، (تعليمي سنستائن ۽ راجيه هيٺ شيوائن ۾ عهدن ۽ مقررين لاءِ جايون محفوظ رکڻ) اَئڪٽ، ١٩٩٣ (١٩٩٤ جو تامل نادو اَئڪٽ ٤٥).

٢٥٨. بهار خاص حقدار حويليءَ جي پٽيداري اَئڪٽ، ١٩٤٧ (١٩٤٨ جو بهار اَئڪٽ ٤).

٢٥٩. بهار زمين چڪبندي ۽ ٽُڪرائو روڪڻ اَئڪٽ، ١٩٥٦ (١٩٥٦ جو بهار اَئڪٽ ٢٢).

٢٦٠. بهار زمين چڪبندي ۽ ٽُڪرائو روڪڻ اَئڪٽ، ١٩٧٠ (١٩٧٠ جو بهار اَئڪٽ ٧).

٢٦١. بهار خاص حقدار حويليءَ جي پٽيداري (سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٧٠ (١٩٧٠ جو بهار اَئڪٽ ٩).

٢٦٢. بهار زمين چڪبندي ۽ ٽُڪرائو روڪڻ (سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٧٣ (١٩٧٥ جو بهار اَئڪٽ ٢٧).

٢٦٣. بهار زمين چڪبندي ۽ ٽُڪرائو روڪڻ (سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٨١ (١٩٨٢ جو بهار اَئڪٽ ٣٥).

٢٦٤. بهار(زمين سڌارا)(ايراضي حدبندي ۽ وڌيڪ زمين حاصل ڪرڻ ) سڌارو اَئڪٽ، ١٩٨٧ (١٩٨٧ جو بهار اَئڪٽ ٢١).

٢٦٥. بهار خاص حقدار جويليءَ جي پٽيداري (سڌارو) اَئڪٽ ١٩٨٩ (١٩٨٩ جو بهار اَئڪٽ ١١).

٢٦٦. بهار زمين سڌارا (سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٨٩ (١٩٩٠ جو بهار اَئڪٽ ١١).

٢٦٧. ڪرناٽڪ اَنوسوچت جاتيون ۽ اَنوسوچت جن جاتيون (ڪن زمينن جي اِنتقال تي روڪ) سڌارو اَئڪٽ، ١٩٨٤ (١٩٨٤ جو ڪرناٽڪ اَئڪٽ ٣).

٢٦٨. ڪيرالا زمين سڌارا (سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٨٩ (١٩٨٩ جو ڪيرالا اَئڪٽ ١٦).

٢٦٩. ڪيرالا زمين سڌارا (ٻيون سڌارو) آئڪٽ، ١٩٨٩ (١٩٩٠ جو ڪيرالا آئڪٽ ٢).

٢٧٠. اوڙيسا زمين سڌارا (سڌارو) آئڪٽ، ١٩٨٩ (١٩٩٠ جو اوڙيسا آئڪٽ ٩).

٢٧١. راجستان پٽيداري (سڌارو) آئڪٽ، ١٩٧٩ (١٩٧٩ جو راجستان آئڪٽ ١٦).

٢٧٢. راجستان نوآبادي (سڌارو) آئڪٽ، ١٩٨٧ (١٩٨٧ جو راجستان آئڪٽ ٢).

٢٧٣. راجستان نوآبادي (سڌارو) آئڪٽ، ١٩٨٩ (١٩٨٩ جو راجستان آئڪٽ ١٢).

٢٧٤. تامل ناڊو زمين سڌارا (زمين حدبندي ) سڌارو آئڪٽ، ١٩٨٣ (١٩٨٤ جو تامل ناڊو آئڪٽ ٣).

٢٧٥. تامل ناڊو زمين سڌارا (زمين حدبندي مقرر ڪرڻ) سڌارو آئڪٽ، ١٩٨٦ (١٩٨٦ جو تامل ناڊو آئڪٽ ٥٧).

٢٧٦. تامل ناڊو زمين سڌارا (زمين حدبندي مقرر ڪرڻ) ٻيون سڌارو آئڪٽ، ١٩٨٧ (١٩٨٨ جو تامل ناڊو آئڪٽ ٤).

٢٧٧. تامل ناڊو زمين سڌارا (زمين حدبندي مقرر ڪرڻ) سڌارو آئڪٽ، ١٩٨٩ (١٩٨٩ جو تامل ناڊو آئڪٽ ٣٠).

٢٧٨. اولهه بينگال زمين سڌارا (سڌارو) آئڪٽ، ١٩٨١ (١٩٨١ جو اولهه بينگال آئڪٽ ٥٠).

٢٧٩. اولهه بينگال زمين سڌارا (سڌارو) آئڪٽ، ١٩٨٦ (١٩٨٦ جو اولهه بينگال آئڪٽ ٥).

٢٨٠. اولهه بينگال زمين سڌارا (ٻيون سڌارو) آئڪٽ، ١٩٨٦ (١٩٨٦ جو اولهه بينگال آئڪٽ ١٩).

٢٨١. اولهه بينگال زمين سڌارا (ٽيون سڌارو) آئڪٽ، ١٩٨٦ (١٩٨٦ جو اولهه بينگال آئڪٽ ٣٥).

٢٨٢. اولهه بينگال زمين سڌارا (سڌارو) آئڪٽ، ١٩٨٩ (١٩٨٩ جو اولهه بينگال آئڪٽ ٢٣).

٢٨٣. اولهه بينگال زمين سڌارا (سڌارو) آئڪٽ، ١٩٩٠ (١٩٩٠ جو اولهه بينگال آئڪٽ ٢٤).

٢٨٤. اولهه بينگال زمين سڌارا ٽربيونل آئڪٽ، ١٩٩١ (١٩٩١ جو اولهه بينگال آئڪٽ ١٢).

سمجهاڻي : راجستان پٽيداري آئڪٽ، ١٩٥٥ (١٩٥٥ جو راجستان آئڪٽ ٣)

هيٺ ڪيهِ بہ حاصل ڪيل جي آنوچيد ۳۱ آلف جي فقري (۱) جي ٻيون پرنتوڪ جو اُلنگهن ڪندو تہ اهو اُن اُلنگهن جي حد تائين رد هوندو.

(سنوڌان (سڌارو چاهٺ) ائڪٽ، ۱۹۹۰ جي قلم ۲ دوارا*ن* هن لسٽ ۾ ۲۰۳ کان ۲۵۷ تائين *اسم* درج ڪيا ويا ۽ سنوڌان (سڌارو چاهتر) ائڪٽ ۱۹۹۴ جي قلم ۲ دوارا*ن* هن لسٽ ۾ *اسم* ۲۵۷ *الف* درج ڪيو ويو ۽ سنوڌان (سڌارو انهتر) ائڪٽ، ۱۹۹۵ جي قلم ۲ دوارا*ن* هن لسٽ ۾ ۲۵۸ کان ۲۸۴ تائين *اسم* درج ڪيا ويا.)

## (اَنوڇيد ۱۰۲ (۲) ۽ ۱۹۱ (۲))

# پارٽي بدلڻ سبب غيرلائقيءَ جي باري ۾ پربنڌ

### ۱. اَرٿ

هن اَنوسوچيءَ ۾، سواءِ تہ مضمون ٻي تقاضا ڪري، -

(اَ) 'سدن' معنيٰ سنسد جو ٻنهي مان ڪو بہ سدن يا راڄيہ جي وڌان سڀا يا، حالت اَنوسار، وڌان منڊل جو ٻنهي مان ڪو بہ سدن؛

(ب) 'وڌان منڊل پارٽي'، پئرا ۲ يا پئرا ۳ يا حالت اَنوسار، پئرا ۴ جي پربنڌن پرماڻي ڪنهن راڄنيتي پارٽيءَ جي سدن جي ميمبر سنبنڌي، معنيٰ اُنهن پربنڌن پرماڻي اُن راڄنيتي پارٽيءَ جي اُن وقت اُن سدن جي سڀني ميمبرن جو ٺهيل گروپ؛

(ٻ) 'اَصلي راڄنيتي پارٽي'، ڪنهن سدن جي ميمبر سنبنڌي، معنيٰ اُها راڄنيتي پارٽي جنهن ۾ هو پئرا ۲ جي پيٽي پئرا (اَ) جي پريوجن لاءِ آهي؛

(پ) 'پئرا' معنيٰ هن اَنوسوچيءَ جي پئرا.

### ۲. پارٽي بدلڻ سبب غيرلائقي

(۱) پئرا ۳، ۴ ۽ ۵ جي پربنڌن جي اَڌين، ڪنهن راڄنيتي پارٽيءَ ۾ هجي اُهو سدن جو ميمبر ٿيڻ لاءِ غيرلائق ٿيندو-

(اَ) جي هن اُن راڄنيتي پارٽيءَ جي پنهنجي ميمبري مرضيءَ سان ڇڏي ڏني هجي؛ يا

(ب) جي هو جنهن راڄنيتي پارٽيءَ ۾ هو اُن دواران يا هن خيال ڪان اُن جي اَختياري ڏنل ڪنهن شخص يا اَختياريءَ دواران جاري ڪيل ڪنهن هدايت خلاف اُن سدن ۾ ووٽ ڪري يا ووٽ ڪرڻ کان پري رهي ٻنهي مان ڪنهن بہ حالت ۾، اَهڙي راڄنيتي پارٽيءَ، شخص يا اَختياريءَ جي اَڳوات موڪل وٺڻ کانسواءِ ۽ اَهڙو ووٽ ڪرڻ يا پري رهڻ اُن راڄنيتي پارٽيءَ، شخص يا اَختياريءَ دواران اَهڙي ووٽ ڪرڻ يا پري رهڻ کان پنڌرهن ڏينهن اَندر درگذر نہ ڪيو ويو آهي.

سمجهاڻي - هن پيٽي پئرا جي پريوجن لاءِ،-

(اَ) سدن جو چونڊيل ميمبر اُن راڄنيتي پارٽيءَ ۾ هئڻ سمجهيو ويندو، جي ڪابه هجي تہ، جنهن دواران هن کي اَهڙي ميمبر طريقي چونڊ لاءِ اُميدوار طريقي کڙو ڪيو ويو هجي؛

(ب) سدن جو ٺاڦيل ميمبر،

(i) جتي سندس اَهڙي ميمبر طريقي ٺاڦجڻ جي تاريخ تي هو ڪنهن راڄنيتي پارٽيءَ جو ميمبر هجي، اُن راڄنيتي پارٽيءَ ۾ هئڻ سمجهيو ويندو؛

(ii) ٻيءَ ڪنهن حالت ۾، اُن راڄنيتي پارٽيءَ ۾ هئڻ سمجهيو ويندو جنهن جو هو، اَنوڇيد ٩٩ يا، حالت اَنوسار، اَنوڇيد ١٨٨ جي گهرجن جو پالن ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي جاءِ وٺڻ جي تاريخ کان ڇهہ مهنا پورا ٿيڻ کان اَڳ ميمبر، يا حالت اَنوسار، پهرين ميمبر ٿئي.

(٢) سدن جو چونڊيل ميمبر جيڪو ڪنهن راڄنيتي پارٽيءَ دواران کڙي ڪيل اُميدوار کان ٻيءَ طرح چونڊيو ويو آهي اُهو اُن سدن جو ميمبر ٿيڻ لاءِ غير لائق ٿيندو جي هوُ اَهڙي چونڊ کان پوءِ ڪنهن راڄنيتي پارٽيءَ ۾ شامل ٿئي.

(٣) سدن جو ٺاڦيل ميمبر اُن سدن جو ميمبر ٿيڻ لاءِ غير لائق ٿيندو جو هو اَنوڇيد ٩٩ يا، حالت اَنوسار، اَنوڇيد ١٨٨ جي گهرجن جو پالن ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي جاءِ وٺڻ کان ڇهہ مهنا پورا ٿيڻ کان پوءِ ڪنهن راڄنيتي پارٽيءَ ۾ شامل ٿئي

(٤) هن پئرا جي اَڳ ڏنل پربنڌن ۾ ڪا بہ ڳالهہ هئڻ جي باوجود، جيڪو شخص سنودان (ٻاونجاهون سڌارو) اَئڪٽ، ١٩٨٥، جي شروعات ۾ ڪنهن سدن جو ميمبر هجي (چونڊيل چاهي اِئين ٺاڦيل) اُهو، -

(i) جتي هو اَهڙي شروعات کان يڪدم اَڳ ڪنهن راڄنيتي پارٽيءَ جو ميمبر هو، هن پئرا جي پيٽي پئرا (١) جي پريوجن لاءِ اُن راڄنيتي پارٽيءَ دواران کڙو ڪيل اُميدوار طريقي اَهڙي سدن جو ميمبر طريقي چونڊيل سمجهيو ويندو؛

(ii) ٻيءَ ڪنهن حالت ۾، سدن جو اَهڙو چونڊيل ميمبر سمجهيو ويندو جيڪو هن پئرا جي پيٽي پئرا (٢) جي پريوجن لاءِ ڪنهن راڄنيتي پارٽيءَ دواران کڙي ڪيل اُميدوار طريقي کان ٻئي نموني اِئين چونڊيل هجي يا، حالت اَنوسار، هن پئرا جي پيٽي پئرا (٣) جي پريوجن لاءِ سدن جو ٺاڦيل ميمبر سمجهيو ويندو.

(٢) هن پئرا جي پيٽي پئرا (١) جي پريوجن لاءِ سدن جي ميمبر جي اصلي راڄنيتي پارٽيءَ جو سمائجڻ تڏهين ۽ فقط تڏهين، ٺيل سمجهيو ويندو جڏهن واسطيدار وڌان منڊل پارٽيءَ جي ميمبرن جي ٻه ڀاڱي ٽي حصي کان گهٽ نه ايترن اهڙو سمائجڻ قبول ڪيو هجي.

## ٥. ڇُوٽ

هن انوسوچيءَ ۾ ڪجهه به هئڻ جي باوجود، لوڪ سڀا جي اِسپيڪر يا ڊپٽي اِسپيڪر يا راڄيه سڀا جي ڊپٽي چيئرمن يا راڄيه جي وڌان پريشد جي چيئرمن يا ڊپٽي چيئرمن يا راڄيه جي وڌان سڀا جي اِسپيڪر يا ڊپٽي اِسپيڪر جي عهدي تي چونڊيو ويو هجي اُهو شخص هن انوسوچيءَ هيٺ لائق نه ٿيندو، -

(اَ) جي هو، اهڙي عهدي تي چونڊجڻ جي ڪارڻ اهڙيءَ چونڊ کان يڪدم اڳ جنهن راڄنيتي پارٽيءَ ۾ هو اُن جي ميمبري مرضيءَ سان ڇڏي ڏئي ۽ اُن کان پوءِ جيستائين اُن عهدي تي چالو هجي تيستائين اُن راڄنيتي پارٽيءَ ۾ وري شامل نه ٿئي يا ٻيءَ راڄنيتي پارٽيءَ جو ميمبر نه ٿئي؛ يا

